
Allan Quatermain
موٽڻ جنين مهٽو
(ناول)
هنري رائيڊر هيگرڊ
علي نواز ڏاهري

# موٽڻ جنين مهِٽو

(جڳ مشهور ناول Allan Quartermain جو ترجمو)


**هنري رائڊر هيگرڊ**

**ترجمو**

**علي نواز ڏاهري**



سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

**ڊجيٽل ايڊيشن:**

2019ع

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

**ڪتاب نمبر 127**

**حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ**

**ڪتاب جو نالو:** موتڻ جنين مهِڻو
**موضوع:** ناول
**ليکڪ:** سر رائڊر هيگرڊ
**ترجمو:** علي نواز ڏاهري
**ڇاپو پهريون:** آڪٽوبر 2018ع
**ڪمپوزنگ:** فيصل ميمڻ
**ٽائيٽل:** شاهزيب ميمڻ
**ڇپيندڙ:** سمبارا پبليڪيشن
**منو ٽاور، سامهون عبرت پريس ويجهو دوابا پوليس لائين، گاڏي کاتو حيدرآباد**
03003513966

**مُلهه:** 300 روپيا

**Motan Jinhin Mahino**
**(Novel)**
**Translated By: Ali Nawaz Dahri**
**Sambara Publication Hyderabad**
**03003513966**

## ڪتاب ملڻ جا هنڌ:

پيٽائي ڪتاب گهر **حيدرآباد**، سمبارا ڪنول بُڪ هائوس **حيدرآباد**، ادبي بورڊ بڪ اسٽال تلڪ چاڙهي **حيدرآباد**، قليچ ڪتاب گهر سنڌي لينگويج اٿارٽي **حيدرآباد**، ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب **حيدرآباد**، ڪامريڊ بڪ اسٽال **ڄامشورو**. رابيل ڪتاب گهر **لاڙڪاڻو**، مهراڻ ڪتاب گهر **لاڙڪاڻو**. وسيم ڪتاب گهر **شڪارپور**، سنڌيڪا ڪتاب گهر **سکر**. تهذيب بڪ اسٽور **خيرپور ميرس**، ٿر ڪتاب گهر **مٺي**. الفتح نيوز ايجنسي **سکر**.

# ارپنا

هي پيار جو پورهيو پنهنجي
ٽنهي نياڻين

سسئي
خوشبو
۽ سنڌو

۽

ٽنهي پٽن

زوهيب نواز
سهيل نواز
۽ فيصل نواز
جي نانءُ

- علي نواز ڏاهري

# سنڌ سلامت پاران

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”موٽڻ جنين مهڙو“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب مشهور يورپين ليکڪ **هنري رائيڊر هيگرڊ** جي جڳ مشهور ناول Allan Quartermain جو ترجمو آهي، جنهن جو سنڌيڪار شاعر ۽ ليکڪ **علي نواز ڏاهري** آهي.
پنهنجي نوعيت جو نهايت دلچسپ، سبق آموز ناول، زندگيءَ جي لاهن چاڙهن جا اهڙا ته چٽا عڪس پسائي ٿو جن ۾ همت ۽ حوصلي جي قوت پاٽمرادو مايوسي ۽ ٿڪاوٽ مٿان حاوي ٿيندي ٿي وڃي، هن ناول ۾ ليکڪ هڪ ڪردار جي طويل سفر جي ڪٿا ۾ رڻ پٽ، زميني حياتيات سان ويڙهه، رومانس ۽ ساموندي مشڪلاتن سان منهن ڏيڻ جي سگهه کي اپارڻ ۾ مڪمل ڪامياب نظر اچي ٿو. اهوئي سبب آهي جو هن ناول کي فلمبند ڪندي هالي ووڊ جي فلمسازن خوب ناڻو ڪمايو.

هي ڪتاب سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد پاران 2018ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون سمبارا پبليڪيشن جي سرواڻ ساجد سنڌي صاحب جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاح ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست

◆ پبلشر نوٽ.................. ساجد سنڌي.................. 07
◆ پنهنجي پاران.......... علينواز ڏاهري.................. 08
◆ مهاڳ.................. منور سراج.................. 12

01. سر هنري سان ملاقات.................. 18
02. خزاني جو فسانو.................. 25
03. تحرير.................. 29
04. پراسرار ملازم.................. 33
05. هاٿي جو شڪار.................. 40
06. رڻ سچوئي رڃ.................. 47
07. پاڻي! پاڻي!.................. 57
08. شاهراهه سليمان.................. 64
09. دارالسلطنت ۾ داخلا.................. 75
10. حڪمران جي حضور ۾.................. 81
11. خوني رقص.................. 92
12. معجزو.................. 103
11. جنگ کان اڳ ۾.................. 113
11. حملو.................. 119
12. فيصلا ڪن جنگ.................. 124
13. گڊ جي بي چاڪائي.................. 133
14. موت جو ڪمرو.................. 140
15. خزانو.................. 146
16. نا اميدي.................. 154
17. آخري سلام.................. 161
18. ميلاپ.................. 167

# پبلشر نوٽ

انساني حياتيات دنياوي الجهنن ۾ سخت مشڪلاتن باوجود وقت بوقت ڪائناتي وجود مٿان پنهنجا مثبت ۽ منفي اثر ڇڏيندي رهي آهي. تاريخي ورقن ۾ ڏند ڪٿائن جي شڪل ۾ هر ايندڙ نسل ان جي مختلف پهلوئن ۾ ڪردارن جو جائزو وٺڻ واري اهميت کان غافل ناهي رهيو. يورپي ليکڪ هنري رائيڊر هيگرڊ جو جڳ مشهور ناول Allan Quartermain پڻ پنهنجي نوعيت جو نهايت دلچسپ، سبق آموز ۽ زندگيءَ جي لاهن چاڙهن جا اهڙا تہ چٽا عڪس پسائي ٿو جن ۾ همت ۽ حوصلي جي قوت پاٽمرادو مايوسي ۽ ٿڪاوٽ مٿان حاوي ٿيندي ٿي وڃي. هن ناول ۾ ليکڪ هڪ ڪردار جي طويل سفر جي ڪٿا ۾ رڻ پٽ، زميني حياتيات سان ويڙهہ، رومانس ۾ ساموندي مشڪلاتن سان منهن ڏيڻ جي سگهہ ڪي اپارڻ ۾ مڪمل ڪامياب نظر اچي ٿو اهوئي سبب آهي جو هن ناول کي فلمبند ڪندي هالي ووڊ جي فلمسازن خوب ناڻو ڪمايو. جڏهن تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون ڀيرو اسان جي سهڻي شاعر ۽ ليکڪ علينواز ڏاهري ترجمو ڪري اسان آڏو آندو آهي.

توڙي جو علينواز ڏاهري هڪ بهترين شاعر طور ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو پر سچ تہ هو نظم سان گڏ نثر لکڻ ۾ بہ ڪمال جي دسترس رکي ٿو سندس اڻ ڳڻيا مضمون ۽ مقالا تہ منظر عام تي ايندا رهيا آهن پر هن هنري رائيڊر هيگرڊ جي جڳ مشهور ناول Allan Quartermain کي " موٽڻ جنين مهٽو" جي سنڌي روپ ۾ آڻي پنهنجي هڪ نئين سڃاڻپ ڪرائي آهي. سندس ٻين لکڻين جيان هُن ترجمي جي ڪم ۾ بہ روايتي ترجمي کان هٽي پنهنجي انداز جو نهايت خوبصورت ۽ دلچسپ ڪم ڪيو آهي. جنهن مان پڙهندڙ يقينن نہ فقط لطف اندوز ٿيندا پر اڻ سڌي طرح پاڻ کي ناول جي ڪردارن ۾ ڳولڻ شروع ڪندا. اميد تہ سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد پاران علينواز ڏاهري جي اڳ شايع ٿيل ٻن ڪتابن "چانهونءَ مٿان چنڊ" ۽ "آڌيءَ رات اروڙ" ڪانپوءِ هن پرڏيهي ناول "موٽڻ جنين مهٽو" کي پڻ ساڳي موٽ سان نوازيو ويندو.

**ساجد سنڌي**

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

# پنهنجي پاران

## هر ناول نئين ڪائنات آ

زندگيءَ جي پرڪيف بهارن تي، جڏهن ڪي مهينا دوزخ جي تاندن جهڙو قهر ٻڄي ڪڙڪندا آهن، تہ جيون جون ساريون موسون ئي متجي ويندايون آهن، ۽ روح جا زخم تم تم تي نيٽن مان برسي پوندا آهن.

ايئن سال 2008ع جي جولاءِ، آگسٽ جا منحوس مهينا مون لاءِ ڏاڍا جيءُ جهوريندڙ رهيا. جو منهنجو يائرن جهڙو دوست ۽ دوستن جهڙو ياءُ مجيد (عبدالمجيد ڏاهري، ڳوٺ مٺا ڇورا، نزد چوڏڳي، شاهپور چاڪر) جيڪو موبائل تي منهنجي واتان "هيلو-Hello" ٻڌندي گلاب جي گل جيان ٽڙي ۽ مهڪي پوندو هو. آئون ڪيس سندس ڳوٺ اچڻ جو ٻڌائيندو هوس تہ هن جو سارو وجود "انتظار پريون اکيون" ٻڻجي واٽن تي وڇائجي ويندو هو. سو عمر جي اڌپوري منجهند جي سفر ۾ ئي، ڪينسر جي ڪاري نانگڻ جا ڏنگ پنهنجي ڏيل تي سهي، PNS Shiffa Hospital ڪراچيءَ ۾، جڏهن تہ پنهنجي زندگيءَ جا باقي ڏينهن پوڳي رهيو هو ۽ بيرحم بيماري شعلو ٻڻجي هن جي زندگيءَ جي ڏيئي جي وَٽِ کي ڏاڍو تيزيءَ سان ساڙي ختم ڪري رهي هئي. اسين هن جا سڀئي پيار ڪندڙ گهرياتي، مٽ مائٽ ۽ يار دوست هانءُ هاري مايوس ٿي ويا هئاسين.

ٻئي طرف وري حيسڪو جي حرامخور مقامي آفيسرن جي نادر شاهي حڪمن تحت، غير سرڪاري طور هينئين ۽ خاص ڪري ٽيڪنيڪل اسٽاف جون ريڙڪي موڪلون بند ڪيون ويون هيون. 100٪ رڪوري، چوريءَ تي ڪنٽرول، لائن لاسز تي ڪنٽرول سميت ساريون ذميواريون ٽيڪنيڪل اسٽاف مٿان مڙهيون ويون هيون، ۽ آفيسر آزاد ٿي مال ڪمائي، متي پهچائي پنهنجي ڪارڪردگي بهتر ٻڌائي رهيا هئا. نتيجي ۾ سياسي مداخلت، واڌو ۽ ڊيٽيڪشن بلن جي پرمار ۽ اضافي لوڊشيڊنگ جي ڪري ملازمن سان هر جاءِ جهيڙا جهڳڙا معمول ٻڻيل هئا. هوڏهان آفيس ۾ اسڪول وانگر اسيمبلي (جيڪا ٻئي ڪنهن بہ کاتي ۾ ڪانہ ٿيندي هئي) ٽيڪنيڪل ملازمن سان صبح شام ميٽنگون، ڪلاڪن جا ڪلاڪ پچاڻا، بہ ٽي منٽ ليٽ ٿيڻ تي مسٽرول تي غير حاضريون، زباني چنڊ، شوڪاز بدليون ۽ الاءِ ڇاڇا.... مڪمل چرپٽ راڄ جو ڏيک.

صبح جو روز اسيمبليءَ کان پوءِ ٽيڪنيڪل اسٽاف سان ميٽنگ ٿيندي ۽ فرمان جاري ٿيندو تہ: "شام ستين وڳي وري ميٽنگ ٿيندي، ضرور اچجو نہ اچڻ وارو پاڻ کي سسپينڊ سمجهي"، ۽ ان ستين وڳي واري ميٽنگ ۾ رات جا ڏهہ يارنهن بہ ٿي ويندا هئا. دڙڪا، داٻا، بيعزتي تنهن کان سواءِ.

اها ساري سختي ايمانداريءَ سان ڊيوٽي ڪندڙ مزدور ڪارڪنن سان هئي، باقي آفيسرن/يونين ليڊرن جا منظور نظر ماٺهو ڪنهن بہ پڇاڳاڇا، ميٽنگ يا ڊيوٽيءَ کان بلڪل آجا هوندا هئا. ڪوبہ انهن کان پڇڻ وارو نہ هوندو هو. انهيءَ صورتحال ۾ موڪل ملڻ جو تہ تصور ئي ڪونہ هو خاص ڪري اسان جهڙن مولائي ماڻهن لاءِ، تنهن ڪري صرف آچر جو ڏينهن ئي ملندو هو جو مان پنهنجي محبوب دوست مجيد جي مزاج پرسءَ لاءِ ڪراچيءَ ويندو هوس ۽ ان سان ملي پنل نيٽن سان واپس ورندو هوس.

ايئن هڪ آچر تي شام جو سج لٿي مهل، اسپتال کان موٽندي، صدر ڪراچيءَ مان سڪرنڊ لاءِ شاليمار ڪوچ تي چڙهڻ کان اڳ هڪ ريڙهي تي اردو ڪتاب ڏسي رهيو هوس جو منهنجي نظر هڪ ناول تي پئي. هنري رائيڊر هيگرڊ جو ناول "گنجينہ سليمان" حضرت سليمان جي خزاني جي ڳولا جو داستان.

ڪيئي سال اڳ فضل احمد بچاڻيءَ جا ترجمو ڪيل هنري رائيڊر هيگرڊ جا ٻہ ناول "عاشي" ۽ "آسيہ" بہ ڏاڍا وڻيا هئم. تنهن ڪري اهو ناول خريد ڪري شاليمار ڪوچ ۾ پڙهندو آيس. جيئن جيئن ناول اڳتي پڙهندو ويس تيئن تيئن چڙ تہ ڪنهن مئہ جا خمار چڙهندا پئي ويا. ناول پڙهندي وچي نئين دنيا ۾ پهچو هوس. هڪ عجيب ۽ اڻڄاڻ دنيا، جتي جا پنهنجا رنگ روپ، قاعده ۽ قانون. مزاج ۽ موسمون.

هونئن بہ هر ناول جي هڪڙي پنهنجي ڪائنات هوندي آهي، جيڪا پڙهندڙ کي پنهنجي حسناڪين جي سحر ۾ گم ڪري ڇڏيندي اهي، ۽ هن ناول جي ليکڪ جو اهو بہ هڪڙو پنهنجو آرٽ آهي تہ هُو پنهنجي هر پڙهندڙ کي پاڻ سان گڏوگڏ ڪٺي ٿو هلي ۽ پڙهندڙ کي اهي نت نوان نظارا ٿو پسائي جو پڙهندڙ پنهنجي وجود کي وساري هن ناول جو حصو بڻجو ٿو وڃي.

توڙي جو ادب ۾ منهنجي سڃاڻپ هڪڙي شاعر واري رهي آهي، پر مون ان وقت ئي ارادو ڪري ورتو هو تہ جڏهن بہ حيسڪو جي "نون نادر شاهہ" آفيسرن/يونين ليڊرن جي تاديبي فرمانن، ٽينشنن ۽ ٽارچرن کان آزاد ٿي رٽائرمينٽ ورتيم تہ منهنجو پهريون ڪم هن ناول کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ هوندو.

هونئن تہ ناول منهنجي پسنديده صنف رهيو آهي پر هن ناول جنهن جو اصلوڪو نالو ايلن ڪوارٽر مين Allan quarter main آهي، جنهن کي مون "موٽڻ جنين مهڻو" جو عنوان ڏئي ترجمو ڪيو آهي، جنهن ۾ حسين منظر نگاريءَ سان گڏ همتن، جرئتن ۽ جدوجهد جو لازوال داستان هجڻ سان گڏ مختلف موقعن تي اندر جي اظهار جي شدت جا عجيب منظر سمايل آهن.

پڙهندي ڪٿي ياءُ جي دل جي ڇپيءَ جو تڏُ ٿو محسوس ٿئي تہ "ڪير مون کي پنهنجي وڇڙيل ياءُ جو رڳو سهي ڏس پتو ئي ڏئي تہ خدا جو قسم مان پنهنجي جائداد جو پورو اڌ ان جي حوالي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان".

ڪٿي سامونڊي سفر ۾، جتي جهاز ساموڊي لهرن جون لپاٽون سهندي گهمرين ۾ اچي ٿو وڃي تہ پڙهندڙ بہ پاڻ کي جڻ تہ لهرن جي رحم ڪرم تي سمجهڻ ٿو لڳي، ۽:

ساموندبيڪو سڱ، آهي گوندر گاڏئون.

وانگر پڙهندڙ سراپا دعا بڻجي ٿو وڃي تہ:

اتي اڻ تارُن، ساهڙ سير لنگهاءِ تون.

ڪٿي وحشي درندن سان پريل آفريڪي گهاٽن جهنگلن جي سفر جا سور آهن. جتي سج جا ڪرڻا بہ زمين تي ڪونہ ٿا پهچن ۽ ڏينهن بہ اوندهہ رات ٿا لڳن، جتي ڏسائن جو ڪو ڏس پتو ئي ناهي. جتي وڻن جا پاند ۽ ٽاريون زهريلن جيتن ۽ چيلاٽن جي مانارن سان پريا پيا آهن. جتان لنديون لتاڙي اڳتي وڌڻو ٿو پوي، جتي نانگ، بلائون پاڻيءَ جي لهرن جيان پيرن مٿان گذري ٿيون وڃن، جتي شينهن، هاٿين، جهنگلي پاڏن

سميت ڪيترن ئي ننڍين وڏن وحشي دردن جي آماجگاهن مان متيندي، انهن جي حملن کان پاڻ بچائيندي ساهه مٺ ۾ اچيو ٿو وڃي.

ڪٿي "پاٽي ناهي پنڌ گهٽو اڳيان رائو رچ"، جهڙي ساڙيندڙ ۽ خونخوار رڻ ۾ پڙهندڙ پيرن سان گڏ پنهنجو وجود ساڙيندو، ٺوٺ زبان ۽ ڪنڊا ڪنڊا ٿڙيءَ سان، اڃ ۾ پاهه ٿيندو پڙهندڙ پاڻ کي موت جي قريب ٿو پائي.

ڪڏهن برفاني پهاڙن جي پنڌ ۾، ڪنهن غار ۾ پاڻ کي ڄاڙيون ڪڙڪائيندي سيءَ ۾ سڪڙجندي ٿو محسوس ڪري.

ڪٿي انتقام جي آگ جا شعلا ٻنيت ٻڌجي ڪنهن جي دل جي پڪار ٻڌجي ٿا پون ته:

شهيد جو رت چوي ٿو قاتل! ڦڙي ڦڙي جو حساب ٿيندو.

ڪڏهن خوني رقص دوران، ڏانڊڻن جي نشاندهيءَ تي پرهندڙ پاڻ کي پنهنجي سيني مان پالو پار ٿيندو ٿو محسوس ڪري.

ڪٿي ڪنهن حسينا جون آهون ۽ درد ڀريون دانهون آهن، جيڪي پٿرن کي به پاٽي ڪرڻ جو ساهس رکن ٿيون پر ظالمانه دليون قياس کان خالي آهن.

ڪڏهن پڙهندڙ پاڻ کي رت جون نديون ۽ هزارين لاش لتاڙي، انتهائي خطرناڪ جنگ جي باهه ۾ ڪڏي ڪاهي پوندو ٿو محسوس ڪري، جتي:

وڙهيا ڪٽاريين ڪاتيين، ٻڙڇون ڀال هٽن،
مردن مٿان رڪ جون ٿيون، تاوَ تراريون ڪن
مر سي مائن ڄائيا، جي اورانگهيو اچن،
ڏڙ جنين جا ڏوڙ ۾، سي للهنگ ڀيا ليٽن،
عضوا اُمرائن جا، لوهُو منجهه لڙهن،
هڻ وٺ وائي وات ۾، ٻولي ٻي نه ڪن،
وڙهن ايئن سورما، جيئن ڳوڏا ڳاهه وهن،
جوڌي سندي جنگ کان، ٿا توبهه توبهه ڪن.

جهڙو نظارو آهي، جتان بچي نڪرڻ جي خوشيءَ جا ڪيپ آهن.

ڪٿي محبوبا ممتا جي جذبي سان سرشار ٿي، پنهنجو ننڊ، آرام ۽ ذهني سڪون قربان ڪري، پنهنجي زخمي محبوب کي سيڪيندي ٿي سونهن ۽ پوءِ سراسر ٻاجهه، خدمت ۽ چاڪري جي زندهه تصوير ٻڌجي ٿي وڃي. تڏهن سندس من ۾ خواهش جا گلاب ٽڙي ٿا پون ته "اي ڪاش اهي زخم جن منهنجو روح روت ڇاڻ ڪري ڇڏيو آهي. هُن جي بدن جي بدران منهنجي سرير تي هجن ها...!".

ڪٿي ڏيگ هيرن ۽ جواهرن کي پسندي پڙهندڙ پنهنجون اکيون کيريون ٿو محسوس ڪري.

ڪٽي پهاڙن جي پيٽ ۾ زنده دفن ٿيڻ جو خيال ايندي ئي پڙهندڙ پنهنجو هانءُ هٿن ۾ ٿو محسوس ڪري.

جيسڪو مان وقت کان اڳي رٽائرمينٽ وٺي لاڳيتو ٻه مهينا ڪتاب ترجمو ڪري ري رائيٽ ڪيو اٿم.

آئون پنهنجي دل جي ڳالهه ڪريان ته جيترا دفعا پڙهيو اٿم، وري ترجمو ڪيو اٿم، ان کي فيئر ڪيو اٿم، ٻه دفعا پروف چيڪ ڪيا اٿم، ته هر دفعي هي ناول مون کي نئون لڳو آهي. هر دفعي مون ان مان خوب مزو ماڻيو آهي. هي ترجمو منهنجي ڀرپور ڪوشش آهي، ٻولي ڪيئن رهي آهي؟ نڀاهي سگهيو آهيان يا نه؟ اهو فيصلو پڙهندڙن تي ٿو ڇڏيان.

اميد ته منهنجو هي پيار جو پورهيو پڙهندڙن کي ڪنهن پرهه جي پياڪ جيان پراڻي مڌ جا خمار بخشيندو.

**علي نواز ڏاهري**

**سڪرنڊ**

11 اپريل 2018ع

## مهاڳ

## هڪ قصو مون ۾ گم ٿي ويو آهي

مان هڪ قصي ۾ گُم ٿي ويو آهان.
هڪ قصو مون ۾ گم ٿي ويو آهي.
ٻئي ڳالهيون ساڳي ڳالهه آهي.
ڳالهه آهي گم ٿي وڃڻ جي، گم ٿي وڃڻ ضروري آهي.
گم ٿي وڃڻ جو هڪ پنهنجو الڳ لُطف آهي.
ڪهاڻي يا قصي ۾ گم ٿيڻ.
ڪنهن خواب ۾ گم ٿيڻ.
ڪنهن جي نيڻن جي نديءَ ۾ گُم ٿيڻ.
ڪنهن جي ياد جي جهنگل ۾ گم ٿيڻ

گم ٿيڻ جو پنهنجو حسن آهي، رومانس آهي، راحت آهي. گم ٿيڻ بنان ڪجهه ليڻ به ممڪن نه آهي، جيڪو زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪٿي گم نه ٿيو آهي، سمجهو اهو ڪڏهن پاڻ کي لڌو ئي ناهي. مان اڪثر گم ٿيندو رهيو آهيان، ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي. جيئن هينئر هينري رائڊر جي هن قصي ۾ گم ٿي ويو آهيان.

ان قصي جي گهاٽي جهنگل مان ڪڏهن ٻاهر نڪري به سگهندس الاءِ نه!
ڇڻ هڪڙو جهنگل منهنجي اندر ۾ ڦٽي پيو آهي.
۽ هڪڙو لق دق طويل صحرا منهنجي اکين ۾ جاڳي پيو آهي.
هڪ جهنگل هڪ صحرا هن ناول جي دنيا آهي.

جي اسين ميجون ۽ چئون ته هڪ ناول دراصل هڪ دنيا آهي، هڪ سڄو سارو دور آهي، زمانو آهي ته پوءِ اسان کي اهو به ميڻو پوندو ته هڪ دنيا هڪ دور هڪ زماني و ٿ پنهنجو هڪ الڳ، منفرد ۽ مختلف جهان هوندو. ان جهان جي باشندن جا پنهنجا الڳ منهن مهاندا هوندا، رنگ روپ هوندا، خواب هوندا، تعبير هوندا، لڙڪ، ٽهڪ، مُرڪون، سڏڪا، دعائون، پٿون پاراتا، گاريون، ڳالهيون، گفتا، اوچنگارون ۽ اوسارا هوندا. ان جهان جون پنهنجون وليون هونديون، وڻ هوندا، ڏنار ۽ ڏڍ هوندا، پنهنجا ماپا ماڻ، قدر هوندا، پنهنجي سوچ، سمجهه هوندي، پنهنجون خوبيون خاميون هونديون، ميلا، ٿيلا هوندا. مطلب ته اُها دنيا هڪ مختلف دنيا هوندي، سندس اهو مختلف پڻوئي ان جو حسن هوندو.

بيشڪ هر ناول کي هڪ الڳ دنيا هجڻ گهرجي.
جي نه ته پوءِ ان ناول جو ڪهڙو مزو؟ ڪهڙو حسن؟ ڪهڙو فائدو؟
تخليق جو حسن آهي ئي ان جي انفراديت ۽ نواڻ ۾!

۽ هينري جو هي ناول هڪ الڳ دنيا آهي. هڪ جهان آهي.

توڙي جو هن ناول جي موضوعاتي دنيا توڙي ان جي پيشڪش يا Styleپنهنجي پاڻ ۾ نئون يا جديد ناهي، جيئن Industerial Revolution جي ڪري ۽ Communication Development سان گڏ آرٽ ادب ۾ آيل جديد اظهاري لاڙن ۽ موضوعاتي نواڻ تي مشتمل تخليقون سامهون آيون آهن. پر هتي ناول جي دنيا جو رنگ توڙي اظهار جو انداز گهٽ اهم نه آهي. هي ناول پراڻي مڏ جهڙو پيارو ۽ وڻندڙ آهي. هن ناول ۾ هڪ قصو آهي.

قصو جنهن ۾ ڪنهن پُرسرار داستان جو حسن آهي.

اهو قصو هينري هڪ عظيم ۽ قديم قصاگو جيئن پڙهندڙن کي بڌائي حيرتن جي واديءَ ۾ پهچائي ڇڏي ٿو اها حيرت خود هڪڙو حسن آهي، سرهائي آهي.

قصاگوئي بذات خود هڪ عظيم آرٽ آهي. (اهي قصاگو ته آهن جيڪي ماضيءَ کي حال سان ۽ حال کي مستقبل سان ڳنڍيندا رهيا آهن) جنهن ۾ رڳو لفظ ۽ جملا ۽ انهن جو آواز ۽ شڪليون نه آهن پر انهن لفظن ۽ جملن جي ادائيگيءَ جو انداز به آهي، لهجو به آهي، ڪيفيت به آهي.

جيئن چيو ويندو آهي ته هڪ تخليقي جديد شاعر جي گهري حسناڪيءَ جو هڪ وڏو سبب اهو به هوندو آهي ته ان وٽ پنهنجي ڪلاسڪ ادب خاص ڪري شاعريءَ جو گهرو مطالعو ۽ شعور هوندو آهي، بلڪل اهڙي طرح هڪ جديد افسانه نگار ۽ ناولسٽ لاءِ به انتهائي لازمي آهي ته اُن جو به ڪلاسڪ ادب خاص ڪري قصن يا داستانن جو مطالعو ڪيل هجي. ان مطالعي مان وٽس اها تخليقي سوجهه ٻُوجهه پيدا ٿيندي ته ڳالهه مان ڳالهه ڪيئن نڪرندي آهي، ڳالهه ڪٿان ۽ ڪيئن شروع ٿيندي آهي ۽ ڪهڙا موڙ گذري، ڪهڙا رستا اُڪري، ڪهڙا منظر ماڻي ڪٿي ۽ ڪيئن وڃي ڇوڙ ڪندي آهي. ڳالهه جو ڳُر ڪهڙي ڪناري تي هوندو آهي. ڳالهه ۾ تجسس، لِڪ، اُڃ جي ڪهڙي ۽ ڪيتري اهميت آهي.

توڙي جو هي دور داستان لکڻ، ٻڌڻ، ٻڌائڻ ۽ پڙهڻ جو ناهي. هي جديد ڪهاڻي، افساني ۽ ناول جو دور آهي، جنهن جو تعلق پڙهڻ سان يا پڙهائڻ سان آهي، جن ۾ نئين زماني جي بدليل منظرن، سوچن، خيالن، خوابن، مسئلن ۽ مونجهارن جو اهڙي ئي انداز ۾ اظهار ٿئي ٿو جهڙو انداز هن دور جو آهي. انساني ذهن جي گهڻ طرفي ڊوڙ اڏام ۽ مونجهارن Complications جو اهڙي ئي انداز ۾ ذڪر ٿئي ٿو جهڙو ان تخليق جو موضوع آهي، پر پوءِ به جيئن هر هڪ شعر ۾ بحرحال شاعري پڻو Poeticness جو هجڻ لازمي آهي. اهڙي طرح هر ڪهاڻي، افساني ۽ ناول ۾ به قصا گوئي جو عنصر انتهائي لازمي آهي ۽ رائيڊر هيگرڊ جو هي ناول جنهن کي پياري شاعر دوست علي نواز ڏاهري ڏاڍي سهڻي انداز ۾ اردوءَ مان ترجمو ڪيو آهي، هڪ خوبصورت داستان آهي، انساني محنت، جذبي ۽ بهادريءَ جو داستان.

ارنيسٽ هيمنگوي جي ناول Old man and the sea جيئان انساني همٿ جو اهڙو قصو جنهن ۾ ماڻهوءَ جي جذبي ۽ ماحول جي مختلف حالتن جا ڪيئي رنگ روپ ڏسڻ ۽ ماڻڻ لاءِ ملن ٿا، جنهن ۾ زندگي

۽ موت، اميد ۽ نااميدي، خوشي ۽ رنگ گڏ گڏ هلن ٿا. ڪٿي پڙهندڙ حيرت جو مجموعو بڻجي رهجي ٿو وڃي ته ڪٿي ڊپ ۾ سندس ساهه سُڪي ٿو وڃي.

ڪٿي سندس نگاهه ۾ طويل ساوا ميدان ڦرجي ٿا وڃن ته ڪٿي اڻ کٽ ريگستان جي اُس ۽ کوسي واريءَ ۾ پڙهندڙ پنهنجا پير سڙندا محسوس ٿو ڪري ته ڪٿي اُڃ جو احساس ڪنڊا ڪنڊا بڻجي نڙيءَ ۾ اٽڪي ٿو پئيس ۽ هو فوري طور هڪڙو پاڻيءَ جو گلاس پري پيئڻ ٿو چاهي... ڪٿي برفاب ميدانن ۾ هلندي هو پنهنجي بدن ۾ ڪنبڻي ٿو محسوس ڪري ته ڪٿي بک جي شدت ۾ پنهنجا آنڊا وٽجندي ٿو محسوس ڪري.

مون ڪنهن خوبصورت ليکڪ جو هڪ جملو پڙهيو هو ته:

"هڪ سٺي ناول جي اها نشاني آهي ته اُهو پڙهندڙن کي پاڻ مان گذاريندو آهي"

۽ هي ناول پڙهندي پڙهندڙ پاڻ کي هن ناول جي ڪُکِ ۾ محسوس ڪري ٿو. ٿو ٽوٽي جو هي ناول به پاڻ ۾ هڪ دور ۽ هڪ دنيا ڪٺي اچي ٿو جيئن هڪ ناول کي ڪٺي اچڻ گهرجي پر اهو لازمي ناهي ته اُها هڪ مڪمل دنيا هجي. هڪ مڪمل دور هجي. اهو هڪ ناول لاءِ ممڪن به ناهي، اها هڪ ناول مان توقع رکڻ به نه گهرجي. هڪ ناول کي هڪ ناول ئي سمجهي پڙهڻ گهرجي.

ناول کي به documentary يا تاريخ جو دستاويز نه هجڻ گهرجي، ته ان ۾ ڪا تبليغ، تقرير ۽ ڀاشڻ هجڻ گهرجي ۽ نه ئي سياسي پمفليٽ، پارٽي Menifesto يا نظرياتي بحثا بحثي جو نمونو ناول کي بس ناول ئي هجڻ گهرجي. زندگي ۽ زندگيءَ سان لاڳاپيل احساسن جو تخليقي ۽ آرٽسٽڪ اظهار. جيڪو پڙهندڙ کي هڪ ڏٺل وائٺل دنيا مان به هڪ نئين، اڻ ڏٺل ۽ اڇوتي دنيا جو سير ڪرائي سگهي. رائيڊر هيگرڊ جو هي ناول پنهنجي جزيات Elements توڙي قليات Totality ۾ تخليقي ناول آهي، جنهن ۾ حقيقت نگاري ۽ افسانويت گڏ گڏ هلي ٿي، جنهن ۾ ويجهو ماضي ۽ ڏور ماضي پاڻ ۾ دامن گير نظر اچن ٿا، جنهن ۾ حقيقي ۽ افسانوي ڳالهيون پاڻ ۾ پيوند ٿيل آهن، جنهن ۾ ڪٿي سڌي سنواتي ڪٿا جو/داستان جو عنصر نمايان آهي ته ڪٿي علامت نگاري جي آرٽسٽڪ حسناڪي چٽيل آهي. خزاني ۽ وڃائجي ويل پاءُ جي ڳڏيل ڳولا ۾ نڪتل ٽي چار ڪردار نئين دور جا رهواسي آهن، جن وٽ نئين دور جا هٿيار، نئين دور جي سمجهه، سياٽپ، گهرجون، لالچون ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه آهي، ته ساڳئي دور ۾ هوندي به ريگستانن جي طويل سفر تي ڏاڍو پري رهندڙ اهي ماڻهو به آهن جيڪي پنهنجي مزاج ۾ ۽ ڪپڙي لٽي توڙي اُٿي ويهڻي ۾ پراچين دور جا باشندا آهن. انهن جو پنهنجو الڳ ڪلچر آهي.

جلاد

بادشاهه.

وزير. شهزادا.

نيزا. ڀالا.

جادوگراڻيون.

ڏاڏيون.

هڪ پُرسرار دنيا جهڙو احساس رکندڙ شيون ۽ ڪردار هڪ ئي وقت پڙهندڙ لاءِ حقيقت ۽ سچائي به آهن ته افسانو ۽ علامت به آهن. علامت نگاري ادب جو اهو گهرو حسن آهي، جنهن کي وقت ميساري نه سگهندو آهي.

بلڪ ميسارڻ بدران ان کي وڌيڪ جرڪائيندو آهي. هر جملو پلي علامت نه هجي پر هر علامت هڪ جملو ضرور هوندي اهي، جنهن ۾ ڪيئي معنائون لڪل هونديون آهن.

مثال طور:

ڇا ڏاڏيون ماضيءَ جي مٽيءَ ۾ دفن ٿي چُڪيون؟ هن وقت ڏاڏيون موجود نه آهن؟ ڇا اوهان سان ذاتي زندگيءَ ۾ ڪڏهن مائيءَ جي مهانڊي ۾ ڪا ڏائڻ ڪانه ٽڪري آهي؟

ارڙهين صدي جي هن ٻئي ڏهاڪي ۾ ڇا جلاد موجود نه آهن؟ مسجدن، مندرن، اسڪولن ۽ درگاهن ۾ خودڪش حملا ڪري معصوم انسانن کي ماريندڙ جلاد نه آهن؟ دولت، شهرت، طاقت ۽ اقتدار حوس جي بک ۾ مُبتلا "بادشاهه سلامت" ڇا هن دور ۾ موجود نه آهن؟ سازشي سوچ رکندڙ ۽ اُبتيون سُبتيون صلاحون ڏئي وقت جي حاڪمن کي پاڻ ۾ ۽ عوام سان ويڙهائيندڙ وزير ڪبير موجود نه آهن، جيڪي عوام تي سدائين ٿاقيل رهندا آهن. سچي دنيا کي پنهنجي پيءُ جو هٽ سمجهي لٽيندڙ ۽ غريب کي وڌيڪ غربت جي ڏٻڻ ۾ ڏڪيندڙ جادوگر جهڙو سرمائيدار ڇا هن صديءَ ۾ ناپيد آهي؟ ماضيءَ جو درٻاري دانشور، حڪمرانن جون ڪوڙيون تعريفون ڪندڙ تاريخ دان، شاعر ۽ اديب هن وقت اڻ لڀ آهن؟

ماضيءَ جون سڀ قبيح روايتون، ڪڏا ڪم ۽ ڪردار هن وقت به جيئن جو تيئن موجود آهن، جيئن ويجهي توٽي ڏور ماضيءَ ۾ موجود هئا. ته پوءِ رائيڊر هيگرڊ جو هي ناول به جيئن اڳ پنهنجي جاءِ تي "خاص" هو تيئن اڄ به ساڳيءَ طرح "خاص" ئي آهي.

لڳ ڀڳ پنجاهه کن ناولن ۽ ڪهاڻين جي ڪتابن جي برطانوي ليکڪ سر هينري رائيڊر هئگرڊ (جنهن جي ناولن جي دنيا گهڻي ڀاڱي مهم جوئي Advanture تي آڌارت آهي) جي هن ناول تي جنهن جو وٽندڙ ٻوليءَ ۾ خوبصورت ترجمون ٿيل آهي، مون هڪ تعريفي دل سان پيار ڀري نگاهه وڌي آهي، ڇو جو مان فقط هڪ پڙهندڙ ۽ ڪهاڻيڪار آهيان. مان نقاد نه آهيان، ڪنهن به تخليق تي تنقيدي راءِ لکڻ جو ڪم فقط هڪ سنئي ۽ مستند نقاد جو ڪم آهي. سنئي ۽ مستند نقاد مان مراد آهي تنقيد جي ميدان ۾ ڀرپور ۽ گهڻ رخو علم ۽ مشاهدو رکندڙ اهڙو سچو کرو ۽ ايماندار نقاد جيڪو نه رڳو گهڻ ـ پڙهيو پر گهڻ ـ ڪڙهيو به هجي ۽ وٽس ڪنهن به قسم جو ادبي تعصب، انا پرستي، ڏيکاءُ ۽ منافقي نه هجي، جو نقاد جو منصب ڏاڍو نازڪ آهي، هڪ سنو نقاد ڪنهن تخليق جي خامين کي متوازن لب لهجي ۾ اشاريندو آهي ۽ ان جي خوبين کي وڏي ۽ ڪليل دل سان باآواز بلند اظهاريندو آهي ۽ گڏوگڏ ان تخليق ۾ عام اک کان اوجهل حسناڪيءَ جي لڪل ۽ ممڪن امڪانن کي به عيان ڪندو آهي، اُهو رڳو دنيا جي ٻين نقادن جي راءِ، ٻولي، Termnology ۽ فکر

تي پاڙڻ ۽ انهن جا نالا ۽ حوالا ڳڻائي ڏيکاءُ جو شڪار ٿيڻ بجاءِ پنهنجي سوچ ۽ راءِ جو سچائي ۽ بي باڪي سان اظهار ڪندو آهي.

انگريزي ناول Allan Quatermain جي سنڌي ترجمي ”موٽڻ جنين مهٽو“ جي اهميت کان انڪار نه ڪندي چئي سگهجي ٿو ته هينري جو هي ناول پنهنجي تخليقي گهرائي ۾ توڙي جو سندس ٻين ٻن ناولن she ۽ King soloman’s mines جي جوڙ جو ته خير نه آهي پر پوءِ به پڙهندڙ کي پاڻ ۾ گم ڪرڻ جي ڀرپور صلاحيت رکي ٿو. حد کان وڌيڪ مهم جوئي ڊرامائيت ۽ طوالت توڙي جو ناول جون خاميون آهن پر خوبيون لاتعداد آهن. هن ناول جون. پنهنجي هن مختصر مضمون کي سهيڙيندي آخر ۾ مان هن ناول جي هڪ ڪردار جا ڳالهايل جملا اوهان جي اڳو رکان ٿو جيڪي جُملا پڙهي منهنجو سڄو ٽڪ لهي ويو آهي ۽ مان هن قصي ۾ گم ٿي ويو آهيان. هي قصو مون ۾ گم ٿي ويو آهي:

ٻُڌو اي بادشاهه ۽ سپاهيو.
ٻڌو اي ميدانئو جبلئو ۽ نديئو
ٻُڌو اي نوجوانو پوڙهئو ۽ ڪنوارئو!
ٻُڌو هڪ هر جيڪو زنده آهي ۽ مرڻ لاءِ پيدا ٿيو آهي.
خون خون خون.
خون جون نديون
چئو طرف خون ئي خون.
مان ان خون کي سنگهي سگهان ٿي.
خون زمين مان ڦوهارا ڪري ڦُٽي رهيو آهي.
آسمان مان خون جو مينهن وسي رهيو آهي.
چئوطرف تيز تيز قدمن جو آواز آهي.
مان سڄاڻان ٿي ته اهو الاءِ ڪٿان آيل
سفيد اجنبي قدمن جو آواز آهي.
ڌرتيءَ جي دل خوف ۾ ڌڙڪي رهي آهي.
چمڪندڙ ڳاڙهو رت هونءَ به ڏاڍو سٺو لڳندو آهي.
رت جي سڳنڌ مست ڪري ڇڏيندي آهي.
اهو رت چٽيندي شينهن گجگوڙون ڪندا آهن
۽ ڳجهون ان رت سان پنهنجا کنڀ ۽ پر ڌوئنديون آهن.
مان ڪراڙي آهيان. تمام ڪراڙي.
ڪوئي ٻڌائي سگهي ٿو ته منهنجي عمر ڪيتري آهي؟
توهان جا ڏاڏا. انهن جا ڏاڏا ۽ انهن جي به ڏاڏن

جا ڏاڏا مون کي سجاڳندا هئا.
مان پهاڙن جيتري پراڻي آهيان.
مون وٽ علم جي لازوال دولت آهي.
مان ماضيءَ ۽ مستقبل کي آرسيءَ وانگر ڏسي سگهان ٿي.
مان اُها اڪيلي مقدس لافاني عورت آهيان،
جيڪا سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿي.

## منور سراج

نوابشاهه

# سر هنري سان ملاقات

اها ڳالهه شايد مون وانگر توهان کي به عجيب لڳي ته هن وقت جڏهن منهنجي عمر پنجاهه سالن کي به ڪراس ڪري وئي آهي ۽ هاڻ آئون پنهنجي زندگيءَ جا ڪجهه اهم واقعا لکڻ لاءِ قلم کڻي رهيو آهيان. مان يقين سان نٿو چئي سگهان ته جڏهن مان هيءُ واقعا لکي بس ڪندس ته توهان انهن مان ڪهڙا نتيجا ڪڍندئو!

مان پنهنجي هن عجيب غريب ۽ پل پل ۾ خطرناڪ حادثن سان ڀريل زندگيءَ مان گذريو آهيان، تنهنڪري منهنجي زندگي جيڪا سٺ سالن جي ويجهو پهچي رهي آهي، سا هاڻ مون کي خود به تمام ڊگهي ٿي لڳي. وڏن خطرن ۽ بيقرارين مان گذاريل هن زندگيءَ ۾ مونکي ڪا به گهڙي ڪنهن هڪ جڳهه تي سڪ، سڪون ۽ اطمينان سان ويهڻ نصيب نه ٿيو آهي. قسمت مون کي صحرائن، جهنگلن ۽ جنگين ۾ گهليندي رهي آهي، ۽ مان بار بار موت کان پنهنجو دامن ڇڏائي ڀڳو آهيان.

ان عمر ۾ جڏهن ٻيا عام ڇوڪرا اسڪولن ۾ تعليم حاصل ڪري پنهنجي مستقبل سنوارڻ ۽ وڏي هوندي بهتر روزي، روٽي حاصل ڪرڻ لاءِ جتن ڪري رهيا هئا. ان ننڍڙي عمر کان ئي منهنجي هيءَ زندگي ڏاڍي ڏکي ۽ سخت گذري آهي.

پيٽ گذر ته گهٽين ۾ به ٿي سگهيو ٿي، تنهنڪري ننڍي هوندي ئي گهٽين ۾ هلڪو ڦلڪو واپار ڪرڻ لڳس، اگر منڊيءَ ۾ ٻاڙائي هوندي هئي ته ڪوڏر کڻي کاڻين ۾ مزدوريءَ لاءِ نڪري پوندو هوس، يا ته وري ڪلهي ۾ بندوق لٽڪائي شڪار جي تلاش ۾ آفريڪا جي گهاٽن جهنگلن ۾ پيو ڦرندو هوس، ۽ ايئن ٽڙندي ٽاپڙجندي زندگيءَ جي راهه طئي ڪري رهيو هوس.... ۽ اجان ڪي اٺ مهينا ئي مس ٿيندا جو منهنجي سٽل قسمت جاڳي اٿي، ۽ منهنجي سمورين پريشانين ۽ مشڪلاتن جو هڪ ئي وقت خاتمو اچي ويو. مونکي اوچتو ئي اوچتو ايترو ته خزانو هٿ آيو جو هوند، آئون چار دفعا مري وري جيئرو ٿيان ۽ ڪنجوسيءَ جي حد تائين ڪفايت شعاري ۽ بچت ڪري، پائي پائي گڏ ڪريان ها ته به ايڏو امير نه بڻجي سگهان ها.

ان دولت کي مون ڪيئن حاصل ڪيو؟ اهو داستان دلچسپ هجڻ سان گڏ انتهائي هيبتناڪ پڻ آهي. سخت جان هوس جو بچي ويس، نه ته ڪڏهوڪو آفريڪا جي وحشي درندن کي هضم به ٿي چڪو هجان ها.

پنهنجي هن خوفناڪ داستان کي بيان ڪرڻ کان اڳ ۾ سنو آهي ته مان اهي سبب به بيان ڪريان، جن مونکي هيءَ ڪهاڻي لکڻ تي مجبور ڪيو آهي ۽ اهي آهن.

1) ڪپتان گڊ ۽ سر هنري ڪرٽس جي بار بار تقاضا.

2) هن وقت هتي ڊربن ۾ پير جي شديد تڪليف جي ڪري اسپتال ۾ پيو آهيان، ۽ وقت آهي جيڪو ڪٽيو نٿو ڪٽجي. مگر پير جي تڪليف جو قصو به ٻڌي وٺو. هڪ دفعي شڪار ڪندي ڪندي هڪڙي

خونخوار شينهن پنهنجا نيش پوريءَ طاقت سان منهنجي پير ۾ کُپائي ڇڏيا هئا. حالانڪ شينهن کي ان جي سزا ته موقعي تي ئي ملي وئي. مگر شينهن جي ڏندن ۾ اهڙو ته ڪو زهر هو جو منهنجي پير جو زخم اڄ ڏينهن تائين سهي نموني ڇٽي نه سگهيو آهي ۽ اهو زخم سال ۾ هڪ دفعو انهن ئي تاريخن ۾ اٿلي پوندو آهي، جڏهن ان نالائق شينهن منهنجي پير کي گجر ۽ موريءَ وانگر چٻاڙيو هو. شينهن ته خير منهنجي گوليءَ جو نشانو بڻجي، پنهنجي ڪيفر ڪردار کي پهچي ويو پر مون کي چڻ ته زندگي لاءِ انهيءَ عذاب ۾ مبتلا ڪري، اپاهج ڪري ويو آهي.

3) هن ڪهاڻي لکڻ جو هڪڙو مقصد اهو به اٿم ته، منهنجو پٽ جيڪو لنڊن جي هڪڙي اسپتال ۾ هائوس جاب ڪري رهيو آهي، سو ڏينهن - رات مُردن جي دنيا ۽ دوائن جي بوءِ ڀنل فضا مان (هن ڪهاڻي پڙهڻ دوران) ڪجهه گهڙين لاءِ ڇوٽڪارو پائي سگهي.

4) ۽ آخري سبب اهو آهي ته مان پنهنجي هيءَ عجيب وَ غريب ۽ ڀيانڪ ڪهاڻي انهن ساڙ سڙيل ساڙوتن کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان، جيڪي هروڀرو ڇوويهه ئي ڪلاڪ منهنجي گِلا مان نه ڌاپندا آهن. انهن کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته هيءَ دولت مون پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي حاصل ڪئي آهي، جيڪا قطعي به حرام جي ڪمائي ڪانهي.

يقين توهان منهنجي اجائي ڊيگهه واري ٻڙٻڙ کان تنگ ٿي پيا هوندئو. تنهنڪري بس مان پنهنجي ڪهاڻي شروع ٿو ڪريان.

مان توهان کي ٻڌايان ته مان هڪڙو غريب ۽ ننڍڙو واپاري پيشه ماڻهو آهيان. منهنجي رڳن ۾ به شريفانه خون گردش ڪري رهيو آهي. منهنجا ماءُ ۽ پيءُ ٻئي ڄڻا شريف خاندانن سان واسطو رکندڙ ماڻهو هئا. تنهنڪري شرافت مون کي ورثي ۾ مليل آهي.

منهنجي ڏنڌي جو دارومدار شروع کان ئي شڪار تي رهيو آهي. تنهنڪري ڪيترن ئي جانورن سان گڏ ڪڏهن اتفاقي ڪو ماڻهو به منهنجي گوليءَ جو نشانو بڻيو هوندو. مگر مون اڄ تائين، ڄاڻي واڻي ڪنهن به بيگناهه جو رت نه وهايو آهي ۽ ان ڳالهه تي مون کي فخر به آهي ته منهنجا هٿ ڪنهن بيگناهه جي رت ۾ رڱيل نه رهيا آهن. ها! اڪثر مونکي پنهنجي بچاءُ ۾ گولي هلائڻي پئي آهي، ۽ منهنجيءَ جڳهه تي جيڪڏهن خود توهان به هجو ها ته ان وقت توهان کي به يقينن ايئن ئي ڪرڻو پوي ها، ڇو ته رب پاڪ اسان کي زندگيءَ جهڙي بيبها نعمت عطا ڪئي آهي ته ان جي حفاظت به فرض ڪئي اٿس، ۽ مون اهو فرض چڱيءَ طرح پئي نڀايو آهي.

خير، ته ڪي ارڙهن مهينا اڳ جي ڳالهه آهي جو منهنجي ملاقات سر هنري ڪوٽس ۽ ڪپتان گڊ سان ٿي هئي. جو مان وامنگ واٽو نالي جڳهه تي شڪار لاءِ ويو هوس. مگر خبر ناهي ڪهڙيءَ منحوس گهڙيءَ اتي اچي نڪتو هوس جو جيڪو به ڪم ڪريان سو ابتو ٿيو وڃي. جي هاٿيءَ جي شڪار جي ارادي سان نڪران ته سڄو ڏينهن رلي پني شام جو بدڪ ڪلهي تي لٽڪائيندو واپس اچيو پهچان.

هڪ ڏينهن ٻيو وري مچر گهڻا وانگر تن ڏينهن ۾ وري مُدي جي بخار اچي مون کي ورتو. اهڙي حالت ڪيائين جو هڏيون پاسريون هڪ ڪري ڇڏيائين. ان پريشانيءَ مان جيئن تيئن ڪري، جيئن ئي گهمڻ ڦرڻ جهڙو ٿيس تہ پنهنجو واپار وارو سامان ڏاند گاڏيءَ ۾ وجهي، اوٺي پوٺي اگهہ ۾ ڪپائي، پنهنجن ملازمن کان موڪلائي، ڊاڪ گاڏيءَ ۾ سوار ٿي اچي ڪيپ ٽائون جي ٽڪيٽ ڪٽايم. ڪيپ ٽائون ۾ پورو هفتو هوٽل جو مالڪ ٻهراڙيءَ جو ڄٽ سمجهي، مون کان ٻيڻو ٽيڻو ڪرايو وصول ڪندو رهيو. هاڻ مون کي پڪ ٿيڻ لڳي تہ جيڪڏهن اجان بہ ڪجهہ وڌيڪ ڏينهن ان هوٽل ۾ رهيس تہ جسم تي پاتل ڪپڙا ڏئي بہ جان نہ ڇڏائي سگهندس. هونئن بہ ڪيپ ٽائون ۾ منهنجي لاءِ ڀلا ڪهڙي دلچسپيءَ جي ڳالهہ هئي؟ هتان جا فرحت بخش ۽ وسيع باغَ من، موهيندڙ ۽ رنگارنگي گلن ڦلن وارا خوبصورت پارڪ، ويڪرا روڊ ۽ وڏيون وڏيون سهڻيون عمارتون ڪنهن جي من کي مست ڪن تہ ڀلي ڪن، پر يار پاڻ کي جيڪو لطف ۽ مزو بندوق ڪلهي ۾ لٽڪائي، جهنگلن ۾ ڀٽڪندي ايندو هو اهڙو هتي ڪٿي!!؟

تنهنڪري "ڊرڪل" نالي بحري جهاز ۾، ناٽال وڃڻ لاءِ پنهنجي سيٽ بڪ ڪرايم. هيءَ جهاز ڪيپ ٽائون جي بندرگاهہ تي، انگلستان مان ايندڙ جهاز جي مسافرن لاءِ انتظار ۾ بيٺل هو. هڪ شام انگلستان مان جهاز آيو ۽ ناٽال وڃڻ وارن مسافرن سان مان بہ وڃي ۽ "ڊرڪل" ۾ ويٺس ۽ ايئن ڪيپ ٽائون کي خير آباد ڪيم.

انگلستان مان ايندڙ مسافرن مان ٻہ ڄڻا خاص طور منهنجي نگاهن جو مرڪز بڻجي ويا. انهن مان هڪ جي عمر تقريباً ٽيهہ سال کن هوندي، جو ڏسڻ ۾ ڏاڍو ٺاهوڪو لڳي رهيو هو. ڊگهو قد، ڪسرتي بدن، مٿي تي گهاٽا، ڊگها، پورا ۽ وٽندڙ وار. وارن جي رنگت جهڙي گهاٽي ڏاڙهي، منهن موچارو پيشاني ڀريل، اکيون وٽندڙ. پهرين نظر ۾ هيءُ شخص مونکي بلند حوصلہ ۽ بلند نظر معلوم ٿي رهيو هو. خبر ناهي ڇو ان شخص کي ڏسڻ سان مونکي ڊينمارڪ جي ان وحشي قبيلي جو خيال اچي رهيو هو، جيڪو ڪيئي صديون اڳ مٽجي، ختم ٿي چڪو هو. ياد نہ پيو اچي تہ ڪٿي ان وحشيءَ قبيلي جي ڪنهن شخص جي تصوير ڏٺي هيم، جنهن ۾ اهو شخص جنهن جا وار ڇيلهہ تائين وڌيل هئا، ۽ ڪنهن جانور جو سڱ وات تائين آڻي ان مان ڪجهہ پي رهيو هو. "جيڪڏهن هي سامهون وارو شخص بہ پنهنجا وار وڌائي ڇڏي جسم تي ڪپڙن جي جڳهہ ڪنهن جانور جي کل اوڍي ڇڏي تہ هوند هِن شخص ۽ اُن تصوير واري شخص ۾ ڪو خاص فرق ئي نہ رهي"- مان سوچڻ لڳس. ۽ اهو ٻڌي توهان کي بہ تعجب لڳندو تہ سر هنري ڪوٽس (ڇو تہ ان شخص جو اهو ئي نالو هئو) ان جو وطن بہ ڊينمارڪ ئي هو. هنري کي ڏسندي ئي، هڪ ٻئي شخص جي صورت بہ منهنجي سامهون گهمڻ لڳي. مگر مون کي ان وقت ياد نہ پيو اچي تہ هنري جهڙي شخص کي مون ڪٿي ۽ ڪڏهن ڏٺو هو.!؟

هو ٻيو شخص جيڪو ان وقت هنري سان گفتگو ۾ مصروف هو بندري قد، ڀريل جسم ۽ اٽوٽندڙ صورت مان مون اندازو لڳايو تہ اهو شخص ڪڏهن نہ ڪڏهن ضرور ڪنهن جهاز جو ڪپتان رهيو هوندو، ۽ منهنجو اهو اندازو بلڪل سهي ثابت ٿيو. اِهو بندرو واقعي بہ ڪپتان ئي هو. ان جي عمر ايڪٽيهن

سالن جي لڳ ڀڳ ٿي لڳي. هو مسلسل پندرهن سال ڊيوٽي ڪري چڪو هو ۽ هاڻ حڪومت کي هن جي ضرورت نه رهي هئي، تنهنڪري ڪنهن آڱر وانگر هن کي ڦٽو ڪري نوڪريءَ مان فارغ ڪيو ويو هو. مسافرن جي فهرست مان معلوم ڪيم ته ان بندري جو نالو گڊ هو. ڪپتان جان گڊ. نفاست پسند جان گڊ جي طبيعت ۾ نفاست جڻ ته ڪُٽي ڪُٽي ڀري وئي هئي. صاف ۽ بيداغ پوشاڪ، وڏي احتياط سان ڪٽيل سندس ڏاڙهي هن جي نفاست پسنديءَ جو دليل هئي. هن جي ساڄي اک تي هڪ چشمي عينڪ لڳل هئي، جيڪا بغير ڪنهن ڪمان يا فريم جي سهاري جي، اک سان ايئن چهٽي پئي هئي، جو لڳو ٿي ته جڻ ته جائي ڄم کان ئي ايئن لڳل هئس ۽ قيامت تائين ايئن ئي چهٽي پئي هونديس. ليڪن اهو صرف منهنجو خيال هو. سمهڻ وقت گڊ پنهنجي انهيءَ هڪ چشمي عينڪ کي ڪوٽ جي کيسي ۾ رکي ڇڏيندو هو. ها! هن کي ڏندن جي ٻٽيهي به مصنوعي لڳل هئي، جيڪا هو ڏينهن جو ته وات ۾ لڳائي رکندو هو پر رات جو ان کي به هڪ چشمي عينڪ سان گڏ ڪوٽ جي کيسي ۾ رکي ڇڏيندو هو.

سج لهڻ سان هوا تيز ٿي چڪي هئي ۽ جيترا به مسافر جهاز جي ڇت تي سمنڊ جو نظارو ڪري رهيا هئا، سي خطرناڪ صورتحال ڏسي، پريشانيءَ مان پنهنجي پنهنجي ڪيبن ڏانهن ڀڳا. جهاز وڏين وڏين خطرناڪ لهرن جون لپاٽون سهندو سهندو، ڪک پن وانگي گهمرين ۾ اچي ويو هو. ڏسڻ ۾ ايئن پئي آيو ته اِجهو ڪي اِجهو ڄاڻ ٻڏو. ان حالت ۾ جهاز ۾ اندر گهمڻ ڦرڻ ناممڪن هو. تنهنڪري مان هڪڙي ٿنڀ جو سهارو وٺي وڃي انجڻ وٽ بيهي رهيس، هتي ڪنهن قدر گرمي هئي، جو هوا هيستائين نٿي پهچي سگهي. مان غور سان ان اوزار ڏانهن ڏسڻ لڳس جيڪو طوفان جي اچڻ جي اڳواٽ خبر ڏيندو آهي.

”اهو اوزار ته ٺيڪ طرح پنهنجو ڪم ئي نه پيو ڪري“. ڪنهن منهنجي پٺيان بيٺي چيو. مون مڙي ڏٺو ته پويان ڪپتان گڊ بيٺو هو.

”اهو ڀلا ڪيئن؟“ مون بيتوجهي سان پڇي ورتو.

”اهو ايئن ته پنڊولم ۾ وزن تمام گهٽ آهي، ڏس نه، هوا جو زور ڪيڏو نه تيز آهي، پر اهو ته ٻڌائي پيو ته هوا موافق آهي. جيڪڏهن اهو ئي حال رهيو ته اسان جو جهاز ٻڏڻ جي قريب اچي ويندو ۽ اسان کي ڪا خبر ئي نه پوندي“.

ايتري ۾ رات جي ڪاڌي جي گهنٽي وڳي، پر مونکي هڪڙي ڳرهه جي به بک محسوس ڪانه پئي ٿي. چو ته ڪپتان گڊ جي ڳالهين مون کي ڊيڄاري ڇڏيو هو ۽ مان ڪوهه ۾ ڪريل ڳڏڙ وانگر فرار ٿيڻ جون واٽون ڳولي رهيو هوس. مان ۽ گڊ گڏئي ڪاڌي جي جي ڪمري ۾ پهتاسين. سر هنري پهرئين ئي ڪاڌي جي ميز تي ويٺو هو. گڊ هنري جي پر ۾ وڃي ويٺو ۽ مان ان جي سامهون واريءَ ڪرسيءَ تي وڃي ويهي رهيس.

مان ۽ گڊ شڪار جي باري ۾ ڪچهري ڪرڻ لڳاسين جو ڳالهين هلندي هلندي وڃي هاٿين جي شڪار جو ذڪر نڪتو.

“واهه! مان توهان جي چونڊ کي داد ٿو ڏيان”. ڪوئي منهنجي پويان گڏ سان مخاطب ٿيو. “ڀلا مسٽر ڪوارٽرمين ڪان سواءِ ڪير ٻي ايڏي ڄاڻ رکندو هوندو؟” هنري، جيڪو خاموشيءَ سان اسان جي ڪچهري ٻڌي رهيو هو، سو منهنجو نالو ٻڌي ڇرڪيو.

“معاف ڪجو جناب!” هنري ميز تي جهڪندي چيو “توهان جو نالو ايلن ڪوارٽرمين ته ناهي؟”

“جي ها، مون کي ئي ايلن ڪوارٽرمين چوندا آهن”. مون جواب ڏنو.

“واهه! خوش قسمتي”، هنري پنهنجي گهاٽي ڏاڙهي کنهندي، چپن تي خوشيءَ جي مرڪ تيزي خاموش ٿي ويو.

ڪاڏو ڪائي جڏهن اٺيس ته هنري مون کي پنهنجي ڪيبن ۾ وٺي هلي پاڻ سان پائپ پيئڻ جي دعوت ڏني، جيڪا مون شڪر ئي سان قبول ڪئي. هنري جي ڪيبن جهاز ۾ شايد سيني ڪان وڏي ۽ سني به هئي. ڪيبن ۾ هڪ طرف نرم نرم صوفا رکيل هئا. وچ ۾ هڪڙي خوبصورت ميز ۽ ان جي چوڌاري ڪرسيون رکيون هيون. جن تي تازو ئي نئون نئون رنگ ڪيل هو. هنري پنهنجي ملازمن کي وسڪي ڪٽي اچڻ لاءِ چئي، پاڻ پائپ دکائڻ لڳو.

“مسٽر ڪوارٽرمين! گذريل سال هنن ئي تاريخن ۾ توهان ٽرانسوال جي ويجهو وامنگ واٽو نالي جڳهه تي رهيل هئا. نيڪ آهي نه؟”

“جي ها، توهان سهي فرمايو”. مون حيرانيءَ مان جواب ڏنو. هنري مون کي پراسرار شخص معلوم ٿي رهيو هو جنهن کي منهنجي ساري نقل حرڪت جو پورو پورو علم هو.

“۽ اتي توهان واپار جي سلسلي ۾ ويل هئا. نيڪ آهي نه؟” گڏ پڇيو.

“جي ها! جيستائين منهنجي واپار جو مال ڏاند گاڏيءَ سميت کپي نه ويو. مان اوستائين اتي ئي ترسيل هوس”.

سر هنري منهنجي سامهون ڪرسيءَ تي ويٺو هو ۽ هن جا ٻئي هٿ ڪرسيءَ جي ٻانهينءَ تان ميودار وڻ جي ٽارين جيان لڙڪي رهيا هئا. هو غور سان مون کي ڏسي رهيو هو. هن جون تيز تيز نگاهون مون کي پنهنجي جسم ۾ چڀنديون محسوس ٿيڻ لڳيون. هو منهنجي باطن جو جائزو وٺي رهيو هو.

“مسٽر ڪوارٽرمين!” هنري بيقراري جو اظهار ڪندي، پنهنجون ٻئي ٺونٺيون ميز تي ٽيڪ ڏيندي پڇيو “وامنگ واٽو ۾ توهان جي ملاقات نيول نالي ڪنهن شخص سان به ٿي هئي؟”

“جي ها، اهو شخص ڪجهه ڏينهن منهنجو مهمان به ٿي رهيو پر پوءِ خبر ناهي ڪيڏهان هليو ويو. ان جي وڃڻ ڪان ڪجهه مهينا پوءِ مون کي هڪڙي وڪيل جو خط مليو هو جنهن ۾ نيول جي باري ۾ ڪئين سوال پڇيل هئا، ۽ مون ان کي پنهنجي ڄاڻ جي آڌار تي نيڪ نيڪ جواب ڏنا هئا”.

“توهان جو اهو خط مونکي ملي ويو هو”. هنري ڳنڀير آواز ۾ چيو ته جيستائين مون کي ياد ٿو پوي ته توهان پنهنجي خط ۾ لکيو هو ته نيول مئي جي شروعاتي ڏينهن ۾ وامنگ واٽو کان روانو ٿيو هو. ان سان گڏ جم نالي هڪڙو گاڏي هلائيندڙ ڪافر (آفريڪا جو غير مهذب وحشي) ملازم به گڏ هو توهان اهو به لکيو هو ته نيول جو

ارادو انياتي وڃڻ جو هو جيڪو متيابلي جو آخري تجارتي مرڪز آهي. ان کان اڳتي هن پيادل سفر ڪرڻ ٿي چاهيو. توهان پنهنجي تحرير ۾ اهو به لکيو هو ته نيول هڪ پرتگالي شخص وٽ پنهنجو ڇڪڙو وڪڻي، اتر آفريڪا جي گهاٽن جهنگلن طرف نڪري ويو هو. شايد اهوئي هو توهان جي خط جو مضمون.

“بلڪل درست“

ڪجهه دير تائين خاموشي ڇانيل رهي.

“مسٽر ڪوارٽر مين!” هنري ڪجهه دير ترسي چيو ته توهان اڃان به ڪجهه منهنجي، منهنجو مطلب آهي ته نيول جي باري ۾ ڄاڻندا هوندا؟ توهان کي شايد خبر هجي ته نيول آخر ڇو پنهنجي زندگيءَ جي پرواهه ڪرڻ کان سواءِ ئي اتر آفريڪا جي گهاٽن ٻيلن جو رخ ڪيو هو؟

“جي ها، نيول جي باري ۾ پوءِ به ڪجهه هوائي توائي خبرون پيون ٻڌبيون هيون”. مون بيزاريءَ مان جواب ڏنو ڇو ته انهن غير ضروري ڳالهين مان مون کي بيزاري پئي ٿي.

“مسٽر ڪوارٽر مين!” سر هنري وري چيو “مان اوهان کي هڪڙي ڳالهه يا ايئن ڪٿي چئو ته هڪ ڪهاڻي ٻڌائڻ ٿو چاهيان ۽ ان جي باري ۾ توهان جي صلاح مشوري ۽ ضروري ٿيو ته مدد جو به درخواست گذار ٿيندس. مون کي يقين آهي ته توهان مون کي نااميد نه ڪندئو جنهن ماڻهوءَ مون کي توهان جو خط پهچايو هو ان ٻڌايو هو ته توهان شريف، ايماندار ۽ مشهور شخص آهيو مان توهان جي هر ڳالهه تي اعتبار ڪندس”.

مون شڪر ئي طور پنهنجي ڪنڌ کي هلڪو جهٽڪو ڏنو ۽ سر هنريءَ جي واتان پنهنجي ساراهه ٻڌي، پنهنجي دل ۾ تڪبر ۽ غرور جا پاڇا محسوس ڪرڻ کان رهي نه سگهيس.

“ڪوارٽرمين! نيول منهنجو ڀاءُ آهي”. هنري هڪ دم چئي ڏنو.

“اوهه” مان ڇرڪي ويس. هاڻ مونکي ياد اچڻ لڳو ته هنري کي ڏسي مون کي جنهن شخص جي ياد پئي آئي، اهو نيول هو. ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته اهو هنريءَ جي مقابلي ۾ ڪجهه ٻندرو هو ۽ ان جي ڏاڙهي به ڪاري هئي، پر اڪين ۽ باقي شڪل صورت ۾ هو اهڙوئي هو جهڙو هنري.

“نيول منهنجو ننڍو ڀاءُ هو ۽ ان کان سواءِ منهنجو ٻيو ڪو به ڀاءُ وغيره ناهي. پنج سال ٿيندا جو اسان جو پاڻ ۾ جهڳڙو ٿي پيو. اهڙا جهڳڙا ته هر گهر ۾ پيا ٿيندا آهن. نه نڪر هوندا آهن سي پيا نڙڪندا آهن، پر شايد مان پنهنجي ننڍي ڀاءُ سان انتهائي سخت ۽ ناروا سلوڪ هليو هوس، ان لاءِ مان پاڻ کي ڪڏهن به معاف نه ڪندس. ڪاوڙ ۽ غصي مان منهنجي واتان ڪجهه اهڙا لفظ نڪري ويا هئا، جن هن جي دل کي شديد ڌڪو رسايو هو”. هنري ساهي کڻڻ لاءِ ٿورو رڪيو ۽ گڏ پنهنجو ڪنڌ ڌوڻڻ لڳو. شايد انهن سيني ڳالهين جي هن کي اڳيئي خبر هئي. ان وقت جهاز کي اوچتو تمام وڏو لوڏو آيو. اسين ٽئي پنهنجي پنهنجي جڳهه تي وڃي به هيڏهان هوڏهان ٿي وياسين، ۽ پوءِ پاڻ سنڀالي سِڌا ٿي ويهي رهياسين.

“توهان ته ڄاڻندا ئي هوندؤ” هنري وري پنهنجي ڳالهه ٻڌائڻ ۾ شروع ٿيو ته “جڏهن خاندان جو ڪو شخص پنهنجي سموري جائداد جي ورهاست ڪرڻ کانسواءِ ئي مري ويندو آهي ته ان جو وڏو پٽ سڄي

جائداد تي قبضو ڪري وٺندو آهي. منهنجو والد بہ پنهنجي جائداد جي ڪابہ وصيعت ڪرڻ کان سواءِ ئي وفات ڪري ويو هو. تنهنڪري سڄي جائداد تي مون ئي قبضو ڄمائي ورتو ۽ منهنجو ڀاءُ ويچارو مفلس ۽ ٺلهو ئي رهجي ويو. اصول ۾ ٿيڻ تہ ايئن ڪپندو هو تہ مان پنهنجي ڀاءُ کي پنهنجي والد جي ملڪيت مان پورو حصو ڏئي ڇڏيان ها. پر ان وقت اسان ٻنهي جون دليون هڪٻئي لاءِ صاف نہ هيون. تنهنڪري مون ان جي ڪا سار ئي ڪانہ لڌي. مان ان ڳالھ جو منتظر هوس تہ هو منهنجي سامهون اچي هٿ ٽنگي، مون کي منٿون ڪري تہ آئون هن جي ٿوري مدد ڪريان. اهو منهنجو انتهائي شرمناڪ خيال هو (هتي سرهنري ٿڌا ساهہ پرڻ لڳو) ليڪن نيول ايڏو تہ خوددار هو جو هن منهنجي اڳيان هٿ نہ ٽنگيو. معاف ڪجان مسٽر ڪوارٽر مين! منهنجي ڳالهين مان توکي بيزاري تہ ضرور ٿيندي هوندي، پر جيستائين مان شروع کان وٺي آخر تائين توکي سڀ واقعا نہ ٻڌائيندس، تيستائين مقصد تي پهچي نہ سگهندس، ڪيئن مسٽر گڊ؟"

"يقينن "گڊ پنهنجو ڪنڌ لوڏڻ لڳو". ۽ مون کي يقين آهي تہ مسٽر ڪوارٽرمين هيءَ ڳالھ پاڻ تائين ئي رکندو."

"توهان مطمعن رهو مرڻ تائين توهان جو اهو راز منهنجي سيني ۾ دفن ئي رهندو". مون چيو.

"خير تہ، ان منهنجي ڀاءُ جي نالي بئنڪ ۾ ڪجھہ پائونڊ جمع ٿيل هئا. جيڪا رقم هو بئنڪ مان ڪيرائي مونکي ٻڌائڻ بنا ئي جيئن مون کي پوءِ خبر پئي تہ هو پنهنجو فرضي نالو نيول رکي اتر آفريڪا ڏانهن روانو ٿي ويو. مون هر جڳھہ تي ان کي خط لکيا، ليڪن ڪنهن بہ خط جو جواب مون کي نہ مليو. شايد اُهي خط هن کي مليا ئي نہ هجن. ڪافي ماڻهن کي پئسا ڏئي مون هن جي ڳولا ۾ روانو ڪيو پر سڀ ناڪام ٿي واپس موٽي آيا. گذريل ٽن سالن کان مون کي هن جي ڪا بہ خبر نہ ملي آهي، ۽ هاڻ مان ڏاڍو فڪرمند آهيان، مون کي خبر آهي تہ لٺ هڻڻ سان پاڻي جدا نہ ٿي سگهندو آهي".

"بلڪل درست فرمايو توهان". مون پنهنجي پٽ هيريءَ جي باري ۾ سوچيندي چيو.

"اگر ڪوئي شخص مون کي پنهنجي ڀاءُ جارج سان ملائي يا ان جو رڳو سهي پتو ئي ٻڌائي تہ خدا جو قسم مان پنهنجي جائداد جو پورو اڌ ان جي نالي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان".

"پر هاڻ ڪير ٻڌائي تہ تنهنجو ڀاءُ ڪٿي آهي، ڪٿي ناهي؟" گڊ چيو

"مسٽر ڪوارٽرمين!" توهان جي خط سان گهٽ ۾ گهٽ ايتري تہ خبر پئي تہ جارج اڃان زندهہ آهي، اڃان ايترو پري نڪري نہ ويو آهي، تنهنڪري مان خود سندس ڳولا ۾ نڪري پيو آهيان. ۽ ڪپتان گڊ جو احسان زندگيءَ ڀر نہ وساريندس جيڪو ان جي ڳولا ۾ منهنجو ساٿ ڏئي رهيو آهي".

"خير! تنهنجو ساٿ مان بيمقصد بہ ڪونہ ڏئي رهيو آهيان، ظاهر آهي تہ ملازمت مان برطرف ٿيڻ کان پوءِ واندو ويهي بک بہ تہ ناهي نہ مرڻو. تو مونکي پئسن ڏيڻ جو واعدو ڪيو آهي ۽ مان تنهنجو ساٿ ڏئي رهيو آهيان." گڊ چيو "ها مسٽر ڪوارٽرمين! توهان نيول جي باري ۾ ڇا ٻڌو آهي؟"

# خزاني جو فسانو

“خدا جي واسطي جلد ٻڌاءِ تہ جارج جي باري ۾ ٻيو تو ڇا ٻڌو آهي؟ هنري وڏي بيچيني مان پاسو ورايو.

“مون جيڪو ڪجهہ بہ ٻڌو آهي، اهو اڄ ڏينهن تائين ڪنهن کي بہ ڪونہ ٻڌايو اٿم. صرف توهان کي ٿو ٻڌايان تہ توهان جو ڀاءُ حضرت سليمان جي خزاني جي تلاش ۾ نڪري ويو آهي”.

“حضرت سليمان جو خزانو؟ ڪٿي آهي اهو؟” ٻنهي گڏجي سوال ڪيو.

“ڪٿي آهي؟، اها تہ مون کي بہ خبر ناهي، باقي ڪٿي ٻڌايو ويندو آهي، هڪ دفعي مون بہ انهن ڀهاڙيءَ جي چوٽين کي ڏٺو هو جن جي ٻئي طرف اهو خزانو آهي. ليڪن مون ۽ انهن ڀهاڙي چوٽين وچ ۾ ٽي سئو ميل رڳو رڻ ئي رڻ ڦهليل آهي، مان نٿو سمجهان تہ ڪو ماڻهو اهو وسيع رڻ جهاڳي انهن ڀهاڙي چوٽين تائين پهچي بہ سگهندو. بهتر آهي تہ حضرت سليمان جي خزاني جي باري ۾ جيڪي ڪجهہ بہ ٻڌو اٿم، سڄو زير زبر سميت توهان کي ٻڌايان. ليڪن ان شرط تي تہ توهان ان جو ذڪر ٻئي ڪنهن سان بہ نہ ڪندئو”.

“اسين توکي يقين ٿا ڏياريون”. هنري چيو تہ گڏ بہ پنهنجو ڪنڌ ڌوڻي هنري سان متفق ٿيڻ جو يقين ڏيارڻ لڳو.

“توهان کي خبر هوندي” مون چوڻ شروع ڪيو “اسين واپاري ماڻهو پنهنجي ڪم سان ڪم رکندا آهيون، ڪنهن ٻئي طرف ڪا توجهہ ئي نہ ڏيندا آهيون، ليڪن ڪيترا ئي سياح آفريڪا ۾ صرف ان غرض سان ايندا آهن تہ جيئن ان سرزمين جي اندر دفن ٿيل خزانن جو سراغ لڳائي سگهن، اُهي مقامي غير مهذب ماڻهن جي وچ ۾ مهنن جا مهنارهي، ڪجهہ معلومات هٿ ڪندا آهن، ۽ ان معلومات جي آڌار دفينن جي تلاش ۾ نڪري پوندا آهن، ۽ اُهي وري ارادي جا بہ اهڙا پختہ هوندا آهن جو پنهنجي جان جي تہ پرواهہ ئي نہ ڪندا آهن، تہ خير، اهڙي ئي هڪڙي شخص سان منهنجي ملاقات اڄ کان تقريباً ويهہ سال پهريائين ٿي هئي، ۽ سڀ کان اڳ ۾ ان ئي شخص مون کي سليماني خزاني جي باري ۾ ٻڌايو هو هيءَ تن ڏينهن جي ڳالهہ آهي، جڏهن مان اڃان نوجوان هوس ۽ نئون نئون شڪار ڪرڻ سکيو هوس.

ان شخص جو نالو ايوانس هو جنهن کي پوءِ هڪ جهنگلي پاڏي زخمي ڪري وڌو هو ۽ انهن زخمن جي ڪري ويچارو چُڙي چُڙي مري ويو هڪ ڏينهن اسان ٻئي پاڻ ۾ ڪچهري ڪري رهيا هئاسين جو مون هن کي ٻڌايو تہ آفريڪا جي جهنگلن ۾ مون اهڙا آثار بہ ڏٺا آهن، جتي ڪنهن زماني ۾ وڏي دولت رهي هوندي، ٻڌايو مانس تہ ٽرانسوان جي اتر ۾ شڪار جي ڳولا ۾ مان هڪ اهڙي ڪندر تائين پهتو هوس، جيڪو ڪنهن زماني ۾ ڪو شاهي مندر هوندو، جنهن جا آثار اتي ڇتا ڏسڻ ۾ پئي آيا، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ چانديءَ ۽ سون جون بيشمار مورتيون ۽ سون جي ٽڪرن جا ڍير هوندا، ۽ اهو بہ ٻڌايومانس تہ اهو

سڀ ڪجهه موجوده زماني تائين موجود رهيو هوندو ۽ ڪو خوشبخت سياح ان جڳهه تي پهچي ساري دولت ڪٽي ويو هوندو. ايوانس وڏي توجهه سان منهنجي ڳالهه ٻڌندي هڪدم پڇيو ته “تو ڪڏهن سليماني خزاني جي باري ۾ ڪجهه ٻڌو آهي؟” مون انڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو ته هن چيو ته “مون کي معتبر ذريعن کان خبر پئي آهي ته هن خزاني جي آس پاس جن ماڻهن جي وستي آهي، اهي زولو قبيلي جي هڪڙي شاخ آهن، ۽ انهن ۾ ڪجهه اهڙا شخص به آهن. جيڪي ڪاري جادو جا ماهر آهن. ۽ انهن ۾ اهو علم پنهنجي وڏڙن کان سينا به سينا صدين کان هلندو ٿو اچي. ماشوڪولمبو جي اتر ۾ اها بستي آهي صاحبزاده! يقين ڪر ته اِها ئي اُها جڳهه آهي جتي حضرت سليمان جو خزانو اڃان تائين محفوظ پيو آهي.

مون ايوانس جي ڳالهين کي محض خيالي پلاءُ سمجهي مرڪي ڏنو ڪجهه ئي ڏينهن بعد ان کي جهنگلي پاڏي زخمي ڪري وڌو ۽ ويچارو مري ويو ۽ خزاني جي ڳالهه آئي وئي ٿي وئي.

ايوانس جي موت کان ڪي ويهه سال ڪن پوءِ اي دوستو! ۽ ويهه سال انهن ماڻهن لاءِ جيڪي هاٿيءَ جو شڪار ڪندا آهن، ڪافي طويل عرصو هوندو آهي، ڇو ته انهن جي زندگي صبح آهي ته شام ناهي، هتي ته ايوانس جي موت جي ٽيهن سالن بعد مون کي وري سليماني خزاني بابت ڄاڻ ملي. مان ان وقت اسٽانڊاز ڪرال ۾ رهيل هوس، اتي پاڻيءَ جي کوٽ هئي ۽ هوا به منهنجي طبيعت جي موافق نه هئي، تنهنڪري مان شديد بخار ۾ ورتجي ويو هوس. تنهنڪري لاچار مون کي ڪيترن ڏينهن تائين اتي ئي ترسڻو پيو. اتي منهنجي ملاقات جوز سلواتا نالي هڪڙي پرتگالي شخص سان ٿي، جنهن سان سندس ڪافر ملازم به گڏ هو. جوز سلواتا پرپيل بدن وارو خوبصورت جانٺو جوان هو. اسان ٻئي رات جو سمهڻ کان پهريائين ڪجهه دير ڪچهري ڪندا رهندا هئاسين، تڏهن مونکي خبر پئي ته هر شريف ماڻهوءَ وانگر هيءَ به ڪو امير ماڻهو ڪونه هو.

ٻئي ڏينهن موڪلائڻ وقت هن مونکي چيو ته “عزيز دوست! اگر قسمت اسان کي ڪٿي ٻيهر به ملايو ته تون مونکي دنيا جو امير ترين شخص ڏسندين، ۽ تڏهن مان تنهنجي مهمان نوازي ۽ خلوص جو پورو پورو معاوضو به چڪائي ونندس”.

مان مرڪي حيرانيءَ مان هن کي صحرا ۾ داخل ٿيندي ڏسي رهيو هوس، مان واقعي به حيران هوس ته هي صحرا ۾ ڇا جي لاءِ پيو وڃي؟ ۽ آخر ۾ هي سمجهي پنهنجو پاڻ کي تسلي ڏنم ته مڙيئي هوندو سلواتا جي دماغ ۾ ڪوئي فتور پيو ڇا؟ هڪ هفتي کان پوءِ جڏهن منهنجو بخار لهي ويو هو پر اڃان به شديد ڪمزوري محسوس ڪري رهيو هوس. شام جي وقت پنهنجي خيمي جي دروازي تي ويٺي سامهون هيڏي وشال صحرا جي پرئين پاسي لهندڙ سج کي ڏسي رهيو هوس. ان وقت سج مونکي ڪنهن ڪاوڙيل ديوتا جي خوني اک لڳي رهيو هو ۽ سارو ڏينهن ساڙيندڙ هوا هاڻي ڪجهه خوشگوار لڳي رهي هئي، جنهن ڪري مان پنهنجي دل ۾ ڪجهه فرحت محسوس ڪري رهيو هوس.

اتفاق سان منهنجي نظر دور دور سامهون صحرا ئي پٽ تي چوپاين جانورن وانگر هٿن پيرن تي رڙهندڙ ڪنهن ماڻهوءَ تي وڃي پئي، جيڪو وڏي مشڪل سان ڪجهه پل اٿي ته بيٺو پر وري انهيءَ ئي گهڙيءَ

منهن ۾ ڪري پيو. مون پنهنجي ملازم کي انهيءَ جي واهر لاءِ روانو ڪيو. ٿوري دير ۾ ملازم انهيءَ کي مون تائين وٺي آيو. توهان جو ڇا خيال آهي سر هنري، ته ڪير هوندو اهو ماڻهو؟

"يقينن جوز سلواتا" هنري چيو.

"جي ها، بلڪل سهي، جوز سلواتا... يا ايئن ڪٺي چئو ته ان جو ڍانچو. چهرو بلڪل زرد ٿي ويو هوس، تندرست ۽ تازو توانو جسم هڏين تي چنبڙيل کل وانگر ٿي ويو هئس، تڪليف کان اکيون پيليون پئجي ويون هئس، وار سفيد ۽ رخسارن جا هڏا ناقابل بيان حد تائين اڀري آيا هئس.

"پاڻي... پاڻي... خدا جي واسطي هڪ ڍڪ پاڻي". هو ايلاز ڪري رهيو هو. مون ڏنو ته سندس چپ ڦاٽي پيا هئا ۽ زبان ڪاري ٿي وئي هئس. مون پاڻيءَ ۾ ٿورو کير ملائي ڏنو ماٺس ته چرين وانگر غٽ غٽ ڪري هڪ ساهيءَ پي ويو جنهن بعد هن کي وري تيز بخار چڙهي ويو ۽ غشيءَ جي حالت ۾ هُو.... صحرا.... سليماني خزانو.... هيرا.... جواهر.... وقلڻ لڳو. مان هن کي پنهنجي خيمي ۾ کڻي آيس، يارهين بجي ڌاري هو ڪجهه سڪون ۾ آيو ۽ مان به پنهنجي بستري تي سمهي پيس، صبح جو اٿي ڏٺم ته سلواتا حسرت وچان انهن پهاڙي چوٽين ڏانهن تڪي رهيو هو جن جي پٺي طرف خزانو هو سج جا گرم گرم ڪرڻا ريگستان جي ذري ذري کي چمڪائي رهيا هئا، ۽ هلڪي هلڪي هوا رڻ کي سانت ڪري رهي هئي. "اهي ئي اهي" جوز سلواتا انهن پهاڙين طرف اشارو ڪري چيو "ليڪن افسوس جو مان انهن تائين پهچي نه سگهيس، ۽ شايد مون کان پوءِ به ڪو شخص مشڪل ئي پهچي سگهي، هن صحرا منهنجي ملازم جي جان ورتي، ۽ هاڻ مان پاڻ به مري رهيو آهيان". وري هو مون طرف مڙيو "عزيز دوست! اتي ئي آهين نه؟" منهنجي اکين آڏو انڌيرو ايندو پيو وڃي، مان ڪجهه به ڏسي نٿو سگهان".

"ها، مان تنهنجي پرسان ئي آهيان دوست!" مون جواب ڏنو "تون گهڙي کن سمهي پئو توکي آرام جي سخت ضرورت آهي".

"آرام؟ هاڻ مان قيامت تائين آرام ۾ ئي هوندس، هاڻ زندگيءَ جي اميد ناهي، توهان منهنجي وڏي خدمت ڪئي آهي، ان جي صلي ۾ مان توهان کي هڪ تحرير ڏيو ٿو وڃان، جنهن جي آڌار تون يقينن سليماني خزاني تائين پهچي ويندين، مان ان ئي خزاني جي تلاش ۾ ويو هوس، ليڪن دل جي دل ۾ ئي رهي، تون انهن پهاڙين تائين وڃڻ جي ڪوشش ڪجانءِ. اگر صحيح سلامت انهيءَ وسيع صحرا کي پار ڪري وئين ته تون دنيا جو امير ترين شخص هوندين".

هن پنهنجي ڪيسي ۾ هٿ وجهي ٻٽون ڪڍيو. مون سمجهيو ته ان ۾ پائيپ جو تماڪ هوندو. ٻٽونءَ جو منهن سنهڙي تار سان ٻڌل هو. سلواتا ان کي کولڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳو.

"اچي، هن کي کول" هن اهو ٻٽون مون ڏانهن وڌايو. مون کولي ڏنو ته ان ۾ ڪپڙي جو هڪڙو ٽڪر رکيو هو جنهن تي ڪا تحرير لکيل هئي.

سلواتا مرندڙ آواز ۾ چوڻ شروع ڪيو "منهنجا دوست! انهيءَ ڪپڙي تي لکيل تحرير کي پڙهڻ ۾ مون کي ڪيئي سال لڳا آهن. تڏهن وڃي ان جو مطلب سمجهيو اٿم. جنهن شخص هيءَ تحرير لکي هئي،

ان کي مُئي بہ ٽي سئو سال ٿي ويا آهن. ان جو نالو بہ جوز ڊي سلواٽا هو ٽي صديون پهريائين اهو شخص هن صحرا ۾ داخل ٿيو هو جيڪو وري ڪڏهن بہ واپس نہ موٽيو ان جو ملازم پنهنجي آقا جو انتظار ڪري ڪري، ٿڪجي نيٺ ان جي تلاش ۾ نڪري پيو ۽ پنهنجي آقا کي مئل وجي لڌائين. ملازم اها تحرير کڻي واپس موٽيو. تڏهن کان هيءُ ڪپڙي جو ٽڪر اسان جي خاندان وٽ محفوظ رهندو پيو اچي. ڪنهن بہ ان کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي، صرف مون ئي اهڙي ڪوشش ڪئي، ۽ ان ڪري مان بہ اڄ پنهنجي جان ڏئي رهيو آهيان. ليڪن مون کي يقين آهي تہ هن تحرير ۽ نقشي جي مدد سان ڪو بہ ماڻهو خزاني جي تلاش ۾ نڪتو تہ ضرور ڪامياب ٿي موٽندو. تنهنجا مون تي تمام وڏا احسان آهن. ان ڪري اها تحرير ۽ نقشو توکي ٿو ڏيان. تون اهو ڪنهن کي بہ نہ ڏجانءِ. تون بذات خود خزاني جي تلاش ۾ ويجانءِ ۽ توکي خزانو ملي وڃي تہ منهنجي حق ۾ دعا ڪجان. چڱو دوست! الوداع“.

سلواٽا جي حالت غير ٿيڻ لڳي ۽ ڪلاڪ کن ۾ هو هن دنيا جي هُلَ بکيڙن کان آزاد ٿي وڃي مالڪ حقيقيءَ سان مليو خدا کيس جنت الفردوس ۾ جڳهہ عطا فرمائي. مون هڪ وڏو کڏو کڻي سلواٽا جو لاش ان ۾ لٽي ڇڏيو ۽ مٿان تمام ڳرو پٿر رکي ڇڏيم تہ جيئن لومڙيون هن جو لاش نہ کڻي وڃن“.

”ليڪن ان تحرير جو ڇا ٿيو؟“ هنري پاسو بدلائيندي پڇي ورتو.

”ڇا هو لکيل ان ۾؟“ گڊ بہ پڇڻ کان رهي نہ سگهيو.

”اهو مان توهان کي هينئر ئي ٿو ٻڌايان... اها لکت اڄ تائين ڪنهن کي بہ ڪانہ ڏيکاري اٿم. سواءِ هڪ پرتگالي شخص جي، جنهن ان جو انگريزي ۾ ترجمو ڪري ڏنو هو. ان وقت هو شراب جي نشي ۾ ڌت هو ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن هن جو نشو لٿو تہ هن کي ڪجهہ بہ ياد نہ هو. هو سڀ ڪجهہ وساري چڪو هو. اصل لکت تہ سلواٽا جي ترجمي سميت منهنجي گهر ۾ رکي آهي، باقي ان جو انگريزي ترجمو ۽ نقشي جي ڪاپي (اگر ان کي نقشو چئجي تہ....) هن وقت بہ مون وٽ موجود آهي“.

# تحرير

هو شخص سندءِ روح جي ويراڳ جي تحرير هو.
هو شخص سندءِ عشق جي اظهار جو تفسير هو.

“مان جوز ڊي سلواتا هن وقت هڪ غار ۾ اڃيوءِ بکيو مري رهيو آهيان. هي غار انهن پهاڙن ۾ آهي، جنهن کي مون ڪوهه سبا جو نالو ڏنو آهي. هيءَ تحرير مان هڪ سڪل هڏيءَ جي ٽڪري سان پنهنجي رت سان لکي رهيو آهيان. سواءِ انهيءَ جي هت لکڻ لاءِ ٻيو ڪوبه سامان مهيا ڪونهي. اگر منهنجو ملازم مونکي ڳوليندو هتي به اچي پهچي ته ان کي کپي ته هن تحرير کي امانت با سلامت سمجهي منهنجي خاندان جي ڪنهن به فرد کي پهچائي ڇڏي. منهنجو هڪ دوست (جنهن جو نالو ايلمبل آهي) هن تحرير کي ڪٽي وقت جي بادشاهه سلامت جي حضور ۾ حاضر ٿئي، ۽ بادشاهه سلامت کي مشورو ڏئي ته هُو شاهي لشڪر وٺي پهاڙين طرف ڪوچ ڪري، اگر ان جو لشڪر خير خوبيءَ سان هن قاتل صحرا کي عبور ڪري ويو ۽ ڪوهه سبا جي ٻئي طرف پهچي اتان جي مقامي ماڻهن ۽ ڪارو جادو ڄاڻندڙن کي زير ڪري ورتو ته اهو حضرت سليمان کان پوءِ دنيا جو امير ترين بادشاهه هوندو.

مون پنهنجي اکين سان خفيه ڪمري ۾ بيشمار هيرا جواهر ڏٺا آهن. ليڪن گگول نالي هڪ عورت جي ڪري (جيڪا صحيح معنيٰ ۾ هڪ ڏائڻ ۽ ڪاري علم جي ماهر آهي) مان هڪ به هيرو پاڻ سان ڪٽي نه سگهيو هوس ۽ انهيءَ گگول جي ڪارستانين مون کي نيٺ موت جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي.

جيڪو شخص به منهنجي هن نقشي جي مدد سان ڪوهه سبا تائين پهچي وڃي ته ان کي کپي ته کاٻي طرف پهاڙن تي چڙهڻ شروع ڪري، ايستائين جو چوٽيءَ تي وڃي پهچي. چوٽي تي اتر طرف هڪڙو رستو نظر ايندو، جيڪو “شاهراهه سليمان” تو سڏجي. اهو ئي رستو وٺيو وڃي، اهو رستو ٽن ڏينهن بعد ان ماڻهوءَ کي ڪوڪو آنه جي دارالسلطنت ۾ وڃي پهچائيندو. هتي پهچي گگول تي ڪنٽرول ڪرڻو پوندو. نه ته اهو به مون وانگر پنهنجي زندگيءَ تان هٿ ڌوئي ويهندو. منهنجي لاءِ دعا ڪجو.

الوداع

جوز ڊي سلواتا۔

جڏهن مون اها تحرير پڙهي هنن کي نقشو به ڏيکاري ڇڏيو ته ڪمري ۾ گهري خاموشي ڇانئجي وئي.

“مون تقريباً سڄي دنيا جو سفر ڪيو آهي”. گڊ ڪجهه دير ترسي چوڻ لڳو “پر اهڙي عجيب غريب ڪهاڻي مون کي اڄ تائين ڪٿي به ٻڌڻ ۾ نه آئي آهي”.

“واقعي ئي مسٽر ڪوارٽرمين! ڪهاڻي عجيب آهي”. سر هنري چيو “تون ڪٿي اسان کي بيوقوف ته نه پيو ڪرين؟”

“جيڪڏهن توهان ايئن ٿا سمجهيو ته بس اتي ئي ڳالهه ختم ٿا ڪريون، ۽ مون ڪاغذ ويڙهي سيڙهي پنهنجي کيسي ۾ رکي ڇڏيا. سر هنري جي ڳالهه سچ پچ به مون کي بري لڳي هئي، مان انهن ماڻهن مان ناهيان جيڪي هرويرو به پنهنجي ڪوڙ کي وڏائي چڙهائي بين ماڻهن اڳيان پنهنجي لئه بيهارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. مان وڃڻ لاءِ تپ ڏئي اٿيس، جو سر هنري پنهنجي وزني ٻانهن منهنجي ڪنڌ تي ڀاڪر وانگر ورائي ڇڏي.

“ويهي رهه ڪوارٽرمين! مان پنهنجي گستاخيءَ جي معافي ٿو وٺان. پر پوءِ به مون کي اهو چوڻ جي اجازت ڏي ته ان ڪهاڻيءَ تي ڪنهن کي يقين مشڪل ئي اچي”.

“خير جڏهن پاڻ ڊربن پهچنداسين، تڏهن توهان کي اصل تحرير ۽ نقشو به ڏيکاريندس. پوءِ شايد توهان کي منهنجي ڳالهه تي يقين اچي.” مون ڪاوڙ تي ڪنٽرول ڪندي چيو “۽ تون هاڻ پنهنجي ڀاءُ جي باري ۾ به ٻڌي ڇڏ. تنهنجي ڀاءُ سان جم نالي جيڪو ڪافر ملازم گڏ هيو مان ان کي به سڃاڻان ٿو ان ڏينهن جڏهن مسٽر نيول موڪلائي رهيو هو جم اڪيلو منهنجي ڇڪڙي وٽ مون سان بيٺو هو.

“جم!” مون پڇيو مانس “توهان آخر ڪيڏهان پيا وڃو؟ هاٿين جي شڪار تي؟“

“نه صاحب” هن مسڪرائي جواب ڏنو هو ته “اسان انهيءَ کان به قيمتي شيءِ جي ڳولا ۾ وڃي رهيا آهيون”.

“باقي ڪهڙي شيءِ آهي اُها ـ سون؟“

“نه صاحب، سون کان به وڌيڪ قيمتي آهي اها شيءِ”. مون ان کان وڌيڪ پڇڻ مناسب نه سمجهيو. مان اهو ڄاڻڻ لاءِ ضرور بيچين هوس ته اِهي آخر وڃن ڪيڏهان ٿا.

مان ان ڳالهه جي هٿ ڏوئي پويان لڳان ها ۽ جم کان پڇڻ لاءِ ضد ڪري بيهان ها ته جم شايد مون کي ڪجهه به نه ٻڌائي ها.

“صاحب!” ڪجهه دير کان پوءِ جم چيو.

مان خاموش رهيس.

“صاحب!” هو وري به مون سان مخاطب ٿيو.

“ڇاهي؟” مون بيتوجهي سان جواب ڏنو.

“اسين ماڻهو هيرن جي تلاش ۾ وڃي رهيا آهيون”.

“پوءِ ته توهان غلط رستو اختيار ڪيو آهي، هيرن جون کاڻيون انهيءَ طرف ڪٿي آهن؟“

“توهان ڪڏهن سليماني خزاني جي باري ۾ ڪجهه ٻڌو آهي؟“

“هون”، منهنجي چپن مان صرف پٽڪو نڪتو.

“جِي توهان ڪڏهن حضرت سليمان جي خزاني جي باري ۾ ڪجهه ٻڌو آهي؟“

“مڙئي ڪجهه هوائي توائي ڳالهيون ٻڌيون اٿم”.

“هوائي نہ صاحب! اها حقيقت آهي، ڪو وقت ٿيو جو هڪ عورت پنهنجي ٻارڙي سان گڏ اُتان ڪان هت نااتال آئي هئي. جتي اهو خزانو آهي، مون سليماني خزاني جي باري ۾ ان عورت ڪان سڀ ڪجهہ معلوم ڪري ورتو هو پر هوءَ ويچاري، مري وئي آهي”.

“توهان ٻنهي ڇٽڻ مان صحرائي درندن جو خوب پيٽ ڀربو”. مون طنز ڪندي چيومانس. “اوستائين ڪير بہ نہ پهچي سگهيو آهي، منهنجا دوست!”

“خير ـ موت تہ هر ڪنهن جي مٿي تي آهي ئي آهي، جتي اچڻو هوندو، اتي اچي ئي ويندو. ان ڪان ڪير ڪٿي ٿو بچي سگهي”. اڌ ڪلاڪ بعد نيول ڪي مون موڪلائيندو ڏٺو ۽ جم ڊوڙندو مون ڪي الوداع ڪرڻ آيو هو.

“صاحب! توهان بلڪل صحيح ٿا چئو”. هن چيو “مون ڪي بہ هاڻ محسوس ٿيڻ لڳو آهي تہ اسين هاڻ ڪڏهن بہ واپس موٽي نہ سگهنداسين”.

“ڇا واقعي ئي توهان خزاني جي تلاش ۾ ٿا وڃو يا صرف مذاق ٿا ڪريو؟”

“نہ صاحب! اسين خزاني جي تلاش ۾ ئي وڃي رهيا آهيون”.

“اڇا! تہ هڪ منٿ ترسو ـ مان هڪ چٺي تنهنجي آقا لاءِ لکي ڏيان، مگر واعدو ڪر تہ انياتي پهچڻ ڪان اڳي اها چٺي مسٽر نيول ڪي نہ ڏيندين”.

“مان واعدو ٿو ڪريان صاحب!”

ايتري ۾ مون هڪ ڪاغذ تي ڪجهہ لفظ لکي ڪيس سمجهايو تہ “جڏهن توهان هيءَ رڻ جهاڳي سبا جي چوٽين تي چڙهندئو تہ اتان ئي توهان ڪي هڪ رستو ملندو. بس اهو ئي ڏئي هليا وڃجو. ٽن ڏينهن ڪان پوءِ توهان پنهنجي منزل تي پهچي ويندئو”.

اها چٺي جم ڪي ڏيندي وڌيڪ چيم تہ “تنهنجي آقا ڪي ڪپي تہ هن تي عمل ڪري. ليڪن خبردار هيءَ چٺي نيول ڪي هينئر ئي نہ ڏجانءِ. مان نٿو چاهيان تہ هو واپس اچي مون ڪان ڪجهہ اهڙا سوال پڇي جن جا جواب مان ڪيس هن وقت ڏئي نٿو سگهان.” چٺي وٺي جم مون ڪان موڪلايو. بس سر هنري! مان ايترو ئي ڄاڻان ٿو. مان توهان جي ڀاءُ جي ڪري پريشان بہ آهيان تہ ڪٿي توهان جو ڀاءُ....”

“مسٽر ڪوارٽر مين! هنري منهنجي ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽيندي چيو “مان پنهنجي ڀاءُ جي ڳولا ۾ سليماني خزاني تائين بہ ويندس، ۽ ان وقت تائين ڳوليندو سانس، جيستائين هو مون ڪي نٿو ملي يا هن ڳالهہ جو پختو يقين نٿو ٿيم تہ هو مري چڪو آهي ۽ مان چاهيان ٿو تہ ان سفر ۾ تون بہ منهنجو ساٿ ڏين.”

“مان؟.... هان؟” مان خوف ۾ وٺجي ويس، ڇو تہ مون ڪي خبر هئي تہ سليماني خزاني جي ڳولا ۾ وڃڻ معنيٰ موت جي منهن ۾ وڃڻ، ۽ مان اڃان مرڻ نٿو چاهيان، ۽ هوئنئن بہ اهڙي موت ڪان ڏٽي تعاليٰ هر ڪنهن ڪي پنهنجي پناهہ ۾ رکي. “جي نہ! معاف ڪجو سر هنري! مان اوهان جو ساٿ نٿو ڏئي سگهان. ۽ اوهان ڪي بہ نيڪ صلاح ٿو ڏيان تہ پنهنجي ارادي ڪان باز اچو. ۽ وري منهنجي پٽ هيريءَ ڪي بہ اڃان منهنجي ضرورت آهي.”

منهنجي انهيءَ فيصلي تي ڪپتان گڊ ۽ سر هنري ڏاڍا مايوس ٿيا.

“مسٽر ڪوارٽرمين! مان پڪو ارادو ڪري چڪو آهيان ته سليماني خزاني تائين ضرور ويندس. هاڻ دنيا جي ڪابه طاقت مون کي اوڏهان وڃڻ کان روڪي نٿي سگهي” سر هنري ڏڍار پنهنجو مُڪو ميز تي ٺوڪيندي چيو. رهيو تنهنجو معاملو ته اسان کي تنهنجي ساٿ جي سخت ضرورت آهي. ان لاءِ جيترو معاوضو چاهين, رواني ٿيڻ کان اڳ ئي مون کان وٺي ڇڏجانءِ. اگر خدانخواسته ڪٿي گس ۾ مري ڪپي به وياسين ته مان تنهنجي پٽ لاءِ هاڻي کان ئي انتظام ڪري ٿو ڇڏيان. ان کي سال به سال باقائدگيءَ سان هڪ معقول رقم ملندي ئي رهندي. جيڪڏهن خدا چاهيو ته اسين خزاني تائين پهچي به وياسين ته اهو گڏ ۽ تنهنجو حصو هوندو. مون کي دولت جي خواهش ناهي. ڏٽي تعاليٰ مون کي سڀ ڪجهه ڏنو آهي. شايد تون منهنجي واعدي تي اعتبار نه ڪرين. ان لاءِ بهتر آهي ته هاڻ ئي پنهنجا شرط پيش ڪر.”

“سر هنري! واقعي ئي توهان وڏي لالچ ڏني آهي, مون جهڙي مسڪين کي ايڏو وڏو خزانو حاصل ٿيڻ جو خيال ئي وات ۾ پاڻي آڻيو ٿو ڇڏي, ليڪن اها هڪ وڏي خطرناڪ مهم آهي, ان لاءِ مون کي ٿورو غور ڪرڻ لاءِ وقت کپي. ٻرين پهچڻ کان اڳ ئي مان توهان کي پنهنجي فيصلي کان آگاهه ڪري ڇڏيندس.” “ڏاڍو سٺو” سر هنري چيو ۽ مان انهن ٻنهي جڻن کي رات جو سلام ڪري پنهنجي ڪيبن ۾ هليو آيس, ۽ سڄي رات مزيدار خواب ڏسندو رهيس.

# پراسرار ملازم

جڏهن هوا سٺائي هوندي آهي تہ ڪيپ ٽائون کان ڊربن پهچڻ تائين جهاز صرف ٽي ڏينهن ئي وٺندو آهي، پر اڪثر ايئن بہ ٿيندو آهي تہ رستي ۾ ڪيترائي بندرگاهہ آهن، جتي تجارتي مال جي انتظار ۾ جهاز کي چوويهہ چوويهہ ڪلاڪ بہ ترسڻو پوندو آهي، مگر هن ڀيري هر بندرگاهہ تي ننڍيون ننڍيون ٻيڙيون اڳئي مال سان ڀريون، جهاز جي انتظار ۾ بيٺيون هيون، جيئن ئي اسان جو جهاز لنگرانداز ٿيو تہ اهي ٻيڙيون جهاز کي چوطرف ڦري آيون.

ناٽال پهچڻ تائين مان يڪو اهو ئي سوچيندو پئي آيس تہ سر هنري وارن سان وڃان يا نہ وڃان؟ هر گهڙيءَ سليماني خزاني حاصل ٿيڻ جو خيال منهنجي دل ۾ هل چل مچائيندو رهيو پر ٻيءَ گهڙيءَ مون کي ايئن لڳندو هو تہ ڄڻ مان بہ ڊي سلواتا وانگر هڪ غار ۾ مري رهيو آهيان ۽ منهنجو ڪو بہ حال پڇائي مون سان گڏ ڪونهي. هڪ طرف هيرن جي چمڪ ڌمڪ ۽ انهن جي حاصل ٿيڻ جو خيال تہ ٻئي طرف ٻچڙو ٿي مرڻ جو ڊپ. ڪنهن بہ نتيجي تي پهچي نہ پيو سگهان. بس "وڃان - نہ وڃان"، "وڃان - نہ وڃان" جي وچ ۾ منهنجو ذهن ٽنگيو رهيو.

ٻئي طرف ڪپتان گڊ ۽ سر هنري دل ئي دل ۾ سليماني خزاني تائين پهچڻ جون اسڪيمون مڪمل ڪيو ويٺا هئا.

جنوريءَ جي هڪ حسين شام جو اسان جو جهاز ناٽال کان روانو ٿيو ناٽال ڇڏڻ سان ئي آفريڪا جو سرسبز ڪنارو شروع ٿيو وڃي. هتان کان جهاز ڊربن تائين آهستي آهستي هلندو رهيو. جيڪڏهن توهان جهاز جي ڇت تي بيهي ڏسو تہ توهان جي نظر جي آخري حد تائين زمين تي نيري نيري گاهہ جو فرش نظر پيو ايندو. جڏهن اهو ختم ٿيندو تہ ڳاڙهسرن پٿرن جو پهاڙي سلسلو شروع ٿي ويندو ۽ پهاڙين جي ڪنارن سان سبز پهاڙي ٻوٽن جو سلسلو پيو هلندو ۽ انهن پهاڙين جي وچ ۾ ڪافرن جا ڪيت پري پري تائين نيري ڊنڊ جو ڏيک پيا ڏيندا. تيز برساتي هوائن جبلن ۾ هنڌان هنڌان غار ناهي ڇڏيا هئا، ۽ انهن غارن جي منهن تي سمنڊ جي سفيد جهاڳ ڄمي وئي هئي، جيڪا پري کان ايئن پئي لڳي تہ ڄڻ ڪنهن خطرناڪ ديو جو منهن ڪنهن غصي کان جهاڳ سان ڀرجي آيو هجي. پهاڙين مٿان ننڍن ننڍن آبشارن جي صورت ۾ پاڻي مسلسل ڪرندو رهندو آهي، جيڪو هيٺ اچي نديءَ يا چشمن جي صورت اختيار ڪندو آهي. انهن نظارن کي ڏسڻ سان دل سوچڻ تي مجبور ٿيو وڃي تہ رب پاڪ پنهنجي نيڪ بندن سان جنهن جنت الفردوس جو واعدو ڪيو آهي، سا شايد اها ئي آهي.

سڄي ڏينهن جو سفر ڪندي ٿڪجي ٽٽجي سج جڏهن لهڻ شروع ڪيو تہ اسان جو جهاز ڊربن جي بندرگاهہ جي پليٽ فارم سان اچي لڳو جهاز مان بندوق سان هڪ فائر ڪيو ويو تہ جيئن ماڻهن کي خبر پئي تہ لنڊن کان ٽپال اچي وئي آهي، اسان ٽئي يعني مان، گڊ ۽ سر هنري ڪاڏو ڪائي ڇت تي اچي ويا هئاسين، چنڊ ايري پنهنجي ٿڌڙي چانڊوڪيءَ سان سمنڊ ۽ خشڪي کي منور ڪري رهيو هو چئني

طرفن کان رات جي خاموشيءَ جو راڄ هئو. انهيءَ خاموشيءَ کي چيريندو وٽندڙ ۽ فرحت بخش هوا جي ڪلهن تي سوار ٿي ڪنهن مهاڻي جي گيت جو مڌر آواز ڏور ڏور کان ڪٿان اچي اسان جي سماعتن کي سڪون بخشي رهيو هو.

جيڪو پنهنجي مادري زبان ۾ وچوڙي جو ڪوئي گيت ڳائي رهيو هو.

مهاڻي کان شايد ويجهر ۾ ئي، ڪا دل جي ديوي وچڙي وئي هئي، جنهن جي ياد ور ور ڏئي سندس گيت مان وڇوڙي جا ورلاپ ٻڌجي رهي هئي، ۽ سندس ياد کي سمنڊ ۾ هيءَ چانڊوڪي ويتر وڌائي رهيا هئا.

"ها مسٽر ڪوارٽرمين!" آخرڪار هنري پڇي ورتو "ڇا فيصلو ڪيو توهان؟"

مان جهنگلي وٽ ٻيٺو ان وقت تائين ڪنهن به فيصلي تي پڄي نه سگهيو هوس، مون پائيپ دکائي، ٻرندڙ تيليءَ کي سمنڊ ۾ ڦٽو ڪيو۽ اها اڃان پاڻيءَ تائين پهچي ئي پهچي مون فيصلو ڪري ورتو ڪيئن دفعا ايئن به ٿيندو آهي ته جو منٽن ست کي سلجهائيندي سلجهائيندي توهان جو دماغ ئي الجهي پوندو آهي ته عين انهيءَ وقت هڪدم اهو سلجهي پوندو آهي.

"مان توهان جو ساٿ ڏيندس،" مون چيو "پر جي اجازت ڏيو ته مان پنهنجي طرفان ڪجھ شرط اوهان آڏو رکان".

"ضرور، ضرور" خوشي هنري جي منهن مان ئي پڌري هئي.

چڱو ته ٻڌو منهنجا شرط

1. توهان کي منهنجو سڄو خرچ برداشت ڪرڻو پوندو.

2. رستي ۾ اتفاق سان جيڪڏهن ڪا قيمتي چيز ملي وئي مثلاً هاٿيءَ جا ڏند وغيره ته ان ۾ مان ۽ گڊ برابر جا حصيدار هونداسين.

3. رواني ٿيڻ کان اڳ ئي توهان مون کي پنج سئو ڊالر ڏيندئو ان جي بدلي ۾ مان هر طرح توهان جي مدد ڪندس، ۽ توهان جو ايستائين ساٿ ڏيندس، جيستائين توهان پاڻ مون کي خوشيءَ سان موڪل نٿا ڏيو يا موت اچي مون کي توهان کان جدا نٿو ڪري.

4. اگر سفر ۾ مان مري به وڃان ته منهنجي پٽ هيريءَ (جيڪو لنڊن جي هڪ اسپتال ۾ ڊاڪٽريءَ جي تعليم حاصل ڪري رهيو آهي) کي ساليانه ٻه سئو پائونڊ مسلسل پنجن سالن تائين ڏيندا رهندئو.

"بس اهي اٿو منهنجا شرط"

"۽ مون کي توهان جا سيئي شرط قبول آهن". هنري چيو "مگر مان توهان کي انهيءَ کان به وڌيڪ ڏيندس مسٽر ڪوارٽر مين! پر تو اسان کان ان معلومات جو معاوضو ته گهريو ئي ڪونه. جيڪا تو سليماني خزاني جي باري ۾ اسان کي ڏني".

"ان لاءِ اوهان جيڪو مناسب سمجهيو ڏئي ڇڏجو". مون چيو "توهان سان ايترا ڏينهن گڏ رهي مان انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان ته توهان ٻئي ڄڻا انتهائي مخلص ۽ ارادي جا پختا آهيو مان سمجهان ٿو ته پاڻ سڀ هڪٻئي جا بهترين دوست ثابت ٿينداسين. هاڻ انهيءَ سفر جي باري ۾ عرض ڪريان ته يقين

ته نٿو اچي ته پاڻ سهي سلامت واپس موٽنداسين. پر اگر انهيءَ خطرناڪ ۽ خوني رڻ کي جهاڳي سليماني خزاني تائين پهتاسين به سهي ته انهيءَ کي ڪٽي سگهنداسين به الائي نه. اهو ڏاڍو ڏکيو سوال آهي. ٿي صديون پهريائين غريب ٻڍي سلواٽا تي ڇا گذريو ان کان توهان بخوبي واقف آهيو. ان کان پوءِ ساڳئي همراهه جو نالي ياٺي به پنهنجي جان تان هٿ ڌوئي ويٺو پر پري ڇو وڃون سرهنري! توهان جي ڀاءُ جو واقعو ته اڃان تازو ئي آهي. خبر ناهي ان پراسرار زمين تي ان جي ڪهڙي حالت ٿي؟ "ايترو چئي مان انهن ٻنهي جي چهرن جي تاثرات جو جائزو وٺڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس. پر سر هنري تي منهنجي انهيءَ ڏکهي تقرير جو تر جيترو به اثر نه پيو. باقي گڊ جي چهري جو رنگ ئي اڏامي ويو.

"ڪجهه به ٿي پئي. اسان کي قسمت آزمائڻ گهرجي. هٿ ويٺي ويٺي اهو سوچڻ ته انجام برو ٿيندو. اها سراسر بيوقوفي آهي. ائين اسين وقت کان اڳيئي انجام جي خوف کان ڇُڙي ڇُڙي مري وينداسين.

آخر تون ائين ڇو نٿو سوچين ته سفر جو انجام شاندار به ٿي سگهي ٿو". سرهينري چيو ۽ گڊ جي منهن جو اڏامي ويل رنگ وري واپس اچي ويو.

"سرهنري! اهو ٻڌي توکي شايد تعجب لڳي ته مان شڪاري هوندي به ٿورو ٿورو بزدل به آهيان. يا هن سفر تي وڃڻ جي خيال کان منهنجي دل لرزيو ٿي وڃي. پوءِ به هن سفر تي وڃڻ لاءِ آماده ڪئين ٿيس؟ مونکي به يقين ڪونه ٿو اچي. شايد قسمت جي لکئي کي ڪير به مٽائي نٿو سگهي. هيءَ منهنجو امتحان آهي. موت جو ڏينهن مقرر آهي ۽ انهيءَ ڏينهن موت اچي ئي ويندو. اگر منهنجي قسمت ۾ اهو ئي لکيل هوندو ته خوني رڻ ۾ اڄ ۽ ٻک ۾ تڙپي تڙپي مران يا غير مهذب ڪافرن جي تيرن سان گهائجي مري وڃان ته ان کي ڪير به روڪي نٿو سگهي. ۽ منهنجي زندگي جا باقي ڏينهن پوئتي بچيل هوندا ته پوءِ انهيءَ پراسرار زمين تان زنده ئي واپس موٽي ايندس.

اوهان سان ساٿ ڏيڻ جو ٻيو سبب اهو به آهي ته مان هڪ غريب واپاري آهيان ۽ اڃا تائين وڏي غربت ۾ گذاري رهيو آهيان ۽ هيريءَ لاءِ ڪجهه وڏيڪ دولت به نه پيو ڇڏيو وڃان. گهٽ ۾ گهٽ اوهان سان وڃڻ ۾ بيشمار خزاني هٿ اچڻ جي اميد ته آهي. توڙي جو اها اميد به ڏنڌلي ئي سهي پر اميد ته وڏي آهي. ٻيو ته سرهنري! اسان هاٿين شڪارين جي عمر وڌ ۾ وڌ چار يا پنج سال ٿيندي آهي. انهيءَ عرصي ۾ ڪونه ڪو حادثو اسان جي زندگيءَ جو خاتمو آڻي ڇڏيندو آهي. ان حساب سان ڏسجي ته جڻ مان ڇئن پنجن پيڙهين تائين زنده رهيو آهيان ۽ هاڻ زندگي جي وڌيڪ اميد به ناهي. ڪنهن ڏينهن ڪو مست هاٿي اچي مونکي پنهنجي پيرن هيٺان چيپاٽي ويندو ۽ مان پنهنجي پٽ کي نڌڻڪو ۽ مفلس ڇڏي هليو ويندس. تنهنڪري ائين سمجهه ته مان هن خطرناڪ سفر تي پنهنجي لاءِ نه پر پنهنجي پٽ هيريءَ لاءِ پيو وڃان"

" مسٽر ڪوارٽرمين! مان توهان جي صاف گوئي کان ڏاڍو متاثر ٿيو آهيان"سرهنري چيو" منهنجي نظر ۾ توهان جو رتبو اڃا به اوچو ٿي ويو آهي. اسين ان سفر تان ڪامياب موٽنداسين يا نه. ان سوال جو جواب اسان مان ڪنهن وٽ به ناهي ۽ ان باري ۾ سوچڻ خوامخواهه پاڻ کي الجهن ۾ مبتلا ڪرڻ ئي آهي. هن وقت صرف اهو خيال ڪيو ته ٻيو ڪجهه نه ته پلا شڪار وغيره مان ته مزو وٺنداسين"۽" سچ ته اهو آهي مسٽر ڪوارٽر مين!

“ گڏ چيو تنهنجي ۽ منهنجي زندگي تہ خطرن سان کيڏندي ئي گذري آهي. هاڻ پوئتي هٽي پاڻ کي بزدليءَ جو ثبوت نہ ڏيڻ گهرجي”.

هنري ۽ گڏ جي ڳالهين مون کي همت تہ ٻڌائي پر پوءِ بہ جوز ڊي سلواٽا ۽ ان جي نالي ڀائي جي انجام کي وساري نہ ٿي سگهيس.

ٻئي ڏينهن خشڪيءَ تي قدم رکندي ئي مان گڏ ۽ هنري کي پنهنجي ذاتي گهر وٺي آيس. گهر ايڏو وڏو تہ ڪونہ هو. بس ٽي ڪمرا ۽ هڪ ننڍڙو مختصر بورچي خانو ۽ اهو بورچي خانو وري ايترو تہ ننڍڙو هو جو ان ۾ هڪ شخص بہ مشڪل سان سمائجي سگهي. گهر جون ڀتيون ڪچين سرن جون ٺهيل هيون ۽ مٿان سيڙهي ٺيل هئين. ڇت لوهي چادر جي. جيڪا گرمين ۾ خوب تپي تڪليف ڏيندي هئي. گهر جي چوڌاري هڪ جهڙو تهڙو باغيچو لڳايل هو. جنهن جي سار سنڀال جيڪ نالي منهنجو هڪڙو پراڻو شڪاري ساٿي ڪندو هو. هڪ دفعي شڪار ڪندي ويچاري کي ران ۾ گولي لڳي وئي هئي ۽ شڪار جي قابل نہ رهيو هو. تنهنڪري مجبورا مالهيءَ جي خدمت سرانجام ڏئي رهيو هو نہ تہ پاڻ سمجهو ٿا تہ آفريڪا جا هيءَ جنگجو ماڻهو سڄو ڏينهن سرتري تي ڪٽيو گهمن تن کي هڪڙي جاءِ تي سڪون سان ويهڻ ڪٿي ٿو وڻي. هڪ تہ گهر ۾ وڌيڪ گنجائش ڪانہ هئي. ٻيو گرميءَ جي موسم. ان ڪري سر هنري جن کي باغيچي ۾ ئي خيمو لڳائي رهايم. منهنجي شرطن مطابق سر هنري منهنجي پٽ لاءِ ساليانہ رقم جو بندوبست ڪري ڇڏيو ۽ مون کي پنج سئو ڊالرن جو چيڪ پڻ ڏئي ڇڏيائين تہ سفر جي تياري شروع ڪري ڇڏيم.

سڀ کان پهريائين تہ پنجويهہ پائونڊ ڏئي بہ ڏاند ۽ هڪ گاڏي خريد ڪيم اها رقم بہ سر هنري ئي ادا ڪئي. هن گاڏيءَ کي آفريڪا ۾ نيم خيمو چوندا آهن. ڇو تہ ان جي پوئين اڌ حصي ۾ خيمي وانگر ڪپڙو ڏنل هوندو آهي. جتي ٻن ماڻهن جي سمهڻ ۽ بندوق رکڻ جو خانو ٺهيل هوندو آهي. اڳيون اڌ حصو وري سامان پرڻ جي ڪم ايندو آهي. هي ويهہ ويهہ فوٽ ڊگهيون گاڏيون آفريڪا جي ناهموار رستن تي وڏي آسانيءَ سان چڱي رفتار ۾ هلائي سگهجن ٿيون. ان طرف ڪان مطمعن ٿي خاص “ زولو” ڏاندن جا ڏهہ جوڙا خريد ڪيم. اهي ڏاند اهڙا آهن جن کي آفريڪا ۾ “ لوڻ پياريل” چيو ويندو آهي. چون ٿا هتي هڪ بيماري ٿيندي آهي، جنهن جو سڏو سنئون اثر ڦڦڙن تي ٿيندو آهي ۽ ٽن چئن ڏينهن ۾ اهي ڏاند مري ويندا آهن. ڏاندن جو انهيءَ بيماري کان بچڻ لاءِ اڳواٽ جيڪو علاج ڪيو ويندو آهي، اهو بہ ڪجهہ عجيب ئي آهي. ڇا ڪندا آهن جو تندرست ڏاند ( جيڪي جڏهن اجان ننڍا گابا هوندا آهن) تہ انهن جو پڇ ڪٽي ڇڏيندا آهن ۽ ان جڳهہ تي هڪ رسيءَ ٽڪر ۾ بيماريءَ ۾ مئل ڏاند جي ڦڦڙ جو ٽڪر لٽڪائي ڇڏيندا آهن. اهو علاج آفريڪا جي ڪافرن جو ايجاد ڪيل آهي. يقين ڪريو تہ انهيءَ علاج سان بيماري جو ڏاند تي ڪو اثر ئي ڪونہ ٿئي. تنهنڪري مون جيڪي بہ جوڙا خريد ڪيا اهي سڀ جا سڀ لنڊا يعني لوڻ پياريل ئي خريد ڪيا هئا. اهي لنڊا ڏاند بہ عجيب بي ڍنگا محسوس ٿيندا آهن، پر پلا جي ڏاند ئي موڪلائي وڃي انهي کان سنو آهي تہ صرف سندس پڇ ئي هليو وڃي، باقي ڏاند تہ بچي.

هاڻ هتي سوال اٿيو پاڻ سان گڏ ڪجھ دوائون کڻڻ جو. مان ۽ سر هنري ته ان حوالي سان ڪورا ڄٽ هئاسين. ها باقي گڊ کي ڊاڪٽريءَ جي انڌي منڊي ساڃاڻ هئي. نيم حڪيم ته ضرور هو پر خطري جان ڪونه هو. جنگ جي زماني ۾ انهيءَ ڪيترن ئي ماڻهن جو ڪامياب علاج ڪيو هو. ۽ ان وٽ هڪ چمڙي جي چڱي موچاري بيگ به هئي. جيڪا جراحيءَ جي اوزارن سان ڀريل هئي. گڊ دوائن جي هڪ چڱي خاصي فهرست ٺاهي . ليڪن اسان جي مجبور ڪرڻ تي هن انهيءَ فهرست ۾ ڪجھ ڪمي ڪئي ۽ اسان انهيءَ فهرست موجب دوائون خريد ڪيون. گڊ جي ڊاڪٽريءَ جو هڪڙو ڪارنامو اسان ڊربن ۾ به ڏٺو هو. جيڪو ٻڌندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ هتي لکان ٿو. ٿيو ائين جو هڪ حبشيءَ جي پير جو آڱوٺو سڙي پيو. تڪليف کان ڪنجهندو هو گڊ وٽ اچي پهتو. گڊ ان جي سڄي جسم جو معائنو ڪري آڱوٺي جي باري ۾ پنهنجي ڄڻتي ظاهر ڪئي ۽ اسان طرف داد طلب نگاهن سان ڏسندي وڏي مهارت سان هن جو آڱوٺو ئي ڪاٽي ڇڏيو. حبشي پنهنجي ٻوليءَ ۾ گڊ جي مهارت تي ڪيس داد ڏيڻ لڳو. ليڪن خدا ڄاڻي هن جي دل ۾ ڪهڙي سوچ آئي جو ويندي ويندي هو وري واپس موٽي پيو ۽ گڊ کي چيائين ته تون آڱوٺو ڪاٽي سگھين ٿو ته نئون لڳائي به سگھين ٿو. تنهنڪري هاڻ مون کي نئون آڱوٺو لڳاءِ. گڊ گهٻرائجي ويو. حبشيءَ کي سمجهائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪيائين پر حبشيءَ ٽس کان مس نه ٿيو. آخر وڏي مشڪل سان مون ۽ هنري گڏجي گڊ جي حبشيءَ کان جان ڇڏائي ته ڇوٽ جو مطلب ته اسان کي گڊ جي ڊاڪٽريءَ جي معلومات تي ڀروسو ڪرڻو پيو.

جڏهن سڀ مرحلا طي ٿي ويا ته اسان روانه ٿيڻ جي تاريخ مقرر ڪئي. وقت پنهنجي رفتار سان گذرندو رهيو. رواني ٿيڻ کان صرف هڪ ڏينهن اڳ جو ذڪر آهي ته اسان ٽئي ڄڻا رات جو ڪاڏو ڪائي باغيچي ۾ ڪوڙ ڪٽي رهيا هئاسين ته ڪيوا اچي اطلاع ڏنو ته هڪڙو ڪافر اسان سان ملڻ ٿو چاهي. اسان ان کي اندر گهرائي ورتو. ٿي لمحي اسان جي آڏو زولو قوم جو هڪڙو وڏندڙ مهانڊي وارو قداور ۽ جاڻو جوان اسان جي سامهون بيٺو هو. آفريڪا جي جي حبشين جي مقابلي ۾ هن جو رنگ ڪليل هو. چپ ايڏا ٿلها نه هئس نه ئي نڪ ايڏو ويڪرو ۽ ٻنو هوس. جو اسان کي نظر ئي نه اچي. هو آيو اسان کي سلام ڪرڻ ڪانسواءِ ئي وڏي بيپرواهيءَ سان هڪ طرف ويهي رهيو. مون جڏهن نگاهه کڻي هُن طرف ڏٺو ته هن جي بارعب چهري تي مون کي غرور ۽ تڪبر جا آثار نظر اچي رهيا هئا.

هو ائين ويٺو هو جو هن جي سامهون اسان جي جڻ ته ڪا حيثيت ئي ڪانه هئي. هن جو چهرو مون کي ڏٺل وائٺل پئي لڳو.

"ڇا نالو آهي توهان جو؟" مون پڇي ورتس.

"امبوپا! منهنجو خيال آهي ته پاڻ ڀهريائين به ڪٿي مليا آهيون:

اها هڪ هيبت ناڪ جنگ زولو قبيلي ۽ انگريزن جي وچ ۾ لڳي هئي.مان بطور هڪ رهبر جي انگريزي فوج سان گڏ هوس. مون کي چڱي طرح ياد آهي ته هڪ ڏينهن هي شخص امبوپا مون وٽ آيو هو ۽ مونکي خبردار ڪيو هئائين ته اڄ زولو اسان جي ڪيمپ تي آڌي رات حملو ڪرڻ وارا آهن. مون

هن جي ڳالهه ٻڌي سمجهيو هو ته اها به ڪا دشمن جي چال هوندي. هن جي وارننگ کي ڏوکو سمجهي کو ڏيان ئي ڪونه ڏنو هوم، ليڪن انهيءَ رات زولوئن اسان جي ڪيمپ کي تباهه برباد ڪري ڇڏيو هو.

"ها! مونکي ياد آيو" مون چيو "امبوپا! هاڻ خبرون ٻڌاءِ، ڪٿين اچڻ ٿيو آهي؟"

"مون ٻڌو آهي ته توهان صحرا طرف وڃڻ جو ارادو رکو ٿا".

"تو ٺيڪ ئي ٻڌو آهي"

"۽ مون اهو به ٻڌو آهي ته انهن پهاڙين جي ٻئي طرف وڃڻ وارا آهيو. منهنجو مطلب آهي ته انهن پهاڙين کان پريان جتي خبر ناهي ڪير ماڻهو آباد آهن. اتي چون ٿا ته ڪا دولت به دفن آهي".

"اسان ڪيڏهان به وڃون، ان سان تنهنجو ڪهڙو واسطو؟ ڪو خفيه پوليس جو ڇاڙتو آهين ڇا؟ جو اسان کان اجائي سجائي پڇا ڳاڇا ڪري رهيو آهين"مون پريشانيءَ مان چيومانس. مان حيران هوس ته هن ماڻهو کي اسان جي ارادي جي خبر ڪٿين پئي! حالانڪ اسان جي هن سفر جي خبر ڪنهن کي به ڪانه هئي".

"بيزار نه ٿيو صاحب! مان به توهان سان گڏ هلڻ ٿو چاهيان".

هن جو حاڪمانه انداز مون کي بريءَ طرح کٽڪي رهيو هو. جنهنڪري مون ڪاوڙجي چيو مانس ته "امبوپا! پهريائين ڳالهائڻ جي تميز سک. تون هينئر ئي اسان تي حڪم پيو هلائين. اها اسان جي مرضي آهي ته اسين توکي پاڻ سان گڏ وٺي وڃون يا نه وٺي وڃون. ها! پهرئين پنهنجي سهي سڃاڻپ ته ڪراءِ ته ڪير آهين؟ نالو ڇا اٿئي؟ ڪهڙي قبيلي سان واسطو اٿئي؟ اسان کي به خبر پئي ته تو جهڙو بدتيز ماڻهو اسان سان هلڻ جي لائق آهي به يا نه؟"

"توهان ڏاڍا سخت ۽ اٽوٽندڙ لفظ استعمال ڪري رهيا آهيو پر خير ٻڌو نالو ته مان توهان کي پهرئين ئي ٻڌائي چڪو آهيان. باقي رهيو سوال ته ڪير آهيان، سو به وقت اچڻ تي ٻڌائي ڇڏيندس. جو اڃان ان جي ٻڌائڻ جو وقت نه آيو آهي. بس ائين سمجهو ته هڪ غير مهذب وحشي آهيان، اڪيلو آهيان، منهنجو ڪوئي قبيلو ڪونهي، ممڪن آهي ته منهنجو وطن اهو هجي جتي توهان وڃي رهيا آهيو. بهادر آهيان جنگيون وڙهيون اٿم، آفريڪا جي گهاٽن جهنگن ۾ آواره گردي ڪئي اٿم، ننڍڙي هوندي کان هتي ناتال ۾ رهيو آهيان، ان ڪري توهان ماڻهن جي تهذيب کان به ٿورو ڪي گهڻو واقف آهيان، توهان ماڻهو شايد دولت جي تلاش ۾ پيا وڃو ليڪن منهنجي اهڙي ڪا به خواهش ناهي، نه ئي توهان لاءِ منهنجي دل ۾ ڪو فتور پريل آهي، اڃان پيو به ڪجهه پڇڻ چاهيو ٿا توهان؟". امبوپا بهادرن وانگر ڳالهائيندي چيو.

انهن ڳالهين سان مون کي يقين ٿي ويو ته هو سچ چئي رهيو آهي، ليڪن هن جي لهجي مون کي ڳٽتين ۾ وجهي ڇڏيو هن جو رعب منهنجي دل تي طاري ٿيندو ويو ڪجهه به سمجهه ۾ نه پئي آيو ته مان اسان جي ڳالهين جو انگريزي ترجمون ڪري هنري ۽ گڊ کان راءِ وٺان يا نه.

هنري امبوپا کي اٿڻ لاءِ چيو. هو وڏي بيپرواهيءَ سان اٿيو ۽ پنهنجو ڪوٽ لاهي ڇڏيائين ( مان اهو ٻڌائڻ ڀلجي ويس ته هو هڪڙو پراڻو ڪوٽ پائي آيو هو) هن جي جسم تي هر جاءِ زخمن جا نشان هن جي بهادريءَ جو دليل هئا.

"واهه ! امبوپا ۽ هنري جي جوڙي واهه جو رهندي" گڏ امبوپا جي ڇهه فوٽ تي انچ قد کي ڏسندي چيو.

"مسٽر ڪوارٽرمين! امبوپا کي چئي ڇڏ ته اسين توکي پاڻ سان گڏ وٺي هلنداسين:

هنري چيو.

مان امبوپا سان گڏ هلڻ کان ڪترائي رهيو هوس، ليڪن هنري جي فيصلي سامهون سر جهڪائڻو پيو.

"وڏي مهرباني صاحب" ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هن سفر ۾ مان توهان سان هڪ ملازم جي حيثيت ۾ هلندس ۽ توهان منهنجا آقا هوندئو پر ايترو سو ياد رکجو ته انهيءَ اوچ نيچ جي باوجود به پاڻ سڀ انسان ئي آهيون. جيڪڏهن توهان جو رنگ گورو ۽ منهنجو ڪارو آهي ته پوءِ ڇا هي؟ آهيون ته انسان ئي نه " امبوپا جي ڳالهين مون کي ڇرڪائي وڌو. مان حيران هوس ته هي ڪير آهي جيڪو ڪنهن جي عزت ڪرڻ ڄاڻي ئي نٿو. هن جي باري ۾ ابتا سبتا خيال منهنجي دل ۾ چڪر ڪائڻ لڳا ۽ هن جي پراسرار شخصيت مون لاءِ هڪ ناقابل حل ڳجهارت بڻجي وئي.

# هاٿي جو شڪار

جنوريءَ جي آخري هفتي ۾ اسان ڊربن کي الوداع ڪيو. ۽ مئي جي آخري تاريخن ۾ اسٽانڊاز ڪرال پهتاسين. ڊربن کان هيسٽائين جو سفر اسان کي گهٽي پاڳي پيادل ئي ڪرڻو پيو. رستو صاف ۽ هنڌان هنڌان ٽٽل ڦٽل هو ۽ جهنگل ۾ ڇيلاٽن جهڙين مکين جا وڏا وڏا مانارا ڇپي ڇپي تي وڻن جي لامن ۾ لڙڪي رهيا هئا. اهي ڇيلاٽن جهڙيون مکيون ايڏيون ته زهريليون هيون جو جنهن به جانور کي ڏنگين سو موقعي تي ئي مريو وڃي. اسٽانڊاز ڪرال کان روانه ٿي وڃي متيابلي ترسياسين. هيسٽائين پهچندي پهچندي اسان جي ڏاندن جو تعداد باقي وڃي ٻارنهن بچيو. رستي ۾ هڪ ڏاند کي نانگ ڏنگي وڌو. ٽي پاڻيءَ جي اٽاٽ جي ڪري مري ويا. ٽي زهريلي گاهه جي ڪري پورا ٿي ويا ۽ پنج ٻيا بيمار ٿي پيا. پر انهن کي وڏين ڪوشش سان بچائي ورتوسين. متيابلي کان اسان جي خطرناڪ سفر جي شروعات ٿي. اڳيان گهاٽو جهنگل شروع ٿي ويو ۽ گاڏي اڳتي هلي نٿي سگهي. تنهنڪري گوزا ۽ ٿوم کي ڏاندن ۽ گاڏيءَ سميت اتي ڇڏيوسين. باقي وينٽا، کيوا ۽ امبوپا اسان سان گڏ ئي رهيا. مون کي چڱي طرح ياد آهي ته جڏهن اسان جو هي ننڍڙو قافلو روانو ٿيو هو ته هر شخص خاموش هو. دلين تي نامعلوم خوف طاري هو ۽ مونکي يقين آهي ته هر شخص دل ئي دل ۾ پنهنجي ڪيل گناهن کان توبهه ڪري رهيو هو. منهنجي دل بري طرح ڌڙڪي رهي هئي ۽ هر پير مڻ مڻ جو وزني محسوس ٿي رهيو هو ۽ پوئتي مڙي مڙي وڏي حسرت سان متيابليءَ جي بستيءَ کي ڏسي رهيا هئاسين جو لڳو ٿي ته شايد وري ٻيو دفعو اتي اچڻ يا نصيب.

موقعي جي نزاڪت کي ڏسندي امبوپا پنهنجي پيار ڀرئي آواز ۾ ڪوئي گيت ڳائڻ لڳو.

هن جي آواز خاموش فضا ۾ جڻ ته جان وجهي ڇڏي ۽ اسان پنهنجي سوچن ۽ ڳڻتين مان نڪري هن جو گيت وڏي ڌيان ۽ شوق سان ٻڌڻ لڳاسين. آهستي آهستي! اسانجي دلين مان خوف ۽ حراس جا بادل متجڻ ۽ تحليل ٿيڻ لڳا. امبوپا جڏهن پنهنجو گيت ختم ڪيو ته اسان جون وقتي گونگيون ٻڌيل زبانون هڪ دفعو ٻيهر کلڻ لڳيون ۽ امبوپا جي ساٿ کي اسين نيڪ سوڻ سمجهڻ لڳاسين.

رستي ۾ هڪ ٻي بستي انياتي آئي ۽ ان کانپوءِ گهاٽي جهنگل جو سلسلو شروع ٿي ويو. پهريائين ته ننڍين ننڍين وڻن ۽ ٻوٽن جي هڙين جو سلسلو هليو. پر جئين جئين اڳتي وڌندا رهياسين تئين تئين جهنگل گهاٽو ۽ اونداهو ٿيندو ٿي ويو. ڪنهن رستي يا پيچري جي ڪا خبر ئي نٿي پئي. بس سج اڀرڻ ۽ لهڻ سان طرفن جو پتو لڳائي وڌندا رهياسين. مگر جڏهن اجان به اڳتي وڌياسين ته جهنگل جئين پوءِ تئين وڌيڪ گهاٽو ۽ اونداهو ٿيندو ويو. وڻن جا ڏار پاڻ ۾ ايتري قدر ته مليل هئا جو سج جو ڪو اتفاقي ڪرڻو ئي اسان تائين پهچي ٿي سگهيو. چئن ئي طرفن کان عجيب غريب جانورن جا آواز اچي رهيا هئا. وک وک تي وڏا نانگ اسان جي پيرن سان ٽڪرائجي پاڻيءَ جي ريلي وانگر نڪري ٿي ويا. وڏا وڻ وٽڪار جا، جت نانگ سجهن نيلا واري ڪار هئي. هتي طرفن جو پتو لڳائڻ به ناممڪن ٿي پيو. مگر مان ۽ مون کان وڌيڪ کيوا، وينٽا ۽ امبوپا جهنگل جي پنڌن ۽ پيچرن جا ڄاڻو هئا. ان ڪري هڪ ٻئي سان مشورو ڪندي، نڪ جي

سڏائي سان اڳتي وڌندا رهاسين. پندرهن ڏينهن کانپوءِ هڪ اهڙي جڳهه تي پهتاسين جتي گهاٽن وڻن جو سلسلو ختم ٿي ويو هو. ۽ وچ ۾ سائو ڇهڇ ميدان اچي ويو هو جنهن جي چوطرف اهڙو گهاٽو ٻيلو هو جو جيڪڏهن ڪو وڏو لشڪر به انهن جي پويان لڪل هجي ته هوند خبر ئي نه پوي.

اسان ڏاڍا ٿڪجي پيا هئاسين ۽ اڳتي وڌڻ به ڏکيو پئي لڳو. پر هن جاءِ تي ترسڻ به خطري کان خالي نه هو. هڪ ته گهاٽين هڙين جي ڪري خونخوار جانورن جو ڊپ سر تي سوار هو. ٻيو ته اٿليل پٿليل هڙيون ۽ اکڙيل وڻ ٻڌائي رهيا هئا ته هاٿين جو وڏو ڪو ولر هتي ڪٿي آس پاس موجود آهي. جان سيني کي پياري هوندي آهي تنهنڪري ٿڪاوٽ باوجود به اڳتي وڌندا رهيا هئاسين. شام ٿيڻ واري هئي جو اسين هڪ سربسز ميدان ۾ پهتاسين. هيءَ جڳهه ترسڻ لاءِ مناسب هئي. سڄي ميدان ۾ سائو سائو گاهه واءَ تي جهڙ ته ڇوليون هڻي رهيو هو. هڪ طرف ننڍوڪو دڙو هو. ان دڙي جي ڪاٻي پاسي صاف ۽ شفاف پاڻي جي ندي وهي رهي هئي ۽ نديءَ جي پرئين پاسي نگاهه جي آخري حد تائين کليل ميدان ئي ميدان هو. دڙي جي پاسي ۾ ڪجهه دير ساهي پٽڻ کانپوءِ نديءَ ۾ هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ لٿاسين. ٿڌيءَ ۽ صاف پاڻي جي ڪري اسان جو سارو ٿڪ پگهر جي پيرن جي ذريعي نديءَ ۾ جذب ٿيندو رهيو. اڃان چڱي طرح هٿ منهن ئي نه ڌوتو هوسين جو اوچتو هڪدم جڻ ڪو ڀونچال اچي ويو. زمين ڌٻڻ لڳي ۽ ميدان مان ڌوڙ جو هڪ شاهي ڪڪر نظر اچڻ لڳو.

"ڏسو! ڏسو! هو ڇا هي؟ يقينن اهو واءُ يا واچوڙو به ڪونه اٿو". مون ڇيو سيني جون نگاهون انهيءَ ڌوڙ جي غباري تي ڄمي ويون. جيڪو آهستي آهستي ويجهو پوندو ويو ۽ ان جي پويان آواز به ايندا رهيا, ڄڻ ته ڪيترائي گهوڙا ڊوڙي رهيا هجن. اسين سڪتي جي عالم ۾ بينا سڀ ڪجهه ڏسي رهيا هئاسين. اهو آهستي آهستي ويجهو پوندو ٿي ويو. ۽ انهيءَ ڌوڙ جي غباري جو راز به کلڻ لڳو ۽ اسان جا حواس بحال ٿي ويا. زرافن جو هڪ وڏو قافلو ڪنهن خطري کان ڊڄي بيساخته اسان ڏانهن ڀڄندو ٿي آيو.

"مري وياسين يارو! ٿوري دير کانپوءِ اسان جا ڇچريل لاش اتي ئي ٽڙيا پکڙيا پيا هوندا". مون ڳڻتي ظاهر ڪندي پٽڪيو. گڊ اڳيان بيٺو هو. جنهن ڪجهه دير سوچيو ۽ پوءِ بندوق ڪڍي "ڊز" هڪڙو فائر وهائي ڪڍيو. سيني جي اڳيان ايندڙ زراف ٻيٽو ٽيٽو ٿي اچي زمين تي ڦهڪو ڪيو. "ڊز..... ڊز" گڊ به ٻيا فائر به ڇوڙي ڇڏيا. ۽ زرافن جو قافلو گهبرائجي ساڄي پاسي مڙي ڀڄي ويو.

"او... واڳون... واڳون" ڪافرن دانهون ڪيون. ( هو گڊ کي واڳون ئي سڏيندا هئا. جنهن جو مطلب هو شيشي جي اک وارو. ۽ اهو خطاب هن کي هڪ چشمي عينڪ جي ڪري مليو هو). دڙي جي پاڙ ۾ اسان پنهنجا خيما کوڙيا. سج لهي چڪو هو ۽ هر طرف گهري اونداهي ڇانئجي رهي هئي. نديءَ جو پاڻي انهيءَ اونداهيءَ ۾ شور سان وهي رهيو هو ۽ هوا ٿارين ۾ وچڙي سيٽيون وڄائي رهي هئي. ڪجهه دير بعد چنڊ اڀريو ليڪن ان جي چانڊوڪي هن جهنگل جي فضا کي اڃان به وڌيڪ ڀيانڪ بڻائي رهي هئي. پريان کان جهوليندڙ جهومندڙ وڻن جون ٽاريون ۽ چوٽيون ائين لڳي رهيون هيون, جن کي ڏائڻيون ڄڃا ڇوڙي رقص ڪري رهيون هجن. ڪيڏي ڪيڏي مهل ڪنهن درندي جو آواز خاموشيءَ جي چادر ۾ گهاريون

وجهي رهيو هو. اسين سيئي باهہ جي چوڌاري پائيپ پي رهيا هئاسين. باهہ جي ڳاڙهي روشني هنري جي چهري تي پئجي رهي هئي. ان روشنيءَ مان محسوس ٿي رهيو هو تہ هُو جڻ الف ليليٰ جي ڪتاب جي صفحن مان هاڻ هاڻ نڪري آيو آهي. ان سان گڏ گڏ وينو هو جيڪو پڻ بونو لڳي رهيو هو. اسان ڪان ٿورا وٿيرڪا اسان جا ملازم تماڪ پي رهيا هئا ۽ انهن جا ڪارا جسم باهہ جي روشنيءَ ۾ چمڪي رهيا هئا ۽ سيني ڪان الڳ ٿلهڳ وينل امبوپا ڪنهن ڳوڙهي خيال ۾ گم هو. اوچتو ڪابي طرف هڙين پويان دل ڏڪائيندڙ گونج ٻڌڻ ۾ آئي، ڪافر ملازم گهرائجي اٿي بيٺا ۽ گڏ جو هٿ خودبخود پنهنجي بندوق تي وڃي پيو.

“اهو شينهن آهي” مون ٻڌايو مان “پر گهبرايو نہ، اهو اسان طرف نہ ايندو. شايد هو پنهنجي غار طرف واپس موٽي رهيو آهي.” اڃان اسان شينهن جي باري ۾ ڊاڙو نڪاءَ ڪري رهيا هئاسين جو هاٿين جي چينگهاڙ سان جهنگل گونججي اٿيو. نديءَ جي ڪناري هاٿين جو وڏو ولر نظر آيو جيڪو چانڊوڪي ۾ چرندڙ پرندڙ جابلو ٽڪرين وانگر لڳي رهيو هو. هاٿي سامهون وٽن طرف وڃي رهيا هئا.

“هاٿي....هاٿي” اسان جي ملازم دانهن ڪئي.

گڏ پنهنجي بندوق سنڀالي ۽ وڏيءَ بهادري سان اٿيو. هن جو خيال هو تہ هاٿي کي مارڻ بہ ايڏو ئي آسان آهي جيڏو زراف کي مارڻ. مون گهبرائجي گڏ جو هٿ وڃي پڪڙيو “ خدا کي مڃ گڏ! انهن کي نپ نہ چيڙ. هو جيڏهان بہ وڃن پيا، وڃن ڏين. تنهنجي بيوقوفيءَ سان جيڪڏهن واپس موٽيا تہ پوءِ پنهنجو خير ناهي، هاٿي مارڻ ڪا ٻاراڻي راند ناهي”. مون زبردستيءَ گڏ کي ويهاري ڇڏيو.

“لڳي ائين ٿو تہ هي” جهنگل شڪارين لاءِ جڻ جنت آهي”. هنري چيو “ منهنجو خيال آهي تہ هڪ بہ ڏينهن هت ئي ترسي پئون”. هنري جي ڳالهہ ٻڌي مون کي تعجب لڳو. انياتي ۾ جڏهن هن کي خبر پئي تہ نيول نالي هڪ انگريز پنهنجا ڏاند وڪڻي اڳتي هليو ويو هو تہ هن اسان کي ساهہ کڻڻ بہ نٿي ڏنو. اسان جي ٿڪاوٽ جي خيال ڪرڻ ڪانسواءِ ئي اڳتي وڌندو ٿي رهيو ۽ هاڻ هتي ترسڻ جي صلاح پيو ڏيئي. گڏ تہ خوشيءَ ۾ ڪپڙن ۾ ئي نہ پئي ماپيو. هن کي هاٿين جي شڪار جو وڏو شوق هو. منهنجي بہ اها ئي خواهش هئي تہ هتي هاٿين جو شڪار ڪجي. هاٿين جو هيڏو وڏو ولر منهنجي اکين آڏو گذري وڃي ۽ مان شڪار نہ ڪريان، اهو تہ پنهنجي عادت جي ئي خلاف هو.

“ چڱو دوستو! منهنجو خيال آهي تہ هاڻ ڪجهہ آرام ڪجي” مون اٿندي چيو. “ڇو تہ اسان کي صبح سوير اٿڻو آهي. ۽ مون کي پڪ آهي تہ صبح تائين هاٿي ايترو پري تائين ڪونہ پهچي سگهندا”.

اسين خيمي ۾ اچي وياسين، گڏ وڏي احتياط سان پنهنجي هڪ چشمي عينڪ ۽ مصنوعي ڏندن جي ٻٽهيءَ کي وڏي مهارت سان ڪوٽ ۾ رکي. ڪوٽ ويڙهي وهاڻي هيٺ رکي ڇڏيو. بوٽ کي دير تائين صاف ڪندو رهيو. هڪ دفعو وري بہ پنهنجي سيني شين جو جائزو ورتائين ۽ پوءِ وڏي اطمينان سان پنهنجي بستري تي ليٽي پيو. ليڪن فورا ٽپ ڏئي اٿيو” هي،،، هي ،،، ڇا جو آواز آهي؟” ان پڇي ورتو. اسين غور سان ٻڌڻ لڳاسين. “ چيڙ،،،چيڙ جو آواز اچي رهيو هو. ٻئي لمحي هڪ خوفناڪ گرج اسان جي ڪنن جا

پردا ٽي ڦاڙيا. اهو شينهن جو آواز هو. جيڪو ايترو ته ويجهو لڳي رهيو هو جو ڄڻ ته اسان جي خيمي جي در تي بيٺو هجي. اسان تڙتڪڙ ۾ پنهنجون بندوقون سنڀاليون ۽ خيمي کان ٻاهر نڪري آياسين. اسان کان ڪجهه ئي فاصلي تي ٻه پاڇا هڪٻئي سان چوٽون کائي رهيا هئا. اوچتو ٻئي پاڇا زمين تي پئجي اسان جي طرف رڙهڻ لڳا. اسان بندوقون اڀيون ڪيون. پاڇا وري اٿيا. هڪ خوفناڪ گرج کان جهنگل گونجي اٿيو. پکي پر ڦڙڪائي پنهنجن آکيرن مان اٿي فضا ۾ ڦيريون پائڻ لڳا. پاڇا وري پاڻ ۾ ڳنڍجي ويا. ۽ پوءِ ٺوڪر کائي زمين تي سانت ٿي ڪري پيا. اسان بندوقون لوڊ ڪري پاڇن جو پاڻ ڏانهن اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. پر ڪافي دير گذرڻ تائين به اهي نه اٿيا ته اسين ڊڄندا ڊڄندا وڏي احتياط سان پير پير ۾ ڏيندا انهن طرف وڌڻ لڳاسين. اتي پهچي ڇا ڏسون ته هڪڙو جهنگلي پاڏو ۽ ان جي نوڪدار سڱن وٽ هڪڙو شينهن پيو آهي. ۽ ٻئي مئا پيا آهن. فوراً ئي معاملو منهنجي سمجهه ۾ اچي ويو. پاڏو نديءَ ۾ پاڻي پي رهيو هو جو شينهن پويان اچي ان تي حملو ڪيو هو. جمپ هڻندي شينهن ڪجهه اڳتي اچي هن جي سڱن ۾ ڦاٿو هو. آزاديءَ جي ڪوشش ۾ شينهن چنباهٽي پاڏي جي پنيءَ جا ٽڪرا اُڏايا هئا. تڪليف کان بيچين ٿي پاڏي پنهنجن سڱن ۾ ڦاٿل شينهن کي زمين سان رڳڙيو هو ۽ ٻئي مئا پيا هئا. اسان پنهنجن ڪافر ملازمن کي شينهن ۽ پاڏي جون کلون لاهڻ تي لڳائي خيمي ۾ اچي پنهنجن بسترن تي ڪرياسين ته صبح تائين گهري ننڊ ۾ ستل هئاسين.

پرهه ڦٽندي ئي جهنگلي پکين ۽ خونخوار جانورن جي گڏيل آواز سان جهنگل گونججي اٿيو ته منهنجي اک به کلي وئي، پر گڊ ۽ هنري اڃا تائين به کونگهرا هڻي رهيا هئا. مون خيمي جي دروازي مان جهاتي پائي ٻاهر ڏٺو سج اڃان ڪونه اڀريو هو مگر هلڪو هلڪو سوجهرو پکڙيل چانڊوڪيءَ وانگر چوطرف پکڙجي رهيو هو. نديءَ تي ڪجهه هرڻ وڏي اطمينان سان پاڻي پي رهيا هئا ۽ ائين پئي لڳو ته ڄڻ ته اهي زمين ۾ ڄمي ويا آهن. پکين جو هڪڙو ولر ڪنهن طرف کان اچي نديءَ مٿان اڏرندي گول گول چڪر ڪاٽڻ لڳو. هرڻن انهن پکيئڙن جي ڦڙڦڙاهٽ کان ڇرڪي چوطرف ڏٺو ۽ پوءِ ٽپڪيون ڏيندا هڪ طرف هليا ويا. ايتري ۾ هنري ۽ گڊ به اٿيا هٿ منهن ڌوئي ناشتو ڪيوسين. ٽي ايڪسپريس بندوقون، ڪارتوس ۽ هڪ ٿرماس ٿڌي چانهه سان ڀري، ( جيڪا شڪار وقت پاڻيءَ بدران وڌو ڪم ڏيندي آهي) سيئي تياريون مڪمل ڪري امبوپا، کيوا ۽ وينٽا کي پاڻ سا گڏ ڪٺي، باقي ملازمن کي ضروري هدايتون ڏئي، اتان هاٿين جي تلاش ۾ نڪري پياسين. هاٿين کي ڳولهڻ ڪو ايترو ڏکيو ڪم به ڪونهي، اهو جانور جيڏهان به منهن ڪندو آهي ٻوٽن کي لتاڙيندو، وڻن کي ڪيرائيندو، جهنگ مان پنهنجي جاءِ ٺاهيندو ويندو آهي. انهن نشانن سهاري اسين به انهن جي پنيان پياسين.

وينٽا جو اندازو هو ته جنهن ولر جي پنيان اسين پيا هئاسين، هاٿين جي ان ولر ۾ ويهن کان ٽيهه هاٿي هوندا ۽ انهن ۾ ڪجهه وڏا جڳادري هاٿي به آهن. صبح جي نائين وڳي ئي آفريڪا جي مشهور ۽ روايتي گرميءَ پنهنجا رنگ ڏيکارڻ شروع ڪري ڇڏياهئا. جئين جئين اسان اڳتي وڌي رهيا هئاسين. تئين تئين لتاڙيل ۽ ڪيرايل وڻن جي تعداد ۾ اضافو ٿيندو پئي ويو. ڪجهه دير هلڻ ڪانپوءِ ماٿهوءَ جي

قد جيڏن وڻن ۾ وڃي پياسين. جيئن ئي انهن جي ٽارين کي هٽايوسين ته سامهون هاٿين جو چڱو موچارو ولر اسان کي نظر آيو. وينتا جي اندازي مطابق ان ولر ۾ واقع ٻه ٽيهن جي لڳ ڀڳ هاٿي هئا. جيڪي صبح جي ناشتي کان فارغ ٿي مزي مزي سان پنهجن ڪنن جي پنکن سان واءُ هٽي رهيا هئا. هوا جو رخ جانچڻ لاءِ مون ٿورو سڪل گاهه ڪٽي فضا ۾ اڇلائي ڇڏيو خدا جو شڪر آهي جو هوا جو رخ اسان طرف هئو. نه ته هوا جو رخ هاٿين طرف هجي ها ته اهي اسان جي بوءِ سنگهي دنيا جي آخري ڇيڙي تائين به اسان جو پيڇو نه ڇڏين ها. تنهنڪري اسان کي اطمينان ٿيو ته هاٿي اسان جي اچڻ کان بيخبر آهن. اسان کان ٿوري ئي فاصلي تي ٽي جگادري هاٿي پاڻ ۾ ائين مليو بيٺا هئا ڄڻ ته هڪٻئي سان ڪائي راز جي ڳالهه ڪندا هجن.

"هوڏانهن ڏس! وچ ۾ هو جيڪو ٿلهو ۽ وزني هاٿي بيٺو آهي، اهو منهنجو شڪار آهي" ، مون هنري کي ڪن ۾ سرٻاٽ ڪندي چيو. هنري کاٻي پاسي وارو هاٿي پسند ڪيو ۽ گڊ جي حصي ۾ ساڄي پاسي وارو هاٿي آيو.

"هوشيار! مون چيو ۽ اسان ٽنهي جي بندوقن جون ناليون پنهنجي پنهنجي هاٿي طرف هيون. " هاڻ نشانو ذرا نيڪ وٺجو جيڪڏهن ڪنهن جو نشانو سهي نه لڳو ۽ خطا ٿي ويو ته پوءِ ڪٿي به پناهه ملي نه سگهنديو. بس ايترو سو ياد رکجو".

"تون پرواهه ئي نه ڪر يار! منهنجو نشانو ڪڏهن به خطا نه ٿيندو آهي". گڊ چيو

"اڇا، ته پوءِ تيار ـ هڪ ....ٻه ...ٽي"

هڪٻئي وقت ٽئي بندوقون گرجيون. سر هنري وارو هاٿي خوفناڪ چينگهاڙ سان وڏي ٽڪريءَ وانگر زمين تي وڇائجي ويو. مون وارو هاٿي پنهنجن اڳين پيرن تي ويهي رهيو. مون سمجهيو ته مري رهيو آهي. ليڪن ٻئي لمحي اهو اٿيو ۽ سڌو مون طرف لُوهه ڪيائين. ايڏي پهاڙ کي پاڻ طرف ڊوڪيندو ڏسي منهنجا ته حوصلا ئي خطا ٿي ويا. مان حيران هوس ته اڄ منهنجو نشانو خطا ڪئين ٿيو! هاٿي رڙهندو منهنجي ويجهو اچي پيو ۽ جيڪڏهن مان بل ڪائي پاڻ کي ٻئي طرف نه اڇليان ها ته هو منهنجي هڏين پاسرين کي سرمون ڪري ڇڏي ها. هاٿي پنهنجي تيزيءَ سان ٿورو اڳتي وڌيو ته "ٺز" مون ٻيو فائر وهائي ڪڍيو مانس، گولي سڌي هن جي پاسرين ۾ وڃي لڳي. هو سنجي وڃي ڪريو ۽ اونڌو ٿي ٽنگون هوا ۾ هلائڻ لڳو.

مان اڳتي وڌيس ۽ منهنجي هڪ ٻي گولي هن جي کوپڙيءَ ۾ "ٺز" ٿي وئي جيڪا هن لاءِ موت جو پيغام ثابت ٿي. هاڻ مون کي ڳڻتيءَ اچي ورايو ته گڊ جي هاٿيءَ جو الائي ڇاٿيو. جنهن جون چينگهاڙون مون ٻڌيون ضرور هيون. مان اتي پهتس ته گڊ کي پريشانيءَ جي عالم ۾ ڏٺم. هن ٻڌايو ته هاٿي زخمي ٿي انڌاڌند اسان جي ڪيمپ ڏانهن ڀڳو آهي. ايتري ۾ ٻيا هاٿي خطري کي محسوس ڪندي مخالف سمت ڏانهن ڀڄندا پئي ويا. ان وقت اسان عجيب پريشانيءَ واري عالم ۾ بيٺا هئاسين، ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي ته زخمي هاٿيءَ جو پيڇو ڪريون يا ولر جي پٺيان لڳون. گڊ جو خيال هو ته زخمي هاٿيءَ جو

پيڇو ڪرڻ گهرجي، پر مون چيو تہ ايترن سارن هاٿين کي ڇڏي هڪڙي هاٿيءَ پويان وڃڻ بيوقوفي آهي. ڪافي سوچ ويچار ڪانپوءِ نيٺ سڀ منهنجي راءِ سان متفق ٿيا ۽ اسين ولر هاٿين جي ڳولا ۾ نڪري پياسين.

هڪ زخمي هاٿي جي ڳٽتي هئي، بيو سخت گرميءَ پريشان ڪري وڌو هو. پگهر ۾ پاٽي ٿي ويا هئاسين، پگهر جي ڪري ڪپڙا جسم سان چهٽي پيا هئا. چهرا ڏوڙ لڳا پيا هئا ۽ گلي ۾ اڃ جڻ تہ ڪنڊا ٻڻجي چڀي رهي هئي. ٿورو ئي اڳتي وياسين جو پڳل هاٿين جي ولر تي اسان جي نظر پئي، اهي سڀ جا سڀ پنهنجون سونڊيون مٿي ڪري اسان جي بوءِ سنگهي رهيا هئا. اسان کان ڪوئي پنجاهہ گز جي مفاصلي تي هڪ ٿلهو ٽنيرو هاٿي پنهنجي سونڊ مٿي ڪيو بيٺو هو. اسين جتي هئاسين اتي ئي بيهي وياسين.

“هنري! هن فعي اسين ٽئي هن ئي هاٿيءَ کي نشانو بڻائيندا سين”. مون چيو “اگر اسين اڳتي وڌياسين ۽ هنن اسان کي ڏسي ورتو يا اسان جي بوءِ سنگهي ورتي تہ سارو ولر اسان جي پويان پوندو. لڳي ٿو تہ هيءَ هاٿي سڄي ولر جو سردار آهي”. تنهنڪري ٽنهي بندوقن جون ناليون هڪ ئي نشاني طرف سڌيون ٿيون. اسان ٽنهي وڏيءَ هوشياريءَ سان پنهنجو پنهنجو نشانو ورتو. ٽئي گوليون ان ئي هاٿيءَ طرف هليون. هاٿي موقعي تي ئي ڍير ٿي ويو. هاٿين جو پورو لشڪر پنتي پڳو. ٿورو اڳيان هڪ وڏو مگر سڪل نالو هئو. پورو ولر ان نالي ۾ وڃي لٿو. اسين پڇي وڃي انهيءَ نالي جي ڪناري تي پهتاسين ۽ انڌاڌنڌ گوليون هلائڻ لڳاسين، پنج ٻيا بہ هاٿي ڍير ٿي ويا. هاٿين جون چينگهاڙون سڄي فضا ۾ گونجي رهيون هيون ۽ هوءِ نالي جي ٻئي طرف پڇي ڪناري تي چڙهي بيتحاشا پڄڻ لڳا. انهن جو پيڇو ڪرڻ جي هاڻ اسان ۾ طاقت نہ رهي هئي ۽ هونئن بہ هڪ ئي ڏينهن ۾ اٺ هاٿي مارڻ ڪا معمولي ڳالهہ نہ هئي. اتي ئي گهاٽي وڻ جي ڇانوءَ ۾ ساهہ کڻڻ ويهي رهياسين. ڪيوا ۽ وينتا هاٿين جون دليون ڪڍڻ لڳا. ڪجهہ دير ترسڻ بعد اسين واپس موٽي آياسين. ۽ پنهنجي ڪافر ملازمن کي هاٿين جا ڏند ڪڍڻ لاءِ موڪلي ڇڏيوسين.

جڏهن اسان ان جڳهہ تي پهتاسين جتي گڊ هاٿيءَ کي زخمي ڪيو هو تہ روجهن جو هڪڙو ولر ڊوڙندو اسان جي ويجهو ٿي گذريو ۽ جهنڊ ۾ اچي گاهہ چرڻ لڳو. گڊ روجهن کي ڪڏهن بہ ويجهڙائيءَ کان نہ ڏٺو هو سو بندوق کڻي، ڪيوا کي ساڻ کڻي جهاڙين طرف روانو ٿي ويو. اسين هڪڙِ پٿر تي ويهي رهياسين.

ڳاڙهي گيندي جهڙو سج وڻن پنيان لهي رهيو هو. سونهري اُس منجي وڻن جي چوٽين تائين وڃي پهتي هئي. سڄو ڏينهن ساڙيندڙ هوا هن وقت ڪجهہ نرڻ لڳي هئي. مان ۽ هنري ان نظاري جي تعريف ڪري رهيا هئاسين جو اوچتو هڪ هاٿي جي چنگهاڙ ٻڌڻ ۾ آئي، اسان چرڪي ڏٺو جهاڙين جي پويان هڪ هاٿي پنهنجي سونڊ کڻيو اسان طرف پڳو آيو ٻئي گهڙيءَ اسان جون نگاهون گڊ ۽ ڪيوا تي وڃي پيون. جيڪي انهيءَ مست هاٿيءَ جي اڳيان اڳيان پوري قوت سان پڇي رهيا هئا ۽ هاٿي بہ اهو ئي هو جنهن کي گڊ گولي هڻي زخمي ڪيو هو. مان ۽ هنري ذهن ناهي ورتو پر گولي هلائڻ بيڪار هئي. چو تہ گولي هاٿي تائين پهچي نٿي سگهي ۽ ڊپ اهو هو تہ متان ڪٿي اها گولي گڊ يا ڪيوا کي نہ لڳي وڃي،

جيڪي اسان طرف پڄندا ٿي آيا. مان ۽ هنري مايوسي مان هڪٻئي جو منهن تڪيندا ئي رهجي وياسين. گڏ کي پنهنجي عادت مطابق پتلون پاتل هئي. انڌڌنڌ ڀڄڻ ۾ گڏ جو پير پتلون ۾ وچڙي پيو ۽ ٿاٻو کائي پنهنجو پاڻ کي سنڀاليندي سندس ڀيو پير سڪي گاهه ۾ وچڙي ويو. ۽ هو اسان کي ست گز کن فاصلي تي چتي ٿيل هاٿي جي اڳيان اونڌي منهن وڃي ڪريو. هنري خوف کان دانهن ڪري گڏ طرف ڀڳو. اسان کي يقين هو ته بس ٻن ٽن سيڪنڊن ۾ گڏ جون هڏيون پاسريون چورو ٿي وينديون. ڪيوا جيڪو گڏ جي اڳيان ڀڄي رهيو هو، پنهنجي آقا کي ڪرندو ڏٺائين ته پلٽو کائي پوريءَ قوت سان نيزو ڪٽي هاٿيءَ طرف اڇلايائين جيڪو ٻنهي اکين جي وچ کُپي ويس. هاٿي هڪڙي دانهن سان ڪيوا کي پنهنجي سونڊ سان ويڙهي ڪڍي پٽيو ۽ زمين تي سٽيندي پنهنجو ڀاري پير غريب ڪيوا تي رکي، سونڊ ان جي پيرن ۾ وچڙائي هڪ ئي جهٽڪي سان ڪيوا کي اتي جو اتي ٻه ٽڪر ڪري ڇڏيائين. اسان جي واتان دانهون نڪري ويون ۽ بدن کي ڏڪڻي وٺي وئي. گڏ جتي هو اتي ئي سڪتي ۾ اچي ويو. پنهنجن حواسن تي ڪنٽرول ڪندي، مون ۽ هنري فائرن جي هڻ وٺ لائي ڏني ۽ نتيجي ۾ ڪيوا جو قاتل هاٿي مقتول جي ٽڪرن وٽ بيجان ڪريو پيو هو. گڏ اٿيو ۽ ان وڏيءَ شفقت سان پنهنجي جان بچائيندڙ بهادر جي بي جان منهن ۽ مٿي تي هٿڙا ڦيرائڻ لڳو. اهڙا حادثا مان ڪئين ڀيرا ڏسي چڪو آهيان پر هن دفعي منهنجون اکيون به پرجي آيون. اسين ماٺهو هڪ سناٽي ۾ خاموش سرجهڪايو بيٺا هئاسين ۽ امبوپا مئل هاٿيءَ ۽ ڪيوا جي ٽڪرن وٽ ڪنڌ جهڪائي روئي رهيو هو. " خدا تو کي جنت نصيب ڪري منهنجا دوست". امبوپا چيو " صاحب! ڪيوا مري ويو ليڪن هن بهادرن وانگر پنهنجي جان ڏني آهي". ۽ پوءِ درد مان جهونگارڻ لڳو ته :

تنهن سورهيه کي شاباس، جو مٿي پڙ پرزا ٿيو.

# رڻ سڄوئي رڃ

اٺ عدد هاٿين جي هاٿي ڏندن کي جمع ڪرڻ ۾ اسان کي ٻه ڏينهن لڳي ويا. هاٿي ڏندن ۽ کلن کي اسان ڪئمپ جي ويجهوئي پُوري ڇڏيو ته موٽندي وقت (ان جي اميد ته تمام گهٽ هئي) اسان لاءِ راهه جا نشان ثابت ٿيندا ـ کيوا جي ٽڪرن کي به انهيءَ دڙي جي هنج ۾ ان جي نيزي سان گڏ دفن ڪيوسين، ته جيئن هو پنهنجو آخري سفر به پنهنجي انهيءَ نيزي سان گڏ بهادريءَ سان طئي ڪري سگهي.

ٽئين ڏينهن اسان اتان نڪتاسين. ان اميد سان ته واپسيءَ تي اسان کي هاٿي ڏند کڻڻ نصيب ٿين. هڪ ڏکي ۽ ٿڪائيندڙ سفر ڪانپوءِ آخرڪار اسين وچي استانداز ڪرال پهتاسين. اها بستي درياءَ لوڪانگا جي ڪناري سان آباد آهي. ڪاٻي پاسي اتان جي مقامي ماڻهن جون جهوپڙيون ۽ کيت آباد هئا ۽ انهن جي پريان ماڻهوءَ جي قد جيڏو گاهه سمنڊ وانگر چوليون هڻي رهيو هو ۽ اهو گاهه ڪيترن ئي خونخوار درندن جو آماجگاهه بڻيل هو.

سامهون اها ئي صحرائي پٽ هئي جتي ويهه سال اڳ سلواتا کي رڙهندي ڏٺو هوم ۽ ان جي پنيان نگاهه جي حد تائين بنا ڪنهن پاڻيءَ بوند جي صحرا ڦهليو هليو ٿي ويو.

اسان کي انهيءَ صحرا ۾ ئي داخل ٿيڻو هو ۽ ڪنهن کي به اها ڄاڻ نه هئي ته اسان جو انجام ڇا ٿيندو.

جڏهن خيما لڳائي بس ڪياسين ته ٻڌ کي ضروري انتظامن لاءِ ڪيمپ ۾ ڇڏي، هنري کي وٺي پٽ تي چڙهي ويس. نگاهن جي حد تائين رڳو صحرائي صحرا وچايل هو. ۽ ان جي آخري ڇيڙي وٽ لهندڙ سج ڪنهن ڪاوڙيل ديوتا جي اک جيان لڳي رهيو هو. هوا بلڪل صاف ۽ خوشگوار هئي. اسان کان پري بلڪ تمام پري پهاڙيون هڪ سنهي ليڪ جيان نظر اچي رهيون هيون.

”او هو ڏسو هنري!“ مون پهاڙين طرف اشارو ڪندي چيو. انهن ئي پهاڙِن پويان پاڻ کي هلڻو آهي، ليڪن خدا ڄاڻي ته اوسيتائين پڄي به سگهنداسين يا نه“.

”منهنجو پاءُ اوڏانهن ئي هوندو ۽ خدا چاهيو ته ڪئين به ڪري پاڻ اتي پهچي ويندا سين“. هنري وڏي مستحڪم اواز ۾ جواب ڏنو.

”خدا ڪري ته تنهنجو ڀاءُ اوڏانهن ئي هجي“. مون چيو ۽ ڪيمپ ۾ واپس وڃڻ لاءِ مڙياسين ته خبر پئي ته انهن پهاڙين کي رڳو اسان ٻن جڻن ئي نه پر ٽئين شخص به وڏي غور سان پئي تڪيو. اهو امبوپا هئو. جيڪو خدا ڄاڻي ڪيڏي مهل کان اسان جي پنيان بيٺل هو.

”اڇا، ته اوهان جو ارادو انهن پهاڙن تائين وڃڻ جو آهي. ڇو ڀلا انڪوبو!“ امبوپا پهاڙن طرف اشارو ڪندي پڇي ورتو. ( انڪوبو جي لفظ جي لفظي معنيٰ هاٿي آهي ۽ اهو خطاب ڪافر ملازمن سرهنري کي ڏئي ڇڏيو آهي. ۽ منهنجو خطاب ميڪوميزن هو. جنهن جو مطلب آهي بهادر شڪاري(

مونکي ائين محسوس ٿيو تہ هي عجيب غريب شخص پنهنجي تيز نگاهن سان اسان جي حواسن جو جائزو وٺي رهيو آهي ۽ خبر ناهي ڪهڙي طرح اسان جي ارادن کي بہ پرکي ٿو وٺي. مان دل ئي دل ۾ بيچيني محسوس ڪرڻ کان رهي نہ سگهيس.

"امبوپا!" مون سختيءَ سان چيوءَ توکي پنهنجي آقا جي شان ۾ اهڙا بيهودا ۽ گستاخانہ لفظ چوڻ نہ گهرجن. توهان اسان جي غير موجودگيءَ ۾ جيڪي وڏيو ڀلي چوندا رهو پر اسان جي منهن تي نہ يعني مان اهو برداشت نٿو ڪري سگهان تہ هڪ گهٽ حيثيت وارو ماڻهو ۽ اهو بہ اسان جو ملازم اسان کي انڪوبو ۽ ميڪوميزن جي نالن سان سڏي".

امبوپا جي چپن تي اهڙي طنزيہ مرڪ رقص ڪرڻ لڳي جنهن کي ڏسندي ڪيترائي ڀيرا مان ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويندو رهيو آهيان.

اها توکي ڪئين خبر پئي تہ مان پنهنجي آقا کان رتبي ۾ گهٽ يا ڪريل آهيان". امبوپا وڏي سڪون سان جواب ڏنو. انڪوبو جي ڇهري مان لڳي ٿو تہ هو ڪنهن شاهي خاندان جو فرد آهي ۽ اهڙي طرح مان بہ هڪ شهزادو آهيان. زماني جي گردش جي ڪري توهان جو ملازم آهيان تہ ڇا ٿي پيو؟ منهنجي رڳن ۾ بہ شريفانہ خون گردش ڪري رهيو آهي. مان بہ اوترو ئي باعزت شخص آهيان جيترو شايد انڪوبو هجي ـ ها! اسان ٻنهي جي رنگ ڍنگ ۾ فرق آهي جيڪو محض ظاهري آهي ميڪوميزن! توهان منهنجي ڳالهين جو ترجمو پنهنجي ساٿين کي ٻڌائيندا وڃو. مان توهان ماڻهن سان ڪجهہ ضروري گفتگو ڪرڻ چاهيان ٿو."

امبوپا جي ڳالهين مون کي آپي مان ئي ڪڍي ڇڏيو ليڪن مون ڄاڻڻ ٿي چاهيو تہ هو آخر چوڻ ڇا ٿو چاهي، تنهنڪري پنهنجي غصي کي پاڻيءَ جيان پي ورتم ۽ هنري کي سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيم.

"تنهنجو خيال سهي آهي امبوپا!" هنري توقع جي خلاف وڏيءَ سنجيدگيءَ سان جواب ڏنو.

"اسان جو ارادو انهن ڀهاڙن تائين پهچڻ جو آهي".

هاڻ ائين سمجهو تہ هنري ۽ امبوپا جي وچ ۾ جيڪا ڳالهہ ٻولهہ ٿي، مان ان جو ترجمون پيو ڪريان.

"هي وسيع صحرا" امبوپا چيو" جيڪو توهان جي نگاهن سامهون وڇايو پيو آهي، ڪير بہ نٿو ڄاڻي تہ اهو ڪٿي ٿو ختم ٿئي ۽ انهيءَ ۾ ڪٿي بہ پاڻيءَ جو ڪو نالو نشان ئي ڪونهي ۽ اهي ڀهاڙ جيڪي توهان ڏسي رهيا آهيو. انهن جون چوٽيون برف سان ڍڪيل آهن. ڀهرئين تہ توهان هن صحرا کي ۽ پوءِ ڀهاڙن کي عبور ڪري، انهن ماڻهن تائين پهچي ئي نٿا سگهو. اگر فرض ڪجي تہ توهان پهچي بہ ويا تہ خبر ناهي توهان جو ڪهڙو حشر ٿيندو. مونکي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ آخر اتي ڪهڙو خزانو پوريو پيو آهي، جنهن لاءِ توهان پنهنجي سرن جو سودو ڪري وڃي رهيا آهيو".

"انهيءَ کي ٻڌاءَ مسٽر ڪوارٽرمين !" هنري چيو " منهنجو خيال آهي تہ منهنجو ننڍو ڀاءُ انهن ڀهاڙين جي ڀريان، اڻڄاڻ ڌرتيءَ تي پهچي چڪو آهي ۽ هاڻ مان انهيءَ کي واپس وٺڻ پيو وڃان".

“توهان جي ڳالهه سورنهن آنا سچ آهي” امبوپا ڪنڌ ڌوڻي چيو. “رستي ۾ مون کي هڪ شخص ٻڌايو هو تہ هڪ سفيد چمڙيءَ وارو شخص پنهنجي ملازم سميت ٻہ سال اڳ ان صحرا ڏانهن ويو هو. جيڪو اڃان تائين واپس نہ وريو آهي”.

“ٺيڪ آهي، پر تو ڪئين اهو اندازو لڳايو تہ جيڪو شخص اوڏانهن ويو آهي سو منهنجو ئي ڀاءُ هو”.

“جڏهن مون انهيءَ شخص کان ان سفيد چمڙ واري شخص جو حُليو پڇيو تہ هُن توهان جي حلئي وانگر ئي ٻڌايو ۽ ان ڪانسواءِ هُن، ان شخص جي ڏاڙهي ڪاري ٻڌائي ۽ توهان جي پوري آهي. هن اهو بہ ٻڌايو هو تہ سفيد چمڙي واري شخص جي ملازم جو نالو جم هو”.

“هنري! بلڪل امبوپا بلڪل سچ چئي رهيو آهي. جم کي مان چڱي طرح سڃاڻان”. مون چيو.

“مون کي يقين آهي تہ منهنجو ڀاءُ انهيءَ طرف ويو آهي، ڪوارٽرمين! مان هن جي طبعيت کان چڱي طرح واقف آهيان. هو ڪنهن شي کي جڏهن حاصل ڪرڻ جو ارادو ڪندو آهي تہ صحرا يا سمنڊ هن جي ارادن اڳيان ڪا ڳالهہ ئي ناهن. جيڪڏهن توهان جي چوڻ مطابق هن سليماني خزاني طرف وڃڻ جو ارادو ڪيو هوندو تہ اهي پهاڙ هن اڳيان ڪا حيثيت ئي نٿا رکن. بلڪل ائين جئين “اڳيان تڪر تر، متان روهہ رتيون ٿئين “. ليڪن هي هڪ ڊگهو ۽ خطرناڪ سفر آهي انڪوبوا!”. امبوپا چيو.

“تون ٺيڪ ٿو چوين امبوپا!” هنري وراڻيو “ليڪن انسان جي پختن ارادن اڳيان پٿر بہ ميڻ بڻجي پوندا آهن. اهڙو ڪهڙو پهاڙ آهي جنهن تي اڄ تائين انسان چڙهي نہ سگهيو آهي. اهڙو ڪهڙو صحرا آهي جنهن کي اڄ تائين ڪير عبور نہ ڪري سگهيو آهي ۽ اهو ڪهڙو سمنڊ آهي، جنهن جي گهراين جي ماڻهو جاڻ نہ ڪڍي آيو آهي، صرف همت ۽ پختن ارادن جي ضرورت آهي

“اي عظيم هستي! اهي لفظ توهان جي واتان تمام ڀلا ٿا لڳن” امبوپا چيو” جيڪو شخص موت سان مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار هوندو آهي؟ ان کي دنيا جي ڪابہ طاقت آشڪست ڏئي نٿي سگهي، ۽ زندگي ڇاهي؟ هڪ هلڪي ڦلڪي ڪنپ وانگر، جنهن کي هوا ڪڏهن ڪيڏانهن تہ ڪڏهن ڪيڏانهن اڏاريندي وتندي آهي ۽ پوءِ ڪنهن اڻ ڄاڻ جڳهہ تي وڃي سٽيندي اٿس. يا تہ پوءِ زندگي هڪ ٻج آهي، جيڪو زمين تي رهندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن زمين ۾ جذب ٿي نت نيون شڪليون وٺي زمين تي نمودار ٿيندو آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن تتي ٽڪرا ٿي فضا ۾ ڦهلجي ويندو آهي، هر جاندار لاءِ موت واجب آهي، اهڙي طرح مون لاءِ پڻ ۽ ان کان ڊڄڻ بيوقوفي آهي. جڏهن بہ موت ايندو تہ ڪير بہ ان روڪي نہ سگهندو. مان بہ توهان سان گڏ هلندس انڪوبو”. پوءِ خدا ڄاڻي هن جي من ۾ ڇا آيو جو هو فلسفي جا واهڙ وهائيندو ويو. “ اي منهنجا سفيد چمڙي وارا آقا! توهان ستارن جا يا ندين جا راز خوب ڄاڻو ٿا. ٻڌايو تہ زندگي ڇا هي؟ روح ڇاهي؟ ۽ اهو ڪٿان ايندو آهي ۽ ڪيڏاهن ويندو آهي؟ مون کي خبر آهي تہ انهن سوالن جا جواب توهان وٽ ناهن. تہ ٻڌو، توهان کي ٻڌايان ٿو ـ اسين اونداهيءَ مان آيا آهيون ۽ اونداهيءَ ۾ ئي واپس موٽي ويندا سين. هڪ اهڙي معصوم پکيءَ وانگر جيڪو ڪاري طوفان کان ڊڄي پنهنجي آکيري مان اڏامندو آهي ۽ اڻڄاڻ فضائن ۾ اڏامندو وڃي ڪنهن اونداهيءَ جڳهہ تي پهچندو آهي.”

”تون تہ يار صفا ڪو عجيب و غريب شخص آهين“. هنري چيو

امبوپا مرڪيو“ اسان ٻنهي جون قسمتون هڪجهڙيون ئي آهن. ممڪن آهي تہ مون کي بہ انهن پهاڙن جي پرئين پاسي پنهنجو پاڻ ملي وڃي.“

”هان .. ڇا مطلب؟ امبوپا! توهان يقينن انهيءَ جڳهہ جي باري ۾ گهڻو ڪجهہ ڄاڻو ٿا؟ “ مون حيرانگي مان پڇيو مانس.

”ها.. مڙئي ڪجهہ معمولي ڄاڻ اٿم تہ انهن پهاڙين جي پرئين پاسي اهڙي ڌرتي آهي جهڙي تخليقي افسانن ۽ ناولن ۾ ٻڌائي ويندي آهي. اتان جا ماڻهو ڪارو جادو ڄاڻندا آهن. اهي ايڏا بهادر ۽ طاقتور آهن جو جيڪڏهن پهاڙ کي ضرب لڳائين تہ ان کي ذرا ذرا ڪري ڇڏين. اتي چپي چپي تي ساوڪ جو فرش وڇايل آهي. نديون ۽ ڍنڍون انهيءَ ڌرتي کي سيراب ڪنديون آهن. اتي پهاڙن جي چوٽين تي برف ڄمندي آهي. ليڪن اهي سڀ ڳالهيون ٻڌائڻ جي مون کي ضرورت ئي ڪهڙي؟ اسان مان جيڪو بہ شخص اتي زندهہ پهتو تہ پنهنجي اکين سان پاڻ وڃي ڏسندو.“

مون پريشانيءَ مان امبوپا کي ڏٺو. يقينن هن کي انهيءَ پراسرار زمين جي باري ۾ گهڻو ڪجهہ معلوم آهي. پر اسان سان ان سرزمين جا راز سربستا ظاهر ڪرڻ نٿو چاهي.

”توهان کي مونکان ڏڄڻ نہ کپي ميڪوميزن! مان اوهان ماڻهن لاءِ چار ڪونہ پيو وڃايان. نہ ئي توهان کي قتل ڪرڻ جي سازش پيو سٽيان. اگر قسمت مهرباني ڪئي ۽ پاڻ انهن پهاڙن کي عبور ڪري وياسين تہ پوءِ مان توهان کي ٻڌائيندس تہ مان ڇا ٿو ڄاڻان ۽ ڪير آهيان. ليڪن ايترو سو ياد رکجو تہ انهن پهاڙن جي پريان موت پنهنجو پيانڪ وات ڦاڙيو اسان جي انتظار ۾ تيار بيٺو آهي. بهتري ان ۾ آهي تہ توهان هتان ئي واپس هليا وڃو. مون کي جيڪي ڪجهہ ٻڌائڻو هو ٻڌائي ڇڏيم. وڌيڪ توهان جي مرضي.

ڪوئي گيت جهونگاريندو هو ڪيمپ طرف روانو ٿي ويو.

” هي امبوپا بہ صفا ڪو پراسرار شخص آهي“. مون چيو “مون کي يقين آهي تہ امبوپا خزاني جي باري ۾ گهڻو ڪجهہ ڄاڻي ٿو. پر پاڻ کي ٻڌائڻ نٿو چاهي - انهيءَ جو وجود هڪ ڳجهارت بڻجي ويو آهي. سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ ڪير آهي. ڪٿان آيو آهي؟ ۽ انهيءَ جي دل ۾ چڱا يا برا ڪهڙا خيال ڪر موڙي رهيا آهن؟ اسان کي هن کان خبردار رهڻ گهرجي“.

ٻئي ڏينهن اسان سفر جو سامان ٻڌڻ شروع ڪيو. هيستائين جيڪو بہ سامان آندو هوسين. اهو سڀ جو سڀ صحرا ۾ کڻي وڃڻ ممڪن ئي ڪونہ هو. تنهنڪري صلاح اها بيني تہ چند ضرورت جون شيون ساڻ کڻي هلجن باقي سامان هتي ئي ڪنهن حفاظت ۾ ڇڏجي. هڪ پوڙهي ڪافر جي جهوپڙي جيڪا ويجهو هئي، سمورو سامان ان وٽ وڃي رکيوسين. مون ڏٺو تہ پوڙهو لوڀي نظرن سان بندوقن کي تکي رهيو هو. تنهنڪري بندوقن کي هن جي هٿ چڙهڻ کان بچائڻ لاءِ مون هڪ چال چلي. سيني بندوقن ۾ هڪڙو هڪڙو ڪارتوس پري گهوڙا چاڙهي ڇڏيا ۽ پوڙهي کي چيم جيڪڏهن تو اسان جي شين کي هٿ لاتو تہ هي بندوقون خودبختود ڇٽي ونديون - هن تجربي طور هڪڙي بندوق کي جئين ئي اٿلائي پٿلائي ڏٺو تہ (

جئين کي مون کي يقين هو) بندوق چٽتي وئي. ان واقعي کان پوڙهو ايترو تہ ڊڄي ويو جو وڏا وڏا قسم کڻي اسان کي يقين ڏيارڻ لڳو تہ توهان جِي هڪڙي خصيص ڪوڪي کي بہ هٿ نہ لائيندس. اتان مطئمن ٿي اسان الڳ الڳ پنجن ٿيلهن ۾ پنهنجي ضرورت جو سامان پيرڻ شروع ڪيو. اهي پنج ئي ٿيلها، هر ٿيلهو هر هڪ فرد يعني وينٽا، امبوپا، گڊ، هنري ۽ منهنجي لاءِ هئا. اسان صرف تمام ضروري شيون کڻيون، مگر پوءِ بہ هر ٿيلهي جو وزن هڪ هڪ مڻ جي لڳ ڀڳ ٿي ويو. سامان وري ڪهڙو هو؟ اهي ٽي ايڪسپريس بندوقون، بہ رائيفلون امبوپا ۽ وينٽا لاءِ، ٽي پستول ۽ ڪارتوسن جون ڇهہ پيتيون، ان ڪانسواءِ پنج پاڻيءَ جون بوتلون، پنج ڪمبل، پنجٽيهہ ڪلو ڪن سڪل گوشت ۽ چند دوائون جن ۾ هڪ اونس ڪوئينن بہ هئي، چند جراحيءَ جا اوزار، انهن ڪانسواءِ ننڍيون ننڍيون شيون جئين شڪاري چاقو ڏئين ٻارڻ لاءِ ماچيسن جون ڦاريون، برانڊيءَ جي هڪ بوتل، هڪ قطب نما، تماڪ ۽ اهڙيون شيون - ڪپڙا اسان ڪونہ کڻيا، ڪپڙا جيڪي تن تي پهريل هئا، بس اهي ئي رهيا، هڪ اهڙي سفر جنهن جي منزل جي خبر ئي نہ هجي، ان لاءِ اهو صفا مختصر سامان هئو، مگر ڇا ڪيون مجبوري هئي، ساڙيندڙ صحرا ۾ انهيءَ کان وڌيڪ سامان کڻڻ جي گنجائش ئي نہ هئي .

طرح طرح جون لالچيون ڏئي مون ٽن حبشين کي انهي ڳالهہ تي آماده ڪيو تہ پهرينءَ منزل تائين جيڪا بہ تقريباويهہ ميل هئي. اسان کي پاڻيءَ جون ڪليون کڻائي هلن تہ گهٽ ۾ گهٽ پهرينءَ منزل تائين تہ پاڻيءَ جي قلت محسوس نہ ٿئي. مون انهن حبشين کي ٻڌايو تہ اسان اُٺَ پکيءَ جي شڪار تي پيا وڃون، تہ هنن ڪنڌ کي جهٽڪو ڏئي چيو تہ بيوقوف آهيو جو اهڙي خوني رڻ ۾ اچ ۽ بک مرڻ پيا وڃو. اهي ٿئي صحرا ۾ قدم رکڻ کان ئي ڪيٻائي رهيا هئا. مگر مون جڏهن انهن کي هڪڙو شڪاري چاقو ڏنو جيڪو هتي تمام قيمتي شي سمجهيو ٿو وڃي، تہ ٽئي ڄڻا پهرين منزل تائين هلڻ لاءِ رازي ٿي ويا.

اها تہ قارئين کي بہ خبر هوندي تہ صحرا ۾ سفر رات جو ئي ڪيو ويندو آهي. تنهن ڪري سڄو ڏينهن اسان آرام ڪندا رهياسين. رات جو گوشت پُچي کاڌوسين. گڊ وڏي حسرت سان چيو تہ هاڻ شايد ڪڏهن بہ تازو گوشت کائڻ لاءِ مشڪل ملي. کاڌي کان پوءِ اسان سيني شين جو جائزو ورتو ۽ چنڊ جي انتظار ۾ گهڙيءَ کن لاءِ ليٽي پياسين. آخر نائين وڳي چنڊ بہ پنهنجي پوري تاب سان اڀريو ۽ ان صحرا ۽ جهنگل کي پنهنجي پگهريل چانڊوڪي ۾ وهنجاري ڇڏيو. اسان اٿي پنهنجا ٿيلها سنڀاليا ۽ هلڻ لاءِ تيار ٿي وياسين. دل بريءَ طرح ڌڙڪي رهي هئي. پيشانيءَ تي پگهر جا ڦڙا چمڪي رهيا هئا ۽ دماغ ۾ ڪيئي ابتا سبتا خيال اچي رهيا هئا. اسان کان چند قدم اڳيان امبوپا بندوق لٽڪايو هٿ ۾ نيزو کڻيو حڪم جو منتظر بيٺو هو. اسان جي پٺيان وينٽا ۽ ٽئي حبشي پاڻيءَ جون ڪليون کڻيو خاموش بيٺا هئا.

"دوستو!" سرهنري گونجندڙ آواز ۾ چيو" پاڻ ماڻهو هڪ اهڙي سفر تي هلي رهيا آهيون. جنهن جي باري ۾ پاڻ ڪجهہ بہ نٿا ڄاڻو ۽ خبر ناهي تہ پنهنجو انجام ڪهڙو ٿئي. ان لاءِ چو نہ هلڻ کان اڳ پنهنجي خالق حقيقي سامهون سرجهڪايون. جنهن جي رحمتن جو ڪو شمار ئي ناهي. جهڪي گناهن جي بخشش گهرون. هو غفورالرحيم ۽ عالم الغيب آهي. ۽ اسان جي جانين جو محافظ آهي". سرهنري

گوڏن ڀر جهڪيو. اسان بہ سندس تقليد ڪئي ۽ اهو شايد پهريون موقعو هو جو اسان سچي دل سان توبهہ تائب ٿياسين.

“هاڻ هلو تہ هلون” هنري حڪم ڪيو ۽ اسان هلڻ لڳاسين. سامهون نظر ايندڙ پهاڙ ۽ مرحوم سلواٽا جي ٺاهيل نقشي ڪانسواءِ ڪوبہ سونهون اسان سان نہ هئو. ڊي سلواٽا جي نقشي جي باري ۾ بہ ڪجهہ چئي نٿو سگهجي تہ اهو ڪيتري حد تائين صحيح آهي. اڄ ڪان ٽي صديون پهرياڻين هي نقشو انهيءَ شخص ٺاهيو هو جيڪو پاڻ مري رهيو هو ۽ مرڻ وقت ماڻهو پنهنجي حواسن ۾ ڪٿي هوندو آهي!؟ فرض ڪجي تہ ڊي سلواٽا جا حواس ان وقت تائين بہ سهي سالم هئا تہ بہ ان ڳالهہ جي ڪهڙي ضمانت آهي تہ ٽن صدين ۾ انهيءَ رستي ۾ ڪي تبديليون نہ آيون هونديون ۽ جيڪڏهن گندي پاڻي جو تلاءُ جيڪو هن نقشي مطابق صحرا جي پوري وچ ۾ آهي تہ اسان جي رواني ٿيڻ واري جڳهہ ڪان سٺ ميل پري ٻڌايو ويو آهي, جيڪڏهن انهيءَ کي ڳولي نہ سگهياسين تہ پوءِ پڪ ئي پڪ انهيءَ رڃ ۾ تڙپي تڙپي مرڻ تہ اسان جي مقدر ۾ ئي لکيل آهي. منهنجي خيال ۾ هن رڃ ۾ پاڻيءَ جو ملڻ ناممڪن آهي. ٿي سگهي ٿو تہ ڊي سلواٽا جي وقت ۾ اهو تلاءُ صحرا ۾ هجي بہ سهي پر ٽي سئو سالن جي طويل عرصي ۾ اهو سڪي نہ ويو هوندو؟ يا طوفانن ۽ هوائن واري اڏائي اڏائي ان کي لٽي نہ ڇڏيو هوندو؟ جڏهن اسين اتي پهچنداسين تہ ان جو نالو نشان ئي نہ هوندو ۽ اگر ايئن ٿيو تہ ....تہ .... ۽ ان .. تہ جي جواب ۾ تخيل ۾ اهڙي ڀيانڪ تصوير ٿِي ابري جنهن سان اندر ئي اندر لرزي ٿِي ويو. مگر ٻڏندڙ کي ڪک جو بہ سهارو. انهي نقشي سان ئي اسان جون سڀئي اميدون ۽ ڪاميابيون وابسطہ هيون ۽ ان خيال سان دل کي ڏڍ ٿي مليو تہ اسان وٽ جيڪا شي ( نقشو) آهي. اها ٻين وٽڻ وارن وٽ تہ نہ هئي نہ!

اسين ماٺ ميٺ ۾ هلندا رهياسين. اسان جا ڀير ڀيڏين تائين واريءَ ۾ گهڙندا ٿي ويا ۽ صحرائي ٻوٽن جون ٽاريون ڪپڙن سان وچڙي ٿي ويون. جڻ تہ اسان کي اڳتي وڌڻ کان ئي منع ڪنديون هجن. مون کي ۽ گڊ کي جوتن مان هر هر واري ڪيڏي پئي پئي .

اسين سڀ پنهنجن خيالن ۾ گم, خاموشيءَ سان اڳتي وڌندا ٿي وياسين. رات چانڊوڪي هئي پر صحرا جي عجيب خاموشي اسان کي ڪائڻ ٿي آئي. تيز هوا جا سوسٽ ڪنن سان ٽڪرائجي, واريءَ ذرڙن کي اڳتي وڌائيندا ٿي رهيا. چوطرف گهري خاموشي هئي ۽ ان خاموشيءَ جي ڪري اسين جڻ تہ هن فاني دنيا ڪان پنهنجو پاڻ کي الڳ ٿلڳ محسوس ڪري رهيا هئاسين. مگر ان خاموشي ۾ هڪ ٻئي جي تيز تيز ساهن جا آواز اسان کي صاف صاف ٻڌڻ ۾ اچي رهيا هئا. مون کي ائين لڳي رهيو هو تہ هيءَ خاموشي ڪٿي مون کي چريو نہ ڪري ڇڏي. خاموشي جو سحر ٽوڙڻ لاءِ گڊ سيٽي وڄائڻ لڳو جيڪا پڙاڏو ٻڻجي اچي سندس ڪنن سان ٽڪرائجي دم ٽوڙڻ لڳي ۽ وري ساڳي خاموشي طاري ٿي وئي. جيڪا آهستي آهستي ذهن تي سوار ٿيڻ لڳي ۽ پوءِ هڪ اهڙو حادثو پيش آيو. جنهن گهڙيءَ ڪن لاءِ اسان کي پريشان ڪري ڇڏيو. پر پوءِ ٻيءَ گهڙيءَ ڪل ۾ ٻڏي وياسين ۽ ائين اسان جي ساري پريشاني ختم ٿي وئي.

ٽيو وري چيا, جيئن گڏ ڪپتان هو ۽ هن کي سمنڊن جي باري ۾ پورو پورو علم هو. تنهنڪري هو اسان کان اڳيان اڳيان هلي رهيو هو. يا ائين چئون ته اسان جو سونهون بڻجي اڳيان اڳيان پئي ويو ۽ اسين هڪ ٻئي جي هٿن ۾ هٿ ڏيو ان جي پنيان پنيان پئي هلياسين. اوچتو گڏ جي واتان خوف مان دانهن نڪري وئي. هو جڻ ته هوا ۾ بلند ٿيو ۽ اسان جي نظرن کان غائب ٿي ويو. ٻئي ئي لمحي اسان جي چوطرف عجيب عجيب آواز اچڻ شروع ٿي ويا. جئين ڪو ڪنجهندو هجي، يا ڪونگهرا هڻندو هجي ۽ يڪدم پوءِ پڇنڊڙ قدمن جا آواز اچڻ لڳا. هلڪي هلڪي چانڊوڪيءَ ۾ ڪجهه عجيب الخلقت شڪليون جيڪي ڪٿان سفيد ڪٿان ڪاري رنگ جون، حرڪت ڪندي نظر آيون. ڪافر ملازم ڪليون اچلائي، ڏينڊڙ واريءَ تي اونڌي منهن ڪِري دانهون ڪرڻ لڳا ته اهي خبيث بدروح آهن. بدروح.!مان ۽ هنري حيران هئاسين ته اها وري ڪهڙي بلا آهي ۽ گڏ ڪيڏانهن ويو؟ اجا ڪنهن نتيجي تي ئي نه پهتا هئاسين جو سامهون گڏ جو پاڇو ڏسڻ ۾ آيو. جيڪو ائين پئي محسوس ٿيو جڻ ته گهوڙي تي سوار آهي ۽ اهو گهوڙو يا جيڪو به ڪجهه هو اهو گڏ کي ڪٽي پڇندو گول گول چڪر ڪاٽي رهيو هو ۽ گڏ دانهون ڪري رهيو هو. دانهن جي ڪري الائي ڇا جي ڪري گڏ ڪڏندي ڪڏندي جهڪيو ۽ پوءِ هيٺ ڪري پيو. هن جي ڪرڻ جو ڦهڪو ٻڌڻ سان ئي اهو گهوڙو ڪنهن طرف ڀڄي ويو.

هاڻ سڄي ڳالهه مونکي سمجهه ۾ اچڻ لڳي، ٿيو ائين هو جو ٽڏڙيءَ ٽڏڙي واريءَ تي ڪجهه زيبرا وڏي سڪون سان ستا پيا هئا جو بيخياليءَ ۾ اسين وڃي انهن جي مٿان پيا هئاسين. گڏ جئين ته سڀني جي اڳيان هو تنهنڪري هڪ زيبرا سان ٽاڪرجي وڃي ٻئي زيبرا تي پيو. زيبرا ان اوچتي آفت کان ڇرڪي گڏ کي ڪٽي پڇڻ لڳو. گڏ جيئن ئي زمين تي ڪريو ته اهو ڏسڻ لاءِ ته ڪيس ڪا چوٽ ته ڪانه رسي، اسين وٺي ڏانهس ڀڳاسين. پر هو واريءَ تي پلٽي ماريو وينو هو ۽ انهيءَ ڀڄ ڀوڙجي باوجود به هڪ چشمي عنيڪ بدستور هن جي اک سان چنبڙيل هئي. شڪر آهي جو ڪيس ڪا چوٽ نه رسي هئي.

"الائي ته ڇا ٿيو يار. خدا ڄاڻي ڪهڙي بلا هئي جيڪا مون کي ڪٽي وٺي ڀڳي. توبهه توبهه. زندگي هئي جو بچي ويس". گڏ مون کي ڏسي چوڻ لڳو ۽ مان پنهنجي کل روڪي نه سگهيس ۽ اچي ٽهڪن ۾ پيس.

ان حادثي جي ڪري اسان جي دلين ۾ جيڪو خوف ويٺل هو. سو جڻ ته اڏامي ويو ۽ اسين پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندا اڳتي وڌڻ لڳاسين. رات جو هڪ وڳي اسان ٿوري ساهي کڻڻ لاءِ رڪياسين. به ٽي ڍڪ پاڻي پي اڌ ڪلاڪ کن جي ساهي پٽي، وري هلڻ جي ڪئي سين. "هوري ڏاڍي هل، ڪاهه ته پسين ڪيچ کي" جيان هلندا رهياسين. هلندا رهياسين تان جو اوپر طرف آسمان شرميلي ڪنوار جي رخسارن جيان ڳاڙهو ٿيڻ لڳو. آهستي آهستي ريگزارن تي سوجهرو پکڙجڻ لڳو ۽ ٽمڪندڙ تارا ٽڪجي دم ٽوڙڻ لڳا. صحرا جي انتهائي اوپر جي نقاب مان سج بادشاهه پنهنجو منهن ظاهر ڪيو ته ستارا ائين بي نور ٿيڻ ۽ ڪاري سائيءَ جي مريضن جيان پيلا پوڻ لڳا. سج اجا به ٿورو مٿي ٿيو ته صحرا ۾ خوبصورت صبح مسڪرائي اٿي. سج جي ڪرڻن سامهون نظر ايندڙ پهاڙيون ۽ ريگستان جو ذرو ذرو چمڪي اٿيو. ائين صحرا ۾ اسان کي پهريون سج اڀريو.

اسان پنهنجي رفتار تيز ڪري ڇڏي، اسان کي ڪنهن پناهه جي تلاش هئي. اگر ٻه ڪلاڪ ٻيا ٻه گذري ويا ته تيز اس ۾ تپندڙ صحرا ته اسان کي پُڄي رکندو. مسلسل ڏيڍ ڪلاڪ هلڻ بعد اسان کي پري پري بلڪ تمام پري ڪجين جون ڪجهه سايون چوٽيون نظر آيون. ڪجين جي جُهنڊ کي ڏسڻ سان اٺ پکيءَ وانگر تيز تيز ڊوڙندا ڪجين ڏانهن پهچڻ لڳاسين. هڪ وڏو جُهنڊ گهوگهٽ وانگر ڪنهن غار تي جهڪيو پيو هو ۽ ان غار ۾ ٿڌڙي ٿڌڙي واريءَ جو فرش وڇايو پيو هو. هي غار شام تائين اسان کي سج جي تيز ڪرڻن ۽ موسمي اثرن کان بچائي سگهي ٿو. هي ننڍڙو غار هن وقت اسان لاءِ عاليشان محل ۽ ان ۾ وڇايل واري اسان لاءِ نرم قالعينن کان سوين ڀيرا بهتر هئي. هڪ هڪ ٿي اسين غار ۾ رڙهندا وياسين. اندر پهچي ٿورو سڪو گوشت کائي مٿان ٿورو پاڻي پي پير ڊگهيري سڌا ٿي سمهي رهياسين ۽ اسان کي گهري ننڊ ڪٽي وئي.

تقريبا ٽين وڳي اسان جي اک کلي. ڪافر ملازم جيڪي پهرين منزل تائين اسان کي پاڻي جون کليون کڻائي آيا هئا، سي واپس موٽڻ جي تياري ڪرڻ لڳا. هاڻ جيڪڏهن سڄي دنيا جي دولت انهن جي اڳيان اچي اڇلائجي تڏهن به هتان کان اڳتي وڌڻ لاءِ تيار نه ٿيندا. تنهنڪري اسان پنهنجن پنهنجن بوتلن مان پاڻي پيتو ۽ انهن کلين مان وري بوتلون ڀريون جيڪي ڪافر ملازم اسان کي هيستائين کڻائي آيا هئا. کليون کنڌ سان لٽڪائي اسان انهن کان موڪلايو. هو ويندا رهيا ۽ اسان انهن کي صحرا جي پيناهه سمنڊ ۾ غائب ٿيندي ڏسي رهيا هئاسين. ساڍي ڇئين وڳي اسان به اڳتي روانه ٿياسين. سج لڙي چڪو هو. تڏهن به ان جي ڪرڻن ۾ غضب جي گرمي هئي. سارو ڏينهن بٺيءَ وانگر تپندڙ صحرا اجا تائين به نه ٺريو هو.

پري پري تائين ڪٿي به ڪو جاندار يا ساوڪ ڏسڻ نٿي آئي. ڪٿي ڪٿي ڪي اٺ پکي ڏسڻ ۾ اچن ها ۽ اسان کي ڏسي ڀڄي وڃن ها تڏهن به چڱو. پوءِ به شڪر ڪريون ها. ها! مون کان وسري ويو. هڪ ٻي جاندار شي هن صحرا ۾ جام هئي. منهنجو مطلب مک سان آهي. جي ها، اها مک جيڪا عام طرح گهرن ۾ هوندي آهي. توهان دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ هليا وڃو. اهي نامراد مکيون توهان کي هر جاءِ تي جامَ ملنديون. اهڙي صحرا ۾ به مکين جا وڏا وڏا لشڪر گهمي ڦري رهيا هئا. توهان يقين ئي نه ڪندئو پر مون پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي ته صديون پراڻو هڪڙو مقبرو جيڪو خبر ناهي ڪڏهن کان زمين ۾ دفن هئو. جنهن کي هاڻ کوٽائي ڪري لڌو اٿن. اهي نياڳيون مکيون اتي ان مقبري ۾ به موجود هيون. خبر ناهي ڪهڙي طرح اهي زير زمين مقبري ۾ پهتيون ۽ جڏهن اسرافيل صور ڦوڪيندو، دنيا تهس نهس ٿي ويندي، ان وقت به شايد اهي ئي مکيون تباهه ٿيل دنيا ۾ ڀيون اڏامنديون.

صحرا ۾ رات جي اونداهه پکڙي ته اسين چنڊ جي انتظار ۾ ترسي پياسين. جڏهن چنڊ آسمان تي پنهنجو سفر شروع ڪيو ۽ ان جي چانڊوڪي زمين تي پئي ته اسان به پنهنجو سفر شروع ڪيو ۽ وري به ساڳيو صحرا، ساڳي خاموشي ۽ ساڳيا اسين. ائين رات جو ٻين وڳي گهڙي کن ساهي پٽڻ بعد هڪ دفعو وري هلندا رهياسين. تان جو صبح ٿي ويو ۽ تارا سوجهري ۾ ٻڏڻ لڳا ۽ اسان پنهنجو پاڻ کي ٻي جان بت

جيان ڪٽي واريءَ تي ڇڏيو ۽ ڪونگهرا هڻڻ لڳاسين. اتي ضرورت ئي نه هئي ته ڪنهن جي هٿ ۾ بندوق ڏئي ان کي پهري تي ويهارجي. هتي اسان جا صرف ٽي دشمن هئا. بک اڃ ۽ گرمي. ۽ اهي ٽئي خطرناڪ دشمن اسان جي بندوقن کان ڊڄڻ وارا نه هئا. هن دفعي اسان کي ڪابه پناهه گاهه هٿ نه آئي. تنهن ڪري ڪلئي آسمان هيٺ واريءَ وڇائو ڪري دنيا وَمافي ها، ڪان بيخبر پيا هئاسين. سج جي شعاعن جي باهدار نيزن اسان جي جسمن کي ڇلڻ شروع ڪيو. ايتري قدر ٽڪل هئڻ باوجود به اسان جي اک نائين وڳي ئي کلي وئي. لڳو ائين پئي ته جلندڙ سج اسان جي جسم مان رت جو آخري ڦڙو به سڪائي ڇڏيندو.

”افوه“ مون ٻنهي هٿن سان منهن تي ڦرندڙ مکين جي لشڪرن کي ڀڄائڻ جي ڪوشش ڪئي.

”او خدا!“ هنري آسمان طرف ڏسي پڪيو.

”مري وياسين يار، ڇا ته گرمي آ“ گڊ چيو.

گرمي به ناقابل برداشت ٿيندي پئي وئي، تيز اس صحرا جي ذري ذري کي ائين چمڪائي رهي هئي جو اڪيون ڪيريون پئي ٿيون. ڏور ڏور تائين ڪٿي به ڪنهن سائي وڻ جي ڪاچوٽي يا کجورن جي ڪنهن پاڻ ڦٽي پيل ڪنهن صحرائي باغ جو ڪو نالو نشان ئي ڪونه هو. ريگستان آهستي آهستي تپندو ويو ۽ ان جي سيني تي واريءَ جا ذرڙا، اپاريل پاڻيءَ مان اٿيل ٻاڦ وانگر اڏري رهيا هئا ۽ اسين حسرت وچان هڪٻئي جو منهن تڪي رهيا هئاسين .

”هاڻ ڇا ڪجي“ هنري چيو ”اهڙي طرح اسين گهڻي دير تائين زنده نه رهي سگهنداسين“. اسان مايوسيءَ کان ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيا.

”هڪ طريقو ٿي سگهي ٿو“ گڊ ڪجهه دير سوچيندي چيو ته ”پاڻ هڪ وڏو کڏو کوٽيون ۽ ان ۾ گهڙي وڃون ۽ مٿان اهي آس پاس بيٺل جهاڙيون ڪٽي کڏي تي وجهي ڇانوَ ڪريون، ڇا صلاح آهي؟“

ڪو ٻيو وقت هجي ها ته مان گڊ جي انهيءَ تجويز جي خوب مزاق اڏايان ها پر هن وقت ته خدا ياد اچي رهيو هو. ظاهر آهي ته انهيءَ طرح ٻرندڙ سج ۽ تتي وانگر تپندڙ واري تي پيا هونداسين ته شام تائين ته اسان جي گوشت سان گڏ هڏيون به ڳري وينديون. تنهن ڪري هٿن ۽ ڪانيءَ ٽڪرن جي مدد سان کڏو کوٽڻ شروع ٿي وياسين ۽ مسلسل هڪ ڪلاڪ جي هڻ هٺان ڪانپوءِ مس وڃي به ٽي فوٽ گهرو، ڏهه فوٽ ڊگهو ۽ ٻارهن فوٽ ويڪرو کڏو کوٽڻ ۾ ڪامياب ٿياسين ۽ آس پاس کان ڪافي ڏاريون وڍي گڏ ڪري کڏي جي منهن تائين گهلي آياسين .

وينتا جيڪو هن ملڪ جي گرميءَ تي هريل هو. تنهن اهي ڏاريون ۽ کک پن کڏي تي وجهي ڇانوَ ڪئي ۽ پوءِ پاڻ به رڙهي آيو. اهڙي طرح اسان کي سج جي تپش کان ته پناهه ضرور ملي پر اندر جيڪا گُهٽ ۽ ٻوسٽ پئي ٿي جو ڪلڪتي جو روايتي بليڪ هول به اسان جيئرن جي هن قبر سامهون ته ڇڻ ته ڪا ڳالهه ئي نه هوندو. زمين جي سطح کان به ٽي فوٽ هيٺ، اسين گهڙيءَ گهڙيءَ ڇپن کي پاڻيءَ سان پسائي رهيا هئاسين. جيڪڏهن اڄ مطابق پاڻي پيئون ها ته پاڻي ڪڏهوڪو ختم ٿي چڪو هجي ها. حالانڪ هاڻي به پاڻيءَ جو مقدار اسان وٽ ڪو تسلي بخش نه هو. تقريبن ٽين وڳي ڌاري اسان جي قوت

برداشت جواب ڏئي وئي. اهڙي طرح گهٽجي گهٽجي بيڪسيءَ جي موت کان تہ بهتر هوتہ هن رڃ ۾ اڃ ۽ گرمي اسان جو خاتمو ڪري ڇڏين ها. پيو ڪجهہ نہ تہ پلا تازي هوا تہ ملي ها. هيءَ ڪڏو تہ خوامخواهہ گُهٽي گُهٽي اسان جو ساهہ پيو ڪڍي. پوءِ ٿورڙو پاڻي پيتوسين. جيڪو بہ آهستي آهستي گهٽجندو پئي ويو. هن گرميءَ ۾. جيڪو خود بہ سخت گرم هو ۽ پوءِ اسين ٻاهر نڪري آياسين.

اسين پنهنجي سفر جا پنجاهہ ميل طي ڪري چڪا هئاسين. اگر قارئين سلواٽا جي ٺاهيل نقشي تي غور ڪندا تہ صحرا جي ڊيگهہ هن چاليهہ ليگ ٻڌائي هئي. ۽ گندي پاڻيءَ جو تلاءُ صحرا جي تقريباً وچ ۾ ٻڌايل آهي تہ هاڻ چاليهہ ليگ جا ٿيا. هڪ سئو پنجاهہ ميل ۽ اسين پنجاهہ ميل طي ڪري چڪا سين. تنهنڪري گندي پاڻيءُ جو تلاءُ ( جيڪڏهن واقعي هجي بہ ڪٿي) اسان کان ڏهہ پندرهن ميل پري ئي هوندو. شام تائين وڏيءَ مشڪل سان ڪلاڪ ڪن ۾ اڌ ميل سفر طي ڪندي پنهنجي ٿڪل جسمن کي گهليندا پئي وياسين ۽ جڏهن سج لٿو تہ چنڊ جي انتظار ۾ ڪجهہ ننڊ جي خيال کان واريءَ تي سڌا ٿي ليٽي پياسين. ليٽن کان اڳ امبوپا منهنجو ڌيان هڪ طرف ڇڪايو. اسان کان ڪي اٺ ميل ڪن پري هڪ پٽ ( شايد ڪا پهاڙي هئي) نظر اچي رهي هئي. اهو سوچيندي تہ اهو ڇا ٿو ٿي سگهي مون کي ڇُهر اچي وئي. مگر هاڻي اسان جي طاقت بہ جواب ڏئي وئي، پير اهڙا تہ وزني ٿي ويا جو ڀانءَ تہ هاٿيءَ جا پير ٿي ويا هجن. اڄ جي ماريل زبان ڪنڊن وانگر سڪي تاروءَ سان ٿي چنبڙي ۽ هڪ هڪ ڏڪ پاڻي پيتوسين تہ اڄ چڙ تہ پڙڪي اٿي. تنهنڪري اڄ ۽ گرميءَ اسان کي اهڙو تہ بيحال ڪري ڇڏيو جو وڪ وڌايون تہ اونڌي منهن وڃو ڦهڪو ڪريون. معلوم ائين ٿي رهيو هو تہ موت جو ڪارو ديو پنهنجا وحشيءَ ڏند ڪڙڪائيندو اسان جي پويان پويان پيڇو ڪري رهيو آهي ۽ اجهو جاڻ تہ پهچي ساهہ ڪڍيائين.

گڏ ويچارو سڄي رستي سان لطيفا ٻڌائيندو. اسان کي کلائيندو ۽ وندر ائيندو آيو. سوهن وقت صفا خاموش هو ۽ پنهنجي سڪل زبان چپن تي ڦيرائي رهيو هو. ٿورو هلندي بہ دم چڙهيو وڃي ۽ اسين مُردن جيان ڦهڪو وڃو ڪريون. اهڙي طرح ٿڙندي ٿاٻڙجندي رات جو تقريبا ٻين وڳي اسين ان پهاڙي جي ويجهو پهچي وياسين. جنهن طرف امبوپا منهنجو ڌيان ڇڪايو هو. هيءَ لڳ ڀڳ سئو فوٽ اوچي پٽ هئي. اسين پٽ جي اوٽ ۾ ويهي رهياسين. پاڻيءَ جو آخري ڍڪ بہ پي ڇڏيوسين ۽ واريءَ تي وڇائجي وياسين. هاڻ ڪنهن وٽ بہ پاڻيءَ جو ڦڙو ئي نہ هو. مون تي غنودگي طاري ٿي رهي هئي. ۽ مون امبوپا کي چوندي ٻڌو تہ "اگر پاڻي نہ مليو تہ صبح جو اپرڻ وارو سج اسان جا لاش ئي ڏسندو".

مون کي ڦيري اچڻ لڳي ۽ تصور ئي تصور ۾ ڏسان پيو تہ اڄ جي ماريل اسان جون زبانون وات کان ٻاهر لڙڪي رهيون آهن. ۽ اسين ڇتن ڪتن جيان واريءَ تي هيڏهان هوڏهان پڄي رهيا آهيون. پر پاڻي آهي جيڪو اسان کي ڳوليو بہ نہ پيو ملي ۽ تڙپي تڙپي اسين نيٺ مري رهيا آهيون. اهو خيال انتهائي ڀيانڪ هو مگر مان ايڏو تہ ٿڪل هوس جو اهڙو ڀيانڪ خيال بہ مون کي سمهڻ کان روڪي نہ سگهيو.

# پاڻي! پاڻي!

ٻن ڪلاڪن بعد يعني تقريباً، چئين وڳي ڏاري منهن جي اک کلي وئي. پر جيترو ٿڪل هوس اوترو ئي ٿڪو پيو هوس. جيڪڏهن پنهنجي گهر ۾ پيل هجان ها ته شايد ٻه ڏينهن گهريءَ ننڊ ۾ پيو هجان ها پر هتي سخت اڃ مون کي جاڳائي ٿڪاوٽ جو خيال ئي وڃائي ڇڏيو.

ستي خواب ڏٺم ته هڪ ٿڌي چشمي ۾ غسل ڪري رهيو آهيان. جنهن جي ٻئي ڪناري تي سائي سائي ڇٻر وڇائي پئي آهي. مان چشمي جو پاڻي پيئڻ ٿو چاهيان پر پي نٿو سگهان ۽ نڙيءَ ۾ سوراخ ٿي پيو اٿم. جنهن ذريعي سڄو پاڻي ٻاهر نڪريو ٿو اچي.

”اف! ڇا ته خواب هو“ مون سوچيو ”پر... پاڻي...“

۽ مون کي پنهنجي گهر جو خيال آيو. جتي هن وقت پاڻيءَ جا ڪوراڪورا مٽ پريا رکيا هوندا ۽ پوءِ مون کي ائين لڳو ڄڻ ته خداتعاليٰ مون کي ٻه پر عطا ڪيا آهن ۽ مان اڏامي پنهنجي گهر پهتو آهيان ۽ غتاغت پاڻي پي رهيو آهيان. پوءِ ائين لڳو ته مان صحرا ۾ ئي آهيان ۽ هڪ فرشتو آسمان تان لٿو آهي ۽ مون کي هڪ ڪٽورو پيش ڪري رهيو آهي جنهن ۾ جنت جي نهر جو پاڻي آهي.

پاڻي جي خيال مون کي پاڳل ڪري وڌو ۽ مان اٿي چرين وانگيان هيڏي هوڏي ڊوڙون پائڻ لڳس. جو پوءِ امبوپا جا چيل لفظ منهنجي ڪنن ۾ گونجڻ لڳا ته ” اگر پاڻي نه مليو ته صبح جو اڀرڻ وارو سج اسان جا لاش ئي ڏسندو“. جيئن ڪنهن منهنجا پير گوڏن ڪان وڍي ڇڏيا ۽ مان ڌڙام وڃي واري تي ڪريس.

جڏهن سڀئي دوست سجاڳ ٿيا ته پاڻيءَ جو اهم مسئلو پيش هو. هر هڪ پنهنجي پنهنجي بوتل کي اونڌو ڪري ڏسڻ لڳو. ليڪن ڪنهن ٻه بوتل ۾ پاڻيءَ جو ڪو ڦڙو ٻه ڪو نه هو. اڃ ماريل اسان ماڻهن جو حال ڏاڍو خراب هو. اسان بوتلن جي منهن کي چوسڻ لڳاسين ته متان ڪٿي ڪا گهم ئي رهجي وئي هجي. مگر اهي ٻه سڪل هڏيءَ جيان خشڪ هيون. هاڻ ته ڏاڍا پريشان ٿياسين. بيچين ٿي گڊ براندي جي بوتل ڪڍي، ليڪن هنري سرڻ وانگر جهڙپ هڻي بوتل کسي ورتيس. ” چريا! خالي پيٽ ۾ براندي زندگيءَ جو خاتمو ڪري ڇڏيندئي.“

”اگر پاڻي نه مليو ته هونئن ٻه اڄوڪو ڏينهن اسان جو آخري ڏينهن هوندو“ گڊ ٻڙڪندي چيو.

”اگر سلواتا جو ناهيل نقشو صحيح آهي ته پاڻي هٿ ئي ڪٿي ويجهڙ ۾ هوندو“. جئين ” ٻڏندي ٻوڙن کي، ڪي هاٿڪ هٿ وجهن“ وانگر چيم پر خبر هيم ته سلواٽا جي نقشي تي ڪنهن کي ٻه يقين ڪو نه هو. تنهنڪري ڪنهن ٻه منهنجي ڳالهه تي ڪو ڌيان ڪو نه ڏنو.

سج اڀري رهيو هو ۽ اسين ويٺا هڪ ٻئي جا منهن تڪي رهيا هئاسين. ويٺا جو اٿيوسوزمين تي نظرون جمائي ڄڻ ته ڪجهه ڳوليندو هجي، هيڏهان هوڏهان گهمڻ لڳو. ٿورو اڳتي وڃي هن جي واتان حيرت ۽ خوشيءَ گاڏڙ رڙ نڪري وئي. اسين ڀڄندا ان وٽ پهتاسين.

”ڇا هي؟“ پاڻي؟“ مون بيصبري ٿي پڇيو مانس.

“ هو ڏس! وينٽا هڪ طرف اشارو ڪيو. جتي ڪجهه هرٽيون ويٺيون هيون .

“اهو جانور پاڻيءَ کان پري رهي نٿو سگهي” وينٽا چيو.

“ سهي ٿو چئين” مون بہ خوشيءَ مان جواب ڏنو مانس

ان ننيڍڙي دريافت اسان کي گهڙيءَ ۾ ايڏي تہ خوشي پهچائي جيڏي ستن ولايتن جي بادشاهي ملڻ تي بہ هوند مشڪل ٿئي ها. اهڙيءَ حالت ۾ جڏهن چوطرف گهور انڌيرو ڇانيل هجي، آسمان تي ٽمڪندڙ صرف هڪڙو تارو بہ اميد جو سهارو بڻجي ويندو آهي.

وينٽا پنهنجو نڪ مٿي ڪري فضا کي زور زور سان سنگهڻ لڳو.

“ مون کي پاڻيءَ جي بوءَ اچي رهي آهي”. خوشيءَ مان جهومڻ لڳو.

ان جو ايترو چوڻ ۾ منهنجي دل خوشيءَ مان نچڻ لڳي. خاطري هئم تہ انهن ماڻهن جي سنگهڻ جي قوت ڪُتن جهڙي تيز هوندي آهي.

سج اڀريو ۽ اسان کان ڪي چاليهارو ميل ڪن پري ڪوهہ سبا تي سوجهرو پکڙجي ويو. اسان جي بلڪل سامهون پهاڙي سلسلو يڪو هليو ٿي ويو. جن جي چوٽين تي ڏنڌ جون چادرون چنيڙيون پيون هيون. ڪابي ۽ ساڄي وارا بہ پهاڙ ايڏا تہ ڊگها هئا جو ڄڻ تہ ڪي آسمان جا ٿنڀ هجن. پهاڙن جي چوٽين تان ڏنڌ جا ڪڪر هٽيا تہ اتي اسان کي رڳو برف ئي برف نظر اچڻ لڳي. سج جا ڪرڻا برفاني چوٽين سان ٽڪرائجي انڊلٺ جهڙا رنگ پکيڙي رهيا هئا. اوچتو خبر ناهي ڪٿان ڪارا ڪارا ڪڪر ڪاهي آيا ۽ پهاڙي چوٽيون اسان جي نگاهن کان اوجهل ٿي ويون. ڄڻ تہ هيون ئي ڪونہ. اسين ان نظاري کي وساري وري پاڻيءَ لاءِ پريشان ٿي وياسين.

وينٽا تہ بس هڪڙو نڪاءُ هٽي فرحت حاصل ڪيو وينو هو. ۽ پٽ جي چئني طرف ڏور ڏور تائين اسان هر جڳهہ چڱي طرح ڳوليو پر پاڻيءَ جو ڪٿي ڪو نالو نشان ئي ڪو نہ هو. اسان جي اميدن جي محل بہ اچي پٽ تي ٺهڪو ڪيو.

“بيوقوف، گڏهہ! ڪٿي آهي پاڻي؟” مان وينٽا تي ڏاڪا ٻڏي چڙهي ويس. مونکي پاڻيءَ جي بوءَ آئي آهي. هون! رڳو بڪواز. اڙي ڪٿي آهي پاڻي؟.”

ليڪن هو پنهنجو پڪوڙي جهڙو بيسرو نڪ هوا ۾ بلند ڪري چوڻ لڳو “ نہ صاحب! مان ڪوڙ نٿو هڻان. پاڻي هتي ئي ڪٿي موجود آهي، مان هن وقت بہ پاڻيءَ جي بوءِ محسوس ڪري رهيو آهيان” هن يقين سان چيو. “ها! يقينن هوا ۾ پاڻي هوندو. جيڪو ٻن مهينن ڪانپوءِ وسڪارا ڪري وسندو ۽ اسان جي سڪل هڏين کي اچي ڌوئيندو”. چڙ مان چيو مانس. “ ٿي سگهي ٿو پاڻي هجي بہ ۽ انهيءَ پٽ تي ئي هجي”. هنري ڏاڙهي کنهندي پنهنجو خيال ظاهر ڪيو.

“اڙي يار! ڪڏهن پٽ تي بہ پاڻي ٿيو. چريو تہ ڪونہ ٿيو آهين؟”. گڊ ناراض ٿيندي چيو. “ڪڏهن واريءَ جي پٽ تي بہ ڪنهن کي پاڻي مليو آهي”. “ بحرحال اسان کي هلي اتي بہ ڏسڻ گهرجي”. مون صلاح ڏني. اسين ماٺهو پٽ تي چڙهڻ لڳاسين. امبوپا اسان کان اڳيان اڳيان هو. چوٽيءَ تي پهچي هو

رڪجي ويو. ۽ بي تحاشا “ پاڻي... پاڻي....” هو خوشيءَ مان هنبوڇيون هڻي رڙيون ڪرڻ لڳو. اسين سڀ وڏي بيچيني سان اوڏانهن ڀڄاسين. جتي چوٽيءَ تي هڪ وڏو تلاءَ پاڻيءَ سان ڀريو پيو هو. هيءَ پاڻي هتي ڪٿان آيو؟ اهو سوچڻ جي پلا ڪنهن کي فرصت هئي. اسان پيٽ ڀر ليٽي سينور ڀريل سائي رنگت جي گندي ۽ بي مزي پاڻيءَ کي پنهنجن چپن سان لائي ڇڏيو. پاڻيءَ جي گندگيءَ جو ڪو خيال ئي ڪونه ڪيوسين. بس اسان لاءِ اها ئي وڏي غنيمت هئي جو اهو پاڻي ئي هو. ڊوءَ تي پاڻي پي، ڪپڙا لاهي پاڻيءَ ۾ گهڙي پياسين. ان وقت مون کي جيتري فرصت آئي اهڙي اڳ ڪڏهن به نه آئي هئي.

غسل ڪرڻ ڪانپوءِ اسين وري تازه دم ٿي وياسين. تلاءَ کان نڪري پيٽ پوڄا ڪئي سين. ۽ پوءِ ويهي پاڻي پئندي ڪوهه سبا جي باري ۾ ڪچهري ڪرڻ لڳاسين. جيڪو اتان صاف نظر اچي رهيو هو. پوءِ اتي تلاءَ تي ئي ٻن پهرن تائين ستا رهياسين. وڏي سڪون جي ننڊ ڪرڻ بعد اٿي پاڻي پيتوسين ۽ سلواتا لاءِ دعا گهري سين. جنهن جي نقشي اسان جي جان بچائي هئي. اهو واقعي ئي هڪڙو وڏو معجزو هو. هي پاڻي اجا تائين سڪو ڪونه هو. هر ڪنهن ان باري ۾ پنهنجو دماغ لڙايو پر ڪنهن کي به اها ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي، خير ڪجهه به هوا اگر هي گندو پاڻي ( شهر ۾ هن پاڻي طرف ڪير هوند اک کڻي ڏسڻ به گوارا نه ڪري) جيڪڏهن هت نه هجي ها ته هن ريگستان ۾ اسان جا لاش به لتجي چڪا هجن ها.

اسان ٿورڙو گهمي ڦري، چهل قدمي ڪري وري اچي پاڻي پيتو ۽ ٻيو بوتلن ۾ ڀري چنڊ سان گڏ هلڻ لڳاسين. ۽ ان رات اسان ويهه ميل پنڌ ڪيو. شايد اهو چوڻ جي ضرورت به ناهي ته پوءِ اسان کي ڪٿي پاڻي ئي نه مليو. قدرت مهرباني ڪئي ۽ قسمت ساٿ ڏنو ٻئي ڏينهن اسان کي پناهه لاءِ هڪ اهڙيءَ جڳهه ملي وئي جيڪا هڪ ننڍڙي ٽڪري هئي. جتي وڏي فرصت بخش وڻڪار هئي. جنهن جي ڇانوَ ۾ اسين وڃي ويناسين ۽ اسان کان ڪي ويهه ميل کن پري ڪوهه سبا جون برف پوش چوٽيون چمڪي رهيون هيون.

جڏهن رات پنهنجا زلف سنوارڻ لڳي ته اسان به هلڻ جي تياري ڪئي. ۽ صبح ٿيندي ئي اسين ڪوهه سبا پهاڙ جي قدمن وٽ بيٺا هئاسين. هت اچي اسان جون پاڻيءَ جون بوتلون خالي ٿي ويون، پر اسان جي سامهون يا ائين ڪٿي ڇئون ته اسان جي مٿن کان برف جون سفيد سفيد سرون چمڪي رهيون هيون. جتان اسين پاڻي حاصل ڪري پئي سگهياسين. مگر جبل جي چوٽي ڪافي بلند هئي ۽ تيز اس ۾ پهاڙ تي چڙهڻ، بس پاڻ سمجهو ٿا....

پهاڙ جي هنج ۾ ڪجهه دير ساهي پٽڻ ڪانپوءِ اسان مٿي چڙهڻ شروع ڪيو.

هي پهاڙ ڪيئي صديون اڳ آتش فشان رهيا هوندا. آس پاس ٽڙيل پکڙيل وڏا وڏا پٿر، جميل لاوو هوندا. يارهين وڳي تائين لاڳيتو جبل چڙهندي چڙهندي اسان جي طاقت جواب ڏيڻ لڳي. ۽ “ چڙهي ته جبل چوٽ تي، گسي ويا ٿم گوڏا”وانگر سجو بدن ٿڪاوٽ کان چور چور ٿي ويو. ٻيو ته لاوي جون کهريون کهريون ايڪيريون پيرن کي ڦٽي زخمي ڪري رهيون هيون. اسان کان ڪجهه ئي گز فاصلي تي لاوي جمي هن بلنديءَ تي هڪڙو ميدان ناهي ڇڏيو هو. ان هموار ميدان طرف ترسڻ لاءِ وڌياسين ۽ اتي پهچي

اسان کي حيرت وٺي وئي. واهه! واهه! هن پٿريلي سطح تي نرم نرم سائو گاهه هوا ۾ لهرون هڻي رهيو هو. معلوم ائين ٿي رهيو هو تہ جڏهن لاوو هن جڳهه تي جمي ٿڌو ٿيو هوندو ۽ اجا پٿر نہ بڻيو هوندو تہ ان وقت پکين اڇي ڪجهه ٻج جا ڪڻا هتي لاٿا هوندا. ۽ خدا پنهنجي قدرت جا رنگ ڏيکارڻ لاءِ انهن پٿرن ۾ زمين جي سطح کان ڪافي بلنديءَ تي گاهه جو هڪڙو خوبصورت باغ بڻائي ڇڏيو هو. اهو بہ اسان لاءِ ايڏو ڪار آمد نٿي ٿي سگهيو. جو اسين اجيا ۽ بکيا هئاسين ۽ تاريخ کان اڳ وارن انسانن وانگر گاهه تہ نٿي کائي سگهاسين. ڇو تہ ان کي هضم ڪرڻ لاءِ بہ هاٿيءَ جو معدو ۽ ٻڪري جا ڏند درڪار هئا. جيڪي اسان وٽ ڪونہ هئا. اسين اتي ئي ويهي رهياسين ۽ ان وقت پهريون دفعو مون پنهنجي دل ۾ سوچيو تہ ڪاش! مان هنري ۽ گڏ سان گڏ نہ اچان ها تہ چڱو.

امبوپا اٿيو. ڪجهه دير خلا ۾ ڏسندو رهيو ۽ پوءِ خراب منهن ڪري اوباسي ڏئي، مٿو کنهيائين ۽ پوءِ اسان کان چند قدم اڳتي ٽهلڻ لڳو. گاهه جي بلڪل وچ ۾ پهچي هو ڇرڪيو ۽ هڪدم جڻ تہ پاڳل ٿي ويو. جئين ننڍڙن ٻارڙن کي رانديڪو هٿ اچڻ تي خوشيءَ ٿيندي آهي. اهڙيءَ خوشيءَ مان نچڻ ۽ رڙيون ڪرڻ لڳو. سائي رنگ جي ڪا شيءِ هٿ ۾ هيس. جنهن کي لوڏيندو اسان کي ڏيکارڻ لڳو. اسان هن جي حرڪتن تي تعجب ۾ پئجي وياسين.

”ڇا هي اڙي امبوپا ڇريا!“ مون واڪو ڪري پڇيو مانس.

”ڪاڏو ۽ پاڻي. ميڪوميزن...“ هي سائي شي لوڏي وري اسان کي ڏيکارڻ لڳو. اسين پوري قوت سان هن طرف ڀڳاسين. اتي پهچي ڏٺوسين تہ گدرن جي ولين جو جار وڇايو پيو هو. بلڪل پڪل جهنگلي گدرا، جن کي رڳو هٿ وڌائي پٽڻ جي دير هئي.

”اڙي گدرا.. واهه واهه“ مون گڏ طرف ڏسي واڪو ڪري ٻڌايو مانس. ٻئي لمحي گڏ جا مصنوعي ڏند گدري ۾ کُپي ويا. ۽ اسان مان هر هڪ ڇهہ ست گدرا چٽ ڪري ويو. هي هڪڙو خسيس ميوو آهي جيڪو هن وقت اسان کي دنيا جي لذيز ترين وٿ معلوم ٿي رهيو هو. گدرن جي ڪري اسان جي اڃ ۽ بک تہ ختم ٿي وئي پر پوءِ بہ اسان کي تسلي نہ ٿي، اسان وٽ ٿورو سڪل گوشت بچت ۾ هو. ٿورو ڪاڌوسين پر ان مان بہ جهڙوڪر تنگ ٿي ويا هئاسين. پر خبر ناهي اڳتي ڪاڏو ملي نہ ملي؟ اها ڳالهه ڳڻي بچيل سڪل گوشت کي وڏي احتياط سان سنڀالي رکيوسين.

اتفاق سان منهنجي نظر صحرا ڏانهن کڄي وئي. هڪ ولر پکين جو اڏامندو تيزي سان اسان ڏانهن اچي رهيو هو. هي پهاڙي پکي ڪافي ٿلها متارا لڳي رهيا هئا.

”نشانو وٺ آقا! وارو ڪر“ وينتا رڙ ڪندي چيو ۽ پاڻ پيٽ پر ليٽي پيو. مون بہ ائين ئي ڪيو ۽ پکين جي انتظار ۾ ساهہ بند ڪيو پيا هئاسين. جڏهن پکي بندوق جي زد ۾ پهتا تہ هڪ جي بدران بہ گوليون هلائي ڇڏيم. ان جٿي مان هڪڙو پکي ڪلابازيون کائيندو اچي زمين تي ڪريو. گدرن جي سُکل ولين کي باهہ ڏئي. ان پکيءَ کي پچائڻ لڳاسين ۽ بيصبريءَ سان ان جي پُچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. اسان جو شڪار جڏهن پچي تيار ٿيو تہ ان تي ائين اچي ٽٽاسين جو گهڙيءَ ڪن ۾ اسان جي سامهون ڇباڙيل هڏين کان سواءِ ڪاشيءَ ڪانہ

هئي. رات جو اڳتي روانو ٿيڻ وقت اسان ڪجھ گدرا پاڻ سان ڪٽيا. جئين جئين مٿي چڙهڻ لڳاسين. هوا تيز ٿڌي ٿيندي وئي. سيءَ کان اسان جا ڏند ڪڙڪڻ لڳا ۽ هيءَ سخت سرد هوا جڻ تہ جسمن کي ڏنگ هڻي رهي هئي. چڙهائي ايڏي تہ ڏکي هئي جو وڏي مشڪل سان هڪ ڪلاڪ ۾ اڌ ميل کن مس چڙهي سگهياسين. اهڙي طرح صبح تائين چڙهندا، رڙهندا، وڌندا رهياسين . ۽ جڏهن رات صبح سامهون پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪيا تہ اسين برف پوش چوٽين کان ڪي ٻارنهن ميل پري هئاسين. ان رات اسان سڀ ٻچيل سڪو گوشت ان آسري تي کائي ڇڏيو تہ اڳيان پکي پيا ملندا، پيا شڪار ڪنداسين. پر اهو اسان جو محض خيال هو. جيڪو خيال ئي رهيو. هتي آس پاس ڪنهن پکي پکڻ يا ڪنهن جانور جو ڪو نالو نشان ئي ڪونہ هو. هيٺ پٽرن ۾ صحرائي ريت تي برف چمڪي رهي هئي. پاڻي بہ ختم ٿي چڪو هو ۽ اسان جي مايوسيءَ جو ڪو ڇيھ ئي ڪونہ هو. جڏهن تہ هت پهاڙن تي ڪو چشمو يا درياءَ بہ نظر نٿي آيو. خيال هو تہ برف پگھرجڻ جي ڪري پهاڙ تي ڪافي تعداد ۾ نديون ۽ چشما هوندا پر پوءِ خبر پئي تہ ڪنهن خاص سبب جي ڪري سيئي نديون پهاڙ جي پرئين پاسي ٿي وهيون. اسين اڃ بک جي ڪري پريشان هئاسين ۽ هاڻ اها تڪليف بہ ناقابل برداشت ٿيندي پئي وئي. اڳيان ٿي ڏينهن اسان تي ڇا گذريو؟ اهو ٻڌائڻ لاءِ هتي مان پنهنجي ڊائري (جيڪا مان هن سفر ۾ لکندو هوس) جا چند صفحا هتي نقل ٿو ڪريان.

"ڊائري"

21 مئي: صبح يارهين وڳي روانہ ٿياسين. چند گدرا ساڻ هئا، هوا ايتري قدر سرد هئي جو لڳو ٿي تہ اسان جي هڏين جي مک بہ ڄمي ويندي، گدرا ختم ٿي ويا. سڄو ڏينهن انهن جي ڳولا ۾ رلياسين پر ڪاميابي نہ ٿي.

22مئي: پکين جي حدن مان گذري چڪا هئاسين تنهنڪري انهن جي ملڻ جي اميد بہ ڪانہ هئي. هاڻ اهڙا تہ ڪمزور ٿي وياسين جو ڄڻ تہ بيهوشيءَ جي عالم ۾ پئي رڙهياسين. سڄي ڏينهن ۾ مشڪل سان پنج ميل پنڌ ڪيوسين. رستي ۾ برف جا ٽڪرا مليا پئي، جيڪي چٻاڙيندا رهياسين، باقي کاڌي لاءِ ڪا بہ شي نہ ملي، رات جو هڪ جڳھ تي ترسياسين. سردي اهڙي هجي جو بيان بہ نٿي ڪري سگھجي. بدن ۾ گرمي پيدا ڪرڻ لاءِ هڪڙو هڪڙو ڊڪ براندي پيتي سين. پنهنجن ڪمبلن ۾ گوڏا پيٽ کي ڏئي ويڙهجي سيڙهجي سمهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳاسين. اڃ، بک ۽ ٿڪاوٽ تہ ننڊ کي بہ ويجهو اچڻ نٿي ڏنو. وينٽا ويچارو تہ مون سمجهيو تہ مري ويندو.

23مئي: صبح جي ڪرڻن جسم کي ڪجھ گرمي پهچائي تہ اڳتي روانا ٿياسين. بلڪل ائين "هوري ڏاڍي هل، ڪاھ تہ پسين ڪيچ کي". آهستي آهستي زندگي ڏور ۽ موت اسان کي ويجهو ٿيندو پئي آيو. " مرڻ مون سين آءُ، تہ پنيءَ توءِ پنڌ ڪريان". مان ان خوف ۾ ڪنبي ويس تہ جيڪڏهن اڄ بہ کائڻ لاءِ ڪجھ نہ مليو تہ پوءِ اسان جو آخري سفر شروع ٿي ويندو. سواءِ ٿورڙي برانديءَ جي اسان وٽ ٻيو ڪجھ بہ ڪونہ هو. گڊ، هنري ۽ امبوپا جي ثابت قدميءَ کي داد ڏيڻو پوندو. باقي وينٽا جي حالت مون کان وڌيڪ خراب هئي. هو غريب آفريڪا جي گرميءَ جو عادي، هيءَ ڏڪائيندڙ سردي هن کان ڪٿي ٿي

برداشت ٿئي! بک جي تڪليف هاڻ زياده محسوس نٿي ٿي. ڇو ته اسان جا پيٽ خالي ٿي بلڪل سُنُ ٿي ويا هئا. اسين ان ٽڪريءَ جي ويجهو پهچي ويا هئاسين جيڪا هڪ ديوار وانگر ڪوهه سبا جي ساڄي ۽ کاٻي وارن پهاڙن کي پاڻ ۾ ملايو بيٺي هئي ۽ ان جابلو ديوار جي مٿان چار هزار فوٽ جي بلنديءَ تي برف ڍڪيل پهاڙن جون چوٽيون غرور مان ڳاٽ اوچو ڪيو بيٺيون هيون ۽ هيٺ نگاهه جي حد تائين وسيع صحرا ڦهليل هو. ڪاٺ لاءِ ڪابه شي نه ملي، هاڻ رب رحم ڪري، شايد اسان جو وقت پورو ٿيڻ تي آهي.

هاڻ هتان مان پنهنجي ڊائريءَ جو نقل ڪرڻ ڇڏي ٿو ڏيان.

ان ڏينهن يعني ٽيوبهين مئي تي اسين پنهنجي ٽڪ کان چُور چُور پيرن ۽ مرده جسمن کي گهليندا رهياسين. ان وقت اسان جي حالت ڪو ماڻهو اچي ڏسي ها ته شايد ڊپ کان هانو ڦاٽي پوس ها. اسان جون ڏاڙهيون بريءَ طرح وڌي ڪنڊڙجي ويون هيون. منهن ڏرا ڏئي ويا هئا. چپ ڦاٽي سڪي ويا هئا. آواز صفا سنهڙو ٿي ويو هو. اسان جون نگاهون بيچينيءَ مان ڪاڏي جي ڳولا ۾ هيڏهان هوڏهان گهمنديون ۽ ڪجهه به نه ملندي، مايوس ٿي جُهڪي ٿي ويون.

شام جو اسين ڪوهه سبا جي چوٽيءَ جي بلڪل هيٺان بيٺا هئاسين. لهندڙ سج برف پوش چوٽين کي خوني رنگ ڏئي رهيو هو.

”آئون چوان ٿو ڪوارٽر مين!“ گڊ چيو ”پاڻ ان غار جي بلڪل ئي ويجها بيٺا آهيون جنهن جي باري ۾ مرحوم سلواتا لکيو هو“.

”مگر ڪٿي غار هجي به، تڏهن نه“ مون چيس.

”ڪوارٽر مين!“ هنري سختيءَ سان داٻو ڏنو ”اهڙيون مايوسيءَ واريون ڳالهيون نه ڪندو ڪر. مون کي سلواتا جي تحرير تي پورو پروسو آهي. ياد اٿئي گندي پاڻي جو تلاءُ“.

ڏهن منٽن تائين اسين غار جي تلاش ۾ رهياسين. امبوپا پنهنجو پاڻ کي ڪمبل ۾ ويڙهيو ۽ بک برداشت ڪرڻ لاءِ پيٽ کي چڪي چمڙي جو پٽو ٻڌو ۽ اسان کان اڳيان اڳيان هلڻ لڳو.

”پريان هو ڏس!“ امبوپا منهنجو هٿ پڪڙي هڪ طرف اشارو ڪيو. برف جي ڇپن ۾ هڪڙو وڏو سوراخ ڏسڻ ۾ پئي آيو.

”اهو اٿئي غار“ امبوپا چوڻ لڳو.

اسين ٿڙندا ٿاٻڙجندا ان سوراخ تائين پهتاسين. واقعي ئي اهو سلواتا جو ٻڌايل غار ئي هو. جنهن وقت اسين غار ۾ داخل ٿياسين. رات جي اونده ڦهلجي وئي هئي، اسان براندي‌ءَ جو آخري ڍڪ ڍڪ پيتو ۽ هڪٻئي کي چنبڙي سمهي پياسين. شايد ان طرح ڪا گرمي حاصل ٿئي. مگر لڱ ساڙيندڙ سرديءَ ننڊ کي اسان جي ويجهو اچڻ ئي نه ڏنو. اسين اٿياسين ۽ هڪٻئي جي پٺن سان پٺا ملائي ننڊ جي انتظار ۾ ويهي رهياسين. هڪڙا ٻکيا پيو وري صحرا جي تيز گرميءَ برداشت ڪري آيا هئاسين، تنهن ڪري هي سردي اسان کي اجا به وڌيڪ تڪليف ڏئي رهي هئي.

وقت تمام آهستي آهستي ڪنهن منڊڙي فقير جيان رڙهي رهيو هو. ۽ اسين هڪٻئي سان لڳي پنهنجو پاڻ کي گرمائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئاسين. مگر اسان جي ڪمزور ۽ ضعيف جسمن ۾ ايتري گرمي ڪٿان آئي جيڪا هينئر هڪٻئي جي ڪم اچي سگهي. پر پوءِ به ننڊ جو ڪو هن تائين ڪو پتو ئي نه هو. ڪيڏي ڪيڏي مهل سو اهو ٿيو ٿي جو ڀِڪر ڪان اکيون ڀُوريون ٿينديون ٿينديون خودبخود بند ٿيو ٿي ويون، پر ڪجهه ئي گهڙين ۾ سجاڳ ٿيو اکيون تارن جيان پيون ٽمڪن. صبح تائين اسان مان ڪوبه سمهي ڪونه سگهيو. پرهه ڦٽڻ کان پهريائين وينتا، جنهن جا ڏند سڄي رات سيءَ ۾ ڪڙڪندا ٿي رهيا، هڪ گهرو ساهه کڻيو ۽ ڏند ڪڙڪڻ بند ٿي ويس. مون سمجهيو سمهي رهيو. هن جي پٺي منهنجي پٺيءَ سان لڳل هئي. جيڪا ٿڌي ٿيڻ لڳي. ۽ پوءِ ٿڌي ٿيندي ٿيندي نيٺ وڃي صفا برف ٿي.

فضا ۾ روشني ڦهلجڻ لڳي. سج جا ڪرڻا پهريائين غار ۾ ليئا پائڻ لڳا ۽ پوءِ آهستي آهستي اندر گهڙي آيا ۽ انهن ڪرڻن اسان کي گرمائڻ شروع ڪيو ۽ پوءِ اهي ڪرڻا سرڪندا سرڪندا وينتا جي مرده جسم تي رقص ڪرڻ لڳا. جيڪو ويچارو شايد ان مهل ئي مري ويو هو. جڏهن هن اونهون ساهه کڻيو هو. هاڻ هو آڪڙجي صفا تختو ٿيو ويو هو. مون کي خوف وٺي ويو. مان ڊڄي وينتا جي لاش کان پرپرو وڃي ويهي رهيس. ڪيڏو عجيب ٿيندو آهي، اهو خوف جڏهن اسين پاڻ کي ڪنهن لاش ويجهو ڏسندا آهيون. وينتا جهڙيءَ طرح گوڏن ۾ منهن ڏيو وينو هو. هينئر به ائين ئي وينو آهي. لڳي ائين ٿو ته چاڻ ته اٿيو.

”اڙي! مري ويو ويچارو“. امبوپا چيو.

آهستي آهستي سج جي ڪرڻن غار کي روشن ڪري ڇڏيو. اوچتو ڳڻ جي واتان خوف مان دانهن نڪري وئي. مون مڙي ان طرف نهاريو ته منهنجي دل جي ڌڙڪن به تيز ٿي وئي. غار جي آخري ڇيڙي تي (هي غار ويهه فوٽ ڊگهو هو) ڪو شخص ڪنڌ جهڪايو وينو هو. مون پنهنجن حواسن تي قابو پائي چند قدم اڳتي وڌي غور سان ان شخص ڏانهن ڏٺو. هو ڪوئي اجنبي هو. منهنجي جسم کي ڏڪڻي وٺي وئي.

”اهو ڪير هوندو ۽ هتي ڪئين پهتو هوندو؟“ مون سوچيو ۽ هي غار هاڻ مون کي ڀوتن جي رهائش گاهه محسوس ٿيڻ لڳو.

”هي شخص به سرديءَ جي ڪري آڪڙجي ويو آهي ۽ ڪو انگريز آهي. سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڪير هو ۽ ڪٿان آيو هو“. هنري چيو

”يقينن هي غار ڪو ڀوت گهر آهي“. امبوپا چيو ۽ تڪڙو تڪڙو ٻاهر ڀڄڻ لڳو.

# شاهراهه سليمان

غار مان نڪري اسين پريشانيءَ مان هڪٻئي جا منهن تڪڻ لڳاسين. مان پنهنجي باري ۾ پڏايان ته ان وقت منهنجي وات مان سرديءَ جي ڪري ٻاڦ نڪري رهي هئي.

" مان هن غار ۾ وري واپس وڃڻ ٿو چاهيان". هنري اڳتي وڌندي چيو.

" چريو ته ڪونه ٿيو آهين انڪوبوا!". امبوپا اڳتي وڌندڙ هنري جو هٿ پڪڙي ورتو.

" مون مان هٿ ڪڍ امبوپا! منهنجو خيال آهي ته اسان جيڪو ڪجهه ڏٺو آهي، يعني اهو اجنبي مردو، ڪٿي اهو منهنجو ڀاءُ ته ناهي؟ " هنري خدشو ظاهر ڪيو. واقعي ٿي به سگهي ٿو. اسين سڀ وري غار ۾ داخل ٿي وياسين. هنري اجنبي لاش سامهون اوڪڙو ويهي غور سان لاش جو منهن ڏسڻ لڳو. " رب پاڪ جا لک لک شڪرانا، هي منهنجو ڀاءُ ناهي". هنري اطمينان جو ساهه کڻيو.

مون ويجهو وڃي غور سان اجنبيءَ کي ڏٺو هي ڊگهي قد جو آڪڙيل جسم ڪنهن اڌڙوٽ عمر جي شخص جو معلوم ٿي رهيو هو. چهري جا نقش تکا، وڏيل وار، نفاست سان ٺهيل سنهڙيون مُڇون، هن جي چمڙي ڦڪي ٿي وئي هئي. جڏهن ته هي ويچارو الف اگهاڙو هو ۽ جسم تي ڪجهه هوس ته صرف هڪڙو جوڙو جوتن جو پيرن ۾ پيو هوس، ٻيو ٿيو خير، باقي ڪنڌ ۾ هاٿي ڏند جو صليب لٽڪي رهيو هوس. منهنجو دماغ چڪرائجي ويو.

" هيءَ ڪير ٿو ٿي سگهي يلا؟ مون پريشانيءَ مان پڇيو.

"ايترو به ڪونه ٿو سمجهين" گډ چيو" ڊي سلواٽا آهي ٻيو ڪير آ."

"ناممڪن. ان کي مئي به ٽي سئو سال ٿي ويا آهن يائوا" ٻڌايو مانس.

"ته پوءِ ڇا هي" گڊ چيو" سئٽزرلينڊ جو ڊبي ۾ بند گوشت وڏي عرصي تائين ڇو نٿو خراب ٿئي. انڪري ته اهو ڪافي سرد جڳهه تي رکيو ويندو آهي. بس اها ئي حالت هت به سمجهه، هتان جي تيز سرديءَ هن جسم کي ٽي سئو سالن تائين محفوظ رکيو آهي. سچ جا ڪرٽا هن جڳهه تائين پهچي نٿا سگهن. تنهنڪري اهو جسم سڙي ڳرڻ کان بچي ويو آهي. هيستائين ڪو درندو به پهچي نٿو سگهي. هن جو اهو ملازم جنهن جو ڊي سلواٽا ذڪر ڪيو آهي، هيستائين ته ظاهر آهي پهتو هو. جنهن پنهنجي آقا جا ڪپڙا لٺا لاٿا ۽ ان کي دفن ڪرڻ ڪانسواءِ ئي هليو ويو. "هي ڏسو" گڊ اڳيان وڌي هڏيءَ جو هڪڙو نوڪدار ٽڪرو کڻيو.

" هيءَ اها ئي هڏي آهي، جنهن سان سلواٽا تحرير لکي هئي ۽ نقشو ناهيو هو."

"اڙي، هيڏهان ڏسوا". ۽ هن مرده سلواٽا جي کاٻي ٻانهن جي ڪرائيءَ ڏانهن گهري زخم طرف اشارو ڪيو.

"اُف خدايا! هي ڪهڙو نظارو آهي. اهڙو مون ته ڇا پر اج تائين ڪنهن ماڻهوءَ به نه ڏٺو هوندو" ان جي سلواٽا هجڻ ۾ هاڻ ڪنهن کي ذري برابر به شڪ نه هو. ان نظاري منهنجي جسم ۾ ڏڪڻي پيدا ڪري

چڙدي. ٿورو توهان ان نظاري کي پنهنجي تصور ۾ آڻڻ جي ڪوشش تہ ڪري ڏسو. هڪ شخص جيڪو آڪڙيل مجسمي وانگر ٽيو پيو هجي. ڪنڌ جهڪيل هجيس، اکيون اڌ کليل، ڇهري تي بڪ ۽ ٽڪاوٽ سان گڏوگڏ سڪرات ۽ موت جي تڪليف جا آثار هجنس، چوطرف گهري خاموشي ڇانيل هجي ۽ اسين ان غار ۾ زمين جي سطح کان ڪافي مٿي ان وٽ اڪيلا وينا هجون ۽ وري خيال ڪريو تہ هن شخص کي مري وئي ٽي صديون گذري چڪيون هجن، تہ توهان جي دل تي ڪجهہ اثر ٿيندو يا نہ. توهان ئي ٻڌايو؟

منهنجي هٿ ۾ اها هڏي هئي جنهن کان سلواٽا قلم جو ڪم ورتو هو. ان جي ڪنڌ ۾ اهو صليب اجان تائين بہ لٽڪي رهيو هو. جنهن کي سلواٽا جي برف جهڙن ٿڌن چپن آخري چمي ڏني هوندي. ٽي صديون پهرئين هن شخص جي موت جو منظر منهنجي اکين سامهون گهمي ويو. سلواٽا جي ساهہ جو سڄو ٽنڊ لڳو هوندو، اڃ ۽ بک ان جي مڙني قوتن کي سلب ڪري ڇڏيو هوندو. مگر ان وقت بہ ان کي اهو خيال ستائي رهيو هوندو تہ ايندڙ نسلن لاءِ ڪجهہ ڇڏي وڃجي. تنهنڪري هن غار ۾ هٿوراڙيون هڻيون هونديون ۽ پوءِ مشڪل سان اها هڏي لڌي هوندائين ۽ پوءِ وڏيءَ بهادريءَ سان پنهنجي تڪليف ۾ اضافو ڪندي هڏيءَ جي ڇهنب پنهنجي ڪرائي ۾ ٽنبي هوندائين ۽ اهو نقشو ناهيو هوندائين جيڪو اڄ ٽي سئو سالن کان پوءِ بہ اسان جي رهنمائي ڪري رهيو آهي ۽ ان شخص جي احترام ۾ منهنجو ڪنڌ جهڪي ويو.

" هاڻ هلو". هنري حڪم ڏنو ۽ پوءِ جئين ئي ڪيس ڪجهہ ياد اچي ويو هجي.

"ترسو! اسين سلواٽا لاءِ هڪڙو ساٿي مهيا ڪريون".

ان وينٽا جي آڪڙيل لاش کي ڪٽي سلواٽا جي ويجهو ويهاريو ۽ سلواٽا جي ڪنڌ مان صليب لاهي ورتو ( مون کي يقين آهي تہ اهو اڄان بہ هنري وٽ موجود هوندو) ۽ سلواٽا جو هڏيءَ وارو قلم مون وٽ پڻ محفوظ آهي. ڪڏهن ڪڏهن موڊ ۾ اچي مان ان سان صحيح ڪري وٺندو آهيان."

پوءِ انهن ٻنهي شخص کي جن مان هڪ جي چمڙي ڪاري هئي ۽ ٻئي جي سفيد هئي. اسان آخري سلام ڪري غار کان ٻاهر نڪري آياسين. اهي ٻئي دلير انسان شايد قيامت تائين اتي محفوظ رهندا .

وينٽا جي موت مون کي جهنجهوڙي وڌو هو. هر هر اهو خيال مون کي پريشان ڪري رهيو هو تہ ڪجهہ ئي دير کانپوءِ منهنجو آڪڙيل لاش بہ ڪنهن غار يا ڪنهن ٽڪريءَ تي پيو هوندو. ان خوفناڪ خيال کي پنهنجي دماغ مان ڪيڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪيم پر بيو ٿيو خير.

اسان هلندا رهياسين.

چوطرف گهاٽو گهاٽو ڌنڌ ڇانئجي رهيو هو. ڪا خبر ڪانہ ٿي پئي تہ اڳتي ڇا آهي؟. ڪا گهري کڏ يا ڪا اوچي ٽڪري؟ اسان پريشانيءَ جي عالم ۾ ٻيهي رهياسين. آهستي آهستي ڌنڌ جو پردو هٽڻ لڳو ۽ اسين جتي بينا هئاسين اتان کان پنج سئو گز هرطرف سائو سائو گاهہ ئي گاهہ ڦهليل هو. وچ ۾ شفاف پاڻيءَ جو تلاءَ نظر اچي رهيو هو. ۽ چند هرڻ مزي سان گهمي رهيا هئا.

"قدرت اسان لاءِ کاڌي پيتي جو انتظام تہ ڪري ڇڏيو هو پر سوال اهو هو تہ ان کي حاصل ڪئين ڪجي، هرڻ پنج سئو گز هيٺ ۽ هتان نشانو ڳُسي بہ سگهجي ٿو. ظاهر آهي تہ بندوق جو نڪاءُ ٻڌي هرڻ ڀڄي ويندا

۽ اسان کي جيڪا مايوسي ٿيندي سا اسان کي خودڪشيءَ لاءِ آماده ڪرڻ لاءِ ڪافي هوندي، خير، اسان کي خدا تي ڀروسو ڪرڻ کپي، نشانو اتان ئي وٺنداسين. اگر اسان هرڻن جي ويجهو وڃڻ جي ڪوشش ڪئي ته اهي اسان کي ڏسندي ئي ڀڄي ويندا.“ هنري چيو” مسٽر ڪوارٽرمين! بندوق ڪهڙي استعمال ڪئي وڃي، ايڪسپريس يا رائيفل؟.

سوال واقعي ڏکيو هو رائيفلون اسان وٽ به هيون هڪ امبوپا جي ۽ ٻي غريب وينٽا جي، جيڪا به امبوپا سنڀاليو پئي هليو. هي رائيفلون هڪ هزار گز تائين مار ڪري سگهن ٿيون. جڏهن ته ايڪسپريس جي گولي سادا ٽي سئو گز يا ٿورو وڌيڪ تائين پهچي سگهي ٿي. پر ايڪسپريس جي گولي جسم ۾ ڦرندي ويندي آهي ۽ شڪار اتي جو اتي ڍير ٿيو وڃي. رائيفل جي گولي ڪائي شڪار اڌ ميل تائين ته پهچي سگهي ٿو. مون فيصلو ڪيو ته ايڪسپريس بندوق ئي استعمال ڪئي وڃي ته بهتر. پر شڪ هو ته گولي هرڻ تائين پهچندي به سهي الائي نه..! اسان ٽنهي هڪ ئي هرڻ جو نشانو ورتو. مون ٻڌايو مانِ ته هوشياري ڪجو نشانو هرڻ جي ڪنڌ يا ڪوڙي تي هجڻ کپي. امبوپا تون ٽن تائين ڳڻجان ۽ اسين گڏجي بندوق هلائينداسين.

اسان ٽنهي پنهنجا ساهه بند ڪري بندوقون سڌيون ڪيون.

”هڪ، ٻه“ امبوپا ڳڻڻ شروع ڪيو ”۽ ٽي“.

ٽنهي بندوقن مان ڄڻ ته هڪ ئي ڌماڪو نڪتو. آس پاس جون ٽڪريون ڌماڪي سان گونجي اٿيون. اسان جي سامهون ٽنهي بندوقن جي نالين مان دونهي جا ننڍڙا ننڍڙا بادل نڪري اسان جي آس پاس تحليل ٿيڻ لڳا. جڏهن دونهي جا اهي ننڍڙا بادل هٽيا ته اسان تيزي سان هيٺ پڳاسين. جتي هڪڙو هرڻ زمين تي پيو. چڙهيون هٽي رهيو هو.

”شڪر ٿئي منهنجا رب!“ گڊ ڄڻ ته زوردار نعرو هڻيو“ اسين بک ۾ پاهه ٿيڻ کان بچي وياسين.“

ڏهن منٽن ۾ اسين هرڻ وٽ پهچي وياسين. پر هت اچي هڪڙو نئون مسئلو پيدا ٿي پيو ته گوشت پچائڻ لاءِ باهه ڪٿان آڻجي؟

”بيوقوفو! بکيو ماڻهو سوچيندو آهي ڇا؟ ٽن ڏينهن جي بکئي لاءِ ته گڏهه به حلال آهي“ گڊ فيصلو ڏنو ” اسين گوشت ڪچو ئي کائينداسين. بس ڪچي گوشت تي ئي ٽٽي پئجو“. ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو چارو ئي ڪونه هو. اسان گوشت جا ڪجهه ٽڪرا ڪٽي برف ۾ پوريا ۽ پوءِ ڪجهه ئي دير ۾ اهي ڪڏي چشمي ۾ ڌوئي ڪائڻ لڳاسين. اهو خيال ڪري ته اسين ڪچو گوشت چباڙي رهيا هئاسين. قارئين کي ته الٽي ايندي ۽ دل ڪچي ٿيندي هوندي پر اها حقيقت آهي ته ”بک بڇڙو ٽول داناءَ ديوانا ڪري“، يا ”ڏوءَ بنا ڍوليا، ڪانهي ساڄهه سونهن جي“ وانگر اهو ڪچو گوشت اسان لاءِ دنيا جو سڀ کان وڌيڪ ذائقيدار طعام هو ۽ سچ پچ اسان لاءِ ته ڄڻ رحمت ثابت ٿيو. جو انهيءَ اسان کي ڄڻ ته نئين زندگي ڏئي ڇڏي، اسان جي جسمن ۾ طاقت وري موٽڻ لڳي ۽ نري نٽپ ٿيل جسمن ۾ آهستي آهستي حرارت موٽڻ لڳي. پر اهو خيال ڪري ته ڪٿي بدهضمي نه ٿي پئي، اسان گوشت ٿورڙو ئي کاڌو.

"رب پاڪ جا لک شڪر" هنري پنهنجي ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيرائيندي چيو" هن غريب هرڻ، پنهنجي جان ڏئي اسان جون زندگيون بچائي ورتيون آهن. ڪوارٽر مين اهو سچ پچ به هرڻ ئي آهي نه؟"

مان اٿي هرڻ جي ويجهو ويس جيڪو قدم ۾ گڏهه کان ٿورو ننڍو هو. سڱ چهنبدار، ڏگها ۽ سڌا هئس، پورن وارن تي اڇڙي رنگ جا ٽڪا ٽهيل هئس، ڪيڏو خوبصورت هو ويچارو! بعد ۾ خبر پئي ته هن قسم جي هرڻ کي هتي " انڪو" چيو ويندو آهي ۽ هي هرڻن جو ناياب نسل آهي جنهن جو تعداد آهستي آهستي گهٽجي رهيو آهي. هيستائين ته اسان پاڻ پريشان هئاسين. "سدا آهي ساهه کي ڳيي جي ڳولا" وانگر بکيو ماٺو پيٽ جي ڪري يا ناياب نسل جي تحفظ جي ڪري!بحر حال جڏهن پيٽ ۾ ڪجهه پيو ته امبوپا کي هرڻ جو سنو سنو گوشت ڪٽي ڪڻڻ لاءِ چئي اسين آس پاس چڪر هڻڻ لڳاسين.

اٿ تي ويا هئا ڏنڌ گهٽجي چڪو هو ۽ اسان جي قدمن کان هزارين فوٽ هيٺ هڪ اوپري مگر خوبصورت دنيا ڦهليل هئي. هيٺ بلڪ تمام هيٺ ساوا ساوا جهنگل هئا. وچ ۾ نيري ندي نانگ وانگر ور وراڪا ڏئي وڏندي پئي وئي. نديءَ جي ساڄي پاسي، وڏا وڏا چرا گاهه هئا. جتي ڏڳيون چري رهيو هيون ۽ رانديڪن جيئن لڳي رهيون هيون. کابي پاسي وارو حصو پٿريلو هو ۽ پري پري تائين ننڍڙيون ننڍيون ٽڪريون هليون ٿي ويون ۽ انهن ٽڪرين جي وچ ۾ ڪکن پنن جون ٺهيل جهوپڙيون ائين پئي ڏسڻ ۾ آيون جو چڻ ته ڪيڪ ٽڙيا پکڙيا پيا هجن. جتي اسين بيٺا هئاسين اتان کان ساوڪ ، ندي ۽ جهوپڙيون ائين ٿي لڳو ڄڻ ته ڪنهن مصور اسان جي قدمن ۾ پنهنجي شاهڪار تصوير وڇائي ڇڏي هجي. اسان جي مٿن کان ڪوهه سبا جون سفيد برف پوش چوٽيون اڀيون هيون. جن تي سج جا ڪرڻا رقص ڪري رهيا هئا اسين هڪ طرف ويهي قدرت جي انهيءَ خوبصورت منظر جي ساراهه ڪري رهيا هئاسين.

"منهنجي خيال ۾ سلواٽا پنهنجي نقشي ۾ ڪنهن جڳهه تي شاهراهه سليمان به ٻڌائي هئي. ڪٿين سهي ٿو چوان يا...؟" هنري مون کان پڇيو ۽ مان هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻڻ لڳس.

"ته پوءِ هُو پريان ڏس! اها اٿئي شاهراهه سليمان " هنري هڪ طرف اشارو ڪيو. مون ۽ گڊ ان طرف پنهنجو نگاهون ڪٽيون. جيڏهان هنريءَ اشارو ڪيو. واقعي ئي هڪڙو جابلو رستو لڪ يا پهاڙي پيچرو. پهاڙن مان نڪري ڪنهن طرف مڙي ٿي ويو. تعجب آهي! ته هن کان اڳ ۾ اسان جي انهيءَ پهاڙي پيچري تي ڪا نظر نه پئي.!

"اگر اسين ساڄي پاسي هلون ته ان رستي تي پهچي ويندا سين". گڊ چيو ڇا صلاح آهي، هلجي؟

گڊ جي راءِ سان اتفاق ڪندي اٿياسين. چشمي مان هٿ منهن ڌوتوسين ۽ شاهراهه سليمان طرف هلڻ لڳاسين. هڪ ميل تائين ور وڪڙ، بيترتيب، برفاني ڇپن کي لتاڙيندا جيئن ئي هڪ موڙ مڙياسين ته شاهراهه سليمان اسان جي قدمن هيٺ هئي.

مضبوط پهاڙين کي ڪٽي هي پندرهن فوٽ ويڪرو رستو ناهيو ويو هو. جيڪو اڄان تائين به چڱيءَ حالت ۾ هو. اسين هلندا هلندا وڃي ان رستي تي بيهاسين جيڪو اسان کان ڪوئي سئو کن فوٽ پري ڪٽي پهاڙين ۾ گم ٿي ٿئي.

”ڪوارٽرمين! تنهنجو ڇا خيال آهي؟ هي رستو انهن ئي ٽڪرين کان ته شروع نٿو ٿئي؟“ هنري پڇيو.

”يار مون کي ته ڪا ڳالهه سمجهه ۾ ئي نٿي اچي“. مون دل جي ڳالهه ڪئي. گڏ چوڻ لڳو “ اهو رستو پهاڙين کي ڪٽيندو، صحرا کي عبور ڪندو، ان جڳهه تائين پهچندو هوندو، جتان پاڻ هليا هئاسين. صحرا ۾ ته واريءَ ان رستي جا نشان ئي متائي ڇڏيا ۽ هتي ڪنهن زماني ۾ ( آتش فشان) ٻرندڙ جبل ڦاٽو هوندو ۽ ان جو لاوو هن رستي تي ڄمي ويو هوندو.“

اسين ماٺهو صديون پراڻي رستي سان پنڌ پياسين. جئين جئين اڳتي وڌندا وياسين. هوا خوشگوار ٿيندي وئي. جيڪڏهن هتي مون ان رستي جي باري ۾ ڪجهه نه لکيو ته اهو منهنجي انتهائي بدذوقي ۽ بيقدريءَ جو دليل هوندو. ان زماني جي ماهر ڪاريگرن جي قابليت کي داد ڏيڻو پوندو. هڪ جڳهه تي تمام اونهي ڪڏ هئي ۽ رستو انهيءَ تان گذري هليو ٿي ويو. خبر اٿو ڪئين؟ وڏن وڏن پٿرن کي پاڻ ۾ اهڙيءَ ڪاريگريءَ سان ملائي انهيءَ اونهي ڪڏ جي هڪڙي سري کان ٻئي سري تائين اتي پل ٺاهي وئي هئي. صديون گذري ويون آهن. ليڪن اڄ تائين ان پل جو هڪڙو پٿر به پنهنجي جاءِ تان چري نه سگهيو آهي. هڪ جڳهه تي اهو ئي رستو بل کائيندو انتهائي دشوار پهاڙين تان گذريو ٿي ويو. اڳتي هڪ جڳهه وري مضبوط پهاڙيون ڪاٽي سرنگهه بنائي وئي هئي ۽ رستو انهيءَ سرنگهه مان گذري اڳتي ٿي وڌيو. اهي پهاڙيون ايتري قدر ته مضبوط هيون جو جيڪڏهن فرهاد کي انهن پهاڙين ڪاٽڻ لاءِ چئجي ها ته گهڙيءَ ۾ سندس متي مان عشق جي هوا ئي نڪري وڃي ها ۽ سندس “عشق” به فشق” بڻجي وڃي ها. سرنگهه جي ديوارن تي متيءَ جون تصويرون ٺهيل هيون جيڪي مصري آرٽ جو نمونو هيون.

ٻن پهرن تائين خلاف توقع ڪافي سفر طي ڪري اسان ان جڳهه تي پهتاسين جتي پهاڙيون ختم ۽ سائو سائو جهنگل شروع ٿي ٿئي ويو. ڪٿي ڪٿي جهنگلي ٻوٽن ۽ وڻن پنهنجين ٽارين کي لوڏي جڻ ته اسان جو استقبال پئي ڪيو. جئين جئين اڳتي وڌندا وياسين پئي، اهي جهنگلي ٻوٽا گهاٽا ۽ گهاٽا ٿيندا پئي ويا.

آخرڪار عظيم صحرا جي هن عظيم رستي اسان کي عجيب قسم جي خودرو وڻن جي جهنگل ۾ وڃي پهچايو.

“واهه! هتي ته ڪافي ٻارڻ جمع ٿيل آهي”. گڏ چيو “اچو ته پهرئين گوشت وغيره پچائي پيٽ جي پوڄا ڪريون.”

ٻپهرءِ اسان ماٺهن شاهراهه سليمان جي ويجهو هڪ چشمي تي اچي لڏو لاٿو. باهه ٻاري گوشت پچائڻ لڳاسين. پچندڙ گوشت جي خوشبو اسان جي بک وڌائي رهي هئي ۽ اسان جي پيٽ ۾ هلچل مچي رهي هئي. اسين بي صبريءَ سان گوشت جي پچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. جڏهن گوشت پچي تيار ٿيو ته بکايل سرٽين وانگر اچي ان تي ٽٽاسين. اگر ان وقت ڪوئي اسان کي ائين وحشين وانگر گوشت کي پٽيندو ڏسي ها ته هوند اسان کي به قبل از مسيح جو انسان سمجهي ها .

ڪاڏي ڪان پوءِ پائيپ دکايو سين. چوطرف گاهه جو فرش وڇايو پيو هو. چشمو نئين ڪنوار جيان آهستي آهستي وهي رهيو هو. هوا ٽارين مان ٽيندي ڄن ته گنگنائي رهي هئي ۽ اسين ڄڻ ته پنهنجو پاڻ کي فردوس ۾ پائي رهيا هئاسين.

هنري ۽ امبوپا هٿ جي اشارن سان ڳالهيون ڪري رهيا هئا ۽ مان پير سڌا ڪيو گاهه تي اکيون ٻوٽيو ليٽيو پيو هوس. گڊ غائب هو ۽ اهو ڏسڻ لاءِ ته اهو ڪيڏهان ويو مان اٿي ويٺس. گڊ چشمي جي ڪناري تي ويٺو هو ۽ هن جي جسم تي صرف قميس ۽ ڪڇو پاتل هئا. پتلون ڪي هڪ ماهر ڌوبي جيان ڌوئي رهيو هو. ڪوٽ ۽ جوراب گاهه تي سڪي رهيا هئس. ڪجهه ئي دير ۾ هن پتلون کي به گاهه تي سڪائڻ وڌو.(يقينن هُو ان ڳالهه جو منتظر هو ته پتلون ۽ ڪوٽ سڪي وڃن ته هو اهي پائي وري قميس کي ڌوئي.) پتلون گاهه تي ٽيڙي هن پنهنجا جوتا لاٿا ۽ ان کي " انڪو" جي چربي هڻڻ لڳو. اها چربي هن انڪو جي جسم مان ڪڍڻ وقت سنڀالي رکي هئي) چربي هڻڻ سان جوتن ۾ چمڪ اچي وئي ۽ گڊ جي منهن تي ڪامياب مسڪراهٽ ڦهلجي وئي. هن چربيءَ کي جوتن تي وري رڳڙيو ۽ ڪنڌ ڌوڻي دل ئي دل ۾ هن ايجاد تي پنهنجو پاڻ کي داد ڏيڻ لڳو. جوتا پائي هن پنهنجو چمڙي جو ٿيلهو ڪوليو... ٿيلهي ۾ هٿ هڻي هن هڪ ننڍڙو ڪنگو ۽ آرسي ڪڍي ۽ وڏي سليقي سان پنهنجا وار ٺاهڻ لڳو. مگر لڳو پئي ته هو ان مان به مطمئن نه پئي ٿيو ۽ ڪجهه دير غور ڪرڻ ڪانپوءِ هو ڏهن ڏينهن جي ڪنبريل ڏاڙهي تي هٿ ڦيرائڻ لڳو جيڪا منهن تي جهنگ وانگر ڦٽي آئي هئس" هون, هاڻي وري هيءَ شيو ڪندو؟ اُلو ڪٿان جو؟" مون سوچيو. گڊ چربيءَ جي انهيءَ ٽڪري کي, جنهن سان جوتن کي چمڪايو هئائين, انهي کي چشمي مان ڌوئي صاف ڪيو ۽ پوءِ وري هٿ وجهي ٿيلهي مان سيفٽي ريزر ڪڍيائين. چربيءَ کي ڪافي دير ڳلن ۽ ڪاڏيءَ سان رڳڙيندو رهيو. پوءِ ريزر کي وڌيل ڏاڙهيءَ تي لڳائي هيٺ هلايائين "چرر" جو آواز آيو ۽ تڪليف ڪان گڊ اوڪٽو ٿي ويهي رهيو. ۽ هن جي واتان ازخود ريزر لاءِ گار نڪري وئي. پوءِ ڏاڙهي ٺاهڻ شروع ڪيائين ۽ هڪ طرف جي اڌ ڏاڙهي ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. هن ٻئي ڳل تي اڃا ريزر رکيو ئي مس جو " سُون " ڪندي ڪا کي شيءَ ڪيوڻ وانگر چمڪندي گڊ جي مٿي ڪان تيزيءَ سان گذري وئي. هو ڇڙي اٿيو ( ان طرح جو سيفٽي ريزر جي بدران خالي بليڊ هٿ ۾ هجيس ها ته پنهنجو ڳل به وڍي وجهي ها) مان ٽپ ڏئي اٿيس ۽ حيران هوس ته آخر اها هئي ڪهڙي بلا؟.

۽ جيڪو ڪجهه ڏٺم تنهن ته منهنجو خون ئي خشڪ ڪري ڇڏيو. مون ڪان ويهه فوٽ ڪن پري, گڊ ڪان ڏهن فوٽهن جي فاصلي تي عجيب ماڻهن جو هڪڙو ميڙ بيٺو هو. ان ميڙ جي اڳيان هڪ نوجوان بيٺو هو ۽ ان گڊ طرف پنهنجو نيزو اڇلايو هو ۽ ان جو هٿ اڃان به هوا ۾ بلند هو. انهن ماڻهن جا قد ڊگها ۽ جسم ڪارا رُڏُ هئا, گردن ۾ هڏين جون مالهائون لٽڪي رهيون هئن ۽ جسم تي جانورن جون کلون چنبڙيل هئين ۽ انهن جي ڊگهن ڊگهن ڇهرن تي اکيون ڄڻ ته ٻٽڻ وانگر ٽاڪيل هين.

ڏسندي ڏسندي هڪڙو پير مرد شخص اڳتي وڌيو ۽ ان نوجوان جو هٿ پڪڙي ان کي ڪن ۾ ڪجهه چيو ۽ پوءِ انهن ماڻهن جو پورو گروهه نيزا تاڻي اسان ڏانهن وڌڻ لڳو.

امبوپا، گڊ ۽ هنري پنهنجون بندوقون تاٽي انهن طرف ڪيون. ليڪن هُو بيخوف ٿي اڳتي وڌڻ لڳا. مون کي خيال آيو تہ شايد هن کان اڳ انهن ماڻهن هن قاتل هٿيار کي ڏٺو ناهي. هنن کي خبر ئي ناهي تہ بندوق ڇاهي؟

”بندوقون رکو“ مون پنهنجن ساٿين کي چيو ۽ انهن ائين ئي ڪيو. مان ڊڄندي ڊڄندي اڳتي وڌيس ۽ ان پير مرد سان مخاطب ٿيس جنهن ان ڀالو اڇلڻ واري نوجوان کي ڪن ۾ ڪجهہ چيو هو.

”خوش آمديد“ مون زولو زبان ۾ چيو ( مون کي خبر بہ ڪانہ هئي تہ انهن جي ٻولي ڪهڙي هئي(

”توهان ماڻهو ڪير آهيو ۽ ڪٿا آيا آهيو؟“ پير مرد داٻي واري انداز مان پڇيو ”توهان ٽنهي ڄڻن جا منهن ايتري قدر سفيد ڇو آهن؟ ۽ هن چوٿين شخص جو رنگ اهڙو ڇو آهي جهڙو اسان جي ڪنهن ماءُ جو جڻيل ٻچڙو هجي“ هن امبوپا طرف اشارو ڪري چيو. مون لوٽو ورائي ڏٺو تہ واقعي ئي امبوپا جو رنگ ۽ ان جي منهن مهانڊي جا خدو خال بلڪل انهن ماڻهن جهڙا هئا.

”اسان پرديسي آهيون ۽ لڙائي جهڳڙي جي خيال سان نہ آيا آهيون“. مون آهستي آهستي چيو جئين هوءَ منهنجو مطلب سمجهي سگهن“ ۽ هيءَ شخص اسان جو ملازم آهي.“

”بڪواز نا ڪريو“ پير مرد گرجيو“ ڪوبہ انسان انهن پهاڙن کي عبور ڪري ئي نٿو سگهي. جتي هر شيءَ ڄميو برف ٿيو وڃي. توهان چئو ٿا تہ توهان پرديسي آهيو؟ چلو ائين ئي سهي، تہ پوءِ مرڻ لاءِ تيار ٿي وڃو. ڪوبہ پرديسي هن سرزمين تي اچي زنده نٿو رهي سگهي. اهو اسان جي بادشاهہ جو حڪم آهي.“

ڪراڙي ڪو اشارو ڪيو ۽ سيني ماڻهن جا هٿ پنهنجي پنهنجي ڇيلهہ جي پاسي ڏانهن وڌيا، جتي انهن جي ڇيلهين ۾ وڏا وڏا چاقو لڙڪي رهيا هئا. اسان کي ڊپ وٺي ويو ۽ هو ماڻهو پنهنجي هٿن ۾ چاقو جهليو ڪنهن حڪم جا منتظر هئا.

” ڇا ٿو بڪي اهو جهنگلي؟“ گڊ غصي مان گرجيو.

”اهي اسان کي مارڻ لاءِ تيار بيٺا آهن. دعا ڪر گڊ پنهنجو وقت بہ ڄاڻ پورو ٿيو“.مون مٺل آواز ۾ جواب ڏنو.

” مولا! پنهنجي پناهہ ۾ رکجان“ گڊ دعائون گهرڻ لڳو ۽ ان انتهائي پريشانيءَ جي عالم ۾ پنهنجي هٿراڏو ڏندن جي ٻتيهي جو مٿيون حصو ڪڍي ٻاهر ڪيو ۽ وري واپس وات ۾ وجهي ڇڏيو ڪراڙو ۽ ان جا ساٿي ڏڪندي ڏڪندي ڪيترائي قدم پوئتي هٽي ويا.

”ڇا ٿيو؟“ مون پڇيو.

” اها گڊ جي مصنوعي ڏندن جي ڪرامت آهي“ هنري جي آواز مان خوشي ڦوهاري جيان ڦهلجي رهي هئي.“ گڊ خدا کي مڃ جلدي جلدي پنهنجا ڏند ٻاهر ڪڍ“ گڊ پنهنجا ڏند وات مان ٻاهر ڪڍيا ۽ هٿ جي تري تي رکي پوءِ قميس جي کيسي ۾ وجهي ڇڏيائين.

ڪوڪو آنہ جي ماڻهن جون اکيون حيرت ۽ خوف مان ڦاٽي ويون. هو اسان کي ختم ڪرڻ جو فرض ئي ڀلجي ويا ۽ ٿڙندڙ قدمن سان اسان طرف وڌيا.

“او پرديسئو! ڪراڙي تمام نرم آواز ۾ چيو” ڇا سبب آهي جو هن موٽي شخص ( ان گبر طرف اشارو ڪيو) جنهن جون ٽنگون ننگيون ۽ ڏاڙهيل آهي. ۽ هن جي هڪ ڳل تي ته وار آهن پر ٻيو ڳل هٿ جي ترِيءَ وانگر صاف آهي ۽ جنهن جي هڪ اک اهڙي آهي جهڙي اسان اڄ تائين نه ڏٺي آهي. ( ان جو اشارو گبر جي هڪ چشمي عينڪ طرف هو) هي شخص جڏهن چاهي پنهنجي مرضي موجب ڏندن کي وات مان ڪڍي ڇڏي ۽ جڏهن چاهي وات ۾ وجهي ڇڏي.”

“گبر! وات کول” مون چيو ۽ هن غصي مان گجگوڙ ڪري وات کوليو ڏند ته اڳ ۾ ئي قميس جي کيسي ۾ رکي ڇڪو هو. تنهنڪري سرخ مسوڙا نظر پئي آيس.

”اڙي ان جا ڏند ڪيڏهان ويا؟“ ڪراڙي خوف ۽ حيرت مان چيو “ مون اڄان هاڻ هاڻ ته هن جي وات ۾ ڏند ڏٺا هئا.”!

مون گبر کي اشارو ڪيو ۽ هن ڪنڌ ورائي ڇپڪي سان ڏند چاڙهي ڇڏيا ۽ پوءِ زور سان “ هائو ڪري وات ڦاڙيائين. ان جا مصنوعي ڏند چمڪي رهيا هئا. ڪوڪوآنه جي ماڻهن جي واتان دانهون نڪري ويون. ۽ ڪراڙو ته ائين ڏڪڻ لڳو جو هن جا گوڏا پاڻ ۾ ٽڪرائجڻ لڳا. ۽ اهو نوجوان جنهن گبر طرف نيزو اڇلايو هو سو اسان جي سامهون سجدي ۾ ڪري پيو.

“ توهان انسان ناهيو” نوجوان چيو. “ اڄ تائين دنيا جي ڪنهن به عورت اهڙو پٽ نه ڄڻيو آهي جنهن جي هڪ ڳل تي وار هجن ۽ هڪ اک چمڪندي هجي ۽ جڏهن چاهي پنهنجن ڏندن کي وات ۾ ئي پگهرائي ڇڏي. جڏهن چاهي واپس ڪڍي اڇي.“

مون کي معاف ڪر آقا!” ڇورو ٻانهون ٻڌي معافيون گهرڻ لڳو.

منهنجي دماغ ۾ هڪ خيال آيو ۽ مون دل ئي دل ۾ پنهنجي ذهانت کي داد ڏيندي چيو “ اسان تو کي معاف ڪيو نوجوان. تو ٺيڪ ئي سمجهيو آهي اسان هن دنيا جا ماڻهو ئي ناهيون. جنهن ۾ توهان رهو ٿا. اسان ته ستارن واسي آهيون ۽ ان دنيا کان آيا آهيون. جنهن کي توهان “ چنڊ” چئو ٿا.”

ڪوڪوآنه جي ماڻهن جو گروهه مکين وانگر ڀون ڀون ڪندو رهيو.

“ ۽ ٻڌو” مون چيو “ اسين ستارن جي دنيا کان ئي آيا آهيون. توهان ئي ٻڌايو ته جيڪو ماڻهو توهان جي قبيلي جو ئي نه هجي، اهو توهان جي ٻوليءَ ۾ ڳالهائي سگهندو؟ يقينن نه. پر جيئن ته اسين ستارن تان آيا آهيون، انڪري مان توهان جي ٻوليءَ ۾ ڳالهائي سگهان ٿو ۽ ڳالهايان پيو.”

“سچ ٿا چئو... سچ ٿا چئو... “ ميڙ ڪورس جي انداز ۾ چوڻ لڳو. “ منهنجا آقا!” ڪراڙو چوڻ لڳو “ توهان اسان جي ٻولي ڳالهايو ضرور ٿا مگر ٽنل ڦنل ۽ جهڙي تهڙي. ان جو ڇا سبب آهي؟” مون تيز نظرن سان ڪراڙي ڏانهن گهوري ڏٺو ته ڊپ ۾ هن جو چهرو ئي وسامي ويو.

“اوڪوڪوآنه وارئو!” مون ڪين مخاطب ٿي چيو “ اسين ڪيڏو نه ڏکيو سفر ڪري آيا آهيون ۽ اهو توهان اسان جو استقبال ڪيو آهي؟ هن ڇوڪري ان شخص کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪو پنهنجا ڏند پگهرائي گم ڪري سگهي ٿو. ڇوڪري کي ان جي سزا ڀوڳڻي پوندي.”

" هن کي معاف ڪيو منهنجا آقا!" ڪراڙو ٻانهون ٻڌي معافيون گهرڻ لڳو. "هيءَ اسان جي بادشاهه جو پٽ ۽ منهنجو پائيٽو آهي. جيڪڏهن هيءُ ماريو ويو ته ان جو پيءُ عيوض ۾ مون کي مارائي ڇڏيندو".

" توهان شايد اسان جي طاقت کان اڻواقف آهيو ترسو ته توهان کي پنهنجي طاقت جو معمولي ڪرشمو ڏيکاريون". ۽ مان امبوپا کي مخاطب ٿيس" منهنجي اها جادوئي نالي ته کڻي اچ امبوپا جيڪا ڌماڪا ڪندي آهي" ۽ مون اک سان بندوق طرف اشارو ڪيو.

امبوپا اٿيو ۽ ان بندوق پيش ڪندي چيو ته " هيءَ وٺو آقائن جا آقا ۽ شاهن جا شاهه."

سترگز کن پري هڪڙو هرڻ بيٺو هو. مان ان کي نشانو بڻائڻ ٿي چاهيو. حالانڪه هرويرو هڪ بي زبان جانور جي جان وٺڻ ظالمانه فعل آهي، مگر جڏهن مصيبت سر تي اچي ڪڙڪي ته پوءِ سر بچائڻ سنت آهي.

" توهان هو پريان چوپايو ڏسي رهيا آهيو نه؟" مون هرڻ طرف اشارو ڪندي چيو. "ڇا هڪ حقير انسان، جيڪو هڪ فاني عورت پيٽان پيدا ٿيو هجي، اتان بيٺي بيٺي هڪ ڌماڪي سان ان کي ماري سگهي ٿو؟"

"قطعي نه منهنجا آقا!" ڪراڙي انڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو.

"پر اسين ائين ڪري سگهون ٿا."

"ڇا توهان مذاق ڪري رهيا آهيو منهنجا آقا!" ڪراڙو مسڪرائڻ لڳو

"هون! ته تنهنجو خيال آهي ته مان ٻٽاڪ پيو هڻا. ڇڱو ته هاڻ ڏسجانءِ" مون مصنوعي غصي مان داٻو ڏيندي چيس ۽ بندوق سڌي ڪئي. نشانو خطا ٿيڻ جي صورت ۾ سجو کيل بگڙڻ جو خطرو ضرور هو. پر هرڻ بنا ڪنهن چرپر يا حرڪت جي خاموش بيٺو هو. خدا کي ياد ڪري، گهوڙو چاڙهي جئين ئي ٽريگر دٻايو ته "ٺا.." هرڻ هوا ۾ اڇل کائي اچي پٽ تي ڦهڪو ڪيو ۽ ڪوڪوآنه جي ماڻهن جو پورو ميڙ هڪ دم اسان جي سامهون سجدي ۾ ڪري پيو.

"جيڪڏهن توهان ان جو گوشت کائڻ چاهيو ته وڃو ۽ وڃي هرڻ کڻي اچو" مون وڏي سڪون سان چيو. ڪراڙي جي اشاري تي گروهه مان هڪ شخص نڪري هرڻ ڏانهن ويو ۽ کيس ڪنڌ تي کڻي اچي اسان جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. گولي هرڻ جي ڪنڌ ۾ لڳي هئي. سڄو ميڙ هرڻ جي چوڌاري گهيرو ڪيو بيٺو هو. "ڏٺو! مون ٻٽاڪ نٿي هڻي". ۽ سڄو ميڙ خاموش بيٺو رهيو.

"جيڪڏهن اڃان به توهان کي اسان جي طاقت تي ڪو شڪ وغيره هجي ته توهان مان ڪوبه شخص ان جڳهه تي وڃي بيهي، جتي هرڻ بيٺو هو. مان ان کي به ڪيرائي ڏيکاريندس". مون مٿن وڌيڪ رعب ڄمائيندي چيو.

ٻيا سڀ ته چپ رهيا پر بادشاهه جو پٽ ڪراڙي سان مخاطب ٿيو. "چاچا! تون وڃي ان جڳهه تي بيهه. هيءُ جانور جادوءَ جي زور تي مئو آهي. ۽ جيڪو جادو جانورن تي اثر انداز ٿيندو آهي، سو انسانن جو وار به ونگو نه ڪري سگهندو آهي." ڪراڙي کي اها تجويز صفا واهيات لڳي ۽ هو ٻچڙو منهن ڪري چوڻ

لڳو "بس بس، منهنجين هنن ڪراڙين اکين گهڻو ڪجهه ڏسي ورتو. تون جيڪڏهن اجان به تماشو ڏسڻ چاهين ٿو ته پڙهن بادشاهه کي وٺي وڃي انهيءَ جادوئي ناليءَ سامهون بيهار، ته اها جادوئي نالي پاڻ ئي ان کي سولو ڪندي". لڳو پئي ته چاچي ۽ پائٽي جي پاڻ ۾ ٺپ ڪانه ٿي لڳي.

"هنن جي جادو کي اسين پنهنجن جسمن تي آزمائڻ نٿا چاهيون". هڪ ڇٽي فيصلا ڪن لهجي ۾ چيو " هنن وٽ اهڙو جادو آهي جو ڪوڪوآنه جي جادوءَ جا مڙئي ماهر ملي به هنن جي جادوءَ جو مقابلو نٿا ڪري سگهن."

"تون نيڪ ٿو چئين" ڪراڙو چوڻ لڳو". اي ستارن جي اولاد ! اي چمڪندڙاک ۽ جادو ئي ڏندن وارا سائين! اي دنيا جهان جا ديوتائو! منهنجو نالو انفادوس آهي ۽ مان ڪافا جو پٽ آهيان، جيڪو ڪوڪوآنه جو بادشاهه هو ۽ هن نوجوان جو نالو سڪارگا آهي ۽ هي موجوده بادشاهه جو پٽ آهي، اهو ظالم ته مون کي ڇڙ مارائي ئي چڪو آهي پر نه ڄاڻ ته ڪهڙي نيڪي آڏو اچي وئي جو بچي ويو آهيان". ڪراڙو وڌيڪ ٻڌائڻ لڳو ته" سڪارگا اسان جي بادشاهه ٽوالہ جو پٽ آهي، اهو ٽوالہ جيڪو هزارين عورتن جو خاوند ۽ ڪوڪوآنه جو آقا ۽ خداوند آهي، اهو ٽوالہ جيڪو شاهي رستي جو محافظ آهي، جيڪو انسان جي روپ ۾ ديوتائن جو قهر آهي. ٽوالہ جي حضور ۾ اهڙا ماڻهو رهندا آهن جيڪي ڪاري جادوءَ جا ماهر آهن، جن جو هن وٽ وڏو لشڪر آهي. ٽوالہ جيڪو هڪ اک ڪان ڪاڻو آهي، جنهن جي دل پٿر کان سخت ۽ جنهن جو رنگ واسينگ نانگ جهڙو آهي. ٽوالہ وڏي حشمت وارو قهار ۽ جبار آهي."

"اڇا! ته نيڪ آهي، اسان کي ٽوالہ جي حضور ۾ وٺي هلو". مون چيو مان " هونئن به عام ماڻهن سان گفتگو ڪرڻ اسان جي شان وٽان ناهي."

"توهان جي حڪم جي تعميل ۾ اسان کي ڪو اعتراض ڪونهي" انفادوس چيو" مگر رستو ٽن ڏينهن جي پنڌ جو آهي."

"ته پوءِ چا ٿي پيو! اسان رستي جي تڪليف کان مري ڪونه پونداسين جو اسان لاءِ فنا آهي ئي ڪانه. اچو اسان جي رهبري ڪيو. هاڻي ئي ٿا هلون. پر ڏسجو انفادوس! ۽ سڪارگا! مان توهان کي خبردار ٿو ڪريان ته اسان سان ڪنهن به قسم جي ڪابه فنڪاري يا چالبازيءَ جي ڪوشش نه ڪجو. ڇو ته سازشي خيالات جي اسان کي اڳ ۾ئي خبر پئجي ويندي آهي. جيڪڏهن اسان کي خبر پئي ته توهان ڪا سازش ڪري رهيا آهيو ته هُن شخص جي جادوئي اک( مون گڊ طرف اشارو ڪيو) مان تيز ۽ خطرناڪ شعاع نڪري توهان ۽ توهان جي پوري ملڪ کي هڪ پل ۾ ساڙي ڀسم ڪري ڇڏيندا. هن جا ڏند توهان جي هڏين پاسرين کي ڇباڙي چورو ڪري ڇڏيندا. اسان جون هيءَ جادوئي ناليون ڪوڪوآنه تي گرجنديون ته پل ۾ هرشيءَ کي فنا ڪري، ساڙي رک ڪري ڇڏينديون". منهنجي انهيءَ ٻڳهي تقرير جو انهن تي چڱو خاصو اثر ٿيو.

"ڪوم ڪوم" انفادوس جي واتان نڪتو ( پوءِ خبر پئي ته اهو انهن جو شاهي سلام هو) انفادوس جي اشاري سان ان جي ساٿين اسان جو سجو سامان سواءِ بندوقن جي کڻيو. قارئين کي ياد هوندو ته گڊ پنهنجا

ڪپڙا ڌوئي گاھ تي سڪائڻ وڌا ھئا. جنھن ڪري صرف قميس ۽ ڪڇو پاتل ھوس. ھڪ ڄڻي گڊ جا ڪپڙا ڪٽي ڪڇ ۾ ڪيا ۽ گڊ جو اھو ڏنو سو گاريون ڏيندو ان ڪپڙن واري ڏانھن وڌيو. جيڪو ڊپ ۾ اڇلجي ھڪ طرف ٿيو.

“منھنجا آقا! توھان جو سامان ھيءَ ئي شخص ڪٽي ھلندو”. انفادوس چيو.

ليڪن مان ڪپڙا پھرڻ ٿو چاھيان، بيوقوف گڏھو! گڊ گرجي اٿيو.امبوپاگڊ جي ڳالھ انفادوس کي سمجھائي.

“منھنجا آقا! توھان اسان کان خفا ٿي ويا آھيو جو پنھنجن انھن خوبصورت ھاٿي ڏند جھڙن پيرن کي اسان غلامن جي نگاھن کان ڇپائڻ ٿا چاھيو.” انفادوس ٻاڏائڻ لڳو.

“ڪھڙن ڪر دماغن سان اچي پلئہ پيو آھي” گڊ ٻڙٻڙ ڪرڻ لڳو۽ مون کي کل اچڻ لڳي.

“ڏس گڊ! تون ھنن ماڻھن سامھون عجيب ھلئي ۾ آيو آھين، ۽ جيستائين پاڻ ھنن ماڻھن ۾ ھونداسين، توکي صرف قميس، ڪڇو۽ جوتا ئي پاتا پوندا ۽ ياد رھي تہ اھا ھڪ چشمي عينڪ ڪڏھن بہ تنھنجي اک تان نہ لھي.”

“ھنري صحيح ٿو چئي گڊ!” مون چيس تہ “اھو بہ ياد رکجان تہ تنھنجي ڏاڙھي ائين ئي ھڪ پاسي ڪٽيل رھڻ کپي، جيڪڏھن انھن شين ۾ ڪابہ تبديلي آئي ۽ اسان جو راز فاش ٿي پيو تہ ھي ماڻھو سخت تڪليفون ڏئي پاڻ کي ماري ڇڏيندا.”

ڪوارٽر مين! واقعي ئي تون سنجيده آھين؟” گڊ پڪ ڪرڻ لڳو. “ھا گڊ! مان مزاق نٿو ڪريان، تنھنجن انھن خوبصورت سفيد پيرن ۽ ھڪ چشمي عينڪ سان ئي اسان جو مستبقل وابسطہ آھي. شڪر ڪر جو جوتا پاتل اٿئي.”

گڊ ھڪ ٿڌو ساھہ کڻيو پر ڪڇيو ڪجھ ڪونہ. ائين نئين زندگيءَ جو عادي ٿيڻ ۾ ڪيس پندرھن ڏينھن لڳي ويا.

# دارالسلطنت ۾ داخلا

ائين ٻن پهرن تائين شاهراهه سليمان تي هلندا رهياسين. انفادوس ۽ سڪار گا اسان سان گڏوگڏ ۽ انهن جا ساٿي اسان جو سامان کڻيو اسان کان ڪجهه قدم اڳيان هلي رهيا هئا.

”انفادوس! هي رستو ڪنهن ٺاهيو هو؟“ مون پڇيو.

”منهنجا آقا! اها ڪنهن کي به خبر ناهي ته هي رستو ڪنهن جو ٺاهيل يا ٺهرايل آهي. هڪڙي گگول آهي جيڪا هن رستي جي باري ۾ سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿي. اها گگول اسان جي بادشاهه جي جادوگرياڻي آهي. جيڪا پشتان پشت زنده رهندي ٿي اچي. باقي ڪوبه فاني انسان اهڙو مضبوط رستو ٺٺو ناهي سگهي. ان ڪري اسان جو بادشاهه بذاتِ خود پاڻ هن رستي جي حفاظت ڪندو آهي“.

”اڇا! ته پلا اهي تصويرون ڪنهن ٺاهيون آهن. جيڪي انهيءَ رستي جي سرنگهه ۾ آهن؟“.

جن اهو رستو ٺاهيو هوندو. اهي تصويرون به انهن ئي ٺاهيون هونديون مان عرض ڪري چڪو آهيان ته منهنجا آقا! هن رستي جي باري ۾ ڪير به ڪجهه نٿو ڄاڻي.“

”توهان جو قبيلو هتي ڪڏهن کان آباد آهي؟“

”اها ڳالهه اسان کي پنهنجن بزرگن جي ٻڌايل آهي ته اسان جو قبيلو هتي صدين کان آباد آهي. اسان جي ابن ڏاڏن جا وڏا اتر طرف کان هتي آيا هئا. گگول جيڪا ڪوڪوآنه جي عظيم شخصيت آهي، جيڪا ماضيءَ ۽ مستقبل جي باري ۾ سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿي، اها چئي ٿي ته هن ملڪ جي آب هوا نهايت موزون آهي، انڪري اسان جي وڏن جو خاندان هتي وڌيو ويجهو ۽ انهن جو اولاد هتي رهي بهادر ۽ طاقتور بڻيو. هاڻ اسان جو تعداد وڏي واريءَ جي ذرڙن جيترو ٿي ويو آهي. ۽ هاڻ تواله جڏهن جنگ لاءِ سڏيندو آهي ته اسان جي تعداد سان هن ساري زمين جو چڱو موچارو حصو ڍڪجي ويندو آهي.“

”جنگ لاءِ؟ اهو پلا ڪئين ٿو ٿي سگهي. جڏهن اهڙا ناقابل عبور پهاڙ ڪوڪوآنه جي شهر پناهه هجن ته پوءِ اهڙو ڪهڙو سورهيه سپوت هوندو جيڪو انهن پهاڙن کي عبور ڪري توهان تي حملو ڪندو؟.

”اتر طرف کان اهي هيبتناڪ پهاڙ ناهن. ها! ڪي ننڍڙيون ننڍڙيون پهاڙيون ضرور آهن پر اهي به معمولي قسم جون آهن. اتان ڪي ٽي پيڙهيون اڳ اٽڃاتل ماڻهن جو تمام وڏو لشڪر چڙهي آيو هو. وڏي گهمسان جي جنگ لڳي هئي. رڻ گجيو راڙو ٿيو هو. ان وقت اسان جي بهادرن دشمن جا ڏند کٽا ڪري، انهن جي ارادن کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو هو. اڄ به دشمن جا هزارين ماڻهو هنن ڪيتن هيٺ پوريل هوندا. تنهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين اهڙي ڀيتي جنگ وري نه لڳي آهي“.

”پوءِ ته توهان جي ملڪ جا سپاهي واندا ويهي صفا بيڪار بڻجي ويا هوندا ۽ انهن جا ته هٿيار به زنگجي ناڪاره ٿي ويا هوندا.“

”اهڙي ڳالهه ناهي آقا! ٽي پيڙهيون اڳي جيڪا جنگ لڳي هئي ان ڪانپوءِ به هڪڙي جنگ ٿي هئي ليڪن اها خانه جنگي هئي. يعني ڪتو ڪتي سان وڙهي رهيو هو.“

“اهو ڇالاءِ ڪئين؟”

“تواله جيڪو منهنجو سوتيلو پيءُ آهي، ان کي هڪڙو ڀيو به پاءُ هو. ٻئي هم عمر هئا. اسان جي ملڪ جو قانون آهي ته جڏهن شاهي گهراڻي ۾ ٻه ٻار هم عمر هجن ته ڪمزور ٻار کي قتل ڪيو ويندو آهي ۽ تخت ۽ تاج جو وارث طاقتور ٻار بڻجندو آهي، ليڪن مرحوم بادشاهه جي گهرواريءَ کي پنهنجي ڪمزور ٻار سان ڏاڍي محبت هئي، تنهنڪري هن ان ٻار کي ڪٿي لڪائي ڇڏيو ته جئين هو زنده رهي سگهي. اهو ڪمزور ٻار تواله آهي جيڪو هنيئر ڪوڪوآنه جو بادشاهه آهي.”

“اڇا! پوءِ؟”

“پوءِ منهنجا آقا منهنجو ۽ تواله جو پيءُ مري ويو. ان جي جڳهه تي ان جي پٽ ايماٽو کي بادشاهه بڻايو ويو. ۽ ان جي گهر ٻه هڪ پٽ پيدا ٿيو. هي اهو وقت هو جڏهن اسان ماڻهن اڃان مس مس وڃي جنگ مان جان ڇڏائي هئي، ۽ ملڪ ۾ سخت ڏڪار آيل هو. ان وقت گگول ماڻهن کي ڀڙڪائڻ شروع ڪيو ته ملڪ ۾ ڏڪار ان ڪري آيو آهي جو ايماٽو اسان جو بادشاهه آهي، جنهن تي ديوتائين جي ناراضگي آهي. ان وقت ايماٽو هڪ زخم جي ڪري پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ پيو هو.

گگول هڪ جهوپڙي ۾ گهڙي وئي ۽ اتان تواله کي پاڻ سان وٺي آئي، جنهن کي هن پهاڙي غارن ۾ لڪائي رکيو هو. ۽ جنگين کان بچائيندي پئي آئي. گگول تواله جي جسم تان ڪپڙو هٽائي ماڻهن کي ٻڌائڻ شروع ڪيو ته ڏسو! هن جي چيلهه جي چوڌاري نانگ جي تصوير اڪريل آهي ( اها اسان جي ملڪ جي شاهي خاندان جي نشاني آهي) اها تصوير ماڻهن کي ڏيکاري گگول چوڻ لڳي ته اي ماڻهوئو! توهان کي منهنجو شڪرگذار هجڻ گهرجي، جو مون توهان جي حقيقي بادشاهه جي اڄ ڏينهن تائين پئي حفاظت ڪئي آهي ۽ توهان جي ڀلائي ان ۾ آهي ته توهان سڀ تواله کي پنهنجو بادشاهه تسليم ڪريو”.

“ماڻهو بک کان ڇتا ٿي رهيا هئا. بک ٻچڙو ٿول، داناءُ ديوانا ڪري، انهن کي بک ۾ چڱي ۽ بري جي ڪا تميز ئي نه رهي هئي. ان ڪانسواءِ انهن جو گگول جي ڏٽن تي انڌو اعتماد هو. تنهن ڪري ماڻهو تواله جي حق ۾ نعرا هڻڻ لڳا ته “ اسان جو بادشاهه، اسان جو بادشاهه”. مون کي خبر هئي ته اهو نسورو ڪوڙ هو. دوکو هو. تواله ڪوڪوآنه جو حقيقي بادشاهه ڪونه هو. ليڪن مان اڪيلو ڀلا ڇا ٿي ڪري سگهيس. شور ٻڌي ايماٽو بستري تان اٿيو ۽ پنهنجي وفادار راڻيءَ جي ڪلهي جو سهارو وٺي جهوپڙي جي دروازي تائين آيو. پويان پويان ان جو پٽ اگنوسي به اچي دروازي تي بيهي رهيو.

“هي ڇا جو شور آهي؟” ايماٽو پڇڻ لڳو “ توهان بادشاهه بادشاهه جا نعرا ڇو هڻي رهيا آهيو؟.”

تواله ڇتي ڪتي وانگر پنهنجي رحم دل ۽ انصاف پسند ڀاءُ ڏانهن رُومڙ ڪئي ۽ ان کي وارن کان پڪڙي ڪٽي زمين تي دسيائين ۽ پوءِ ان جي ڇاتيءَ تي چڙهي مٿئي تائين پنهنجو چاقو ايماٽو جي سيني ۾ لاهي ڇڏيائين. ماڻهوءَ “تواله بادشاهه تواله بادشاهه “ جا نعرا هڻڻ لڳا. تڏهن خبر پئي ته منهنجي اکين اڳيان ڪيڏو نه وڏو انقلاب اچي ويو هو.”

“پوءِ... ان جي راڻي ۽ اگنوسيءَ جو ڇا ٿيو؟” مون پڇيو “ڇا تواله انهن ٻنهي کي به قتل ڪرائي ڇڏيو؟”

“نہ منهنجا آقا! بدقسمت راڻيءَ جڏهن ڏٺو تہ هن جي خوشين جو سورج غروب ٿي رهيو آهي تہ هن جلدي جلدي پنهنجي پٽ کي کڻيو ۽ هڪ طرف ڀڄي نڪتي. ٻن ڏينهن بعد اڄ ۽ بک کان بيحال ٿي هوءَ وري ڪوڪوآنہ موٽي آئي. ليڪن هن ويچاري مصيبت جي ماريءَ کي ڪٿان ڪنهن ماڻهوءَ کو مانيءَ جو سڪل ٽڪر بہ نہ ڏنو. پوءِ جڏهن رات اونداهي ٿي تہ ڪنهن جهوپڙي مان نڪري هڪ ننڍڙي ڇوڪريءَ ماڻهن جي نظرن کان پاڻ بچائي وڃي ان راڻيءَ سان ملي ۽ ان کي ماني کارائي. جنهن کانپوءِ اها بدنصيب بيوه ان ننڍڙيءَ ڇوڪريءَ کي دعائون ڪندي اگنوسيءَ کي سيني سان لڳائي ان برف پوش پهاڙن طرف نڪري وئي. تڏهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين اگنوسي ۽ ان جي ماءُ کي ڪنهن بہ ناهي ڏٺو. لڳي ٿو تہ اها ويچاري پنهنجي پٽ سميت انهن پهاڙن ۾ ڏکي مري وئي هوندي.”

“اگر اگنوسي زنده هجي ها تہ اهو ئي ڪوڪوآنہ جو بادشاهہ هجي ها؟”

“جي ها منهنجا آقا! ان جي چيلهہ جي چوڌاري بہ نانگ جي تصوير اڪريل آهي. ليڪن افسوس جو وڏو وقت ٿيو ان ۽ ان جي ماءُ کي هيءَ دنيا ڇڏيندي “اسين خاموش هلندا رهياسين.

“هو ڏسو منهنجا آقا! انفادوس ڪجهہ جهوپڙين تي مشتمل هڪ ڳوٺ طرف اشارو ڪندي چيو “ اهو ئي اهو ڳوٺ آهي جتي اگنوسي ۽ ان جي ماءُ کي آخري ڀيرو ڏٺو ويو هو. پاڻ اڄ ان ئي ڳوٺ ۾ رات رهنداسين. پر توهان جي مرضي هوندي تہ

“انفادوس! جڏهن اسين توهان سان گڏ آهيون تہ پوءِ جيڪا توهان جي مرضي سان اسان جي مرضي”. مون چيو ۽ هنري کي مخاطب ٿيڻ لاءِ جئين ئي پوئتي مڙيس جو امبوپا سان وڃي ٽڪريس، جيڪو منهنجون ۽ انفادوس جون ڳالهيون وڏيءَ توجهہ سان ٻڌندو پئي آيو.

امبوپا جو چهرو غم ۽ غصي کان لال ٿيندو پئي ويو. ۽ مون کي ائين لڳي رهيو هو تہ هوءَ ڪجهہ ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

ڳالهين ڳالهين ۾ ڪافي رستو طئي ڪري ويا هئاسين. ڪوهہ سبا جون برف پوش چوٽيون ڪافي پوئتي رهجي ويون هيون ۽ اتان کان ايندڙ ٿڌي هوا هاڻ هتي ايندي ايندي خوشگوار بڻجي وئي هئي. چوطرف سائو سائو گاهہ هوا ۾ لهرائي رهيو هو.

انفادوس هڪ جڻي کي اسان جي آمد جو اطلاع ڏيڻ لاءِ ڳوٺ ڏانهن ڊوڙايو، جيڪو اسان کان جدا ٿي وڏي رفتار سان اٿي ڀڳو. بقول انفادوس جي تہ اهو سڄي واٽ انهي ئي تيزيءَ سان ڳوٺ تائين ڀڄندو ويندو. انفادوس اهو بہ ٻڌايو تہ تيز رفتاري سان ڀڄڻ ڪوڪوآنہ جي ماڻهن جو خاص فن آهي. ننڍپڻ کان ئي انهن تي “ ڀڄڻ جي مشق “ فرض ڪئي وئي آهي. جڏهن اسين ڳوٺ کان بہ ميل کن اورتي هئاسين تہ ڏٺوسين تہ انهيءَ ڳوٺ کان ولرن جي صورت ۾ ماڻهو نڪري اسان ڏانهن ڀڳا ٿي آيا، آهستي آهستي انهن ايندڙن جو تعداد وڌندو ٿئي ويو. هنري پنهنجو هٿ منهنجي ڪلهي تي رکي انديشو ظاهر ڪيو تہ ڪٿي اها ڪا چال تہ ڪانهي؟. هنري جي خوفزده لهجي جي ڪري انفادوس ان جو مطلب سمجهي ويو.

“توهان ڪو خوف نہ ڪريو” انفادوس چيو “ مان انهن ماڻهن جو ڪماندر آهيان ۽ اهي منهنجي حڪم مطابق توهان جو استقبال ڪرڻ لاءِ اچي رهيا آهن”. ڳوٺ کان ڪوئي اڌميل کن پري اهو رستو هڪ ننڍيءَ ٽڪري تان گذريو ٿئي، پٺ جي ٻئي طرف کليل ميدان هو ۽ اهي ماڻهو انهيءَ ميدان ۾ گڏ ٿي رهيا هئا. هي واقعي بہ هڪ عجيب نظارو هو هر گروهہ ۾ ٽي سئو کن سپاهي هئا، جن جي هٿن ۾ نيزا ۽ چاقو هئا ۽ سندن جسم رنگبرنگي ڪلن سان لپيٽيل هئا. جڏهن اسين ٽڪري کان هيٺ لهڻ لڳاسين تہ ڏٺوسين ته ٽي هزار ڇهہ سئو سپاهي رستي جي ٻنهي طرف قطارون ٺاهيو بيٺا هئا.

اسين پهرئين دستي جي ويجهو گذرياسين تہ منهنجي نگاهن اهڙا سپاهي ڏٺا جهڙا اڳ ساري عمر ڪونہ ڏٺا هئا. سڀ سپاهي پڪيءَ عمر جا هئا، چاليهن سالن کان گهٽ ڪنهن بہ سپاهي جي عمر نہ هئي، قد سيني جا ڊگها هئا. ڪوبہ ماڻهو ڇهن فوٽن کان گهٽ نہ هو انهن جي پيشانيءَ تي ٻڌل چمڙي جي پٽيءَ ۾ رنگ برنگي پر لڳل هئا. چيلهہ جي چوڌاري ۽ ساڄي ٽنگ جي گوڏي کان ٿورو مٿي ڏاندن جا پڇ ٻڌل هئا. اهي پنهنجي کاٻي هٿ ۾ ويهہ فوٽ گولائي واريون ڍالون کڻيو بيٺا هئا. ڍالن جي ڪنارين کي ڪٽي ڪاغذ جهڙو سنهون ڪري ڇڏيو هئائون ۽ انهن تي عجيب قسم جا نقش ونگار ٺهيل هئا. جيڪي اسان جي سمجهہ کان مٿي هئا. انهن جا هٿيار مختصر مگر مهلڪ هئا ۽ هٿيارن ۾ هڪڙو ننڍو نيزو هون، جنهن جو ڦر ڇهہ انچ ڊگهو هو هي نيزو هٿو هٿ لڙائيءَ لاءِ استعمال ٿيندو آهي. ان جو زخم ڪاڏل انسان ڪنهن بہ صورت ۾ بچي نٿي سگهيو. انهن کان سواءِ هر هڪ سپاهيءَ وٽ ٽي ٽي وڏا چاقو هئا، جن جو وزن ٽن پائونڊن کان گهٽ نہ ٿيندو. هڪ چاقو تہ انهن جي چيلهہ جي چوڌاري ٻڌل ڏاند جي پڇ ۾ لٽڪي رهيو هو جيڪو ڍالن جي پويان چمڙي جي مياڻ ۾ لٽڪي رهيو هو. انهن چاقن کي “تولاس” ٿي چيائون. اهي چاقو اڇلي هڻڻ جا هئا جيڪي پنجاهہ گز تائين مار ڪري ٿي سگهيا. ٻئي هنڌ جيڪو ڪم تيرن کان ورتو ويندو آهي سو هتي هنن تولاس کان ٿي ورتو.

اسين انهن سپاهين جي وچان گذرڻ لڳاسين تہ انهن جي آفيسر جئين ئي پنهنجو نيزو هوا ۾ بلند ڪيو تہ گڏ ئي گڏ هزارين نيزا هوا ۾ بلند ٿي ويا ۽ شاهي سلام جي لفظن “ ڪوم ڪوم” سان آس پاس جو ماحول گونجي اٿيو. اهڙي طرح سلام وصول ڪندا اسين ڳوٺ جي چوڌاري هڪ ميل جي گولائي واري کاهيءَ تائين پهچي وياسين. اها کاهي ڳوٺ جي شهر پناهہ هئي، جيڪا بانس ۽ وڻن جي ڏارن مان ٺهيل ڪاٺ جي رنبن جي مدد سان ڪوٽي ٺاهي هئائون. ڳوٺ جي صدر دروازي ويجهو هڪڙي پُل ٺهيل هئي، جيڪا ٿلهن رسن ۽ واڌين سان تيار ڪئي وئي هئي. جيڪا ضرورت وقت ڪيرائي بہ سگهجي پئي. اسين ان پُل تان گذري ڳوٺ ۾ داخل ٿياسين. ڳوٺ کي پوري وچ کان چار رستا هڪٻئي کي ڪٽيندا چئني مختلف طرفن ڏانهن هليا ٿي ويا. يعني ڳوٺ جي وچ تي چوڏڳي ٺهيل هئي. جهوپڙيون رستن جي هڪ طرف ميدان ۾ وڏي سليقي سان ٺهيل هيون. جهوپڙين جا دروزا غير ضروري حد تائين وڏا ۽ سنها ٺهيل هئا. جهوپڙي سامهون هڪ ننڍو اڱڻ ٺهيل هو جنهن کي مال جي گوبر سان لمبي تيار ڪيو ويو هو.

ڳوٺ ۾ داخل ٿياسين ته رستي جي ٻنهي ڪنارن تي بيٺل بيشمار عورتون ڏِسي رهيون هيون. آفريڪا جي ٻين وحشي قبيلن ۽ قومن جي مقابلي ۾ هي عورتون ڪنهن حد تائين شڪل صورت جون ٺاهوڪيون، تندرست ۽ صحتمند هيون. چپ به تمام ٿلها ۽ بيڊولا نه هئن. اهي اسان طرف اشارا ڪري هڪٻئي سان ڪنن ۾ سسپس ڪري رهيون هيون. ان وقت انفادوس کي الاءِ ڇا ياد آيو ۽ ان گڏ جي اڳهاڙين ٽنگن ڏانهن اشارو ڪري، ان جي خوبصورت پيرن جي شان ۾ بلند آواز سان هڪڙو قصيدو پڙهي پورو ڪيو. سڀني عورتن جون نگاهون گڏ جي ٽنگن تي ڄمي ويون ۽ گڏ ويچاري جو منهن شرم کان ڳاڙهو ٿي ويو.

انفادوس ننڍين ننڍين جهوپڙين جي وچ ۾ ٺهيل هڪ وڏي جهوپڙي جي ويجهو پهچي بيهي رهيو. "تشريف رکو منهنجا آقا! هن وڏي احترام سان چيو" اسان جي هن معمولي جهوپڙيءَ ۾ ٿورو آرام ڪريو ته اسين توهان جي کائڻ لاءِ ماکي، مکڻ، کير، گابو ۽ ڪجھ گهيتا ڪٺي اچون. اوهان کي شايد اهي شيون مزو نه ڏين ليڪن"...

"نه انفادوس!" مون چيس" اهي شيون اسان لاءِ ڪافي آهن. هن وقت اسان ڏاڍا ٿڪل آهيون تنهنڪري في الحال ٿورو آرام ڪرڻ ٿا چاهيون."

اسين جهوپڙيءَ ۾ داخل ٿياسين جتي فرش تي قيمتي قالعينن جهڙيون نرم ۽ ملائم وارن سان پريل کلون وڇايون پيون هيون. هڪ ڪنڊ ۾ هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ هڪ ڪاٺ جو ٽپ پاڻيءَ سان ڀريو رکيو هو.

ٻاهر ڪجھ گوڙ ٻڌڻ ۾ آيو اسين گهبرائجي دروازي ڏانهن وڌياسين ( اسان کي پنهنجن جانين جو ڪٽڪو هو) جتي ڪجھ ماڻهو هٿن ۾ کير ۽ ماکيءَ جا ڀريل پيالا کڻي اسان طرف اچي رهيا هئا. هڪ نوجوان هڪ صحتمند گابي کي رسي مان ڇڪيندو ٿي آيو. اسان وڏي فراخ دليءَ سان ڪنڌ لوڏي انهن کي قبول ڪيو. فوراً ئي هڪ ڄڻو ڪنهن طرف کان چاقو کڻي آيو ۽ اچڻ سان ئي گابي کي ذبح ڪيائين. سٺو سٺو گوشت ڪٽي اسان لاءِ رکيائون. باقي گوشت تي آس پاس بيٺل ماڻهو پاڻ ۾ وڙهڻ ۽ هڪٻئي کان کسڻ لڳا، پوءِ خبر پئي ته ستارن کان آيل مهمانن طرفان عطا ٿيل اهو گوشت هنن لاءِ تبرڪ جيان هو. جنهن تي وڙهي رهيا هئا.

امبوپا هڪ ڇوڪريءَ سان گڏ وڏي ڪاريگريءَ سان گوشت تيار ڪرڻ لڳو جهوپڙيءَ جي سامهون ڪڏ کڻي چلهه ٺاهيائون ۽ ٺڪر جي ديڳڙيءَ ۾ گوشت وجهي چلهه تي چاڙهي ڇڏيائون. جڏهن ڪاڌو تيار ٿيو ته اسان انفادوس ۽ سڪارگا کي پاڻ سان گڏ کائڻ جي دعوت ڏني. اهي ٻئي شڪرگذاري سان ڪنڌ جهڪائي اسان سان ڪاڌي کائڻ ۾ شروع ٿي ويا.

انفادوس جي دل اسان جي طرفان صاف هئي جو هو وڏي خلوص ۽ انڪساري سان ڪچهري ڪري رهيو هو ليڪن سڪارگا جي اکين مان ساڙ ڪينو ۽ نفرت صاف ڏسڻ ۾ اچي رهي هئي. هو اسان کي مشڪوڪ ۽ غضبناڪ نگاهن سان گهوري رهيو هو. اسان جي سفيد رنگت ۽ بندوقن جي جادوءَ کان ٻين ماڻهن وانگر سڪارگا ڏنل ضرور هو پر هن جڏهن اسان کي عام ماڻهن وانگر ڪاڌو کائيندي ۽ ڪچهري

ڪندي ڏٺو ته هن جي دل مان اسان جو رعب ۽ تاب رفو چڪر ٿي ويو. اها واقعي به ڳڻتيءَ جهڙي ڳالهه هئي. انڪري مان پنهنجي دل جو ڏڙڪو محسوس ڪرڻ کان رهي نه سگهيس.

“ ڪوارٽر مين!” ڪاڏي ڪائڻ کان پوءِ هنري چيو “ انهن ماڻهن کان پڇا ڪري ڏس ته اسان جو ڪو ماڻهو ته هتي ڪونه آيو هو؟ اگر آيو هو ته ڪيڏهان ويو ۽ زنده آهي به يا نه ؟”

“هنري! جلد بازيءَ کان ڪم نه وٺ اهڙي پڇا ڪرڻ جو وقت اجان نه آيو آهي، وقت تي پاڻ ئي سڀ ڪجهه معلوم ٿي ويندو” مون سمجهايس.

اسان پائيپ دکايو ۽ آس پاس بيٺل ماڻهن ۽ انفادوس کي حيرت ۾ پوڻ جو هڪڙو بيو به موقعو ملي ويو. اسان جي واتان دونهون نڪرندو ڏسي اهي خوف ۽ حيرت کان ڪيترائي قدم پوئتي هٽي ويا. هن ملڪ ۾ تماڪ ته جام ٿو پيدا ٿئي پر هي تماڪ جي استعمال کان اجان اڻواقف آهن.

مون انفادوس کان پڇيو ته پاڻ هتان ڪڏهن روانا ٿينداسين ۽ اهو ٻڌي مون کي واقعي به خوشي محسوس ٿيڻ لڳي ته ميلي جون تياريون مڪمل ٿي چڪيون آهن ۽ اسين سڀاڻ صبح سان روانا ٿينداسين. ٽوالہ کي اسان جي آمد جو اطلاع ڏيڻ لاءِ هڪ ماڻهو ڊوڙايو ويو. جيڪو هن وقت پنهنجي دارالحڪومت “لو” ۾ مقيم هو. ۽ اتي ساليانه ميلي جون تياريون زور شور سان جاري هيون. اهو ميلو اتي هر سال جُون جي مهيني ۾ منعقد ٿيندو آهي. سڄي ملڪ جا ماڻهو ميلي ۾ شريڪ ٿي مشهور رسم “ ڏائڻين جو رقص” ( جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو) ڏسڻ ايندا آهن.

اسان کي پرهه ڦٽيءَ جو ئي روانو ٿيڻو هو. انفادوس اسان سان گڏو گڏ هلڻو هو. ان جو خيال هو ته اگر رستي ۾ ڪو حادثو پيش نه آيو يا اگر نندين جو پاڻي چاڙهه ۾ نه هوندو ته پاڻ ٻئي ڏينهن شام ڌاري “لو” پهچي وينداسين. انفادوس ۽ سڪارگا کي موڪل ڏئي اسان ڪلن تي سڌا ٿي سمهي رهياسين. سمهڻ کان پهريائين مون ڏٺو ته امبوپا جهوپڙيءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ ويٺو ڪجهه سوچي رهيو هو. ڪڏهن ته ان جو چهرو غصي مان لال ٿيندو ٿئي ويو ته ڪنهن مهل مرڪ هن جي چپن تي رقص ڪندي ٿي رهي. ننڊ منهنجي نيڻن ۾ لهي رهي هئي. ان ڪري امبوپا جي حالت تي غور نه ڪري سگهيس. ۽ خبر ناهي ڪيڏي مهل منهنجي اک لڳي وئي.

# حڪمران جي حضور ۾

شاهراهه سليمان تي اسان ٻن ڏينهن تائين پنڌ ڪندا رهياسين. هن سفر جي تفصيلن ۾ مان قارئين کي الجهائڻ نٿو چاهيان. بس ايترو ٻڌائڻ ڪافي آهي ته جيئن جيئن اسان اڳتي وڌي رهيا هئاسين. تيئن تيئن ڳوٺن ۾ اضافو ٿيندو پئي ويو. سيئي ڳوٺ ساڳئي ئي ڍنگ سان ٺاهيا ويا هئا. هر ڳوٺ ۾ اسان جو شاندار استقبال پئي ٿيو. رستي ۾ اسان کي عورتن ۽ مردن جا گروهه ملندا رهيا جيڪي "لو" ڏانهن ساليانا ميلي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ وڃي رهيا هئا. اهو ڏسي مون کي واقعي به تعجب ٿيو ته ڪوڪو آنه جو هر بالغ نوجوان هڪ سٺو سپاهي به هو.

ٻئي ڏينهن شام ڌاري اسان هڪ بلند مقام تي اچي ترسياسين. هيٺ اسان جي قدمن هيٺان ساوڪ ئي ساوڪ ۾ "لو" ڦهليل هو. اهو ڳوٺ ڪوڪوآنه ۾ سيني کان وڏو ڳوٺ هو ۽ ان جي ڪنارن سان چوطرف خاص قسم جون چوڪيون ٺهيل هيون. جيڪي شايد سپاهين جون باريڪون هيون. ڳوٺ جي اتر طرف چنڊ جي شڪل جهڙو هڪڙو شاهي پهاڙ ڏور ڏور تائين ڦهليل نظر اچي رهيو هو.

"لو" کي ٻن حصن ۾ ورهائيندي هڪ ندي وچان وهي رهي هئي. جنهن تي جڳهه جڳهه تي پليون ٻڌل هيون. ۽ ندي کان سٺ ستر ميل پري وڏا وڏا پهاڙ هئا، جن جون چوٽيون برف سان ڍڪيل هيون.

"هي شاهي رستو انهن پهاڙن تائين پهچي پورو ٿيندو هو". انفادوس انهن برف پوش پهاڙن ڏانهن اشارو ڪيو جيڪي ڪوڪو آنه ۾ " ٽن ڏائڻن" جي نالي سان مشهور هئا.

" اهو رستو اتي پهچي ڇو ٿو ختم ٿئي؟" بظاهر ته مون هڪڙو ڇتڪو سوال ڪيو.

"ڪهڙي خبر سرڪار؟" انفادوس ڪنڌ کي جهٽڪو ڏيندي جواب ڏنو. " انهن پهاڙن ۾ ڪيترائي غار آهن ۽ انهن جي وچ ۾ هڪڙو وڏو غار آهي ۽ هي غار اها جڳهه آهي جتي ڪجهه اهڙيون شيون آهن جن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان جي ابن ڏاڏن جا وڏا هتي پهتا هئا، ۽ هتي هڪ جڳهه اهڙي به آهي، جيڪا " موت جو ڪمرو "سڏ جي ٿي. جتي اسين پنهنجا مردا وڃي رکندا آهيون ".

"انفادوس! توهان جا وڏڙا ڪهڙي شيءَ جي تلاش ۾ آيا هئا؟". مون وڏي چاهه مان پڇي ورتس

"اها ته مون کي خبر ناهي منهنجا آقا! باقي توهان ستارن کان ڪهي آيا آهيو. توهان ضرور اهڙي ڄاڻ رکندا هوندا."

"ها بلڪل انفادوس!" مون جواب ڏنو" اسان ماضي ۽ مستقبل جي باري ۾ سمورا راز ڄاڻو ٿا. اسان جو علم ٻڌائي ٿو ته توهان جا وڏڙا انهن چمڪندڙ پٿرن جي تلاش ۾ آيا هئا جيڪي انهن پهاڙن جي غارن مان ڪنهن هڪ ۾ رکيل آهن ".

مون تيڏي اک سان انفادوس جي چهري جو جائزو ورتو ته منهنجن انهن لفظن جو ان تي ڪهڙو اثر پيو آهي.

"منهنجا آقا! توهان سچ پچ به وڏا ڪي ڏاها ۽ دور رس نگاهه آهيو."

انفادوس سرد لهجي ۾ چوڻ لڳو” مان تہ توهان جي مقابلي ۾ ڪورو موروچٽ آهيان تنهن ڪري انهي جي باري ۾ ڪجھ نٿو ڄاڻان. ها باقي، منهنجا آقا! توهان کي ان حوالي سان گگول کان پڇڻ گهرجي جيڪا توهان جيئان ئي عقلمند آهي.”

انفادوس جي وچڻ کان پوءِ برف پوش پهاڙن ڏانهن اشارو ڪندي هنري کي ٻڌايم تہ “ هنري! هوڏانهن ڏس اتي اٿئي خزانو.”

امبوپا جيڪو اسان جي پنيان ئي بيٺو هو سو طنزيہ مرڪ مرڪندي چوڻ لڳو تہ “ها ميڪو ميزن! انهن پهاڙن ۾ بيشمار خزانو اٿو ۽ توهان سفيد چمڙي وارن کي دولت ۽ هيرن جواهرن جي اهڙي تہ انڌي حوس هوندي آهي جو انهن کي حاصل ڪري ئي دم پٽيندا آهيو”.

“ڇا مان پڇي سگهان ٿو تہ توکي ڪيئن خبر پئي تہ اتي خزانو موجود آهي؟” مون پنهنجي ڪاوڙ تي ڪنٽرول ڪندي چيو.

“هاها ها...اهو مون هڪڙي رات خواب ۾ ڏٺو هو.” ۽ هو زهريلا ٽهڪ ڏيندو هليو ويو.

“هي امبوپا ڇا جي ڪري هر ڳالھ ۾ ٽنگ ٿو اڙائي” مون هنري کي چيو جنهن جواب ڏنو تہ “اها ڳالھ يقيني آهي ڪوارٽرمين تہ امبوپا هن ملڪ ۽ خزاني جي باري ۾ سڀ ڪجھ ڄاڻي ٿو. پر اهو تہ ٻڌا! هن منهنجي ڀاءُ جي باري ۾ ڪا ڄاڻ ورتي؟ ڪا خبر پئي؟”

“امبوپا هر ان شخص کان، جيڪو ٿورڙو بہ اسان کان بي تڪلف ٿيو آهي، تنهنجي ڀاءُ جي باري ۾ خوب پڇا ڳاڇا ڪئي آهي مگر سيني جو هڪ جواب آهي تہ اسان توهان کان پهريائين اهڙو توهان جهڙو ڪوبہ انسان نہ ڏٺو آهي.”

“ اسان جوئي هِت پهچڻ وڏو معجزو آهي. ڪوهہ سبا کي پار ڪرڻ ڪا معمولي ڳالھ ٿوروئي آهي”. گڊ چوڻ لڳو” تنهنجو ڇا خيال آهي تہ جارج بغير نقشي جي مدد جي هتي پهچي ويو هوندو؟.”

“اها تہ مونکي بہ خبر ناهي” هينري چيو “باقي مونکي ڪجھ ائين محسوس ٿي رهيو آهي تہ مان پنهنجي ڀاءُ کي ڳولي ئي لهندس”.

سج لهندي ئي اوندھ ڪوڪوآنہ تي پنهنجا پر پکيڙڻ لڳي. سج لهڻ بعد جيڪو هلڪو هلڪو سوجهرو ڪجھ وقت لاءِ ڇانيل هوندو آهي، سو هتي بلڪل بہ ڪونهي. جيئن ئي سج پهاڙن جي پنيان ٽبي ٿو هٽي، ڪوڪوآنہ تي گهري اونداهي ڇائنجو وڃي. جيترو مفاصلو موت ۽ زندگي جي وچ ۾ رهي ٿو اوتروئي هتي روشني ۽ گگھ اونداهي وچ ۾ ٿو رهي.

چنڊ اڀريو تہ چانڊوڪي ڪوڪوآنہ جي منظرن کي وهنجارڻ لڳي، ۽ ڪوڪوآنہ جا منظر خوبصورت نظر اچڻ لڳا. مون پنهنجي زندگي ۾ چند اهڙا منظر ڏٺا آهن. جيڪي ڪڏهن بہ نہ وسري سگهندا. هڪ چانڊوڪي ۾ تاج محل جو نظارو ۽ ٻيو هي چانڊوڪيءَ ۾ ڪوڪوآنہ جا منظر. چانڊوڪي ۾ ڪوڪوآنہ جي نکريل هن حسن کي بيان ڪرڻ لاءِ مون وٽ جڻ تہ لفظ ئي کٽي ويا آهن.

" منهنجا آقا! جيڪڏهن توهان چاهيو ته "لو" جي طرف نڪري هلون. جتي توهان جي ترسڻ لاءِ هڪ جهوپڙي مخصوص ڪئي وئي آهي." انفادوس ايندي شرط چوڻ لڳو " چنڊ اپري چڪو آهي هاڻ رستو پلجڻ جو ڪو خدشو به نه آهي".

هڪ ڪلاڪ بعد اسين "لو" جي صدر دروازي تي بيٺا هئاسين. ڪاهي تي پل ڪريل هئي. جتي هٿيار بند سپاهي پهرو ڏئي رهيا هئا. انفادوس اڳتي وڌي ڪجھ مبهم لفظ چوڻ لڳو (جيڪي جڻ ته "لو" ۾ داخل ٿيڻ جو پاسپورٽ هئا).

"لو" جي مختلف محلن مان گذرندو انفادوس هڪ جڳهه تي اچي رڪيو جتي هڪ احاطي ۾ چند جهوپڙيون ٺهيل هيون جيڪي اسان لاءِ مخصوص هيون. اسين احاطي ۾ داخل ٿياسين ته اسان کي خبر پئي ته اسان مان هر هڪ لاءِ جدا جدا جهوپڙي تيار ڪئي وئي آهي. جنهن ۾ سڪي گاهه تي جانورن جون کلون وڇائي بسترا تيار ڪرايا ويا هئا. ڪاڏو شايد پهرين ئي تيار ڪيو ويو هو. جيئن ئي هٿ منهن ڌوئي فارغ ٿياسين ته چند نوجوان ڇوڪريون ڪاٺ جي پيالن ۾ ڀڳل گوشت ۽ اباريل پاڄيون کڻي اچي حاضر ٿيون.

ماني کائڻ بعد اسان خيال ڪيو ته هر ماڻهو جو جدا جدا جهوپڙي ۾ رهڻ خطري کان خالي نٿو ٿي سگهي. تنهنڪري اسان هڪ ئي جهوپڙي ۾ سمهڻ لاءِ بسترا لڳائڻ جو حڪم ڏنو. ان حڪم تي اسان جون خدمتگار ڇوڪريون ٿڪ ڏئي کلڻ لڳيون. بحرحال انهن جي ٽهڪن تي اسان غور ئي نه ڪيو ۽ پنهنجن بسترن تي سمهي پياسين.

صبح جو سج ڪافي مٿي چڙهي آيو جو منهنجي اک کلي. اسان جون خدمتگار ڇوڪريون جن کي لڳو ٿي ته ڪو شرم حياءَ ئي ڪونه هو سي اسان جي ڪپڙن بدلائڻ لاءِ تيار بيٺيون هيون

"اسان کي ڪهڙا ڪپڙا بدلائڻا آهن" گڊ بڙ بڙ ڪرڻ لڳو " مان ته بس هڪ عدد جوتن جي جوڙي، ڪڇي ۽ قميس ۾ ڏينهن گذاري رهيو آهيان. يار ڪوارٽرمين! خدا کي مڃ مونکي پنهنجي پتلون ته واپس وٺي ڏي."

پڇا ڪرڻ تي خبر پئي ته گڊ جي پتلون ته الاءِ ڪيڏي مهل بادشاهه جي خدمت ۾ پهچائي وئي آهي. جيڪو اڄ اسان سان ملاقات ڪرڻ وارو آهي.

اسان ڇوڪرين کي موڪل ڏئي وهنجي سهنجي تيار ٿياسين. جو گڊ ويٺي پنهنجي هڪ طرفي ڏاڙهي ناهڻ لڳو. هاڻ ٻئي طرف وڌيل ڏاڙهي ڪوڙڻ وارو ئي هو جو مون ۽ هنري وڏين ڪوششن ۽ خوشامدين سان کيس ائين ڪرڻ کان مس وڃي روڪيو.

اسان صبح جو ناشتي کان فارغ ٿي پائپ دکائي ئي مس ويٺاسين جو انفادوس اچي اطلاع ڏنو ته اگر توهان چاهيو ته بادشاهه هن مهل ئي توهان سان ملاقات ڪرڻ لاءِ تيار آهي. اسان به ساڻس ملڻ لاءِ ايترا ئي مشتاق هئاسين جيترو هو اسان سا ملڻ لاءِ مشتاق هوندو. ليڪن مون سوچيو ته جيڪڏهن اسان

بادشاهه سان ملڻ لاءِ ايڏو اشتياق ظاهر ڪيو ته شايد انهيءَ جو اثر هنن ماڻهن تي الٽو پويو. تنهنڪري مون انفادوس کي چيو ته سج ٿورو مٿي چڙهي ته پوءِ اسين بادشاهه جي حضور ۾ هلنداسين.

ڪلاڪ کن کان پوءِ هلڻ لاءِ تيار ٿي وياسين. ظاهر آهي ته اسان کي بادشاهه جي حضور ۾ ڪجهه تحفا پيش ڪرڻ گهرجن. تنهنڪري اسان پنهنجي مختصر سامان مان مرحوم وينٽا جي رائفل ۽ گولين جي هڪ پيٽي بادشاهه لاءِ ڪنئيسين ۽ انفادوس جي رهبري ۾ بادشاهه جي دربار ڏانهن پنڌ پياسين. امبوپا به اسان سان گڏ هو.

تقريبن سئو گز هلڻ کانپوءِ اسان هڪ ميدان جي ويجهو پهتاسين جتي چوطرف واڙي وانگر سڪل گاهه ۽ ڍنگرن جو لوڙهو ڏنل هو ۽ ان سان لڳو لڳ جهوپڙين جي هڪ ڊگهي قطار هلي ٿي وئي. انفادوس ٻڌايو ته انهن جهوپڙين ۾ ٽوالا جون راڻيون رهنديون آهن. واڙي جي دروازي سامهون ميدان جي هڪ سري کان هڪ وڏو جهوپڙو نهيل هو. جيڪو ٽوالا جو محل هو. ان وڏي جهوپڙي جي سامهون کليو ميدان سپاهين سان کچاکچ ڀريل هو. جن جو تعداد ست اٺ هزار کن هوندو. سپاهي قطارن ۾ بيٺا هئا ۽ انهن جي وچان رستو ڇڏيل هو. سڀ سپاهي ڪنڌ جهڪايو بيحس و حرڪت خاموش بيٺا هئا. جهڙا شيشم جا مجسما هجن. انهن جي وچان هلندي اسين ٽوالا جي وڏي جهوپڙي وٽ پهتاسين. اتي به هڪ ننڍو ميدا ن هو جتي ڪجهه اسٽول ۽ ٽپايون رکيون هيون. انفادوس جي اشاري تي اسان انهن مان ٽن ٽپائن تي ڄمي ويهي رهياسين. امبوپا اسان جي پٺيان بيهي رهيو ۽ انفادوس به ادب سان جهوپڙي جي دروازي تي بيهي رهيو. چوطرف گهري خاموشي ڇانيل هئي. ميدان ۾ بيٺل سپاهن جون نگاهون اسان تي مرڪوز هيون. جيڪي مون کي سُئِن جيان جسم ۾ چڀندي محسوس ٿيڻ لڳيون. ۽ مون بيچيني مان پنهنجي پاسو بدلايو. وقت جهڙوڪر هڪ جاءِ تي ڄمي بيهي رهيو هو.

نيٺ جهوپڙي جو دروازو کليو ڪلهن تي شينهن جي کل پاتل هڪ ديوقامت شخص ظاهر ٿيو. ان جي پويان سڪارگا ۽ انهي جي پٺيان پوڙهي باندري جهڙي هڪڙي عجيب الخلق جهڙي شيءَ ظاهر ٿي .

ديو قامت شخص هڪ ٽپائي تي اچي ويهي رهيو سڪارگا ان جي پٺيا وڃي بيٺو ۽ اها پوڙهي باندري جهڙي بدنما مخلوق چوپاين جيئان رڙهندي جهوپڙي جي ڇاپي ۾ زمين تي ويهي رهي .

ديوقامت شخص ڪلهي تان شينهن جي کل لاهي ٽپائيءَ تان اٿي بيهي رهيو. واقعي ئي انهي ڊيل ڊول ۽ رنگ ڍنگ جهڙو ماڻهو اسان جي نگاهن اڳيان ڪڏهن به نه گذريو هو. ان جا چپ تمام ٿلها ۽ ڇهري تي هڪڙي اک چمڪي رهي هئس ۽ ٻئي اک جي جڳهه ڇهري تي صرف هڪ کڏو هئس. پهرين نظر ۾ ئي اهو شخص وڏو ظالم ۽ وحشي معلوم ٿي رهيو هو. جيڪو پنهنجي مٿ جهڙي مٿي تي اٺ پکي جي کنڀن جو تاج پايو بيٺو هو. جسم تي انتهائي سنهڙين زنجيرن جي نهيل زره پاتل هئس. گوڏن کان مٿي چيلهه تائين ڏاندن جا سفيد پڇ گهاتا ٻڌل هئس، ڪنڌ ۾ ٿلهي سونهي زنجير ۽ هٿ ۾ وزني نيزو هئس، ۽ دانگي جهڙي ڪاري پيشاني تي ٻڌل اٽترا شيل هيرو چمڪي رهيو هئس .

اچانڪ ان ديو قامت شخص، جيڪو حقيقت ۾ ٽوالہ هو، پنهنجو نيزو بلند ڪيو ۽ ان جي جواب ۾ ست اٺ هزار نيزا هوا ۾ بلند ٿيا ۽ فضا "ڪوم، ڪوم" جي آوازن سان گونجي اٿي. اهو شاهي سلام ٽي دفعا ورجايو ويو ۽ هر دفعي فضا ايئن ئي گونجي اٿي.

" با ادب...با ادب" هڪڙو سنهڙو اٽوٽنڊڙ آواز آيو. اهو آواز انهي وڏي جهوپڙي جي ڇانوَ ۾ ويٺل ان پوڙهي بدشڪل باندري جو هو " باادب- ولي نعمت توهان جي روبرو آهي

" با ادب...با ادب" ست اٺ هزار سپاهين جي واتان جواب اچڻ لڳو ۽ پوءِ قبر جهڙي خاموشي ڇانئجي وئي. جو اوچتو " ڇنن..." جو آواز آيو ۽ اسان جي ڪابي پاسي بيٺل هڪ نوجوان سپاهيءَ جي هٿ مان اوچتو سندس ڍال ڇڏائجي ڪري پئي. ٽوالہ مئل ٻڪر جهڙي بينور اکيلي اک نوجوان سپاهيءَ طرف گهمائي.

"هيڏي آءُ" ٽوالہ پنهنجي بيسري آواز ۾ حڪم ڏنو. ڇگڙي صورت وارو اهو نوجوان سپاهي صف مان نڪري اسان جي سامهون اچي بيهي رهيو.

"اها ڍال توکان ڪري آهي؟" ٽوالہ ڪڙڪو ڪيو" ڪميڻا، ڪتا! تون ستارن کان آيل مهمانن سامهون منهنجي بيعزتي ڪرائڻ ٿو چاهين. هان؟"

نوجوان جو رنگ هيڊو ٿي ويو" غلطي ٿي وئي ان داتا."

"هون،،، غلطي ٿي وئي، توکي انهيءَ غلطي جو مزو هاڻي ئي چکڻو پوندو. جو تو منهنجي وقار کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو آهي."

"مان توهان جو ادنيٰ غلام آهيان. منهنجي هيءَ غلطي معاف ڪئي وڃي ان داتا."

"سڪارگا!" ٽوالہ رڙڪئي" مان ڏسڻ ٿو چاهيان تہ تنهنجن ٻانهن ۾ ڪيترو ٻل آهي. اچ... هن ملعون تي پنهنجي طاقت آزماءِ."

سڪارگا پنهنجن چپن تي غليظ مسڪراهٽ ٽيڙي اڳيان وڌيو ۽ پنهنجو نيزو هوا ۾ بلند ڪيو تہ نوجوان يڪدم پنهنجو منهن ڪٽي هٿن سان ڍڪيو ۽ بنا چرپر جي هڪ جاءِ تي ڄمي بيهي رهيو. سڪارگا نيزو گهمائي گهمائي ان نوجوان جي ڇاتيءَ تي وهائي ڪڍيو. نيزي جي نوڪ نوجوان جي پٺيءَ مان آرپار گذري چمڪڻ لڳي. نوجوان پنهنجا هٿ هوا ۾ ايا ڪيا ۽ پوءِ بنا ڪنهن دانهن ڪرڻ جي زمين تي ڪري پيو ۽ ٿڌو ٿي ويو.

غريب تي ٽوالہ جو خوف ايتري قدر تہ ڇانيل هو جو مرندي وقت ۾ زخم جي تڪليف کان بہ هن جي واتان ڪا دانهن نہ نڪري سگهي. اسين ششدر ٿيو بت بڻيا وينا رهياسين.

سپاهين جي گروهہ ۾ پڻ پڻ ٿيڻ لڳي ۽ جلدي پوءِ خاموشي ڇانئجي وئي. الميو ختم ٿي ويو ۽ اسين حيران هئاسون جو هي نوجوان ڪجهہ ئي منٽ اڳ زندهہ بيٺو هو. هنري بيصبري مان اٿيو ۽ انگريزيءَ ۾ هڪ ڪچي گار ڏئي ڪڍيائين ۽ پوءِ گهري خاموشيءَ کان متاثر ٿي غصي مان وڏيڪ گاريون ڏيڻ لڳو.

"واهہ سڪارگا واهہ... شاباش." ٽوالہ چيو " هن لاش کي هتان ڪٽي وڃي ٻاهر ڦٽو ڪريو."

چار ماڻهو صف مان نڪتا ۽ لاش کڻي هليا ويا.

"هن جي غليظ خون جا هي داغ به مٽايو" پوڙهي باندريءَ جهڙي بدشڪل چيو. فوراً هڪ ڇوڪري جهوپڙيءَ جي پرئين پاسي کان رک سان ڀريل ٿالهه کڻي آئي ۽ جميل ڳاڙهي رت تي ڇڙڪائڻ لڳي. هنري ان واقعي کان ڪاوڙ ۾ اچي پاسا ورائڻ لڳو. ۽ ذري ذري هن جو هٿ پنهنجي پستول ڏانهن وڌي ٿي ويو ۽ هو اٿيو اٿيو ٿي ويو. جنهن کي اسان وڏي مشڪل سان پڪڙي ويهاريو.

" ويهي رهه هنري! خدا کي مڃ ويهي رهه" مون التجا ڪيس ته " تو ٿورڙي به غلطي ڪري وڌي ته پاڻ لاءِ جانيون بچائڻ به وڏو مسئلو ٿي ويندو."

هنري وٽ سٽ ڪائي ويهي رهيو.

جڏهن رت جا داغ ڍڪجي ويا ته ٿوالہ اسان سان مخاطب ٿيو.

"سفيد انسانو!" هن چيو " توهان ڪٿان کان ۽ ڇاجي لاءِ آيا آهيو. مون کي اها ته خبر ناهي پر پوءِ به مان توهان کي خوش آمديد چوان ٿو."

"اسين ڪوڪو آنہ جي شاهہ جو شڪريو ٿا ادا ڪريون" مون جواب ڏنو.

"سفيد انسانو! توهان ڪٿان کان آيا آهيو ۽ ڪهڙي مقصد سان آيا آهيو؟"

"اسين ستان جي دنيا کان آيا آهيون ۽ صرف هن ملڪ کي ڏسڻ ۽ گهمڻ آيا آهيون ۽ ڪهڙي طرح هت پهتا آهيون, اهو وڏو داستان آهي جيڪو نہ پڇو تہ بهتر"

"توهان هڪڙي معمولي ملڪ کي ڏسڻ لاءِ هيڏو پنڌ ڪيو آهي! ۽ هيءَ ماڻهو؟" هن امبوپا ڏانهن اشارو ڪيو " ڇا هيءَ به ستارن جي دنيا کان آيو آهي."

"جي ها! ستارن جي دنيا ۾ توهان جي رنگ جهڙا ماڻهو به موجود آهن. مگر اي بادشاهہ! جيڪي ڳالهيون توهان جي سمجهه کان ئي بالاتر هجن تن جي باري ۾ وڌيڪ نہ پڇو تہ بهتر."

"ستارن جا رهواسيو! توهان وڏا ڪي آڙيڪاپ آهيو" ٿوالہ اهڙي لهجي ۾ چيو جيڪو مون کي بلڪل به پسند نہ آيو.

" توهان اهو نہ وسارجو تہ توهان هن وقت منهنجي ملڪ ۾ آهيو ۽ ستارا هتان کان پري ۽ تمام پري آهن. اگر مان توهان کي به هن نوجوان وٽ جنهن جو لاش اجان هاڻي هاڻي ڪٽيو ويو آهي, پهچائي ڇڏيان تہ توهان ڇا ٿا ڪري سگهو. ۽ اهو ڪم منهنجي هڪ ننڍڙي اشاري تي سرانجام ٿي سگهي ٿو."

" هاهاها..." مان وڏا ٽهڪ ڏئي زور سان کلڻ لڳس. حالانڪہ اها منهنجي ظاهر ۽ ڪوڙي کل هئي ۽ منهنجي دل زور زور سان ڌڙڪي رهي هئي.

" هر ٻوڙي ۾ بنا ڪنهن سوچ ويچار جي هٿ وجهڻ حماقت هوندي آهي, متان انهيءَ ٻوڙي ۾ ڪو نانگ ويٺو هجي ۽ توهان کي ڏنگي وجهي, ان ڪري مان توهان کي خبردار ٿو ڪريان تہ توهان اگر اسان جي وار کي بہ ڇهيو تہ توهان جي ملڪ تي مصيبتن جا پهاڙ ڪري پوندا. ڇا توهان جي ماڻهن توهان کي اسان جي بيپناهہ طاقتن جي باري ۾ نہ ٻڌايو آهي؟" مون انفادوس ۽ سڪارگا ( جيڪو پنهنجي نيزي سان

ظلم جا نشان مٽائي رهيو هو) طرف اشارو ڪيو. " ڇا انهن ماڻهن توهان کي ڪجهہ بہ نہ ٻڌايو آهي. بادشاهہ! سچ ٻڌاءِ توهان پهريائين ڪڏهن هن جهڙا ماڻهو ڏٺا آهن". مون گڊ طرف اشارو ڪيو. جنهن جي شڪل ۾ صورت ان وقت اهڙي تہ عجيب هئي جو ٽوالہ تہ ڇا پر ڪنهن بني بشر بہ نہ ڏٺي هوندي

"نہ. مون واقعي بہ اهڙو عجيب غريب ماڻهو اڳ ڪڏهن بہ نہ ڏٺو آهي". ٽوالہ نفرت آميز نگاهن سان گڊ ڏانهن ڏسندي چيو.

"ڇا انفادوس ۾ سڪارگا توهان کي نہ ٻڌايو آهي تہ ڪهڙيءَ طرح اسان پري کان ئي ماڻهن تي موت مسلط ڪري سگهون ٿا؟.

"بيشڪ انهن مون کي سڀ ڪجهہ ٻڌايو هو پر مان ٻڌل ڳالهين تي يقين نہ ڪندو آهيان. جيڪڏهن توهان پنهنجي دعويٰ ۾ سچا آهيو تہ سامهون بيٺل سپاهين مان ڪنهن هڪ کي ماري ڏيکاريو."

"نہ بادشاهہ سلامت! اسان صرف سزا طور ئي ڪنهن انسان جو خون وهائيندا آهيون. ڪنهن بيگناهہ کي قتل ڪرڻ اسان لاءِ سڀ کان وڏو گناهہ آهي. ها، باقي جيڪڏهن توهان کي اسان جو امتحان وٺڻو آهي تہ توهان پنهنجي خدمتگارن کي چئو تہ ڪو ڏاند ڪاهي اچن. جنهن کي ڳوٺ جي صدر دروازي وٽ اچي بيهارين. جنهن کي اسين ويهن گزن جي فاصلي تان ماري ڏيکاريندا سين.

"نہ. ڪنهن انسان کي ماري ڏيکاريو تہ پوءِ مان يقين ڪريان" ٽوالہ ڪلڻ لڳو. " اچا تہ پوءِ ائين ئي ٿيندو". مون سوچيو تہ سڌين آڱرين سان گيهہ نہ نڪرندو. " اي بادشاهہ! تون پاڻ ئي انهيءَ کليل ميدان مان، انهيءَ دروازي ڏانهن وڃي ڏيکار. تنهنجا قدم اڃان دروازي جي چائنٽ کي ئي نہ ڇهندا جو تون مري پوندين. اگر تون مرڻ نٿو چاهين تہ پنهنجي پٽ سڪارگا کي موڪل تہ هو دورازي طرف وڃي ڏيکاري" ( ۽ اگر مان هن وقت سڪارگا کي ماري وڏو تہ مون کي وڏو روحاني سڪون حاصل ٿيندو) منهنجي انهيءَ تجويز تي سڪارگا ڊپ مان دانهن ڪري وني جهوپڙي ڏانهن ڀڳو. ٽوالہ بہ غصي مان پنهنجا چپ چباڙڻ لڳو.

منهنجي اها تجويز انهيءَ کي ماڳهين پسند نہ آئي هئي.

"چڱو نيڪ آهي، ڏاند آندو وڃي."

بہ سپاهي تيزيءَ سان ڀڄڻا ۾ نظرن کان اوجهل ٿي ويا.

" هاڻ هنري! تنهنجو وارو آهي. تون نشانو وٺ". مون چيو "جو مان هن ڇپ کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ اسان جي هن گروهہ ۾ رڳو مان اڪيلو ئي جادوگر ناهيان، اسان سڀ هڪجهڙي کان وڌيڪ طاقتن جا مالڪ آهيون."

"ڪٿي منهنجو نشانو خطا نہ ٿي وڃي يار". هنري ايڪسپريس بندوق سنڀاليندي چيو. " نہ هنري! تنهنجو نشانو خطا ٿيڻ نہ کپي. پهرين گولي گسين تہ ٻي هڏجان ۾ جڏهن ڏاند ڏيڍ سئو گز پري هجي تہ ان جي ڪنهن ويڪري حصي تي نشانو وٺي گولي هلائجان!. سمجهئي."

سڀ ماڻهو چپ چاپ بيٺا هئا.

ڳوٺ جي دروازي کان هڪڙو ڏاند ڊوڙندو ميدان ۾ آيو جيڪو ماڻهن جي هيڏي ميڙ کان ٿهي بيهي رهيو ۽ پوءِ وري پوئين پير مڙيو ۽ هڪ طرف هلڻ لڳو.

”هاڻ موقعو اٿئي“ مون هنري کي ڪن ۾ چيو. هنري بندوق اپي ڪئي ”ڌز“ ۽ ڏاند سڌي اچي ڪريو. گولي ان جي پاسرين ۾ لڳي هئي. ادب مان بيٺل هزارين سپاهين جي واتان ڊپ ۽ حيرت مان دانهون نڪري ويون.

”ڪوڪو آنه جا بادشاهه! هاڻ ٻڌاءِ؟ ڇا اسان ڪوڙ ٿي ڳالهايو؟“ مون چيو.

”نه سفيد انسانو! توهان ڪوڙ نٿي ڳالهايو.“

”ته ٻڌ ٽوالھ! تو پنهنجي اکين سان اسان جو ڪرشمو ڏسي ورتو. ۽ يقين ڪر ته اسان هت ڪنهن لڙائي جهيڳڙي جي ارادي سان نه آيا آهيون.“

مون بندوق اپي ڪئي.“ هيءَ اندران پوري هڪڙي لٺ آهي. هن سان توهان به اسان وانگر پري کان ئي ڪنهن کي قتل ڪري سگهو ٿا. تنهنڪري مون هن تي پنهنجو علم پڙهي دم ڪري ڇڏيو آهي. ترس ته توکي ڪجهه وڌيڪ به ٻڌايان. هاڻ توهان ڪنهن سپاهيءَ کي حڪم ڏيو ته هو پنهنجو نيزو اهڙيءَ طرح زمين ۾ کوڙي جئين ان جو ڦر مٿي ئي رهي“چند منٽن ۾ نيزو زمين ۾ کوڙيو ويو.

” هاڻ ڏسجو مان هتان ئي بيهي نيزي کي ڪئين ٽو ٽوڙيان ۽ پوءِ چڱي طرح نشانو ٻڌي بندوق هلايم “ ڌز “ ۽ نيزي جو ڦر ٽٽي وڃي پري ڪريو ۽ مجموعي ۾ وري آواز بلند ٿي ويا.

”ٽوالھ ! هيءَ جادو ئي نالِي اسان توکي تحفه طور پيش ٿا ڪريون ۽ گڏوگڏ توکي اهو به ٻڌايون ٿا ته ان کي استعمال ڪهڙي طرح ڪجي. مگر ياد رکجان ڪڏهن به پلجي هن آسماني جادو کي زمين جي ڪنهن به بيگناهه انسان تي نه آمائجان-جيڪڏهن ائين ڪيئي ته پوءِ هن ناليءَ جي جادو جو اثر الٽو توتي ئي ٿيندو“. مون امبوپا کان رائيفل وٺي ٽوالھ کي پيش ڪئي.

ٽوالھ رائيفل کي وڏي احتياط سان سنڀالي پنهنجي پيرن وٽ رکيو. جهوپڙي جي پاڇي وٽان پوڙهي باندريءَ جهڙي مڪروهه شڪل چوپاين وانگر رڙهندي بادشاهه ڏانهن وڌي ۽ وڏي مشڪل سان اچي اپي پير بيهي رهي. ۽ پوءِ ان پنهنجي چهري تان پاتل ڪل به لاهي ڇڏي ۽ پوءِ اسان هڪڙي عجيب غريب انساني شڪل ڏٺي جيڪا تمام جهور پوڙهي عورت هئي، جنهن جو چهرو سڪڙجي هڪ سال جي ٻار جيترو ٿي ويو هو ۽ ان جي چهري تي گهنجن ۽ جهرين جو جڻ ته ڄار وڇايو پيو هو. گهنجيل منهن جي وچ تي ناليءَ وانگر وات هوس ۽ ان جي هيٺان کاڏي جيڪا نوڪدار ٿي اڳتي وڌي آيل هئس. لڳو ائين پئي ته هي جڻ ته ڪو سالن کان دفن ٿيل مردو قبر مان ٻاهر نڪري آيو هجي. ان جي چهري تي نڪ ته هو ئي ڪونه جنهن جو ذڪر ڪجي. زرد پيشانيءَ جي هيٺان به سفيد اکيون ڦرڙائي رهي هئي. جن مان بيپناهه شيطانيت بکي رهي هئي. ان جو مٿو بلڪل گنجو هو ۽ کوپڙيءَ تي گهنج ۽ جهريون ائين هئس جڻ ته هن جي مٿي تي سوين سانپا چنبڙيل هجن. اها اهڙي ته هيبتناڪ ۽ نفرت انگيز هئي جو گهڙيءَ پل لاءِ اسان تي به خوف طاري ٿي ويو. اها ڪجهه دير تائين خاموش بيٺي رهي ۽ پوءِ هن پنهنجو سڪل

هٿ ( جنهن جي آڱرين تي هڪ هڪ انچ جا گندا ۽ غليظ ننهن هئا) ٿوالہ جي ڪنڌ تي رکيو ۽ نهايت ئي تيز ۽ سنهي آواز ۾ پنهنجي بڪواز شروع ڪئي.

“ٻڌو اي بادشاهہ ۽ سپاهيو!

ٻڌو اي ميدانو، پهاڙو ۽ نديو!

ٻڌو اي ڪوڪو آنہ جون بيجان جهوپڙيو! اي طوفان، اي ڌنڌ!

ٻڌو اي نوجوانو، پوڙهئو ۽ ڪنوارئو!

ٻڌو هر هڪ جيڪو زندهہ آهي ۽ جيڪو مرڻ لاءِ پيدا ٿيو آهي !

ٻڌو! منهنجو نالو گگول آهي. سمجهي ڇڏيو تہ زندگيءَ جي موج ۽ روح مون ۾ موجود آهي. اڄ مون ڪي غور سان ٻڌو! جو مان ڪجهہ پيشنگويون ٿي ڪريان.”

ان جو آواز ٻڌي اسان تي سڪتي جو عالم طاري ٿي ويو.

“خون، خون، خون.

خون جون نديون، چوطرف خون ئي خون.

مان ان خون کي سنگهي سگهان ٿي.

زمين مان خون ڦوهارا ڪري ڦٽي رهيو آهي.

آسمان مان خون جي برسات وسي رهي آهي.

چوطرف تيز تيز قدمن جو آواز اچي رهيو آهي.

۽ مان سجاڻان ٿي تہ الائي ڪٿان کان ڪهي آيل سفيد اجنبي قدمن جو آواز آهي اهو.

ڌرتي ۽ ڌرتيءَ جي دل خوف وچان ڌڙڪي رهي آهي.

سرخ چمڪندڙ خون هوندئن بہ ڏاڍو سنو لڳندو آهي .

ان جي خوشبوءَ صفامست ڪندڙ هوندي آهي.

شينهن انهيءَ خون کي چٽيندي گجگوڙيون ڪندا ۽ ڳجهون پنهنجن پرن ۾ ڪنين کي انهيءَ مقدس خون سان غسل ڏيندديون.

مان ڪراڙي آهيان، تمام ڪراڙي.

مگر مرڻ کان اڳ ۾ هڪڙو ڀيو بہ خون ڏسندس.

ڪير ٻڌائي سگهي ٿو تہ منهنجي عمر ڪيتري آهي؟

توهان جا ڏاڏا مون کي سڃاڻيندا هئا.

انهن جا ڏاڏا بہ مون کي سڃاڻيندا هئا.

۽ انهن جي ڏاڏن جا ڏاڏا بہ مون کي سڃاڻيندا هئا.

مان پهاڙن جيتري پراڻي آهيان.

مان سفيد انسانن جي خواهش جي باري ۾ بہ ڄاڻان ٿي.

منهنجي علم جي دولت لازوال آهي.
توهان ٻڌائي سگهو ٿا ته هي شاهي رستو ڪنهن ٺاهيو آهي؟
ٻڌايو ته پهاڙي چوٽين تي ٺاهيل تصويرن جو خالق ڪير آهي؟
۽ اهو به ٻڌايو ته اهي ٽي خاموش ديوتا ڪير آهن. جيڪي هڪ غار ۾ ويٺا هيٺ ڏسي رهيا آهن". ۽ هن انهن ٽن پهاڙن ڏانهن اشارو ڪيو جيڪي اسان گذريل رات ڏٺا هئا.

"اهو سڀ ڪجهه مان ئي ڄاڻان ٿي. مون کانسواءِ ٻيو ڪوبه نٿو ڄاڻي. منهنجي نگاهن کان ڪا به شي پوشيده ناهي.
مون کي انهن واقعن جو به علم آهي، جيڪي گذري چڪا آهن يا جيڪي اڃان ٿيا ئي ناهن.
مان ماضيءَ ۽ مستقبل کي آرسيءَ وانگر ڏسي سگهان ٿي.
هي سفيد انسان، اي بادشاهه! جيڪي تنهنجي سامهون موجود آهن. ان وقت به اهي اتي موجود هوندا، جڏهن تنهنجو لاش خاڪ ۽ خون ۾ لٿيڙيو ميدان ۾ پيو هوندو.
اهي توکي برباد ڪري ڇڏيندا. اهي توکي ڪائي ڇڏيندا.
هاهاها، هي هي هي، اي سفيد انسانو! توهان هتي ڇو آيا آهيو؟
اها ڪهڙي شي جي لالچ آهي، جيڪا توهان کي ستارن کان زمين تي لاهي ڪٺي آئي آهي، مان اهو به ڄاڻان ٿي.
اي بادشاهه! تنهنجي پيشانيءَ تي جيڪو پٿر چمڪي رهيو آهي، اهو ڇا آهي؟ ۽ اهي لوهه جا زيور جيڪي توکي پاتل آهن، اهي اصل ۾ ڇا جا ٺهيل آهن. ڪنهن جي هٿن جي تخليق آهن؟ ڇا اهو سڀ ڪجهه توهان ڄاڻو ٿا؟
نه توهان نٿا ڄاڻو ۽ يقينن ڄاڻي به نه سگهندو.
ليڪن مان اڪيلي اها مقدس، عقلمند ۽ لافاني عورت آهيان، جيڪا سڀ ڪجهه ڄاڻان ٿي.
منهنجو علم بي پايان آهي.
جنهن جي ابتدا، جنهن جي انتها ۽ جنهن جي اٿاهه کي هيستائين ڪوبه حاصل نه ڪري سگهيو آهي ۽ نه ئي حاصل ڪري سگهي ٿو".

پوءِ هن پنهنجو منحوس چهرو اسان طرف گهمايو ته لڳو ته نياڳي جهڙي شيطان جي سڳي ناني هجي.
" ۽ توهان اي ستارن واسي! هت ڪهڙي شي جي تلاش ۾ آيا آهيو؟ ڪهڙي گم ٿيل شخص جي تلاش ۾ آيا آهيو؟ پر ان کي هت نه ليندئو. صديون گذري ويون آهن جو ڪنهن اجنبيءَ اسان جي سرزمين تي پير نه رکيو آهي. سواءِ هڪڙي شخص جي، جيڪو پنهنجو ملڪ ڇڏي هت مرڻ لاءِ آيو هو.
توهان چمڪندڙ پٿرن لاءِ آيا آهيو ته ٻڌي ڇڏيو! ته اهي پٿر توهان ان وقت حاصل ڪري سگهندئو. جڏهن ڪوڪوآنه جي سرزمين تي هزارين ماڻهن جو وهيل خون خشڪ ٿي ڄمي چڪو هوندو.
توهان ان کانپوءِ اتي پهچي سگهندو؟ جتان کان نڪتا هئائو. هاهاها، هي هي هي".

اها انتهائي مڪروهہ ۽ ڀيانڪ ڪل ڪلڻ لڳي ۽ ان جي انهيءَ وحشي ڪل اسان جي دلين کي ڌڏڪائي ڇڏيو.

”...۽ تون اي سياهہ چمڙيءَ وارا مفرور ماڻهوا“ هن ڪيڪڙي جي ٽنگن جهڙيو سڪل آڱريون اڀيون ڪيون.

“تون ڪير آهين؟ ۽ ڪهڙي شي جي حوس توکي هتي وٺي آئي آهي.

تون چمڪندڙ پٿرن لاءِ تہ هتي ڪونہ آيو آهين.

منهنجي خيال ۾ تہ مان توکي سڃاڻان ٿي ۽ يقينن سڃاڻان ٿي.

تنهنجي جسم مان مون کي ڄاتل سڃاتل بوءِ اچي رهي آهي.

تنهنجي رڳن ۾ جنهن شخص جو خون ڊوڙي رهيو آهي، مان انهيءَ کي بہ سڃاڻان ٿي. پنهنجو جسم کول، مان ڇوان ٿي پنهنجي جسم تان ڪپڙو هٽاءِ! هٽاءِ ڪپڙو“.

گگول غصَي مان ڏڪڻ لڳي ۽ ان جي منهن مان گڦ وهڻ شروع ٿي وئي. پوءِ زور زور سان ڏڪي ڏڪي منهن ڀر وڃي ڪري ۽ پوءِ بيهوش ٿي وئي. فوراً بہ ڄڻا اٿيا ۽ هن کي جهوپڙي ۾ کڻي ويا.

ٽوالہ لرزي اٿيو ۽ پنهنجو نيزو هوا ۾ بلند ڪيائين تہ ميدان ۾ بيٺل ماڻهو واپس وڃڻ لڳا ۽ ڪجهہ ئي دير ۾ ميدان صفا خالي ٿي ويو. اتي ٽوالہ ان جا ڪجهہ ساٿي ۽ اسان ڪانسواءِ باقي ڪير بہ نہ هو.

“اي اجنبي انسانو!” ٽوالہ گونجندڙ آواز ۾ چوڻ لڳو” منهنجي دل ۾ توهان کي قتل ڪرڻ جو ارادو جڙ پڪڙي چڪو آهي. جو گگول اڄ ڏاڍيون عجيب پيشنگويون ڪيون آهن“.

مون ٿهڪ ڏنو” ٽوالہ! اسان کي قتل ڪرڻ ايڏو آسان ڪم ناهي، جيڏو تو سمجهي رهيو آهين. اڄان هاڻي ئي تہ تون ڏاند جو انجام ڏسي چڪو آهين.

ڇا تون پنهنجو انجام بہ ڏاند جهڙو ٿو چاهين؟.“

“توهان کي منهنجي عزت ڪرڻ کپي. مان بادشاهہ آهيان” ٽوالہ خوفزده ٿي ويو.

“مون حقيقت جي طرف اشارو ڪيو آهي. ان ۾ تنهنجي ڪابہ بيعزتي ڪانہ ٿي آهي. باقي اسان کي قتل ڪرڻ جي پلي ڪوشش ڪري بہ ڏس! پوءِ ڏسجانءَ تہ ڇا ٿو ٿئي“.

ان خوفناڪ وحشيءَ پنهنجو هٿ پيشانيءَ تي رکيو ۽ ڪجهہ دير سوچڻ بعد چيو تہ “ واپس وڃو. هن وقت خاموشيءَ سان هليا وڃو. اڄ رات هونئين بہ وڏو رقص ٿيندو. ان ۾ توهان شريڪ ٿي سگهندئو باقي توهان جي باري ۾ مان سڀاڻ سوچيندس.“

”ڏاڍو سٺو. ليڪن هڪ دفعو وري بہ توکي خبردار ٿا ڪريون تہ جلد بازيءَ کان ڪم نہ وٺجان نہ تہ تنهنجي لاءِ سٺو نہ ٿيندو“. مون چيو ۽ پوءِ اسان پنهنجي قيام گاهہ طرف موٽي آياسين.

# خوني رقص

مون انفادوس کي پاڻ سان گڏ جهوپڙيءَ ۾ هلڻ جو چيو.

”انفادوس!“ مون ويهندي ئي چيو“ مان توکي ڪجھ چوڻ ٿو چاهيان.“

“چئو منهنجا آقا “!

“ خبر پئي تہ هيءَ ٽوالہ تہ وڏو ڪو ظلم شخص آهہ”

”توهان بجا فرمايو سرڪار! ٽوالہ جهڙو ظلم شخص دنيا جي ڪا بہ عورت ڄڻي ئي نٿي سگهي. توهان اڄ رات ڏاڻٽن جو ناچ ڏسندئو جتي ڪيترن ئي ماڻهن کي “ باغي” ۽ “جادوگر “ هجڻ جا ڪوڙا الزام هڻي قتل ڪيو ويندو. ٽوالہ کي جيڪڏهن ڪنهن جي ڪا ملڪيت يا جائداد اک ۾ هوندي, يا ڪنهن جي زال پسند اچي ويس, يا ڪنهن مان ڪنهن بغاوت جو ٿورو بہ شڪ هوندس تہ گگول يا ان جون شاگردياڻيون انهن کي اچي سنگهنديون ۽ ٽوالہ موقعي تي ئي انهن کي قتل ڪرائي ڇڏيندو. اڄ رات بہ هزارين بيگناهہ موت جي گهاٽ هليا ويندا, ممڪن آهي تہ منهنجو وارو بہ اچي وڃي ۽ مان بہ بيگناهہ ماريو وڃان ڇو تہ مان پنهنجي سپاهين ۾ هردل عزيز آهيان. مان سوچيان ٿو تہ انهن ظالمن جي ڪري هيءَ ڌرتي ڦاٽي ڇو نہ ٿي پوي, چوندا آهن, ظلم قائم رهڻو آهي پر ظالم نہ, پرهت تہ يار ظلم ۽ ظالم ٻئي قائم آهن. هنن کي ڄڻ تہ ڪا پرواهہ ئي ناهي.“

”اگر ائين آهي انفادوس! تہ توهان مڙئي مظلوم ملي ڪري انهيءَ ٽوالہ کي قتل ڇو نٿا ڪري ڇڏيو”

”ان مان ڪو فائدو ناهي منهنجا آقا! اگر ڪنهن بغاوت ۾ ٽوالہ ماريو بہ ويو تہ ان ڪانپوءِ سندس پٽ سڪارگا تخت نشين ٿيندو. ٻڌو ڪونہ اٿئي تہ ڏاچي هٽي ڏهہ تہ توڏي هٽي تيرهن وانگر سڪارگا حرامي تہ پنهنجي پيءُ کان بہ رتيون ڪسر ئي ظالم آهي. ها! باقي ايماٽو نہ ماريو وڃي ها تہ, يا ان جو پٽ اگنوسي زندهہ هجي ها تہ پوءِ بي ڳالهہ هئي. ليڪن افسوس اهي ٻئي مارجي ويا.“

”اهو توکي ڪنهن ٻڌايو تہ اگنوسي مري چڪو آهي”. ڪنهن منهنجي پنيان چئي ڏنو. مڙي ڏٺم تہ اهو امبوپا هو.

“تون ڪير ٿيندو آهي سچائيءَ کان انڪار ڪرڻ وارو ؟” انفادوس کي امبوپا جو وچ ۾ ورنديءَ ڏيڻ سنو نہ لڳو هو.

“جيڪڏهن توهان ٻڌڻ چاهيو تہ مان توهان کي هڪ ڪهاڻي ٻڌايان” امبوپا چيو, “ڪيترائي سال ٿيندا جو ڪوڪو آنہ جو بادشاهہ ايماٽو ماريو ويو هو ۽ ان جي راڻي پنهنجي اڪيلي پٽ کي ڪٺي ڪنهن پاسي هلي وئي هئي.”

“ها, بلڪل سهي آ.”

”۽ چوندا آهن تہ ايماٽو جي بيوهہ ۽ اگنوسي انهن برف پوش پهاڙن ۾ وڃي مري ويا.”

“ها, اهو بہ سچ آهي”

“ ليڪن ائين ناهي منهنجا بزرگ! اگنوسي ۽ ان جي امڙ مري ڪونہ ويا هئا.

انهن برف پوش پهاڙن کي پار ڪري ورتو هو ۽ اهي ٻئي ماءُ پٽ برپٽ بيابان ۾ ڀٽڪي رهيا هئا جو انهن کي هڪڙو خانہ بدوشن جو قافلو ملي ويو ٻئي انهيءَ قافلي ۾ شامل ٿي ويا ۽ انهن سان بيابان جي ٻئي طرف اچي نڪتا هئا.”

“اهي هوائي ڳالهيون توکي ڪنهن ٻڌايون آهن؟”

“ ٻڌو تہ سهي! ٻئي ماءُ پٽ پوءِ ڀٽڪندا ڀٽڪندا ان جڳهہ تي اچي پهتا جتي آمازولو قبيلو آباد آهي ۽ هي قبيلو بہ ڪوڪوآنہ جي قبيلي جي هڪڙي شاخ آهي. انهن هنن ٻنهيءَ ماءُ پٽن تي هٿن جون ڇانئون ڪري ڇڏيون ۽ پوءِ اهي ٻئي اتي ئي رهڻ لڳا. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ اگنوسي جي امڙ گذاري وئي ۽ اگنوسي پوءِ آواره گردي ڪرڻ لڳو ۽ هلندو گهمندو اچي سفيد چمڙي وارن ماڻهن جي ملڪ پهتو. جتي رهي ان سفيد چمڙيءَ وارن ماڻهن جا قائدا، قانون ۽ انهن جي تهذيب سکي.”

”واهہ! ڏاڍي مزيدار ڳالهہ ٻڌايئي”. انفادوس جي منهن تي خوشيءَ جي مرڪ ترڻ لڳي. “ وڏي عرصي تائين اگنوسي سفيد ماڻهن سان رهيو. ليڪن پنهنجي ماءُ جي ٻڌايل ڳالهين کي هڪ پل لاءِ بہ نہ وساريائين. پنهنجي اباڻي گهر کي ڏسڻ جي شديد آرزو هن جي دل ۾ هر وقت ڪرموڙيندي رهي. ليڪن وطن پهچڻ جي ڪا صورت ئي نظر نٿي آيس. نيٺ وڏي عرصي ڪانپوءِ هن جي اها آس پوري ٿيڻ جو وقت بہ اچي ويو. ان جي ملاقات چند سفيد انسانن سان ٿي، جيڪي انهيءَ اڻڄاڻ ملڪ ڏي سفر ڪرڻ جو ارادو ڪري چڪا هئا. اگنوسي انهن ماڻهن سان وڃي گڏيو اهي هڪڙي سفيد چمڙي واري ماڻهوءَ جي ڳولا ڪندا ڪندا، ساڙيندڙ صحرا پار ڪندا، برف پوش پهاڙن کي لتاڙيندا اچي ڪوڪوآنہ پهتا. جتي هنن جي ملاقات توهان سان ٿي.”

”مون سان؟. اهو ڇا پيو چوين؟ ڪٿي چريو تہ ڪونہ ٿي پيو آهين؟” انفادوس حيرت مان چيو.

“توهان مون کي پاڳل ٿا سمجهو؟ تہ ان جو ثبوت مان توهان کي هاڻي جو هاڻي، اتي ئي ٿو ڏيان. منهنجا عزيز چاچا! مان ئي اهو بدنصيب اگنوسي آهيان، ڪوڪوآنہ جي تخت ۽ تاج جو حقيقي وارث” ۽ امبوپا هڪ جهٽڪي سان پنهنجي چيلهہ جي چوڏاري ڪپڙو هٽائي پري ڪري ڇڏيو.

“هي ڇا آهي؟ سڃاڻو ٿا هن نشان کي ؟” امبوپا پنهنجي چيلهہ طرف اشارو ڪيو جتي هڪ نانگ جي تصوير اڪريل هئي. تصوير ائين هئي جو هڪڙو نانگ امبوپا جي چيلهہ جي چوڏاري وڪڙ هڻيو وينو هو ۽ ان جي پڇڙي امبوپا جي ناف وٽ پنهنجي ئي وات ۾ پيل هئي.

انفادوس حيرت مان امبوپا طرف ڏٺو. ڪجهہ دير سڪتي جي عالم ۾ رهيو ۽ پوءِ امبوپا جي سامهون سجدي ۾ هيلو ويو.

”ڪوم،ڪوم” هن سلام ڪيو. منهنجا ٻچڙا، منهنجي مقتول ڀاءُ جي نشاني! تون ئي تہ ڪوڪوآنہ جو حقيقي تاجدار آهين.”

“اٿو چاچا! مان هن وقت بادشاهه ناهيان. ليڪن خدا چاهيو ته توهان ۽ هنن دوستن جي مدد سان جلد ئي مان ڪوڪوآنه جو بادشاهه بنجي ويندس. ليڪن گگول به سچ چيو هو ته هن ملڪ ۾ رت جون نديون وهنديون ۽ ان رت ۾ گگول جو پنهنجو رت به شامل هوندو. جيڪڏهن ان جي جسم ۾ ڪو رت آهي ته ، گگول جي چُرت تي ٽوالا منهنجي پيءُ کي قتل ڪيو هو ۽ اها ئي ڏائڻ هئي جنهن منهنجي ماءُ کي تڙپي تڙپي مرڻ لاءِ برف پوش پهاڙن طرف ڌڪي ڪڍيو هو. مان ان کان بدلو ضرور وٺندس ڇو جو:

“شهيد جو رت چوي ٿو قاتل! ڦڙي ڦڙي جو حساب ٿيندو.”

۽،

منهنجي سيني ۾ انتقام جي باهه جا پيڙ پڙڪي رهيا آهن. جيڪي ٽوالا ۽ گگول جي خون سان ئي وسامندا.

انفادوس! ڇا تون منهنجي هٿ تي هٿ رکي قسم کڻين ٿو ته هر مشڪل ۾ ۽ ٽوالا جو تختو اونڌو ڪرڻ ۾ منهنجو ساٿ ڏيندين؟ يا تون ٽوالا جو طرفدار ٿيندين؟ مان تنهنجو فيصلو هاڻي جو هاڻي ٻڌڻ ٿو چاهيان.”

انفادوس ڪجهه دير سوچيندو رهيو. پوءِ ان امبوپا ( هاڻ اسان هن کي اگنوسي چونداسين) جو هٿ پنهنجو هٿ ۾ ورتو.

“اگنوسي منهنجا ڀڃا! مان مرندي دم تائين تنهنجو ساٿ ڏيندس. هنن هٿن. جڏهن تون ننڍڙو ٻچڙو هئين. تڏهن توکي کيڏايو. کارايو. پياريو. پاليو. نپايو هو. هاڻي هيءَ ئي هٿ توکي پنهنجو جائز حق وٺي ڏيندا”.

“انفادوس! اگر منهنجي فتح ٿي ته ڪوڪوآنه ۾ مون کان پوءِ سڀ کان وڌيڪ عزت تنهنجي هوندي. اگر مون کي ناڪامي پلئه پئي ته پوءِ ٻئي گڏ ماريا وينداسين.”

“۽ توهان سفيد انسانو! “ اگنوسي اسان سان مخاطب ٿيو “ ڇا توهان به منهنجو ساٿ ڏيندؤ؟ ۽ ا ن جو صلو مون کان ڇا وٺندئو؟ چمڪندڙ پٿر؟ اگر مون کي ڪامیابي نصيب ٿي ته مان توهان سان واعدو ٿو ڪريان ته جيڪي به پٿر توهان کي کپن سي توهان کڻي وڃي سگهو ٿا.”

مون اگنوسيءَ جي ڳالهين جو هنري ۽ گڊ کي ترجمو ڪري ٻڌايو.

“هن کي چئو” هنري چيو “ تو اسان کي غلط سمجهيو آهي. اگر دولت ملي به وئي ته خير وٺڻ کان انڪار اسان به ڪونه ڪنداسين پر ڪو به ماڻهو فقط دولت لاءِ پنهنجي جان جوکي ۾ نه وجهندو آهي. سرن جا سودا مقصدن لاءِ ٿيندا آهن. پر مان صرف پنهنجي طرفان ٿو چوان ته مان شروع کان ئي امبوپا کي پسند ڪندو رهيو آهيان. جنهن اڄ تائين هر تڪليف ۽ مصيبت ۾ اسانجو ساٿ پئي ڏنو آهي. تنهنڪري مان هن جو ڀرپور ساٿ ڏيندس ۽ سچ پڇو ته منهنجي سڀ کان وڏي خواهش به اهائي آهي ته ٽوالا جهڙي ظالم جو خاتمو ڪيو وڃي.

ڪوارٽرمين! تون ۽ گڊ ڇا ٿا چئو؟”

" مان امبوپا سان گڏ آهيان" گڊ چا تيءَ تي هٿ هڻندي چيو" اها خودغرضي ٿيندي جو اسين پنهنجي ساٿيءَ کي ڏکئي وقت ۾ ڪم نه اچي سگهون. ليڪن يار هن کي چئو ته هاڻ مون کي پنهنجي پتلون پائڻ جي ته اجازت ڏئي."

مون هنري ۽ گڊ جي فيصلي کان اگنوسيءَ کي آگاهه ڪيو.

"مان اوهان ماڻهن جو اهو احسان زندگيءَ ڀر نه وساريندس پر ميڪوميزن! تنهنجو ڇا ارادو آهي؟ هو مون سان مخاطب ٿيو.

"امبوپا! منهنجو مطلب آهي ته اگنوسي! مون کي انقلاب ۽ رتوڇاڻ پسند نه هوندا آهن ۽ هونئن مان ٿورو بزدل به آهيان ( اهو ٻڌي اگنوسيءَ مسڪرايو) ليڪن مان پنهنجن دوستن سان گڏ آهيان. تو اسان کي هر مصيبت ۾ ساٿ ڏنو آهي ۽ هاڻ، منهنجو وارو آهي. هاڻ تون منهنجي وفا ڏسجانءَ اسان ته اهي ماڻهو آهيون جن جو هر وقت سنگت سان سرُ لڳي. سنگت ۾ مرڪي مرڻ ته ڪو اسان کان سکي. پر مان هڪڙو واپاري به آهيان ۽ منافعي جي حوالي سان اڳ ۾ ئي سوچيندو آهيان. تنهنڪري تو کان ان ڳالهه جو هاڻي ئي واعدو ٿو وٺان ته جيڪڏهن تون ڪامياب ٿي بادشاهه بڻجي وئين ته تون اسان جي مدد جي صلي ۾ اسان کي سليماني خزاني تائين رسائيندين ۽ ان ڳالهه جي اجازت به ڏيندين ته سليماني خزاني مان جيترا به هيرا جواهر اسان کي کپندا اهي کڻڻ ڏيندين ۽ ٻي ڳالهه ته توکي خبر آهي ته اسان هنري جي ڀاءُ جي ڳولا ۾ آيا آهيون ۽ تون ان جي ڳولا ۾ اسان جي ڀرپور مدد به ڪندين."

" اهو واعدو آهه ميڪوميزن!" اگنوسي چيو " باقي ٿورڙو ترس ته هنري جي ڀاءُ جي باري ۾ هاڻي جو هاڻي ئي ٿا معلوم ڪري وٺون. انفادوس! توکي منهنجي چيلهه جي چوڏاري ويڙهيل نانگ جو قسم آهي ته سچ ٻڌائجانءَ ته ڪو سفيد چمڙيءَ وارو ماڻهو اسان کان اڳي به ڪوڪوآنه ۾ آيو هو ڇا؟"

"نه اگنوسي"

"ڀلا تو ڪنهن جي واتان ڪنهن سفيد چمڙيءَ واري ماڻهو جي باري۾ ڪڏهن ڪو ذڪر، ڪا ڳالهه ٻڌي، جيڪو هن ملڪ ۾ آيو هجي؟."

"اگر اهڙي ڳالهه هجي ها ته اگنوسي! منهنجي علم ۾ ضرور اچي ها."

"ميڪوميزن! ٻڌئي " اگنوسي چيو.

هنري هڪ ٿڌو ساهه کڻيو ۽ نااميدي مان چوڻ لڳو " منهنجو خيال آهي ته هو هيستائين پهچي ئي نه سگهيو هوندو. ته معنيٰ هن وقت تائين جي اسان جي ڀڄ ڊڪ ئي اجائي وئي... پر خير، جيڪا خدا جي مرضي."

"پريشان نه ٿيءَ دوست! رک مولا تي، رب وڏو مهربان ۽ ٻاجهارو آهي." ۽ پوءِ مون رنجيده سلسلي جي ڳالهين کي ختم ڪرڻ لاءِ موضوع مٽايو ۽ اگنوسيءَ سان مخاطب ٿي پڇيو " موروثي سلسلي ۾ پيءُ جي مرڻ بعد بادشاهه سڏائڻ ته سولو آهي پر ايڏي مدت کان وٺي جڏهن ٽوالہ پنهنجو سڪو ڄمايو ويٺو آهي، ته پوءِ تون ڪئين بادشاهه بڻجي سگهندين؟ ڪا تدبير آهي تنهنجي دماغ ۾؟."

”نہ ميڪو ميزن!“ اگنوسيءَ چيو ” انفادوس! تنهنجي دماغ ۾ ڪا اهڙي تدبير اچي ٿي؟.“

”اگنوسي! اڄ رات ڏائڻن جو رقص ٿيندو. هزارين ماڻهو گگول ۽ انجي شاگردياڻين جي اشاري تي قتل ڪيا ويندا. ان خوني کيل کان ظاهر آهي تہ خدا جي خلق خفا ٿيندي، انهن جون دليون ٽوالہ جي ظلم خلاف غيض ۽ غضب سان پرجي وينديون. ان وقت مان ڪوڪوآنہ جي برسر اقتدار هستين سان ڳالهہ ٻولهہ ڪندس ۽ انهن کي اهو ٻڌائڻ لاءِ تہ حقيقي بادشاهہ تون ئي آهين. مان انهن کي هتي وٺي ايندس. مون کي يقين آهي تہ سياڻ سج لٿي کان اڳ ئي اڍائي هزار نيزا توهان جي دشمن جو سينو چيرڻ لاءِ بيچين هوندا. هاڻ مون کي اجازت ڏيو. رات ڏائڻن جي ناچ ڪانپوءِ مان ۽ گڏوگڏ توهان بہ جيڪڏهن زندهہ رهياسين تہ مان توهان سان هتي ئي ملندس.“

ان وقت ٻاهران اچي ڪنهن ٻڌايو تہ بادشاهہ جا سفير ملڻ آيا آهن. جن کي اندر اچڻ جي اجازت ڏني سين، تہ بہ ٽي ڄڻا جنگي کهاڙا ۽ سنهڙين زنجيرن سان جڙيل زرهون کڻي اچي حاضر ٿيا.

”هي تحفا اسان جي بادشاهہ ستارن کان پهتل مقدس مهمانن جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليا آهن.“ هڪ شخص کهاڙا ۽ زرهون اسان جي خدمت ۾ پيش ڪيون.

”اسان طرفان بادشاهہ سلامت جو شڪريو ادا ڪجو“ مون تحفا قبول ڪندي چيو. سفيرن کي موڪل ڏئي اسان رزهن جو معائنو ڪرڻ شروع ڪيو. انهن تي زنجيرن جو اهڙو تہ خوبصورت ۽ باريڪ ڪم ٿيل هو. جهڙو اڄ تائين اسان جي نظرن مان نہ گذريو هو. اهي اهڙيون تہ ملائم هيون جو جيڪڏهن انهن مان ڪنهن هڪڙي رزهہ کي بہ زمين تي ڍير ڪري رکجي تہ ڪوبہ ماڻهو ان کي ٻنهي هٿن جي ٻڪ ۾ لڪائي سگهي ٿو.

”انفادوس! هي رزهون توهان جي ملڪ جون ٺهيل آهن.“ مون پڇيو.

”نہ منهنجا سائين! اهي اسان جا وڏڙا خبر ناهي ڪٿان کڻي آيا هئا. جيڪي باقي وڃي ڪجهہ بچيون آهن. جن کي شاهي خاندان ڪانسواءِ ڪير بہ استعمال نٿو ڪري سگهي. هي هڪڙا جادوئي ڪوٽ آهن. جن کي جسم تي پهريو وڃي تہ هنن جي هوندي ڪو بہ هٿيار جسم تي اثرانداز نٿو ٿي سگهي. لڳي ٿو تہ ٽوالہ توهان کان يا تہ تمام خوش آهي يا تہ صفا ڊڄي ويو آهي. تڏهن تہ اهڙا قيمتي ڪوٽ توهان جي خدمت ۾ پيش ڪيا اٿس“. اهو سڄو ڏينهن اسان گنوسيءَ جي معاملي تي ڳالهہ ٻولهہ ڪندي گذاريو. ۽ جڏهن سج پنهنجون اکيون ٻوٽيون تہ ميدان هزارين شمعن ۽ مشعلن سان جرڪي اٿيو ۽ اسان بيشمار پاري قدمن جو آواز ٻڌو. جيڪو انهن سپاهين جي قدمن جو آواز هو. جيڪي ڏائڻين جي خوني رقص ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ميدان ڏانهن وڌي رهيا هئا. جڏهن چنڊ چڙهيو تہ انفادوس پوريءَ طرح مسلح ٿي ويهارو سپاهين جي جٿي سان ميدان ڏانهن هلڻ لاءِ تيار ٿي آيو. جنهن جي مشوري تي اسان پنهنجين قميسن جي هيٺان رزهون پهري ڇڏيون. مون ۽ گڊ کي تہ پنهنجي پنهنجي رزهہ ويڪري پئي لڳي پر هنريءَ جي جسم تي مڪمل فٽ اچي وئي. پستول ڪارتوسن سان پري اسان پنهنجين چيلهين سان قميسن اندران لٽڪائي ڇڏيا ۽ ٽوالہ جا پيش ڪيل کهاڙا هٿن ۾ کڻي انفادوس سان گڏ هلڻ لڳاسين.

اسان ان ئي ميدان تي پهتاسين، جتي صبح جو ٽوله سان ملاقات ٿي هئي. سڄو ميدان ماڻهن سان ڪچاڪچ ڀريل هو. سپاهين جي هر ڏهه هزار دستي جي وچان اچ وڃ لاءِ رستو ڇڏيل هو. ايڏي خلق جي هوندي به ميدان ۾ مڪمل سناٽو ڇانيل هو. جيستائين به نگاهن جا پوپٽ اڏاڻا پئي، ان حد تائين چانڊوڪيءَ ۾ جهڙو نيزن جي چمڪندڙ نوڪن جو جهنگل هجي.

"انفادوس! ڇا هن وقت ڪوڪوآنه جو سمورو فوجي لشڪر هت اچي جمع ٿيو آهي؟". پڇيو مانس.

"نه منهنجا سائين! اها ته سڄي لشڪر جي چوٿائي به ڪانهي. ايندڙ سال وري ٻي چوٿائي حصو هتي گهرايو ويندو. اهو ان ڪري ته جيئن خوني کيل جي ڪري ڪو ممڻ نه مچي پوي."

"اهي سڀئي ماڻهو ڇالا چُپُ چاپ ڇو آهن؟" گڊ پڇيو.

"ڇا ٿو پڇي واڳون؟" مون ترجمون ڪري ٻڌايس.

"جن ماڻهن مٿان موت جو سايو لامارا ڏيندو هجي، اهي ويچارا ته خاموش ئي هوندا نه" انفادوس جواب ڏنو.

"ڇا تمام گهڻا ماڻهو قتل ڪيا ويندا؟."

"تمام گهڻا... وڏي پئماني تي، اصل بيشمار."

"ائين پيو لڳي ته "هنري ڇيو" اسين ماڻهو جڻ ته روم جي ڪنهن ٿيٽر ۾ شريڪ آهيون."

"ڪاش! پاڻ هتي نه اچون ها". گڊ جي واتان نڪتو.

"انفادوس!" مون پڇيو "ڇا اسان جون زندگيون به خطري ۾ آهن؟"

" ڪا خبر ناهي منهنجا سائين! مون کي ڀُٽتي آهي ته پاڻ به محفوظ ناهيون. اگر اڄوڪي رات خير خوبيءَ سان گذاري وئي ته سياڻ پاڻ سان وڏو لشڪر گڏ هوندو."

ڳالهيون ڪندا ڪندا وڃي ٽواله جي محل نما جهوپڙي جي در تي پهتاسين، جتان ڪجهه ماڻهو ٻاهر نڪتا.

" منهنجا سائين! اهي ٽواله، سڪارگا ۽ گگول آهن ۽ انهن جي پٺيان جلاد اچي رهيا آهن". انفادوس انهن ڏڙن ڪن ماڻهن جي جتي طرف اشارو ڪندي ٻڌايو. جلادن جا قد غير معمولي طور ڊگها هئا جن جي هڪ هٿ ۾ نيزا ۽ ٻئي هٿ ۾ ڪهاڙا هئا. ٽواله وچ ۾ ٽپائي تي ويهي رهيو. گگول ان جي قدمن ۾ وڃي ويٺي ۽ جلاد ڪنڌ جهڪائي ٽواله جي پٺيان بيهي رهيا.

" خوش آمديد سفيد انسانو". ٽواله اسان سان مخاطب ٿيو." ويهي رهو جو رات ننڍي ۽ ڪم وڏيڪ آهن. ان لاءِ اسان کي پنهنجو وقت اجايو نه وڃائڻ گهرجي. توهان وڏا خوش نصيب آهيو جو توهان اڄ ڏاڻين جو رقص ڏسندئو. ڏسو! هُن پاسيءَ ڏسو!" هن پنهنجي هڪ ئي اک سان سپاهين طرف اشارو ڪيو. " توهان ستارن جي دنيا ۾ اهڙو نظارو ڪڏهن به نه ڏٺو هوندو. ڏسو! هر اهو شخص جنهن جي به من ۾ مير آهي، ڪيئن نه بريءَ طرح ڪنبي رهيو آهي."

“شروع ڪريو. شروع ڪريو” گگول پنهنجي تيز ۽ انتهائي بيسري آواز ۾ چوڻ شروع ڪيو.” جلدي ڪيو گدڙ بک کان اوناڙ ڪري رهيا آهن. شروع ٿيو.”

چوطرف گهري خاموشي ڇانئجي وئي. اهڙي خاموشي جيڪا وڏي ڪنهن طوفان جو پيش خيمو هوندي آهي. ٽوالہ پنهنجو نيزو بلند ڪيو تہ ان سان گڏ ويهہ هزار نيزا بہ اڀا ٿي ويا. ۽ ائين معلوم ٿي رهيو هو تہ اهي ويهہ ئي هزار ئي ڇڻ تہ هڪ جان هجن. پوءِ زمين تي دڙها لڳا اهو عمل ٽي دفعا ورجايو ويو. پوءِ ڪٿان دور کان ڪنهن اڪيلي آواز ترانو ڳائڻ شروع ڪيو. جنهن جا ٻول ڪجهہ هئين هئا تہ:

“دنيا ۾ قدم رکڻ واري انسان جو انجام ڪهڙو آهي؟”۽ ويهہ ئي هزار سپاهين مان آواز آيو “موت.”

آهستي آهستي ڪيترائي ئي آواز تراني ۾ شامل ٿيندا ويا، ۽ سڀ سپاهي ڪورس جي انداز ۾ گيت ڳائڻ لڳا. هاڻ منهنجي لاءِ گيت جا ٻول سمجهڻ مشڪل هو. بس مڙئي اندازو لڳايم تہ اهو ڪو جنگي ترانو هئو. ڀلا عشق محبت جو گيت ۽ ههڙي ڏُنَ اهو ٿي سگهي ٿو؟ پڪ ئي پڪ اهو ڪو جنگي ترانو هو جنهن جا پڙاڏا چوطرف گونجي رهيا هئا.

هڪ دفعو وري خاموشي ڇانئجي وئي.

ٽوالہ پنهنجو نيزو بلند ڪيو تہ ڪيترن ئي قدمن جو گڏيل آواز اچڻ لڳو ۽ لشڪر جي وچان عجيب غريب ۽ هيبتناڪ ڀاڇا بيتحاشا ڊوڙندا اسان طرف اچڻ لڳا. جڏهن اهي ويجها پهتا تہ ڏٺو سون تہ اهي ڪراڙيون رنون هيون جن جا سفيد وار ڀنيان مڇي جي پرن جهڙا ڏسڻ ۾ اچڻ لڳا جيڪي انهن جي ڪلهن وٽ ڦڙڪي رهيا هئا. انهن جي چهرن تي سفيد ۽ زرد رنگن جون لڪيرون نڪتل هيون، چيلهين جي چوڌاري انساني هڏين جون مالهائون لڙڪي رهيون هئن ۽ ڀنيءَ تي چوٽي نانگ جي ڦڻ وانگر جهولي رهي هئن. جيڪي پنهنجي هٿن ۾ ننڍڙا ترشول ڪڻي آيون هيون. اهي ڪراڙيون ڏهہ ڄڻيون هيون جيڪي اسان جي سامهون اچي بيهي رهيون. انهن مان هڪ جيڪا سيني جي اڳيان بيٺل هئي. تنهن پنهنجو ترشول گگول طرف وڌائيندي چيو تہ “ مقدس ماءُ! اسين حاضر آهيون.”

“ڏاڍو سنو” گگول چيو “ ڇا توهان جون اکيون ايڏيون تيز آهن جو توهان انڌيري ۾ بہ ڏسي سگهو؟.”

“او مقدس ماءُ! اسان جون اکيون ايڏيون ئي تيز آهن.”

“توهان جي سنگهڻ جي قوت بيدار آهي؟ ڇا توهان اهڙو رت سنگهي ۽ سڃاڻي سگهو ٿيون جنهن ۾ شيطاني قوت ملي وئي هجي، جيڪا بادشاهہ جي خلاف سازش جا ڄار وڇائيندي هجي، توهان ديوتائين جي مرضي پوري ڪرڻ لاءِ تيار آهيو؟ جو توهان منهنجي علم جو ڪاڏو ڪاڏ و آهي ۽ منهنجي جادوءَ جو پاڻي پيتو آهي؟.”

“اسين تيار آهيون مقدس ماءُ”

“تہ پوءِ دير نہ ڪريو هنن جلادن جا نيزا ۽ هي سفيد انسان تماشو ڏسڻ لاءِ بيچين آهن”. وحشي دانهن سان اهي بدصورت ڪراڙيون وٺي ڀڄيون سندن چيلهہ جي چوڌاري ٻڌل انساني هڏين جيان مالهائن جي بي سري کڙ کڙ کان اسان جون دليون لرزي اٿيون. اسان جون نگاهون هنن ۾ هيون، هو سڌيون لشڪر ۾

هليون ويون. فوجين جي هڪ دستي وٽ پهچي اهي ڄمي بيهي رهيون. ۽ پوءِ لاتون وانگر تيزيءَ سان گول ڦرڻ لڳيون اسان جون اکيون حيرت کان ڦاٽي ويون. پوءِ انهن رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون ته " اسان سنگهي ورتو. اسان سنگهي ورتو اهو ويجهو بيٺو آهي. جنهن پنهنجي ماءُ کي زهر ڏنو هو ۽ بادشاهه سان نفرت ٿو ڪري". پوءِ وري تيزيءَ سان نچڻ لڳيون. ايستائين جو انهن جي وات مان گگ وهڻ لڳي، انهن جون اکيون وحشيانه طور ٻاهر نڪري آيون. انهن جو انگ انگ ٿڙڪڻ لڳو ۽ پوءِ هڪ جهٽڪي سان ڪنهن بت وانگر بيحس ۽ حرڪت ڄمي بيهي رهيون، ۽ پنهنجو نڪ مٿي ڪري شڪاري ڪتن وانگر فضا کي سنگهڻ لڳيون. انهن هڪ دستي جي سامهون هلڻ شروع ڪيو. ماڻهن ڏجي ڪين رستو ڏنو ۽ اسان جون ڏپ ۾ ورتل نگاهون انهن جو پيڇو ڪنديون رهيون. انهن جي اڳواڻ گهڙيءَ لاءِ بيٺي ۽ پنهنجو ترشول اپو ڪري اڳتي وڌي. ٻه ٽي قدم ٻيا به وڌي ۽ هتي اچي ٻيانڪ رقص جي پڄاڻي ان صورت ۾ ٿي جو ان ڏائڻ هڪڙي چيخ سان گڏ ئي ڇلانگ لڳائي وڃي سامهون بيٺل هڪڙي سپاهيءَ کي پنهنجي ترشول سان ڇهيو سپاهيءَ جي ويجهو بيٺل ٻئي ساٿي انهيءَ کي پڪڙي اسان طرف گهليندا آيا. اهو سپاهي وات سان ڪڇيو پڇيو ته ڪونه پر اسان ڏٺو ته پنهنجو پاڻ کي آزاد ڪرائڻ جي سرتوڙ ڪوشش ڪري رهيو هو. ان جي هٿن جون آڱريون جن مان نيزو ڇڏائي ويو هوس، مردي جيان پڪوڙجي ويون هئس.

اسان جي پٺيان ٻه جلاد ان جو استقبال ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيا. ۽ انهن سپاهين جيڪي ان مجرم کي گهلي آيا هئا، جلادن حوالي ڪري واپس دستي ڏانهن موٽ ڪاڏي.

"ان کي قتل ڪري ڇڏيو" ٽوالہ حڪم ڪيو.

"ان کي قتل ڪري ڇڏيو" گگول دانهن ڪئي.

"ان کي قتل ڪري ڇڏيو" سڪارگا پنهنجي مڪروهه آواز ۾ چيو.

اڃان انهن ٽنهي جا آواز پوريءَ طرح ادا به نه ٿيا هئا جو هيءَ ظالمانه فعل پنهنجو انجام به پائي چڪو هو. هڪ جلاد پنهنجو نيزو سپاهيءَ جي سيني ۾ ٽنبي ڪڍيو. سپاهي هڪ آهه سان گڏ زمين تي ڪري ڦٿڪڻ لڳو جو ٻئي جلاد پنهنجو ڀاري گرز بلند ڪيو ۽ پوريءَ قوت سان ڦٿڪندڙ سپاهيءَ جي مٿي تي وهائي ڪڍيو " ڪڙاڪ" جو آواز آيو ۽ کوپڙي ٽٽي ٽڪرا ٿي وئي ۽ ميڄالو زمين تي وکري ويو. مان وڏي مشڪل سان پنهنجي چيخ کي دٻائي سگهيس، گڊ اکيون بند ڪري ڇڏيون ۽ هنري بيچينيءَ مان پاسا بدلائڻ لڳو.

"اهو ٽيو هڪ" ظالم ٽوالہ چيو.

لاش کي گهلي پٺيان ڪلئي ميدان ۾ اڇلايو ويو.

فوراً هڪ ٻئي شخص کي ڪهڻ لاءِ آندو ويو. هي شخص چيتي جي کل پاتل هو جنهن مان خبر پئي ته هيءَ صاحب جائداد هو. پوءِ ڪجهه سمجهه ۾ نه ايندڙ لفظ چئي ان کي سير وجهي ذبح ڪري ڇڏيائون. جيڪو اسان جي سامهون مئو پيو هو.

"اهي ٽيا ٻه" ٽوالہ ڳڻڻ لڳو.

“اهي ٽيا ٻہ” گگول ڊڪي.

“اهي ٽيا ٻہ” سڪارگا بہ ٻڪواز ڪئي.

اهڙي طرح هي خوني کيل جاري رهيو ۽ اسان جي پنيان سئو سپاهين جا رت سان لت پت لاش هڪڙي قطار ۾ رکيا هئا. مون روم جي رومز ٿيٽر جي حوالي سان ٻڌو هو تہ اهي سپاهين کي شينهن جي اڳيان اڇلائيندا هئا يا سپاهين کي عجيب غريب هٿيار ڏئي هڪٻئي سان ويڙهائيندا هئا. ليڪن ٽوالہ جو ايجاد ڪيل هيءَ کيل انتهائي ڀيانڪ ۽ المناڪ هو.

اسان جي قوت برداشت جواب ڏيڻ لڳي ۽ اسين اٿي ٻيهي رهياسين. ليڪن زوريءَ پڪڙي ويهاريو ويو. رات جو ڏهين وڳي ڏائڻيون ناچ بند ڪري هڪ طرف جمع ٿيڻ شروع ٿيون ۽ اسان سمجهيو تہ بس کيل ختم ٿي ويو. پر ائين نہ هو. اسان حيرت مان ڏٺو تہ گگول پنهنجي جڳهہ تان اٿي ۽ بانبڙا پائيندي ميدان ڏانهن وئي.

گگول ناچ شروع ڪيو ۽ عجيب آواز ۾ دانهون ڪندي گول ڦرڻ لڳي ۽ پوءِ اچل ڪائي هڪ ديو قامت شخص تي وجي ترشول رکيائين. جنهن دستي ۾ اهو شخص ويٺو هو ان مان ماڪيءَ جي ماناري وانگر ڀون ڀون شروع ٿي وئي. ان کي بہ گهلي بادشاهہ سامهون آندو ويو ۽ اهو بہ قتل ڪيو ويو. پوءِ خبر پئي تہ اهو ٽوالہ جو ڀاڻيجو هو ۽ وڏي جائداد جو مالڪ هجڻ سان گڏ ٽوالہ جي ان جي زال تي بہ نظر هئي.

“اهي ٽيا هڪ سئو تي” ٽوالہ ڪِٽيندو رهيو ۽ گگول نچندي اسان طرف وڌڻ لڳي.

“خدا جو قسم, اها ڏائڻ هاڻ توهان تي بہ پنهنجو خوني کيل آزمائڻ ٿي چاهي” گڊ ڪان پنهنجي ڪٽتي لڪائي نہ ٿي.

“ ڪهڙيون بيوقوفيءَ واريون ڳالهيون ٿو ڪرين” هنري چيس.

جئين جئين گگول اڳتي وڌندي رهي، منهنجو نسون ٻيهنديون رهيون. ۽ پيشانيءَ مان پگهر جا ڦڙا وهڻ لڳا. مون پوئتي ڪنڌ ورائي ڏٺو جتي رت ۾ لت پت لاش رکيا هئا ۽ منهنجا هٿ پير سرد ٿيڻ لڳا.

اها نياڳي نچندي نچندي اسان جي ويجهو اچڻ لڳي. ويجهو اچان بہ ويجهو وڌڻ لڳي. ماڻهو وڏي دلچسپيءَ سان گگول جو ناچ ۽ اسان جي خوفزده چهرن طرف ڏسي رهيا هئا.

“ خدا ڄاڻي، اسان مان ڪنهن جي زندگيءَ جو خاتمو ٿيڻ وارو آهي.” هنري پريشانيءَ مان وڦلڻ لڳو. گگول اچان بہ اسان جي ويجهو آئي ۽ مون کي ائين لڳو تہ منهنجي دل ڌڙڪڻ بند ڪري ڇڏيندي. گگول اڳتي وڌي منهنجي بلڪل ڀرسان اچي ترشول بلند ڪيو.... ۽ پنهنجي مڪروهہ زبان ۾ ٻڙڪي ۽ اچل ڪائي اچي اگنوسيءَ کي پنهنجي ترشول سان ڇهيو.

“ مون ان کي سنگهي ورتو. مون ان کي سنگهي ورتو.. هاهاها.. هي هي هي... هن کي قتل ڪريو. ان ڪان اڳي جو هن شخص جي ڪري ڪوڪوآنہ جي زمين رت ۾ ڳاڙهي ٿي وڃي، اي بادشاهہ! هن کي قتل ڪري ڇڏ.”

ميدان ۾ سناٽو ڇانئجي ويو ۽ اسان جي دلين جي ڌڙڪڻ تيز ٿي وئي .

" ٽوالہ " مون همت ڪري اٿندي چيو" هيءَ شخص تنهنجن مهمانن جو ملازم آهي ۽ جنهن بہ ماڻهوءَ اسان جي ملازم جو رت وهايو تہ ان جڻ اسان جو رت وهايو ۽ مهمانن سان اهڙو سلوڪ بادشاهہ کي زيب نٿو ڏئي مان هن اسان جي ملازم جي جان جي بخشش ٿو چاهيان."

"جادوگرياڻين جي استاد گگول ان کي سنگهي ورتو آهي. هاڻ هن کي قتل ڪرڻ منهنجو فرض ٿو بڻجي. اي سفيد انسانو! توهان اسان جي ذاتي معاملن ۾ مداخلت نہ ڪريو" ٽوالہ سختي سان چيو.

" ان کي ڪير بہ قتل نٿو ڪري سگهي". مون بلند آواز ۾ ڌمڪي ڏيندي چيو

"هن شخص کي جيڪو بہ هٿ لائيندو تہ اهو قتل ڪيو ويندو."

"پڪڙيو هنن کي" ٽوالہ جلادن کي حڪم ڏنو جيڪي اسان طرف وڌڻ لڳا ۽ اگنوسي انهن تي حملي لاءِ نيزو اپو ڪيو.

" اتي ئي بيهي رهو جهنگلي ڪتئو" مون ڌمڪي ڏيندي چيو " اگر اسان جي ملازم جو وار بہ ونگو ٿيو تہ توهان جو هيءَ بادشاهہ بہ صبح جو اڀرڻ وارو سج ڏسي نہ سگهندو" ۽ مون پستول ڪڍي ان جي نالي ٽوالہ جي سيني تي وجي رکي. هنري پنهنجي پستول جو رخ جلادن ڏانهن ڪيو ۽ گڏ گگول کي نشانو بڻايو بينو هو.

" ها ٽوالہ ! هڪ دفعو ٻيهر پنهنجو حڪم ورجاءِ تہ ڦقڙ تہ ڪيدانءَ"

مون پستول جي نالي ان جي سيني سان دٻائيندي چيو.

" پنهنجن انهن جادوئي نالين کي پري هٽايو" ٽوالہ خوفزده آواز ۾ چوڻ لڳو " مان انهن جادوئي نالين جي ڊپ کان نہ پر پنهنجي شرافت جي ڪري توهان جي انهيءَ ملازم جي جان بخشي ٿو ڪريان."

"هون... هاڻ آئين نہ رستي تي" مون چيو" اسين انهيءَ خوني کيل مان تنگ ٿي پيا آهيون ۽ هاڻ آرام ڪرڻ ٿا چاهيون. ڇا ناچ ختم ٿيو؟"

"ها ختم ٿي ويو..." ٽوالہ بي دليءَ سان چيو ۽ پوءِ لاشن جي طرف اشارو ڪندي جلادن سان مخاطب ٿيو تہ " هنن ڪتن کي ڪٽي وجي گدڙن، بگهڙن جي اڳيان ڦٽو ڪريو تہ پنهنجو پيٽ ڀرين."

ٽوالہ پنهنجو نيزو بلند ڪيو تہ تماشاين جا گروهہ ميدان ڇڏي موٽڻ لڳا. اسان اٿي ٽوالہ کي سلام ڪيو. جنهن جو هن جواب ئي نہ ڏنو ۽ اسان پنهنجي قيام گاهہ طرف روانہ ٿياسين. جهوپڙي پهچي ڏٺو ٻاريوسين جنهن جي وَٽ هڪڙي وڻ جي نرم ڪونئر جي ٺهيل هئي ۽ تيل بدران ان ۾ ڪنهن جانور جي چربي استعمال ڪئي ويندي هئي.

"اهڙي خوني ناچ مون کي حد کان وڌيڪ پريشان ڪري ڇڏيو آهي."

هنري ويهندي ئي شرط چيو " مون تي اگنوسيءَ جي مدد ڪرڻ لازم هئي پر هاڻ مون کي ٽوالہ سان سخت نفرت ٿي وئي آهي ۽ مان ٽوالہ خلاف هٿيار کڻڻ وڏو ثواب ٿو سمجهان."

گڏ چوڻ لڳو تہ " مون لک ڪوشش ڪئي تہ پنهنجون اکيون بند رکان پر خدا ڄاڻي تہ ڪئين اهي ڪمبخت نيڪ انهيءَ مهل کلي ٿي ويون. جنهن مهل ڪوئي بيگناهہ قتل پئي ٿيو. اگنوسي توکي اسان

جو شڪر گذار ٿيڻ کپي. اڄ جيڪڏهن اسان موقعي تي موجود نہ هجون ها تہ تون بہ شهيد ٿي چڪو هجين ها. پر يار هيءَ انفادوس ڪٿي رهجي ويو.”

“ مان اوهان جو اهو احسان زندگي ڀر نہ وساريندس” گنوسي چوڻ لڳو” انفادوس بہ بس ايندو ئي هوندو”

ءِ پوءِ اسان پائيپ دکايو ءِ بيچينيءَ سان انفادوس جو انتظار ڪرڻ لڳاسين.

# معجزو

رات جي پوئين پهر اسين سمهڻ جو ارادو ڪري رهيا هئاسين جو جهوپڙيءَ ٻاهران ڪنهن جي قدمن جي آهٽ جو آواز اچڻ لڳو. پهريدارن هڪل ڪري ڪجهه ڪجهه پڇيو ۽ مناسب جواب ملڻ تي خاموشي ڇانئجي وئي. قدمن جي آهٽ جو آواز هلندو اچي اسان جي جهوپڙيءَ تائين پهچو جو انفادوس ڇهن سردارن سميت اچي جهوپڙيءَ ۾ داخل ٿيو.

" منهنجا آقا! مان اچي ويو آهيان ۽ پنهنجي واعدي موجب هنن ڇهن سردارن کي به پاڻ سان وٺي آيو آهيان. هر سردار جي ماتحت ٽي هزار سپاهي آهن ۽ مون جيڪي ڪجهه ڏٺو يا ٻڌو آهي اهو سڀ هنن کي ٻڌايو اٿم ۽ اگنوسي! هاڻ تون پنهنجي چيلهه جي چوڌاري اڪريل نانگ جي تصوير هنن کي ڏيکار ۽ پنهنجي ڪهاڻي هنن کي ٻڌاءِ ته جئين اهي به فيصلو ڪري سگهن ته اهي تنهنجو ساٿ ڏيندا يا ٽوالہ جو؟. "

جواب ۾ اگنوسي پنهنجي جسم تان ڪپڙو هٽايو. هر هڪ سردار اڳتي وڌي وڌي غور سان اگنوسيءَ جي جسم تي ٺهيل نانگ ڏٺو ۽ پوءِ خاموشيءَ سان هڪ طرف بيهي رهيو. پوءِ اگنوسيءَ پنهنجي ڪهاڻي شروع ڪئي جيڪا مان پوئين باب ۾ نقل ڪري چڪو آهيان.

" ڪوڪوآنہ جا معزز سردارو!" انفادوس سردارن سان مخاطب ٿيو " توهان پنهنجي اکين سان نانگ جي نشانيءَ ڏٺي. پنهنجي ڪنن سان اگنوسيءَ جي درد جو داستان ٻڌو. هاڻ ٻڌايو ته ڇا ٿا چئو؟. اگنوسيءَ جو ساٿ ڏيندئو يا ٽوالہ جو؟. ٽوالہ جي ظالم ۽ وهندڙ خون جي ڪري ڌرتي لرزي رهي آهي. اڄ توهان پاڻ به ٽوالہ جي حوس پرستيءَ ۽ خودغرضيءَ جو نظارو ڏٺو ڪجهه ٻيا سردار به هئا جن کي مان اڄ هٽ وٺي اچڻ وارو هوس. ليڪن هن وقت اهي ڪٿي آهن؟. انهن جي لاشن کي هينئر گدڙ ۽ ٻگهڙ پٽيندا هوندا ۽ اڃا به ٽوالہ بادشاهہ رهيو ته ڪنهن ڏينهن توهان جو به اهڙو ئي انجام ٿيندو. "

هڪ بندري قد ۽ ڏٻري جسم وارو سردا ر جنهن جي مٿي جا وار به سفيد ٿي ويا هئا سو اڳيان وڌيو. " توهان سچ ٿا چئو انفادوس!" ان چيو" زمين ٽوالہ جي ظلمن جي بار کان ڪنجهي رهي آهي. اڄ رات مارجي ويلن ۾ منهنجو سڳو ڀاءُ به شامل آهي. ليڪن هي معاملو تمام ڳنڀير آهي ۽ ٻيو ته ڪئين يقين اچي ته جنهن شخص جي حمايت ۾ اسان جا نيزا بلند ٿيندا سو اسان سان دوکيبازي نہ ڪندو؟ ظاهر آهي ته وڏو خون خرابو ٿيندو، رت جون نديون وهنديون تڏهن وڃي ڪجهه هڙ حاصل ٿيندو. انفادوس منهنجا ڀاءُ! اگنوسيءَ جي ساٿ ڏيڻ جي صورت ۾ اسان کي پنهنجين زندگين تان هٿ ڌوئڻا پوندا. ستارن کان آيل هي سفيد انسان جن وٽ مجون ٿا ته وڏو جادو آهي. جيڪي اگنوسيءَ جي ته حفاظت ڪندا جو اگنوسي انهن جي ڇانوَ ۾ آهي. اگر اگنوسيءَ ئي اسان جو حقيقي بادشاهہ آهي ته ان جي ثبوت ۾ اسين هنن سفيد انسانن کان ڪا اهڙي نشاني ٿا چاهيون، يا ڪو اهڙو معجزو جيڪو اسان سان گڏ ٻيا ماڻهو به ڏسي سگهن

تہ جئين اهي بہ اسان جو ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار ٿين ۽ انهن کي بہ يقين ٿئي تہ سفيد انسانن جو جادو انهن سان گڏ آهي.”

“توهان نانگ واري نشاني تہ ڏسي چڪا آهيو”. مون چيو.

“رڳو اها هڪڙي نشاني ڪافي ناهي منهنجا آقا! ممڪن آهي تہ اهو نانگ ننڍپڻ ۾ ئي ان جي جسم تي هٽرادو نهرايو ويو هجي. اسين توهان کان ڪا عجيب غريب ۽ حيرت انگيز نشاني ٿا چاهيون. اسين ڪو اهڙو معجزو ڏسڻ ٿا چاهيون جئين اسان کي بہ يقين اچي وڃي تہ واقعي ئي توهان جي جادوءَ جي زور تي فتح اسان جي ٿيندي.”

ٻين سردارن بہ ان سان ها ۾ ها ملائي ۽ مون اهو سڀ ڪجهہ هنري ۽ گڊ جي اڳيان پيش ڪيو.

“ منهنجو خيال آهي تہ اسين هنن کي هڪڙو معجزو ڏيکاري سگهون ٿا.” گڊ وڏي اعتماد سان چيو “ ڪوارٽر مين! هنن کي چئو تہ اسان کي سوچڻ لاءِ پنجن منٽن جو ٽائم ڏين.”

مون سردارن کي چيو تہ اهي جهوپڙيءَ کان ٻاهر نڪري ويا. گڊ پنهنجي دوائن جو ٿيلهو کولي ان مان هڪ ننڍڙي پاڪيٽ سائيز جنتري ڪڍي.

“ها تہ دوستو! سياڻ ڪهڙي تاريخ آهي؟” گڊ جنتري جا صفحا اٿلائيندي پڇيو.

“چوٿين جون”. مون ۽ هنري گڏ جواب ڏنو.

“ تہ بس ڪم ٿي ويو.. هاڻ ٻڌو!” گڊ جنتري پڙهڻ شروع ڪئي “ چار جون وچ گرين ٽائم مطابق رات جو اٺ لڳي پندرهن منٽن تي چنڊ کي گرهڻ لڳڻ شروع ٿيندو. ۽ پورو چنڊ گرهڻ ٿي ويندو جيڪو ٽيناريف، اتر آفريڪا وغيره وغيره جڳهين تي ڏسي سگهجي ٿو. تنهنڪري اهو ئي اسان جو معجزو آهي ڪوارٽرمين! انهن کر دماغن کي چئو تہ سياڻ اسان چنڊ کان روشني کسي ان کي تئي جهڙو ڪارو ڪري ڇڏينداسين”. تجويز تہ معقول هئي پر جنتري جي غلط ٿيڻ جي صورت ۾ اسان جي ارادن جو تہ ڇا پر خود اسان جي جنازن نڪرڻ جو بہ خدشو هو.

”فرض ڪر جيڪڏهن تنهنجي جنتري غلط ثابت ٿي پوي تہ پوءِ؟ هنري گڊ کي چيو جيڪو هڪ ڪاغذ ۾ اکيون وجهو ڪنهن گهري سوچ ۾ گم هئو.

”فرض ڪر؟ اڙي يار هت فرض ڪرڻ جي ڪا گنجائش ئي موجود ناهي. جنتريءَ ۾ جيڪو ٽائم لکيل آهي، نيڪ انهيءَ ٽائم تي چنڊ گهرڻ شروع ٿيندو. پنج منٽ اڳتي يا پوئتي سو ٿي سگهن ٿا پر ان سان ڪو فرق نٿو پوي”. گڊ چوڻ لڳو” جنتريءَ ۾ لکيل آهي تہ گرهڻ اتر آفريڪا ۾ ڏنو ويندو ۽ مون کي پورو يقين آهي، جو اجان مان هاڻ هاڻ حساب ڪري معلوم ڪري ورتو آهي تہ هت چنڊ کي گرهڻ رات جو ڏهين وڳي لڳڻ شروع ٿي ويندو جيڪو تقريبن اڌ رات تائين هلندو. ڇا سمجهيئي؟”

“ بحر حال اسان کي قسمت آزمائڻ گهرجي” هنري چيو.

مگر منهنجي دل ٻڌ تر جو شڪار هئي تہ جيڪڏهن آسمان تي بادل ڇائنجي ويا ۽ چنڊ لڪي ويو تہ پوءِ؟ ۽ ان جي جواب ۾ منهنجي اکين اڳيان اهڙي ڀيانڪ تصوير ڦرڻ لڳي جو منهنجو سڄو وجود ئي

لرزي ٿئي ويو. بحرحال خدا تي ڀروسو رکي اگنوسيءَ کي سردارن کي گهرائڻ لاءِ موڪلي ڇڏيو. اهي آيا ته مون انهن جي سامهون هڪڙي مختصر تقرير ڪئي ته”. معزز سردارو ۽ انفادوس! ٻڌو. اسان پنهنجي طاقتن جو مظاهرو ڪرڻ نٿي چاهيو. جو اهو قدرت جي قانون ۾ دخل ٻه آهي ته دنيا تي وحشيت طاري ڪرڻ جو سبب پڻ. پر جئين ته توهان ضد ڪري رهيا آهيو ۽ هوئنئن ٻه ٽوالہ جي ظلمن جي ڪري ۽ گگول جنهن اگنوسيءَ جي جان وٺڻ جي نامنهاد ڪوشش ڪئي هئي، ان ڪان اسان پاڻ ٻه خفا آهيون. تنهنڪري اسان قدرت جي هن نظام کي ٿوري دير لاءِ درهم برهم ڪري ڇڏينداسين ۽ هڪ اهڙو معجزو پيش ڪنداسين جنهن کي سڄي دنيا ڏسي سگهندي، ته هاڻ هيڏهان اچو”. مان سردار ن کي جهوپڙيءَ جي دروازي تي وٺي چنڊ ڏانهن اشارو ڪري پڇيو ته “ هو ڇا آهي؟.”

“چنڊ”

“بلڪل ٺيڪ، هاڻ ٻڌايو ته ڪوبہ فاني انسان انهيءَ چنڊ کي لهڻ ڪان اڳي چراغ وانگر وسائي دنيا تي اوندهہ مسلط ڪري سگهي ٿو؟”

“بلڪل نہ منهنجا آقا!” سردار ڪليا “ ائين ڪرڻ جي ڪنهن بني بشر کي طاقت ئي ناهي، جو چنڊ انسانن ڪان وڌيڪ طاقتور آهي.”

“ توهان ٺيڪ ٿا چئو مگر مان توهان کي اگاهہ ڪرڻ ٿو چاهيان ته سڀاڻ اڌ رات ڪان ٻہ ڪلاڪ اڳ اسان چنڊ کي اونداهو ڪري ڇڏينداسين. جيڪا ان ڳالهہ جي شاهدي هوندي ته اگنوسي ئي توهانجو حقيقي بادشاهہ آهي. پوءِ ته توهان يقين ڪندئو يا نہ؟”

“ ها منهنجا آقا! جيڪڏهن توهان اهڙو معجزو ڏيکاري سگهيا ته اسان اگنوسيءَ سان گڏ هونداسين”. سردار مسڪرائي چيو.

“ تہ پوءِ يقين ڄاڻو ته اهو سڀ ڪجهہ ٿي ئي رهندو. ستارن ڪان آيل اسان ٽئي ڄڻا انڪوبو واڳون ۽ ميڪو ميزن جيڪي چوندا آهيون سو ڪري ئي ڏيکاريندا آهيون. سڀاڻ رات اسان چنڊ ڪان روشني کسي وٺنداسين. انفادوس! ڇا ٻڌئي؟”

“ها منهنجا آقا! ٻڌم ته سهي پر توهان عجيب ۽ اڻ ٿيڻي ڳالهہ ڪري رهيا آهيو. ڏرتيءَ جو پيءُ چنڊ جيڪو پنهنجي پوري شباب تي هوندو. تنهن کي اونداهو ڪرڻ ناممڪن آهي.”

“اسان لاءِ ڪابہ ڳالهہ ناممڪن ناهي انفادوس.”!

“توهان بجا ٿا فرمايو. اڄ رات ٽوالہ توهان کي حسينائن جي رقص ڏسڻ جي دعوت ڏني آهي ۽ ان رقص جي شروع ٿيڻ جي ڪلاڪ ڪانپوءِ سڀ ڪان وڌيڪ خوبصورت ڇوڪريءَ کي هُنن ديوتائن جي ڀيٽ چاڙهيو ويندو” ۽ پوءِ هن پهاڙن طرف اشارو ڪيو جتان شاهراهہ سليمان ختم ٿي ٿئي. “ٽوالہ جي حڪم سان سڪارگا ان حسين ڇوڪريءَ کي قتل ڪري ڇڏيندو ۽ ان وقت توهان چنڊ کي اونداهو ڪري هڪ معصوم، حسين ۽ بيگناهہ ڇوڪريءَ جي جان بچائي سگهو ٿا.”

“ائين ئي ٿيندو” مون مسڪرائي چيو.

“لُوَ کان ڪي ٻه ميل ڪن پري هڪ پهاڙي آهي. جنهن جي شڪل چنڊ جهڙي آهي” انفادوس ٻڌائڻ لڳو ” اتي منهنجا ۽ هنن سردارن جا دستا تعينات ٿيل آهن. مان ڪوشش ڪري ڪجھ وڌيڪ دستا به اوڏانهن روانه ڪندس. جيڪڏهن توهان جي بقول چنڊ وسامي ويو ته ان اونداهيءَ ۾ توهان کي “لو” مان ڪڍي چنڊ جهڙي پهاڙيءَ تي پهچائيندس. اتي پاڻ محفوظ رهنداسين. جتان ئي ٿواله سان جنگ جوٽينداسين.”

“توهان بلڪل سهي سوچيو آهي” مون چيو “ پر توهان هاڻ پلي واپس وڃو ته جيئن اسين پنهنجي جادوئي اسڪيم کي مڪمل ڪري وٺون.”

“دوستو!” سردارن جي وچڻ ڪانپوءِ اگنوسيءَ چوڻ لڳو” اوهان پلا اهو ڪم پوريءَ پڪ سان ڪري ٻه سگهندئو يا اجائي دعوي ڪري رهيا آهيو؟”

“نه امبوپا! منهنجو مطلب آهي اگنوسي! اسين چنڊ کان چانڊوڪي کسي وٺنداسين. ان کي وسائي ڇڏينداسين.”

“ اها ته وڏي حيرت انگيز ڳالھ ٿيندي” اگنوسي چيو “ مان به توهان جي ڳالھ تي يقين نه ڪريان ها. پر مون کي خبر آهي ته توهان کي ڪوڙ ڳالهائڻ جي عادت ئي ناهي. اگر پاڻ ڪامياب ٿي وياسين ته مان توهان سان واعدو ٿو ڪريان ته توهان کي هنن احسانن جو پورو پورو بدلو ڏيندس.”

“اگنوسي! هڪ ٻي ڳالھ جو ٻه واعدو ڪر”_مون مسڪرائيندي چيو

”توهان سان مڙساڻو واعدو آهي ميڪو ميزن! حالانڪ مون توهان جي ڳالھ ٻڌي به ناهي”. هن ڏاڙهي تي هٿ ڦيرائي واعدو ڪيو.

“اگنوسي! مان تو کان ان ڳالھ جو واعدو وٺڻ ٿو چاهيان ته جڏهن تون بادشاھ بڻجي وڃين ته ٿواله جي نقش قدم تي نه هلجانءَ. انهن ڏائڻين جو ناچ بند ڪجانءَ. واعدو ڪر اگنوسي ته انهيءَ ظالمانه رسم جو هميشه هميشه لاءِ خاتمو آڻي ڇڏيندين.”

اگنوسي ڪجھ دير سوچيندو رهيو.

”ميڪو ميزن! “ ان چيو “ اسان ماڻهن جا قانون توهان جي قانونن کان مختلف آهن. اسان وٽ هت انساني زندگيءَ جي ڪا اهميت ئي ڪانهي پر مان توهان سان واعدو ٿو ڪريان ته منهنجي دور ۾ اهو خوني رقص نه ٿيندو. نه وري ڪو بيگناھ قتل ڪيو ويندو.“

”ڏس اگنوسي! پنهنجي ان واعدي تي قائم رهجان”. هنري چيو “ ۽ هاڻ منهنجو خيال آهي ته پاڻ کي ڪجھ دير لاءِ آرام ڪرڻ گهرجي.“

ايڏا ته ٿڪل هئاسين جو ليٽڻ سان ئي ننڊ پئجي وياسين. اگنوسي نه جاڳائي ها ته الائي ڪيڏي مهل تائين ستا پيا هجون ها. ناشتي وغيره کان فارغ ٿي ٻاهر آياسين ۽ آس پاس چهل قدمي ڪرڻ لڳاسين.

“خدا ڪري ته اڄ چنڊ گرهڻ ٿئي” هنري چيو.

“تون آخر شڪ ڇو ٿو ڪرين” گڊ خفا ٿيندي چيو.

“خدانخواسته جيڪڏهن اج چنڊ گرهڻ نه ٿيو ڳڻ!” مون چيو” ته سمجهي ڇڏجانءَ اهي سردار اسان جا سڄا پول پڌرا ڪري ڇڏيندا. پوءِ پاڻ سان ڪهڙي حالت ٿيندي سا تون پاڻ ئي سمجهين سگهين ٿو.”

سج لٿي ئي ٽوالہ جا سفير اسان کي حسين رقاصائن جو رقص ڏسڻ لاءِ وٺڻ آيا. اسان تڙتڪڙ ۾ ٽوالہ جون ڏنل زرهون پاتيون ۽ هٿيارن سان ليس ٿي ( اهو انفادوس جو مشورو هو) بظاهر ته وڏي بهادريءَ جو مظاهرو ڪرڻ لڳاسين. پر دلين جو حال ته خدا ٿي ڄاتو. وڃي ڏٺوسين ته بادشاهہ جي جهوپڙي جي سامهون وارو ميدان ان وقت ڪوڪوآنہ جي اڌ اگهاڙين رقاصائن سان ڀريو پيو هو. سيئي رقاصائون گلن ڦلن سان سينگاريون خاموش بيٺيون هيون، هر رقاصا جي هڪ هٿ ۾ کجي جو ٻتو پن ۽ ٻئي هٿ ۾ جهنگلي ڪنول هو. وچ ۾ ٽوالہ ۽ انهيءَ جي پيرن ۾ گگول ويٺي هئي، پنيان سڪارگا ۽ انفادوس باادب طريقي سان بيٺا هئا ۽ ساڄي کاٻي نيزا بردار محافظ بت بڻيا بيٺا هئا ۽ ٽوالہ وڏي فزا خدليءَ سان اسان جو استقبال ڪيو ۽ پوءِ اگنوسيءَ کي ائين ڏسڻ لڳو ڄڻ ته ان کي ڪڇو ڪائي ڇڏيندو.

“خوش آمديد سفيد انسانو!” ٽوالہ چيو “ اج پاڻ هڪ نئون رقص ڏسنداسين پر سچي ڳالهہ ته گذريل رات واري رقص جي ڳالهہ ئي ٻي هئي. ان ۾ ڪوشڪ ناهي ته هي رقاص ڇوڪريون انتهائي حسين جميل آهن ۽ انهن جي واتان نڪرندڙ لفظ ماکيءَ ۽ مصريءَ جهڙا هوندا آهن پر هٿيارن جي جهنڪار ۽ وهندڙ خون جي بوءِ حسينائن جي هرادا کان اتم ۽ اعليٰ هوندي آهي. ستارن واسيو! اهي حسينائون جيڪي توهان جي سامهون بيٺيون آهن. تمام خوبصورت آهن. جيڪڏهن توهان انهن کي پنهنجون زالون بڻائڻ چاهيو ته هنن مان جيڪي به چاهيو چونڊي وٺي وڃو اهي منهنجي طرفان توهان لاءِ تحفو آهن.”

ٽوالہ جي انهيءَ عنايت کان اسين ذرو به متاثر نه ٿياسين. باقي گڊ جيڪو عاشقانه طبيعت جو مالڪ آهي، خوشيءَ مان ان جو چهرو ٽڙي پيو ۽ واڇ گودو ٿي ويس. پر مون سوچيو ته جيڪڏهن گڊ جلد بازيءَ کان ڪم وٺي پنهنجي لاءِ زال چونڊي ورتي ته ڪوڪوآنہ جي ماڻهن جي دلين مان اسان جو سڄو رعب تاب نڪري ويندو ۽ پوءِ اهي اسان سان جيڪو سلوڪ ڪندا ان خيال کان ته منهنجا وار ئي ڪانڊارجي ٿي ويا. “ توهان جي وڏي مهرباني” مون تڙتڪڙ ۾ جواب ڏنو” اسين سفيد فام ماڻهو صرف پنهنجي ئي قوم مان شاديون ڪندا آهيون. ان ۾ ڪوشڪ ناهي ته هيءَ حسينائون انتهائي خوبصورت آهن. پر پوءِ به اسين هنن سان شاديون نٿا ڪري سگهون.”

ٽوالہ طنزيہ مرڪيو “ جيڪا توهان جي مرضي باقي اسان وٽ هڪ کهاوت مشهور آهي ته ڇوڪري ڇوڪري هوندي آهي، پوءِ چاهي ڪهڙي به هجي. ۽ اها به چوٽي آهي ته جيڪا اک ۾ سا ٻک ۾ ۽ جيڪا چلهہ تي سا دل تي. ۽ جيڪا سامهو آهي سا “محبت” پر جيڪا نظر ئي نہ اچي سا “ دوکو” هوندي آهي. بحرحال توهان ۽ توهان جي هن ڪاريءَ چمڙيءَ واري ملازم کي به مان خوش آمديد چوان ٿو”. ان اگنوسيءَ طرف اشارو ڪري چيو ته “ اگر گگول جي گذريل رات واري ڪامياب پرک ۾ توهان روڙو نه اٽڪايو ها ته اج هيءَ مئل هجي ها.”

“ ان کان اڳ جو تون مون کي مارين ها، مان توکي پورو ڪيو وينو هجان ها”

اگنوسيءَ چيو.

" ذليل ڇورا! بڪواز بند ڪر، منهنجي ڦهر ڪان بر، بحر ڪنبندا آهن. اهو نہ وسار تہ منهنجو هڪ ئي اشارو تنهنجي زندگيءَ جو ڏيئو وسائڻ لاءِ ڪافي آهي". ٽوالہ جي سوئر جهڙي اک غصي مان لال ٿي وئي.

"مان ڪو تو کان ڊڄان ٿو ڇا ٽوالہ؟" اگنوسيءَ چيو " ستارن کان آندل منهنجو هيءُ نيزو ڪڏهن بہ نشانو خطا نٿو ڪري سگهي ۽ تو جهڙن لاءِ هيءَ موت جو پيغام آهي"

ٽوالہ ڏند ڪرٽيندي چپ ٿي ويو.

۽ پوءِ "ناچ شروع ڪريو" هن رنڀ ڪئي.

ڇوڪرين جو رقص شروع ٿي ويو. جيڪو ڏاڍو عجيب هو. پهرئين تہ اهي ٽڪ ٻڌي لاٽونءَ وانگر ڦرنديون رهيون، ۽ پوءِ ڪنول ۽ ڪجيءَ جي پنن کي گهمائي گهمائي ڪوڪينديون هيڏهان هوڏهان وٺي ڀڄيون، يڪدم وري پوئتي موٽيون ۽ پوءِ هڪ جڳهہ تي بت بڻجي بيهي رهيون. جڏهن تہ انهن جو پاور ختم ٿي ويو هجي. ڪجهہ دير ڪانپوءِ ان ميڙ مان هڪ حسينہ نڪتي ۽ نچڻ ۾ شروع ٿي وئي. اهڙي تہ ڪاريگريءَ سان رقص پيش ڪيائين جو جيڪڏهن اسان جي ملڪ جون رقاصائون ڏسن تہ هوند انهن کي بہ حيرت مان ڏندين آڱريون اچي وڃن.

اها حسينہ جڏهن ٿڪي تہ هڪ طرف هلي وئي ۽ ٻيءَ ان جي جاءِ سنڀالي، پوءِ ٽي، پوءِ چوٿين، پوءِ پنجين... اهڙي طرح ڪيترين ئي رقاصائن پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. ليڪن انهن مان سڀ کان اڳ ۾ جنهن پنهنجي فن جا جوهر ڏيکاريا، ان جهڙي نڪا ماهر هئي نہ ئي خوبصورت.

ٽوالہ پنهنجو نيزو بلند ڪيو تہ رقص پڄاڻي تي پهتو.

"توهان جي خيال ۾ ڪهڙي رقاصہ سڀ کان وڌيڪ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو؟"

" پهرينءَ... " منهنجي واتان بيساختہ نڪري ويو. مگر فوراً ئي انفادوس جا لفظ ياد پيم تہ سڀ کان وڌيڪ خوبصورت رقاصہ کي ديوتائين جي ڀيٽ چاڙهيو ويندو، تہ منهنجي بت مان جهڙو ساهہ ئي ڇڏائي ويو.

" تنهنجو ۽ منهنجو خيال بلڪل ساڳيو آهي پر اي سفيد انسانو! هيءَ خوبصورتي ۽ ڪاريگري هن ڇوڪريءَ جي حق ۾ ڏاڍي نياڳي ثابت ٿي."

"هي هي، تون ديوتائن جي حضور ۾ پيش ڪئي ويندينءَ منهنجي ڌيءَ! گگول ان ڇوڪريءَ کي چيو جيڪا وڏي معصوميت مان سهيلين وچ ۾ گلن جون پتيون چونڊي رهي هئي.

" ٽوالہ ! هن خوبصورت ڇوڪريءَ پنهنجي شاندار رقص سان اسان کي ڏاڍو خوش ڪيو آهي. ان جو انعام ان کي موت جي صورت ۾ نہ ملڻ کپي". مون چيو... ٽوالہ هڪڙو بيسرو ٺهڪ ڏيندي چيو تہ " اها هتان جي رسم آهي انهن ديوتائين کي ڀيٽا پيش ڪرڻ جي جيڪي هنن پهاڙن ۾ آهن. ۽ هن ٽن پهاڙن طرف اشارو ڪيو. " هر سال هڪ خوبصورت رقاصہ ڇوڪريءَ جي ضرورت پوندي آهي. اگر مون انهن

جي خدمت ۾ ڇوڪري پيش ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪئي ته مون ۽ منهنجي پوري خاندان تي هنن ديوتائين جو اهڙو قهر ڪڙ ڪندو جنهن جو توهان تصور به نٿا ڪري سگهو. منهنجو پاءُ جيڪو مون کان اڳي ڪوڪوآنه جو بادشاهه هو ان به اهڙي حماقت ڪئي هئي ۽ هڪ سال ان ڇوڪري ديوتائين جي حضور ۾ پيش نه ڪئي هئي، جو ان ڇوڪريءَ جي ماءُ بادشاهه کان ڏيءَ جي زندگي لاءِ روئي منٿون ڪيون هيون. ان جو نتيجو خبر اٿو ته ڇا نڪتو؟ سفيد انسانو! ان جي حڪومت جو تختو ئي اونڌو ٿي ويو ۽ ان جو سڄو خاندان ئي تباهه برباد ٿي ويو. پر مان پنهنجو اهڙو انجام نه چاهيندس. مان ديوتائين جي خواهش ۽ خوشي پوري ڪرڻ ۾ دير اصل نه ڪندس". هن جا محافظ اڳتي وڌيا جن کي ڏسندي ڇوڪريءَ جي واتان ڊپ مان دانهون نڪري ويون ۽ هوءَ پوئين پير وٺي ڀڳي، مگر ٻئي لمحي اها ويچاري مظبوط ٻانهن جي گرفت ۾ هئي. محافظ ڪيهون ڪندڙ ۽ لڇندڙ معصوم ڇوڪريءَ کي گهليندا اسان جي سامهون وٺي آيا.

"ڏيءَ تنهنجو نالو ڇا آهي؟" گگول پڇيو.

ڇوڪري خاموش رهي.

" ڇا تون جواب نٿي ڏيڻ چاهين؟" گگول جو مڪروهه آواز گونجيو " ته پوءِ مان سڪارگا کي حڪم ڏيان ته هو تنهنجو ڪم پورو ڪري."

گگول جي ايتري ڇوڻ جي دير هئي جو سڪارگا جيڪو ان وقت پورو شيطان لڳي رهيو هو، سو پنهنجو نيزو ڦيرائيندو اڳتي وڌيو. مون ڏٺو ته ان وقت گڊ جو هٿ پنهنجي پستول ڏانهن وڌيو. ڇوڪريءَ جون اکيون ڊپ کان پٽرائجي ويون ۽ هوءَ ڊپ ۾ ڪنبي رهي هئي.

"ڏسو" سڪارگا خوشيءَ مان رڙ ڪئي " هيءَ منهنجي نيزي کي ڏسي خوف کان ڏڪي رهي آهي". هو وڏي غرور مان پنهنجي نيزي جي ڦر تي هٿ ڦيرائڻ لڳو.

" خدا جو قسم مان توکي نه ڇڏيندس نا پاڪ ڪتا!" گڊ ڏند پيهنهين اٿيو.

" ٻڌ نه ڇوڪري! پنهنجو نالو ٻڌاءِ". گگول ڏاڍڻ ڇوڻ لڳي.

" مقدس ماءُ! منهنجو نالو فلا ويٽا آهي". ڇوڪريءَ انتهائي منڙي آواز ۾ چيو " مقدس ماءُ! مان ڪهڙي ڏوهه ۾ ماري پئي وڃان. مون کي پنهنجو ڏوهه ته ٻڌايو."

"عزيز ڏيءَ! گگول پنهنجي مڪروهه آواز ۾ بڪواز شروع ڪئي " توکي ته خوش ٿيڻ کپي جو تون شاهي خاندان جي مقدس هٿن سان ديوتائن جي حضور وڃي رهي آهي. ڏينهن جو آواره گردي ڪرڻ ۽ ٻوڙن ۾ جتيون گسائڻ کان رات جو سمهي آرام ڪرڻ بهتر آهي. زندگيءَ جي تڪليفن برداشت ڪرڻ کان بهتر آهي ته فلاويٽا تون موت جي گهري ننڊ سمهي پئو."

فلا ويٽا پنهنجا ٻئي هٿ ڪٺي دانهون ڪرڻ ۽ گگول کي بدشد ڳالهائڻ لڳي " ڪميڻي، ڪُتي، سوئر، ڏائڻ، ٻچڙي، لعنتڻ، مرين... قبر ۾ پوين.." ۽ پوءِ ويچاري سڏڪي سڏڪي روئڻ لڳي " اجان مون ڏٺو ئي ڇا آهي؟ منهنجي عمر ئي ڪيتري آهي؟. مقدس ديوتائو! ڇا مان هاڻ ڪڏهن به سج کي اڀرندو نه ڏسي سگهنديس؟ ڇا هي چيٽ جي چانڊوڪيءَ جا حسين منظر مون لاءِ نه هوندا، ڪنهن ٻئي لاءِ هوندا؟. ۽ هي

خوبصورت رنگبرنگي گل جيڪي منهنجي زلفن جي زينت بنجڻا هئا سي مون کان سواءِ ئي مرجهائجي ويندا؟ مقدس ديوتائو! پوءِ منهنجي امڙ ڪنهن جي پيشانيءَ تي پيار مان چميون ڏيندي؟ ڇا سڄي دنيا مون کي وساري ڇڏيندي؟ ڇا منهنجون ٻڪريون مون کي نہ ڳولينديون ۽ مون کي نہ ڏسي ٻيڪارينديون ڪونہ؟ ڪوئي منهنجو محبوب نہ ٿيندو؟ منهنجي ڪک ڪنهن بہ حسين ٻچڙي کي جنم نہ ڏئي سگهندي؟ مان ڪڏهن بہ ماءُ نہ بڻجي سگهنديس؟ منهنجا سڀئي ارمان مون سان گڏ منهنجي دل ۾ دفن ٿي ويندا؟. او مقدس ديوتائو! ڇا توهان ايڏا بيرحم بہ ٿي ويا آهيو؟ ڇا توهان کي مون تي رحم نٿو اچي؟ ڇا مون تي ڪنهن کي بہ رحم نہ ايندو؟ هاءِ الله...؟

ان جي پر درد دانهن کان تہ پٿر بہ پاڻي ٿي وڃن ها، پر گگول ۽ ٽوالہ جي پٿر دلين تي ڪو اثر ئي ڪونہ پئي ٿيو. باقي پنيان بيٺل سردارن جي چهرن تي غم جون ريکائون ظاهر هيون ۽ انهن جي نيڻن مان رحم ٽپڪي رهيو هو جو گڏ بيچين ٿي اڳتي وڌيو ۽ فلاويتا روئيندي پنهنجو سر گڏ جي قدمن تي رکي ڇڏيو". ستارن جي دنيا کان پهتل سفيد انسان!" ان سڏڪندي چيو " ديوتائن جي صدقي مون کي پنهنجي پناهہ ۾ وٺي ڇڏيو جو مان اڃا مرڻ نٿي چاهيان، مون کي گگول ۽ ٽوالہ کان بچايو. مان رب جو قسم کڻي چوان ٿي تہ سڄي ڄمار توهان جي گولي ٿي گذاريندس."

" گهبراءِ نہ فلاويتا ! توکي ڪير بہ ڪجهہ نٿو ڪري سگهي" . گڏ ان کي دلداري ڏيڻ لڳو ليڪن فلاويتا ويچاري گڏ جي قدمن تي منهن رکي زاروقطار روئيندي رهي.

" اٿ فلاويتا" گڏ هن کي سهارو ڏئي اٿاري پنهنجي پرسان بيهاري ڇڏيو.

ٽوالہ اشارو ڪيو ۽ سڪارگا پنهنجو نيزو اپو ڪري گڏ ۽ فلاويتا ڏانهن وڌيو.

"ڪوارٽرمين! هاڻ تنهنجو وارو آهي. مڙسي ڏيکار" هنري چيو "اڃان ڇا جو انتظار پيو ڪرين؟"

" چنڊ گرهڻ جو" مون چيو " اڌ ڪلاڪ کان چنڊ ۾ اکيون وجهو ويٺو آهيان پر اڃان تائين تہ چنڊ جهڙو سوتهڙو آهي. اڃان تہ ڪو داغ بہ ظاهر ڪونہ ٿيو اٿس."

" هاڻ انتظار جو وقت گذري چڪو آهي ڪوارٽر مين! خدا کي مڃ ڪا تدبير ڪر نہ تہ فلاويتا ويچاريءَ جو سر ويو. ڏس سڪارگا ان ڏانهن وڌي رهيو آهي" ۽ ٽوالہ ڪاوڙ مان پاسا ورائيندو رهيو. مون آخري دفعو چنڊ ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ پنهنجو نيزو اپو ڪري سڪارگا ۽ فلاويتا جي وچ ۾ وڃي بيهي رهيس.

"اهو نٿو ٿي سگهي ٽوالہ!" مون داٻو ڏيندي چيو " اسان اهو بيگناهہ ۽ بي سبب قتل برداشت نٿا ڪري سگهون. ڇوڪريءَ کي واپس وڃڻ ڏيو". ٽوالہ وڏيءَ ڪاوڙ مان نانگ وانگر ڦوڪون ڏيندي اٿيو ۽ جيڪي سردار اسان جي آس پاس بيٺا هئاسي پاڻ ۾ سس پس ڪرڻ لڳا.

" هون.. نٿو ٿي سگهي. نٿو ٿي سگهي" ٽوالہ سانهہ پاڏي جيان رنڀ ڪندي ٻڪڻ شروع ڪيو" سفيد ڪتا! تون هڪڙي شينهن سان مهاڏو ٿو اٽڪائين. ياد رک تہ توکي بہ ان ڇوڪريءَ سان گڏ ئي ديوتائين جي حضور پهچائيندس ۽ پوءِ اهي پاڻهي توسان نبرندا. مون کي حڪم ڏيندي. مون تي حڪم ٿو هلائين. ديوتائن جو قسم اڄ منهنجي هٿان توکي ڪير بہ بچائي نٿو سگهي. ماڪوڙيءَ وانگر رڳڙي ڇڏيندو. سانءَ

ھتي پري ٿي، چوان ٿو تہ وڃان ھتي وڃ، سپاھيو! گرفتار ڪريو ھنن ماڻھن کي، سڪارگا! اڳتي وڌ ڏسين ڇا ٿو؟ مان حڪم ٿو ڏيان تہ ھن ڇوڪريءَ کي موت جي وادي ۾ پھچائي ڇڏ“.

ھنري، اگنوسيءَ ۽ گڏ مون کي پنھنجي وچ ۾ آڻي پنھنجون بندوقون سنڀاليون،

”مان چوانءِ ٿو تہ اڳتي نہ وڌ، بيھي رھ“. بظاھر تہ مون وڏي بھادريءَ سان ڌمڪي ڏني ليڪن دل جو حال خدا ئي ڄاڻندڙ ھو. “ اسين ستارن کان ھيٺ انسان چئون ٿا تہ اھو ظلم نٿو ٿي سگھي. اگر تو ھڪ قدم بہ اڳتي وڌايو تہ اسان چنڊ جي روشني ختم ڪري دنيا تي انڌيرو مسلط ڪري ڇڏينداسين“. منھنجي انھيءَ ڌمڪيءَ جو خاطر خواھ اثر ٿيو. اسان کي گرفتار ڪرڻ لاءِ وڌندڙ سپاھين جا قدم ھڪ جاءِ تي ڄمي بيھي رھيا ۽ سڪارگا جو نيزو اپو ئي رھجي ويو.

”لو وارئو! ٻڌو“ ٻڍڙي گگول ٻڙڪڻ لڳي“ انھن ڪوڙن جون ڪھاڻيون ٻڌو. چون ٿا تہ چنڊ وسائي ڇڏينداسين، ھون. چنڊ نہ ٿيو ڄڻ تہ چراغ ٿيو جو جيڏي مھل ھيءَ چاھيندا تہ وسامي ويندو. بادشاھہ! ھنن کي چنڊ جي روشني کسڻ ڏي، اگر اھي چنڊ وسائي ويا تہ انھيءَ ڇوڪريءَ جي جان بخشي ويندي نہ تہ پوءِ ٻي صورت ۾ ڇوڪريءَ سان گڏ انھن سفيد انسانن کي بہ ديوتائين جي حضور پھچايو ويندو. اھو منھنجو فيصلو آھي.“

مون چنڊ طرف ڏنو جنھن تي ننھن جيترو داغ اڀري آيو ھو. مون چنڊ طرف پنھنجا ٻئي ھٿ اڀا ڪيا. ھنري ۽ گڏ بہ ائين ڪيو ۽ پوءِ انگريز شاعرن جا لڳاتار نظم پڙھندو رھيس، جيڪي ھنن ماڻھن کي جادوءَ جا ٻول محسوس ٿي رھيا ھئا. ھنري انجيل مقدس جون آيتون ۽ گڏ ناولن جا پيراگراف وڏي آواز ۾ پڙھڻ شروع ڪيا.

ڪارو داغ آھستي آھستي چنڊ جي منور چھري تي ڦھلجڻ لڳو ۽ آس پاس بيٺل ھجوم جي واتان دانھون نڪرڻ لڳيون.

“ڏسي وٺ ٽوالہ!” مون ھڪل ڪئي “ اسين جيڪو چوندا آھيون اھو ڪري ئي ڏيکاريندا آھيون. ڏسي وٺ ڏائڻ گگول! اھو تہ اسان جي جادوءَ جو ھڪڙو معمولي ڪرتب آھي. اسان چنڊ کان ان وقت روشني کسي وٺندا آھيون جڏھن اھو پورو پورو چمڪندڙ ھوندو آھي.

”اي چنڊ! اسان جي حڪم جي طابع ٿي وڃ. وسامي وڃ. ختم ٿي وڃ. پنھنجي چانڊوڪيءَ کان ھنن ظالمن کي محروم ڪري ڇڏ. جيڪي تنھنجن ماڻھن سان مھاڏو اٽڪائڻ جي ڪوشش ٿا ڪن. معزز سردارو! توھان معجزو گھريو ھو نہ . ڏسو غور سان ڏسو!

ھجوم ۾ خوفناڪ دانھون بلند ٿيڻ لڳيون، ڪجھ ماڻھو سڪتي جي عالم ۾ بيٺا رھيا، ڪجھ گوڏن ڀر جھڪي سجدي ۾ ڪري ٻاڏائڻ لڳا. ٽوالہ بت بڻيو ھڪ جڳھ تي بيٺو رھيو ۽ ان جي ڪاري چھري تي بہ خوف جي زردي ڇائنجڻ لڳي، ھڪڙي گگول ئي ھئي جيڪا ان وقت بہ گھبرايل نہ ھئي.

“ ٻڌو نہ “ گگول چوڻ لڳي” اھو تہ ھڪڙو بادل آھي جيڪو ٿوريءَ دير ۾ گذري ويندو. ٻڌو نہ چنڊ تي اھڙا بادل ڪئين آيا ۽ ويا. ائين ٿيندو رھندو آھي“.

" ترس، ٿوري دير ۾ معلوم ٿي ويندئي. اي چنڊ جا ڳالھ آهي، اڄ تون ايترو سرد ۽ سست ڇو آهين، جلدي ڪر.. " خدا ڄاڻي اڳتي ڇا ٿيو. اهو هڪ رومانوي ناول ۾ پڙهيو هوم جنهن جو جملو ياد رهجي ويو هو. ليڪن اڳتي وارا لفظ دماغ مان ئي نڪري ويا هئا. گڏ اڳتي تون پڙھ جيڪو مون کي ياد نہ پيو اچي".
گڏ وڏي آواز ۾ نظمن جا ابتا سبتا بند ۽ ناولن جا ياد ڪيل ٽڪرا پڙهڻ ۾ شروع ٿي ويو ۽ بغير ڪنهن وقفي جي لاڳيتو پندرهن منٽن تائين پڙهندو رهيو. گرهڻ جو داغ آهستي آهستي وڌندو رهيو. سڀ ماڻهو ٺپي هڻيو بيٺا هئا، ڄڻ تہ ڪي مجسما هجن، اڌ چنڊ ڍڪجي ويو. ميدان ۾ گهري خاموشي ڇانئجي وئي، بس رڳو ماڻهن جي ڪچندڙ تيز تيز ساهن جو آواز اچي رهيو هو. چنڊ تي گرهڻ اڃا بہ وڌڻ لڳو. فضا گگھہ اونداهيءَ ۾ ويڙهجي وئي، جو اسين پنهنجي ويجهو بيٺل ماڻهن جون صورتون بہ نہ پيا سڃاڻو سگهون.
" چنڊ مري رهيو آهي. چنڊ مري رهيو آهي، سفيد جادوگرن چنڊ کي وسائي ڇڏيو آهي" سڪارگا دانهون ڪرڻ لڳو " هاڻ تہ اسين انڌيري کان گهبرائجي مري وينداسين". ۽ پوءِ خدا ڄاڻي ڊپ يا غصي يا ٻنهي جي ڪري سڪارگا پنهنجو نيزو بلند ڪيو ۽ اهو وساري تہ اسان کي زرهون پهريل آهن، هن پوريءَ قوت سان پنهنجو نيزو هنري جي سيني تي وهائي ڪڍيو. نيزو زرھ جي ڪڙين ۾ ڦاسي ويو. هنري حيرت انگيز ڦڙتيءَ سان سڪارگا جي هٿ مان نيزو کسي ورتو ۽ گهمائي گهمائي انهيءَ ئي طاقت سان سڪارگا جي سيني تي وهائي ڪڍيو. جو ان جي ڇهنب سڪارگا جي پٺيءَ مان آرپار ٿي وئي. هن جي واتان هبتناڪ دانهن نڪري اوندھ ۾ الوپ ٿي وئي. ۽ سڪارگا هنري جي قدمن ۾ اچي ڦهڪو ڪيو. ان اوچتي صورتحال کان گهبرائجي رقاصہ ڇوڪرين جو هجوم دانهون ڪندو، ٽڙندو ٽاپڙجندو صدر دروازي ڏانهن ڀڳو. ڪنهن کي ڪنهن جو خيال نہ هو. ان وقت نفسانفسيءَ جو عالم هو. مائرون پنهنجي اولاد کي ڇڏي، چنڊ ڏانهن ڏسنديون بد حواسيءَ مان ڀڄنديون ٿي ويون. ٽوالہ بہ پنهنجي محافظ دستي سان بدحواس ٿي جهوپڙي ڏانهن ڀڳو. ان جي پٺيان ڪرندي جُهرندي گگول بہ ڀڄي وئي.
ٿي لمحي ميدان صفا خالي هو. هاڻ مان، فلاويٽا، گڏ هنري، اگنوسي، انفادوس ۽ انهن سردارن ( جيڪي اسان سان مليا هئا) ۽ سڪارگا جي لاش کان سواءِ ميدان ۾ ڪير بہ ڪونہ هو.
"معزز سردارو!" مون چيو " توهان اسان جو معجزو ڏسي ورتو. هاڻ توهان اسان کي ان جڳھ وٺي هلو. جنهن جو توهان واعدو ڪيو هو. اسان جي حڪم سان چنڊ اداڻي ڪلاڪن تائين اونداهو ئي رهندو. اسان کي هن انڌيري مان فائدو وٺڻ کپي."
" هلو منهنجا آقا!" انفادوس چيو ۽ مڙي هڪ طرف هليو. اسان بہ سيني سردارن سان گڏ ان جي پٺيان پنڌ پياسين. گڏ فلاويٽا جو هٿ وٺيو اسان کان اڳيان هلي رهيو هو.
جنهن مهل صدر دروازي وٽ پهتاسين تہ ان مهل تائين سڄو چنڊ گرهڻ ۾ ڍڪجي چڪو هو. ستارن جي روشني تيز ٿي وئي هئي. فضا تاريڪ هئي ۾ اسان هڪ ٻئي جا هٿ پڪڙي نوڪرون ڪائيندا اڳتي وڌندا رهياسين.

# جنگ کان اڳ ۾

انفادوس ۽ سندس ساٿي تہ رستن کان چڱي طرح واقف هئا جيڪي وڏيءَ آساني سان وڌندا پئي ويا. پر اسان کي ڪافي تڪليف ٿي رهي هئي. بار بار پٿرن تان ٿاٻڙجندا رهياسين. اسان جا ڪپڙا ڪانڊيرن ۽ جهنگلي ٻوٽن جي ڪنڊن ۾ اٽڪندا ٿي رهيا. تنهنڪري اسان جي رفتار پڻ سست هئي. پر پوءِ بہ "سُستيءَ مان ڇا هڙ حاصل قدم وڌائي اڳتي هلَ" وانگر وک وڌائيندا رهياسين. هتي پهچي چنڊ چٽڻ شروع ٿي ويو ۽ چنڊ جو هڪ ڪنارو روشن ٿيڻ سان چانديءَ جي تارن جهڙن ڪرڻن اونداهيءَ جي دامن ۾ ڏار وجهڻ شروع ڪيا. مڙي ڏٺوسين تہ ڪوڪوآنہ کي ڪافي پٺ تي ڇڏي آيا هئاسين. اسين پهاڙ جي پيرن واريءَ سطح تي هلي رهيا هئاسين. هيءَ سطح بہ ميل گولائي ۾ ڦهليل هئي ۽ ان پهاڙ جي شڪل چنڊ جهڙي هئي.

چنڊ جهڙي پهاڙ جي چوٽيءَ تي هڪ جڳهہ کليل ميدان هو. جنهن تي سائو گاهہ ڇاول هو. جتي اسان کي هڪڙي فوجي ڪيمپ ڏسڻ ۾ آئي. جنهن ۾ ٽي هزار کن سپاهي موجود هئا. پر اڳتي وڌندي پتو پيو تہ اهڙا ڪيئي دستا هتي آس پاس موجود هئا. ميدان جي وچ تي هڪڙو ڊنل سپاهين جو جٿو بيٺو هو (جيڪو شايد اسان جي معجزي جي ڪري ڊنل هو) بغير ڪجهہ ڪڇڻ پڇڻ جي اسان انهن فوجي دستن جي وچان گذري وڃي هڪ جهوپڙيءَ جي ويجهو پهتاسين. جتي انفادوس بيهي رهيو ۽ اهو ڏسي اسان جي حيرت جي حد ئي نہ رهي جو بہ سپاهي اسان جو اهو سامان جيڪو اسان افراتفري ۾ پوئتي ڇڏي آيا هئاسين، کڻيو ان جهوپڙيءَ جي دروازي تي بيٺا هئا.

"هنن ٻن جڻن کي توهان جو سامان کڻڻ لاءِ موڪليو هوم" انفادوس چيو "۽ هيءَ تہ انتهائي قيمتي شيءَ هئي" هن گڊ جي پتلون ڏانهن اشارو ڪندي چيو. گڊ چرين وانگر پتلون ڏانهن وڌيو ۽ جهڙپ ڏئي سپاهيءَ هٿان ڦري ان کي پهرڻ لڳو.

"منهنجا آقا! پنهنجي سفيد ۽ خوبصورت پيرن کي هنن غلامن جي نگاهن کان تہ نہ ڇپائيو" انفادوس التجا ڪندي گڊ کي چيو.

"پوءِ تہ لعنت آهي مون تي جو تنهنجو چوڻ ڪريان" چئي پتلون پائي ڇڏي. تنهنڪري انفادوس کي گڊ جي هڪ چشمي عينڪ ۽ مصنوعي ڏندن ئي شڪر ڪرڻو پيو.

"مون ۽ هنن سردارن ڪافي غور فڪر ڪانپوءِ هنن دستن کي صبح سويري هتي جمع ٿيڻ جو حڪم ڏنو هو". انفادوس چيو" تہ جيئن ڪوڪوآنہ جو تخت پنهنجي حقيقي وارث اگنوسي حوالي ڪرڻ لاءِ ۽ ٽوالہ خلاف بغاوت لاءِ هنن کي اتساهي سگهجي."

پرهہ ڦٽندي ئي سيئي دستا کليل ميدان ۾ گڏ ٿيڻ لڳا ۽ اسين انهن جي وچ ۾ وڃي بيهي رهياسين. جتي انفادوس وڏي اثرائتي تقرير ڪندي سپاهين کي اگنوسيءَ جي حالات کان واقف ڪيو ۽ چيو تہ " ٽوالہ جي حوس پرستين ۽ خودغرضين جي ڪري اسان مان ڪنهن جي جان سلامت ناهي. خوني رقص

۾ هزارين بيگناهہ ماڻهو قتل ڪيا ويندا آهن پر پاڻ ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهندا آهيون. ائين هڪ ڏينهن پنهنجو وارو بہ اچي ويندو ۽ پاڻ بہ قتل ڪيا ويندا سين. تنهن ڪري ديوتائن جي واسطي پنهنجين اکين تان غفلت جا پردا هٽايو. پنهنجي لاءِ اهو ئي بهتر موقعو آهي تہ اگنوسيءَ جي جهنڊي هيٺ جمع ٿي وڃون. ستارن کان آيل سفيد ماڻهن جو جادو توهان سان گڏ آهي. ڪاميابي توهان جا قدم چمندي. ڪوڪوآنہ جي مظلوم عوام تان ظلم ۽ جبر جو هميشہ لاءِ خاتمو ٿي ويندو. اٿو جان باز سپاهيو! آنڌيءَ وانگر اٿو ۽ طوفان وانگر پوري ڪوڪوآنہ تي ڇانئجي وڃو”.

انفادوس ڪانپوءِ اگنوسيءَ هڪ طويل ۽ پرپور تقرير ڪئي ۽ آخر ۾ چيائين تہ “ منهنجا عزيز هم وطنو! توهان منهنجون ۽ انفادوس جون ڳالهيون ٻڌيون, مان هاڻ اهو اختيار توهان کي ٿو ڏيان تہ مون ۽ ٽوالہ مان ڪنهن بہ هڪڙي جي چونڊ ڪريو. اگر ٽوالہ کي ٿا چونڊيو تہ زندگيءَ پر ظلم جي چڪيءَ ۾ پيسجندا ئي رهندئو. ۽ منهنجو ساٿ ڏيندئو تہ توهان آزاد هوندئو. ڪنهن مائيءَ جي لال جي مجال ئي نہ هوندي جو توهان جي گهروارين يا جائداد تي ڪابري نظر رکي سگهي. ڪوڪوآنہ جي تخت ۽ تاج جو اصل وارث مان آهيان تنهنڪري ستارن کان آيل هي سفيد انسان منهنجو ساٿ ڏئي رهيا آهن. اگر مان ڪوڙو ٺڳ يا فرابي هجان ها تہ هيءَ ماڻهو ڪڏهن بہ منهنجو ساٿ نہ ڏين ها, نہ ڪڏهن چنڊ کان روشني ڇني ان کي اونداهو ڪن ها. منهنجا عزيز هموطنو! توهان ڏسي ورتو تہ هنن سفيد انسان وٽ ڪيڏي طاقت آهي.”

“ها ڏسي ورتو سين” سپاهين جواب ڏنو.

“بادشاهہ مان ئي آهيان. ديوتائين جو قسم مان ئي حقيقي بادشاهہ آهيان. اگر ڪنهن کي ڪوشڪ وغيره هجي تہ اهو منهنجي مقابلي ۾ نڪري اچي. اگر مان ماريو ويس تہ معاملو ئي ختم ٿي ويندو پر جيڪڏهن منهنجو مد مقابل مارجي ويو تہ ان جو وهندڙ سرخ خون منهنجي سچائيءَ جي ساک ڏيندو”.

“اگر توهان منهنجو ساٿ ڏنو ۽ پاڻ ڪامياب ٿي وياسين تہ توهان کي انعامن اڪرامن سان مالامال ڪري ڇڏيندس ۽ توهان کي انهن سردارن جي جڳهہ تي مقرر ڪري ڇڏيندس جيڪي ٽوالہ جي ساڄي ٻانهن آهن. مان قسم کڻي ٿو چوان تہ منهنجو مرڻ جيئڻ توهان سان آهي, مان قسم کڻي توهان کي يقين ٿو ڏياريان تہ جنهن وقت مان پنهنجي پيءُ جي تخت تي قدم رکندس تہ هيءَ سجو خون خرابو مڪمل طور ختم ٿي ويندو. پوءِ ڪڏهن بہ ڏائڻين جو خوني رقص نہ ٿيندو. توهان جون گهرواريون ۽ توهان جون ملڪيتون محفوظ رهنديون ۽ توهان پنهنجي جهوپڙين ۾ بيفڪريءَ سان آرام جي ننڊ سمهي سگهندئو. امن ۽ انصاف هميشہ توهان جي در تي هڪيا تڪيا حاضر رهندا. اي معزز سردارو! اي فوجي پائرو! ٻڌايو توهان منهنجو ساٿ ڏيندئو؟”

“اسين توهان سان گڏ آهيون” چئني طرفن کان آواز اچڻ لڳا.

“وڏي مهرباني ۽ هاڻ توهان ڏسندا تہ ٽوالہ جا سفير سڄي ملڪ ۾ پيچي ڊڪي وڏو لشڪر ڪٺو ڪندا ۽ مون کي, توهان کي ۽ هنن سفيد انسانن کي ڪچلڻ لاءِ اڳتي وڏي يلغارون ڪندا, پر اهي بريءَ

طرح ناڪام ٿيندا. پائرو! فتح ۽ ڪاميابي هر حال ۾ حق جي ٿيندي، باطل کي هر دور ۾ منهن واري ڪائي بڇڙو ٿيڻو پوندو آهي. پاڻ جنهن وقت توالہ سان منهن مقابل ٿينداسين تہ مان ڏسندس تہ اهو ڪهڙو جانباز جوڌو هوندو جيڪو پنهنجي خون سان آزاديءَ جي سائي سلي کي سيراب ڪندو ۽ اهو ڪهڙو بزدل هوندو جيڪو پاڙين وانگر ميدان مان پڇي ٿو نڪري، هاڻ توهان وڃو ۽ وڃي جنگ جي تياري ڪريو. سڀاڻ يا پرينهن توالہ سان جنگ شروع ٿي ويندي.”

ڪنهن سردار پنهنجو نيزو بلند ڪيو ۽ آس پاس جون پهاڙيون “ ڪوم، ڪوم ” جي شاهي سلام سان گونجي اٿيون. جيڪو اشارو ان ڳالهہ جي گواهي ڏئي رهيو هو تہ انهن اگنوسيءَ کي پنهنجو بادشاهہ سلامت تسليم ڪري ورتو آهي. ۽ پوءِ سڀئي دستا پنهنجي پنهنجي ڇانوڻيءَ طرف روانہ ٿي ويا.

چند جهڙي پهاڙيءَ تان هيٺ “ لو” جو منظر چٽو نظر اچي رهيو هو. جتي توالہ جا سفير صدر دروازي مان نڪتا ڇئني طرفين لشڪر گڏ ڪرڻ لاءِ پکڙا ٿي ويا. ۽ “ لو” جي ميدان تي فوجي دستا گڏ ٿي رهيا هئا. انفادوس اندازو لڳايو تہ هن وقت “ لو” جي ميدان تي ٽيهہ پنجٽيهہ هزار سپاهي موجود آهن. توالہ سڀاڻ تائين پنج هزار لشڪر ٻيو بہ گڏ ڪري سگهي ٿو. پر ممڪن آهي تہ ڪجهہ دستا انهن ڪان ڇڄي اسان سان بہ اچي ملن پر اهو سوچڻ وقت ڪان اڳي بہ آهي ۽ ان جو ڪو ايڏو امڪان بہ ناهي، حفاظتي انتظامن طور اسان چند دستن کي حڪم ڏنو تہ واري واري سان پهاڙيءَ جي چوطرف گشت ڪندا رهن ۽ جڏهن ڪين ڪا غير معمولي چرپر ڏسڻ ۾ اچي تہ هڪدم اسان کي آگاهہ ڪيو وڃي. اسان جي ڪيمپ ۾ زور شور سان جنگي تياريون شروع ٿي ويون.

انفادوس ۽ ڪجهہ سردارن جو خيال هو تہ توالہ اسان جي جادوءَ ڪان ڊنل آهي. تنهنڪري شايد بہ ڏينهن اسان طرف پيش قدمي نہ ڪري ۽ انهن جو اهو خيال سهي ثابت ٿيو.

ان عرصي ۾ اسان کي بہ تياري ڪرڻ جو موقعو ملي ويو ۽ جيڪي رستا چند جهڙي پهاڙيءَ تائين پهتا ٿي، تن کي وڏن ۽ ڳرن پٿرن سان بند ڪري ڇڏيوسين.

جڳهہ جڳهہ پٿرن جا انبار ان طرح سٿياسين جو توالہ جون فوجون چڙهڻ شروع ڪن تہ انهن کي وڏي آسانيءَ سان هيٺ ڪيرائي سگهجي.

هڪ شام جڏهين ٿي اسان حالات جو جائزو وٺڻ لاءِ “ لو” طرف ڏسي رهيا هئاسين جو ڏٺوسين تہ ڪجهہ سپاهي اسان طرف اچي رهيا هئا. جن جو اڳواڻ هٿ ۾ سائي تاري ڪٽي اچي رهيو هو ۽ سائي تاري ان ڳالهہ جي نشاندهي هئي تہ هو توالہ جا سفير هئا.

اڳواڻ جنهن جي هٿ ۾ سائي تاري هئي، اڳتي وڌي پهاڙي دامن وٽ اچي بيهي رهيو. فوراً اگنوسي ۽ انفادوس ان جي استقبال لاءِ پهتا ۽ ڪيس مٿي وٺي آيا .

“اسان جو بادشاهہ سلامت انهن ماڻهن کي سلام ٿو ڪري جيڪي ناپاڪ ارادن سان ان خلاف جنگ ۾ شريڪ ٿي رهيا آهن”. سفير ايندي ئي چيو”. شينهن انهن لومڙين کي سلام ٿو ڪري جيڪي بيوقوفي ڪري ان سان مهاڏو اٽڪائڻ ٿيو چاهين.”

“وڏيڪ ڄاڙي نہ ھڻ. ٻڌاءِ تون ڪھڙو پيغام کڻي آيو آھين”. مون پڇيس.

“بادشاھ سلامت جو پيغام آھي تہ، اھو توھان کي خبردار ٿو ڪرڻ چاھي تہ جيڪڏھن توھان ان جو مقابلو ڪرڻ جي حماقت ڪئي تہ توھان جو حشر ڏاڍو خراب ٿيندو ۽ توھان لاءِ ڌرتي تنگ ٿي ويندي. پر اسان جو بادشاھ خون خرابو نٿو چاھي.

ان جي طبيعت انتھائي حليم ۽ صلحپسند آھي. تنھنڪري اھو صلح جو خواھشمند آھي.”

“ڪھڙن شرطن تي؟” مون پڇيو.

“ٽوالہ جا شرط انتھائي رحمدلانہ آھن. ٽوالہ جنھن جي ھڪ اک عقاب ڪان وڏيڪ تيز آھي. ٽوالہ جيڪو قھر جو مجسمو آھي، جيڪو ھزارين زالن جو اڪيلو خاوند ۽ ڪوڪوآنہ جو خدا آھي، جيڪو ديوتائن جو منظور نظر آھي. جنھن کي گگول جھڙي لافاني ھستيءَ جي مدد حاصل آھي. جيڪو پنھنجن ابن ڏاڏن جي تخت تي جلوا افروز آھي. سو توھان کي آگاھ ٿو ڪري تہ توھان سان چند معمولي شرطن تي ناھ ڪرڻ لاءِ تيار آھي، ۽ ان جا شرط آھن.

1. مان توھان ماڻھن تي رحم ڪندي صرف چند ماڻھن کي قتل ڪندس.

2. ھر ڏھن ماڻھن مان ھڪ کي قتل ڪيو ويندو. باقي ٻين جي جان بخشي ويندي.

3. سفيد فام انڪوبو جنھن بادشاھ جي پٽ کي قتل ڪيو آھي ان ۽ ان جي غلام اگنوسيءَ جنھن ٽوالہ جي خلاف سپاھين کي ڀڙڪايو آھي، تن کي تڪليفون ڏئي ڏئي بري طرح مارڻ ٿو چاھيان”.

“اڇا تہ اھي آھن ٽوالہ جا رحمدلانہ شرط.”

مون ساٿين سان صلاح مشورو ڪندي بلند آواز ۾ چيو جيئن اسان جا سپاھي بہ ٻڌي وٺن تہ “ توھان واپس وڃي ٽوالہ کي ٻڌايو تہ اسان ان وقت تائين لڙنداسين جيستائين ٽوالہ زندھ آھي ۽ اگنوسي پنھنجي پيءُ جي تخت تي نٿو ويھي. ٽوالہ کي ٻڌائجو تہ اگنوسي، انفادوس، معزز سردارن ۽ اسان ستارن ڪان آيل سفيد انسانن ( جيڪي چنڊ کي بہ اونداھو ڪري سگھندا آھن) جو اھو اٽل فيصلو آھي ۽ ٽوالہ کي چئجو تہ ان کي اسان جي انتھائي طاقتور جادوءَ ڪان ڊڄڻ کپي. اسان ڪيس خاڪ ۽ خون ۾ ليٽڙائي ئي دم پٽينداسين”.

سفير مرڪندي چيو تہ “ اسان توھان جي گدڙڀڀڪين ڪان ڊڄڻ وارا ناھيون. توھان جي بھادريءَ جو امتحان سڀاڻي ٿيندو. جڏھن ڪانءَ پنھنجن چھبنن ۾ توھان جون ھڏيون کڻيو ڪوڪوآنہ مٿان ڀيا اڏامندا ۽ ماڻھو انھن کي ڏسي عبرت حاصل ڪندا. سڀاڻ ميدان جنگ ۾ پنھنجي ملاقات ٿيندي. توھان کي ستارن طرف ڀڄڻ جو رستو بہ ھٿ نہ ايندو”. سفير غرور مان مرڪندو واپس ھليو ويو.

اھا رات وڏي بيچينيءَ سان گذاري سين. ٽڪل بہ ڏاڍا ھئاسين پر ننڊ جو ڪوھن تائين ڪو پتو ئي ڪونہ ھو.

اڌ رات تائين سڀ انتظام مڪمل ٿي ويا. پوءِ اسان پھاڙن کان ھيٺ لھي گھمڻ ڦرڻ لڳاسين. چوطرف خاموشيءَ جو راڄ ڇانيل ھو. لڳو ائين پئي تہ ڄڻ اھا اسان جي آخري رات ھجي. فضا ۾ نامعلوم خوف

ڇانيل هو. سچ پچ ته هيءَ دل جهڙ ته انڌيري کوهه ۾ ٻڏندي پئي وئي. اسان اڳتي وڌياسين جو آس پاس وارين ٻهاڙين جي ٻنيان هڪئي وقت ڪيترائي نيزا بلند ٿيا. اهي اسان جا گشتي دستا هئا ۽ اسان کي اطمينان ٿي ويو جو هر شخص پنهنجو فرض خير خوبيءَ سان سرانجام ڏئي رهيو هو. واپسيءَ تي اسين ننڊ ۾ ستل سپاهين جي وچان گذرياسين.

”هنن سپاهين مان سياڻ ڪيترائي موت جي ننڊ سمهي پوندا“. هنري گهري ننڊ ستل سپاهين طرف اشارو ڪندي چيو.

مون ننڊ ۾ مدهوش سپاهين طرف ڏٺو جن تي جهڙ ته موت جو سايو لامارا ڏئي رهيو هو ۽ منهنجي گلي ۾ جهڙ ته ڏک جو ڪو ڪنڊو اٽڪي پيو. ۽ مون کي ائين لڳو جهڙ ته هي سپاهي رت ۾ لت پت ٿي موت جي ننڊ ستاپيا هجن ۽ مان انهن جي وچ ۾ مئو پيا آهيان. تڏ جي هڪ لهر منهنجي ريڙهه جي هڏيءَ تائين هلي وئي. سياڻ شام تائين هزارين ٻار يتيم ۽ هزارين عورتون بيواهه ٿي چڪيون هونديون جن جي حال تي ڪير به ڳوڙها ڳاڙڻ وارو نه هوندو. صرف اڪيلو چنڊ ئي هوندو جيڪو سياڻ رات جو اپري مادر وطن لاءِ جان ڏيندڙ بهادر سپاهين کي پنهنجي نوراني ڪرڻن سان غسل ڏئي رهيو هوندو. اهڙن ئي ابتن سبتن خيالن منهنجي دماغ ۾ هلچل مچائي ڇڏي.

هنري پنهنجي پوريءَ ڏاڙهي تي هٿ ڦيرائي، مرڪندي جواب ڏنو ته ” تون ته پهرئين ئي اقرار ڪري چڪو آهين ته تون بزدل آهين.“

”هنري ڪهڙي خبر! سياڻ اسان مان ڪير پنهنجي عزيزن ۽ وطن کان ڪوهين ڏور بي ڪسيءَ جي موت ماريو وڃي. جو ٿوالھ پوريءَ قوت سان حملو ڪندو ۽ فتح به شايد ان جي ٿئي.“

”ڪوارٽرمين! مايوسي ڪفر آهي. ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته سياڻ گهمسان جو رڻ گجندو. راڙو ٿيندو ۽ اسين بي سبب انهيءَ جنگ ۾ ٽپي پيا آهيون. پر جڏهن اڪرين ۾ مٿا ڏئي ئي چڪا آهيون ته پوءِ مُهرين کان ڇا جو ڊپ. مان بيوسيءَ مان بستري تي ڇُڙي ڇُڙي مرڻ کان جنگ ۾ وڙهندي وڙهندي بهادري سان مرڻ پسند ڪندو آهيان. ۽ هاڻ جڏهن مون کي پنهنجي پاءُ سان ملڻ جي اميد به نه رهي آهي، ته پوءِ موت ته مون لاءِ اجان به آسان ٿي پيو آهي. همت نه هار منهنجا پاءُ! قدرت سدائين بهادرن جو ساٿ ڏنو آهي ۽ يقينن اسان جو به ساٿ ڏيندي. هيءَ جنگ واقعي به تمام خوفناڪ جنگ هوندي ۽ ڪنهن به صورت ۾ اسان کي ان مان گذري ئي پار پوڻو آهي“. هنري جون اڪيون چمڪي اٿيون ۽ مان سوچڻ تي مجبور ٿي ويس ته هنري جنگ کي خوب پسند ٿو ڪري.

اسان ڪجهه دير آرام ڪيو.

پرهه ڦٽندي ئي انفادوس اسان کي ڏونڌاڙي جاڳايو ته ” اٿو منهنجا آقا! ”لو“ ۾ وڏي هلچل مچي وئي آهي، ۽ ٿوالھ جون فوجون اسان ڏانهن وڌي رهيون آهن.“ اسان تڙ تڪڙ ۾ هٿيار بند ٿيڻ شروع ڪيو.

هنري ته بلڪل ڪوڪوآنه جي سپاهين وانگر ئي هٿيار بند ٿيو. ان پنهنجي جسم تي ڪاري رنگ جي ڪل لپيٽي ( اها ڪمانڊر هئڻ جو دليل هئي) مٿي تي اٺ پکيءَ جا ڪنپ ۽ چيلهه جي چوڌاري ڏاندن جا

سفيد پڇ. هڪ هٿ ۾ جنگي ڪهاڙو ۽ ٻئي هٿ ۾ ڍال ڪٽيائين. چيلهه سان پستول سان گڏ ڪوڪوآنه جا چاقو ٽولاس به پٽي ۾ لٽڪائي ڇڏيائين. اگنوسي به مسلح ٿي آيو. جڏهن اهو ۽ هنري گڏ اچي بيٺا ته ٻئي ڪوڪوآنه جي سپاهين جو اعليٰ نمونو پئي ڏسڻ ۾ آيا.

باقي رهياسين مان ۽ گڊ. گڊ به پتلون پائي هڪ هٿ ۾ جنگي ڪهاڙو ۽ ٻئي هٿ ۾ نيزو کڻيو ۽ ٽواله جي عنايت ڪيل زرهه جسم تي پائي ڇڏي. جنهن سان هو عجيب نظر اچي رهيو هو. اگر ڪو ٻيو وقت هجي ها ته مان کلي کلي ٽڪجي پوان ها.

منهنجي زرهه تمام ويڪري هئي. تنهنڪري انهيءَ کي ڪپڙن جي مٿان پهريم. ٽوپلي ۾ نيڪ سوڻ لاءِ اٺ پکيءَ جو هڪڙو کنڀ لڳايم. هٿ ۾ نيزو ۽ ٽولاس کڻيم. جن جي استعمال جي ڪا خبر ئي نه هيم. اسان جون بندوقون چند سپاهين سنڀالي کڻيون هيون. جن کي اسان سان گڏ رهڻ جي هدايت ڪئي وئي هئي. اهڙي طرح مسلح ٿي اسان به ٽي گرهه مانيءَ جا هڻيا. منهنجي بک ته غائب ٿي چڪي هئي ۽ هڪڙو گرهه به نڙيءَ مان هيٺ نٿي لٿو. پر قوت برقرار رکڻ لاءِ کائڻ به ضروري هو.

کاڌي کائڻ بعد اسان فوج جو معائنو ڪرڻ نڪتاسين. هڪ طرف قلعي جي برج جهڙا بلند پٿر هئا جتي انفادوس پنهنجي ساٿين سان تيار بيٺو هو. هي ڪوڪوآنه جو خاص ۽ بهادر ترين دستو هو. جنهن کي "گريز" ٿي چيائون. ان دستي جا بهادر سپاهي انگلينڊ جي فائيٽرن ۽ لکنوءَ جي بانڪن جيان صرف مرڻ ۽ مارڻ ئي سکيا هئا. گريز جي سپرد اها خدمت هئي ته اهي ميدان جنگ ۾ گشت ڪندا رهن ۽ جنهن طرف ٽواله جو پلڙو ڀاري ڏسن يا اسان جا سپاهي همت هاري چڪا هجن ته ان طرف حملو ڪن. يا وري ان وقت حملو ڪن، جڏهن ٽواله جي فوج ٿڪجي چڪي هجي.

"لو" جي صدر دروازي کان ٽواله جون فوجون ڪيڙين ماڪوڙين جيان نڪرنديون رهيون. ايترو لشڪر ڏسي منهنجا ته حوصلا ئي خطا ٿي ويا. فوجون "لو" کان ٻاهر اچي ٽن حصن ۾ ورهائجي ويون. هڪ حصو ساڄي، ٻيو کاٻي ۽ ٽيون اسان طرف پيش قدمي ڪرڻ لڳو.

"اهي پاڻ تي ته طرفو حملو ڪرڻ ٿا چاهين" انفادوس چيو.

اها خبر واقعي به حوصلا خطا ڪندڙ هئي. پهاڙ جي چوٽي به اڊائي ميل سوڙهي هئي ۽ اگر هنن ته طرفو حملو ڪيو ته اسان جو وچ ۾ گهيرجي پسپا ٿيڻ يقيني هو. ۽ اها به خبر نه هئي ته ٽواله جا دستا ڪهڙن طرفن کان حملا ڪندا. بحرحال جيئن به ممڪن ٿي سگهيو. لشڪر طرف ماٺهو ڊوڙائي آفيسرن کي حڪم ڏنو ويو ته لشڪر کي ٽن حصن ۾ ورهايو وڃي ۽ جنهن طرف به ٽواله جي فوج نظر اچي ان طرف هڪ دستو ان جي مقابلي لاءِ اڳتي وڌي.

# حملو

آهستي آهستي بغير ڪنهن خوف يا جلد بازيءَ جي تئي رستا اڳتي وڌندا رهيا. ساڄي ۽ ڪابي پاسي وڌندڙ دستا پهاڙين جي اوٽ ۾ گم ٿي ويا پر اهو دستو جيڪو سڌو اسان ڏانهن وڌي رهيو هو سو چنڊ جهڙي پهاڙ جي قدمن ۾ اچي رڪجي بيهي رهيو. "رب جو قسم مان انهيءَ دستي کي ويهن منٽن ۾ ئي ختم ڪري سگهان ٿو"ڳڊ چيو.

"ڪوارٽرمين! شروعات تون ڪر" هنري چيو "اسان جي سامهون جيڪو ٽوالہ جي فوجين جو دستو اچي بيٺو آهي. تنهن جو ڪمانڊر ڏس ڪيڏو نہ قداور آهي. بس انهيءَ جو نشانو وٺ. اميد تہ اهو سوڻ نيڪ ثابت ٿيندو."

مون بندوق کڻي ۽ موقعي جو انتظار ڪرڻ لڳس. ڪمانڊر حڪم ڏيڻ لڳو ۽ سپاهي ڇهل قدمي ڪندا ليفٽ، رائيٽ ڪرڻ لڳا. ڪمانڊر پنهنجي هڪ ساٿيءَ سان اڪيلو بيهي رهيو. مون نشانو وٺي گهوڙي کي دٻايو. خبر ناهي هوا جي ڪري يا گهبراهٽ سببان، نشاني ۾ ڪجهہ گڙٻڙ ٿي وئي. بندوق جي نڪاءَ ڪان پوءِ منهنجي سامهون دونهون هٽيو جو ڏٺم تہ ڪمانڊر حيران پريشان بيٺو هو ۽ انهيءَ جو ساٿي زمين تي ڍير ٿيو رکيو هو. ڪمانڊر هڪدم پوئين پير هٽيو ۽ پنهنجي فوجين طرف ڀڳو.

"زنده باد، ڪوارٽرمين زنده آباد!" ڳڊ نعرو هڻيو " تو ڪمانڊر جو مُٽُ وهائي ڇڏيو آهي."

مون کي نشانو خطا ٿيڻ تي پنهنجو پاڻ تي وڏي ڪاوڙ اچڻ لڳي ڪاوڙ ڪان بي قابو ٿي ڀڄندڙ ڪمانڊر جو نشانو وٺي " ٻڙ "ڪيو مانس ٻيو فائر تہ ڪمانڊر جا هٿ اپا ٿي ويا ۽ هو اونڌي منهن وڃي زمين تي ڪريو ۽ خوشيءَ مان منهنجي واتان نعرا بلند ٿي ويا. انسان ڪيڏو نہ خودغرض آهي جو پنهنجي سوڀ ٻڌائڻ لاءِ ڪنهن جي جان وٺڻ ۾ دير ئي نٿو ڪري.

اسان جي فوج ڪمانڊر جي موت کي فتح جو پيش خيمو سمجهي خوشيءَ مان نچڻ لڳي ۽ مرحوم ڪمانڊر جو دستو خوف ڪان ڪيئي قدم پوئتي هٽي ويو. هاڻ ڳڊ ۽ هنري بہ پنهنجون بندوقون سنڀالي دشمن تي گولين جا وسڪارا لائي ڏنا. مون بہ سندن ڀرپور ساٿ ڏنو ۽ نتيجي ۾ دشمن جا ڪيترائي سپاهي ميدان ۾ مئا ڍير لڳا پيا هئا.

اوچتو ڦيريان ساڄي ۽ پوءِ ڪابي پاسي شور بلند ٿيڻ لڳو. ٽوالہ جي فوجين اسان جي ساڄي ۽ ڪابي پاسي حملا شروع ڪري ڏنا هئا. شور ۾ هُل ٻڌي اسان جي سامهون پهاڙ جي اوٽ ۾ بيٺل دستو بہ ظاهر ٿيو ۽ اسان طرف پيش قدمي ڪرڻ لڳو. اهي فوجي ڪوئي جنگي گيت ڳائيندا اڳتي وڌندا ٿئي رهيا. ليڪن اسان جي بندوقن جي ڌماڪن ۽ انهن جي مچايل تباهيءَ ڪان انهن کي اهو گيت ئي وسري ويو. اسان جي بندوق بازيءَ ۾ ڪاڪمي ڪانہ آئي پر جيترا سپاهي مئا ٿي اوترا ٻيا فوراً انهن جي جڳهہ وٺندا ٿي رهيا. اڳنوسي ڀڄندو اسان وٽ اچي بيهي رهيو.

ٽوالہ جي فوج نيزا ڪٽيو اتي اچي پهتي هئي جتي اسان رستو بلاڪ ڪرڻ لاءِ پٿر ڪٺا ڪري رکيا هئا. هتي پهچي انهن جي رفتار ڪجهہ سست ٿي وئي ۽ اسان انهن جي ڪاخاص مزاحمت ئي نہ ڪئي. بس وقت بہ وقت بندوقون هلائيندا رهياسين.

اسان جي لشڪر جي پهرين صف جتي اسان بيٺا هئاسين. ان جي هيٺان پوري وچ تي موجود هئي. ٻي ان کان پنجاهہ گز مٿي ۽ ٽي مٿي چوٽيءَ تي اسان جي بلڪل ويجهو بيٺي هئي.

اسان جي پهرين صف جي ويجهو پهچي ٽوالہ جي فوج " ٽوالہ چڪي چڪي" يعني ٽوالہ زنده باد، ٽوالہ زنده باد جا نعرا بلند ڪيا. جن جي جواب ۾ اسان جي فوج " اگنوسي چڪي، چڪي" جا نعرا بلند ڪيا. ٻئي فوج پاڻ ۾ اچي ٽڪرايون. ٽولاس سج جي شعاعن جيان چمڪندا انساني سمند طرف هلندا رهيا ۽ ايئن جنگ جي شروعات ٿي وئي.

جانباز سپاهي وڏي چڙهي حملا ڪرڻ لڳا ۽ انسان خزان جي ڇڻيل پنن جيان ڪٽجي ڪرڻ لڳا. للهنگ لتيڻ لڳا. ڪونڌرن جا ڪنڌ ڪرندا رهيا. شينهن وانگر وڙهندي مرد مرندا رهيا. ڌڙ ڌوڙ ۾ ليٽڙجندا رهيا.

ٽوالہ جي سپاهين گڏجي هڪڙو پرجوش حملو ڪيو جو اسان جي پهرين صف هٽندي هٽندي وڃي ٻئي صف سان ٽڪرائي. هاڻ جنگ انتهائي ڀيانڪ صورت اختيار ڪري ورتي. ڪجهہ دير ڪانپوءِ اسان جي ٻي صف جا قدم بہ اکڙڻ لڳا ۽ اها سيلاب ۾ لڙهندڙ ککن پنن وانگر وهي وڃي اسان جي ٽيءَ صف سان ٽڪرائي، ويهن منٽن ڪانپوءِ ٽي صف ۾ بہ پريشانيءَ جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا.

هنري جيڪو هيستائين رڳو جنگ جو رنگ ڍنگ ڏسندو رهيو سو ائين گرجي اٿيو جو

۽ گڏ بہ ان جي پنيان ڀڳو ۽ ٻئي ڄڻا جنگ جي باهہ ۾ ڪڏي ڪاهي پيا، بلڪل ائين جيئن:

مگر مان جتي هوس، اتي ئي بيٺو رهيس، سپاهين جو هنريءَ کي ڏٺو سو سجاڻي نعرا بلند ڪرڻ لڳا تہ " انڪوبو اچي ويو انڪوبو اچي ويو". هنري جي موجودگي اسان جي سپاهين جي دل وڌائي ڇڏي ۽ انهن گڏجي ايڏي تہ شدت سان ڀرپور جوابي حملو ڪيو جو ٽوالہ جون فوجون هٽنديون پري تائين هليون ويون. هڪ سپاهيءَ اچي اطلاع ڏنو تہ ساڄي پاسي ٽوالہ جون فوجون پسپا ٿي رهيون آهن. مان پنهنجو پاڻ کي مبارڪ ڏيڻ وارو ئي هوس جو ساٻي پاسي هڪ وڏو شور بلند ٿيو ۽ اسان جون فوجون شڪست جي ڊپ مان مون ڏانهن ڀڄيون ٿي آيون ۽ انهن جي پويان ٽوالہ جا سپاهي نيزا ۽ ٽولاس کڻيو خوشيءَ مان ڀڳا پئي آيا.

اگنوسي جيڪو منهنجي ويجهو ئي بيٺو هو تنهن ڪجهہ تڪڙا احڪام جاري ڪيا ۽ گريز جي دستي کي جنبش آئي، گنوسيءَ پوءِ بہ ڪجهہ چيو ۽ مون خوف زده ٿي ڏٺو تہ مان بہ جنگ جي وچ ۾ بيٺو هوس، اگنوسيءَ جي پنيان پنيان رهي مون پنهنجي بزدليءَ جو بدترين ثبوت ڏنو. پوءِ هڪ ٻن منٽن بعد خبر ناهي ڇا ٿيو بس ايترو سو ياد آهي تہ نيزن ۽ ٽولاس جي ٽڪرجڻ جي ڪري جهنڪار بلند ٿي ۽ سپاهي منهنجي اکين اڳيان ڪٽجي ڪرڻ ۽ مرڻ لڳا. اجان تائين مون تي ڪنهن بہ حملو نہ ڪيو هو جو اوچتو

هڪ لمُبو سپاهي پنهنجو ترولاس هوا ۾ لهرائيندي مون ڏانهن وڌيو ۽ پوري قوت سان مون تي وار ڪيائين. خبر ناهي ڪيئن جهڪي ويس ۽ هن جو وار خالي ويو. مون پنهنجا حواس جاءِ ڀ نہ آندا هئا جو هُو نالائق ڏند ڪرٽي مون ڏانهن وڌيو.

ڀهريون وار خالي وڃڻ جي ڪري هو چِتي ڪتي وانگر باهوڙجي مون ڏانهن وڌيو. مون پستول جي نالي ان ڏانهن ڪئي ۽ انڌ ڌنڌ ٻہ گوليون هلائي ڇڏيون ۽ منهنجو دشمن سامهون مئو پيو هو. اجان پنهنجو پاڻ کي پنهنجي بهادريءَ جو داد ڏيڻ وارو ئي هوس جو ڪا ڀاري شي اچي منهنجي مٿي سا ٽڪرائي مون ڦهڪو وجي پٽ تي ڪيو. پوءِ خبر ناهي ڇا ٿيو؟ پر جڏهن هوش آيم تہ پنهنجو پاڻ کي هڪ پٿر تي پيل ڏٺم گڊ هڪ هٿ ۾ پاڻي جو پيالو کڻي مون تي جهڪيل هئو.

”ڇا حال آهي؟“ گڊ پڇيو.

”خدا جو شڪر آهي جو بچي ويو آهين، نہ تہ مون ڏٺو تہ اهي سپاهي توکي کڻي پڄي رهيا هئا جو مان تو تي فاتح بہ پڙهي چڪو هوس.“

”پلا منهنجي مرڻ ۾ ڪسر بہ ڪهڙي رهي آهي، اها تہ زندگي هئي جو بچي ويس ڪهڙي خبر ڪنهن منهنجي مٿي تي ضرب لڳائي هئي. پر ڇڏ انهن ڳالهين کي گڊ! ٻڌاءِ تہ جنگ جو فيصلو ڇا ٿيو؟“

”اجان تائين تہ ڪجهہ بہ نہ ٿيو آهي. ڪافي نقصان ٿيو آهي. اسان جا ٻہ هزار سپاهي مارجي ويا ۽ زخمي ٿيا آهن ۽ تواله جا تي هزار هوڙهان ڏس!“ ۽ هن هڪ طرف اشارو ڪيو. سپاهين جو گروهہ اسان طرف اچي رهيو هو. هر چئن سپاهين ۾ هڪڙو سپاهي تڪليف ڪان ڪنجهي اچي رهيو هو. جڏهن زخمي سپاهي هڪ هنڌ گڏ ٿيا تہ مقامي ڊاڪٽرن سندن معائنو شروع ڪيو. جيڪي معمولي زخمي هئا. تن جو پوريءَ توجهہ سان علاج ڪيو پئي ويو. پر جيڪي شديد زخمي هئا ۽ انهن جي بچڻ جي اميد ڪانہ هئي تہ مقامي ڊاڪٽرن انهن جي شهہ رڳ ڪاٽي پئي ڇڏي. ۽ رت وهڻ ڪري اهي چند منٽن ۾ مرندا ٿي رهيا. جيڪو انتهائي بير حماڻو فعل هو. ليڪن ڪوڪوآنہ جي سپاهين وٽ اهو تمام ضروري هو. جو انهن کي زخمين جي طرفان بي ڪٽڪو ٿي جنگ وڙهڻي هئي. ڪوڪوآنہ جي نيزن جاگهاءَ تمام گهرا هئا. جن مان مشڪل سان ئي ڪو بچي ٿي سگهيو. زخمي سپاهين کي موت سان هم ڪنار ڪرڻ انهن لاءِ معمولي ڳالهہ هئي. ليڪن منهنجي دل اهو سڀ ڪجهہ برداشت نہ ڪري سگهي ۽ مان اتان نڪري وجي سردارن سان گڏ ويهي رهيس.

”ڇڱو ٿيو تون اچي وئين ڪوارٽرمين!“ هنري چيو ”خبر ناهي اگنوسي ڇا ٿو ڪرڻ چاهي؟ بظاهر تہ ميدان اسان ماريو آهي، پر تواله هاڻ ان فڪر ۾ آهي تہ ڪيئن اسان کي اجيو ۽ بکيو ماري سگهي.“

”ڇا مطلب؟“

”مطلب اهو تہ انفادوس جي چوڻ موجب هاڻ اسان وٽ پاڻيءَ جو ذخيرو ختم ٿي چڪو آهي.“

” جي ها منهنجا آقا!“ انفادوس چيو ”پاڻي“ جو مقدار جيئن پوءِ تيئن گهٽجي رهيو آهي ۽ رات کان وٺي اسان جو لشڪر اڄ مري رهيو آهي. ميڪو ميزن! توهان عقلمند، هوشيار ۽ تجربيگار آهيو. ستارن

تي اهڙين جنگين سان توهان جو ڪوڙ واسطو به پيو هوندو. تنهنڪري اسان ڪي مشورو ڏيو ته ڇا ڪرڻ کپي، جو ٽوالہ تازه دم فوج ڪٺي ڪري رهيو آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اسين اڄ ٽوالہ تي حاوي رهيا آهيون پر هُو اهڙي عقاب وانگر آهي. جيڪو ڪنهن به حالت ۾ شڪار کي هٿان وڃڻ ناهي ڏيندو. ٽوالہ سنڌس زخمي فوجين جي مرڻ جو انتظار ڪندو ۽ پوءِ گوريلا جنگ لڙندو. هو وڏو چالاڪ آهي."

"هون... ته پوءِ؟" مون پڇيو" ڇا ڪرڻ گهرجي."

"هاڻ ٽي صورتون آهن ميڪو ميزن!" انفادوس چوڻ لڳو" هڪ ته بيمار شينهن وانگر اتي ئي پيا اڄ بڪ مرندا رهون. ٻي صورت ۾ پاڻ ٽوالہ تي حملو ڪريون ۽ لڙندي لڙندي وڃي. " لو" تائين پهچون ۽ ٽي صورت اها آهي ته اتر طرف پسپا ٿيون. انڪوبو (هن هنري ڏانهن اشارو ڪيو) اڄ غضب جي جنگ لڙي آهي. هن جو ڪهاڙو دشمنن کي ائين ڪٽيندو، وڍيندو، ڪيرائيندو ٿي رهيو جو ڇڻ ته ماڻهن تي نہ پر گجرن ۽ مورين تي هلي رهيو هجي. هن اڪيلي ئي لاشن سان ميدان پري ڇڏيا هئا. سو مون پئي توهان کي ٻڌايو ته انڪوبو ڇئي ٿو ته پاڻ هلي ٽوالہ تي هلائون ڪريون پر مون چيو ته پهرئين توهان سان مشورو ڪري وٺجي. سو هاڻ توهان ٻڌايو ته ڇا ڪرڻ کپي؟."

"اگنوسي! تنهنجو ڇا خيال آهي" مون پڇيو.

"ميڪو ميزن! مان تنهنجي تجربي ۽ هوشياريءَ جي اڳيان ڇا آهيان؟ مان ته بس تنهنجي مشوري تي عمل ڪندس."

گڏ ۽ هنري سان صلاح ڪرڻ بعد چيم ته " فوراً ٽوالہ جي لشڪر تي حملو ڪرڻ کپي. جو متان اڄ ۽ بڪ جي ڪري اسان جا فوجي بزدل ٿي وڃن، ۽ ٽوالہ جي فوجين سان وڃي ملن. تنهنڪري حملي ڪرڻ ۾ دير اصل نہ ڪرڻ گهرجي."

لڳو ائين پئي ته ڪوڪوآنہ جا سڀ ماڻهو منهنجي هوشياري ۽ ڏاهپ جا قائل هئا. جنهن ڪري سڀني منهنجي مشوري کي پسند ڪيو. ليڪن آخري فيصلو اگنوسيءَ جي هٿ وس هو جيڪو ڪجهہ دير ڪنڌ جهڪائي ڪجهہ سوچي رهيو هو ۽ پوءِ چوڻ لڳو ته " انڪوبو! ميڪوميزن، واڳون! منهنجا عزيز دوستو! مون فيصلو ڪيو آهي ته اڄ ئي ٽوالہ جي لشڪر تي فيصلا ڪن حملو ڪيو وڃي. يا ته پنهنجو جائز تخت حاصل ڪجي يا ته جدوجهد ۾ جان ڏئي، مري پاڻ ملهائجي، تون پهاڙ جي ان حصي کي ڏسين پيو. جيڪو ڏاند جي زبان جيان اڳتي وڌيل آهي؟."

"ها ڏسان پيو"

"ته هاڻ ٻڌ! هن وقت به پهري ٿي چڪي آهي، ڪجهہ دير آرام ڪرڻ کانپوءِ انفادوس تون پنهنجو دستو وٺي زبان وانگر وڌيل ان حصي طرف وڃجانءِ. ان جو گهٽ تمام سوڙهو آهي. گهٽ تي پهچي تون اتي وڃي بيهي رهجانءِ. ٽوالہ پنهنجي سڄي لشڪر سميت توسان مقابلي لاءِ ايندو جيئن ته گهٽ تمام سوڙهو آهي، تنهنڪري هڪ وقت صرف هڪ دستو تو ڏانهن اچي سگهندو. جنهن جو وڏي آسانيءَ سان صفايو ڪري سگهندين. انڪوبو توسان گڏ هلندو ۽ مان تنهنجي پنيان ميڪوميزن کي وٺي ايندس.

جيڪڏهن خدانخواسته قسمت ساٿ نه ڏنو ۽ تنهنجي ڪاميابي نٿي ٿئي ته فوراً مان تنهنجي جڳهه اچي وٺندس.”

“سهڻي صلاح آهي، بلڪل ائين ٿيندو” انفادوس چيو.

“اسان جو ڪجهه لشڪر هن ئي جڳهه تي رهندو، جڏهن ٽوالا جي سڄي توجهه توطرف هوندي انفادوس ته هي تازه دم فوجون ٽوالا جي لشڪر تي ته طرف حملا ڪري ڏينديون ۽ قسمت ساٿ ڏنو ته ميدان پنهنجي هٿ ۾ رهندو ها، واڳون هن آخري دستي سان رهندو. جيئن ان جي جادوئي اک اسان جي فوجين جي دل وڌائيندي رهي. ته پوءِ هاڻ ڪاڏي وغيره کان فارغ ٿي سڀ تياريون مڪمل ڪريو. انفادوس تون جيترو ٿي سگهي جلدي پنهنجي دستي کي تيار ڪجانءِ.

ڪلاڪ بعد اسان لشڪر کي ٽن حصن ۾ ورهائي ڪمانڊرن کي ضروري هدايتون ڏنيون. اسان جي لشڪر جو تعداد صرف ارڙهن سئو هو. جنهن مان به ڪجهه سپاهي زخمين جي سار سنڀال لاءِ پوئتي ڇڏي آيا هئاسين. ڪجهه دير کانپوءِ گڊ ۽ هنري مون سان ملڻ لاءِ آيا.

“چڱو دوست! خدا حافظ” گڊ چيو” مان ان دستي سان وڃي رهيو آهيان. جيڪو ٽوالا جي لشڪر سان آمهون سامهون مقابلو ڪرڻ وارو آهي، شايد پاڻ وري ٻيهر ملي نه سگهون. تنهنڪري دوست الوداع.”

۽ اسان هڪٻئي سان گلي لڳي موڪلايوسين جو اسان جون اکيون پرجي آيون.

“اڄوڪي جنگ وڏي خطرناڪ ۽ فيصلا ڪن هوندي” هنري چوڻ لڳو” ۽ مون کي ائين محسوس ٿي رهيو آهي ته مان سياڻ جو سج نه ڏسي سگهندس. مان گريز جي دستي سان گڏ وڃي رهيو آهيان. جيستائين ان جو هڪ به سپاهي زنده هوندو پوئتي نه هٽندو. بحرحال منهنجي دل مان دعا ٿي نڪري ته خدا ڪري ته ڪوارٽرمين انهيءَ جنگ مان صحيح سلامت بچي نڪري وڃي ۽ خدا ڪري ته ڪوارٽرمين تون سليماني خزانو حاصل ڪري وڃين، چڱو دوست، خدا حافظ، خدا توکي ڪامياب ڪندو. آمين.”

گڊ به پنل اکين سان موڪلايو. ڪجهه ئي دير ۾ انفادوس آيو ۽ هنري به ان سان گڏ هو. مون کان موڪلائي هليا ويا ۽ منهنجي دل چاهيو ته رڙيون ڪري روئان. مان غم جي شدت سان اڳتي وڌيس ۽ اگنوسيءَ جي دستي سان روانو ٿيس.

# فيصلا ڪن جنگ

چند ئي منٽن بعد ٻئي دستا ٽوالہ جي لشڪر کان لڪندا ڇپندا پنهنجي پنهنجي محاذ طرف وڌڻ لڳا. گريز جو دستو جيڪو اڃان تائين جنگ نہ وڙهيو هو سو بلڪل تازه دم، اڌ ڪلاڪ تائين پٽ تي رڪيل رهيو. جيئن ٻئي دستا پنهنجي پنهنجي محاذ تائين پهچي ويا.

انفادوس جيڪو هڪ ماهر جرنيل ۽ پنهنجي ساٿين جي دل ۽ دماغ کان واقف هو سو هڪ چٽان تي بيهي جذباتي تقدير ڪري پنهنجي فوجين جي حوصلن کي گرمائڻ لڳو ۽ آخر ۾ ان چيو تہ " اها اسان جي خوشقسمتي آهي تہ ستارن جي دنيا جو قومي اڳواڻ انڪوبو اسان سان گڏ آهي. ان جي ٻانهن جي ٻل ۽ طاقتور جادوءَ کان ٽوالہ جو لشڪر جلد ئي منهن ڦيري پوئين پير ڀڄندو. ياد رکو اگنوسيءَ جي قسمت جو دارو مدار توهان تي آهي، اگر هو ڪامياب ٿيو تہ ڪوڪوآنہ جي سرزمين تان ظلم ۽ جبر جو هميشہ هميشہ لاءِ خاتمو اچي ويندو."

مون گريز جي مطمئن چهرن طرف ڏٺو جن ۾ ايتري شجاعت ٽپڪي رهي هئي جو لڳو پئي تہ هاڻ انهن کي ديوتائين جي پرواهہ بہ ڪانہ هئي، مگر انهن جو تعداد اٽي ۾ لوڻ برابر بہ نہ هو ۽ مان سوچي رهيو هوس تہ ٽوالہ جي بيپناهہ لشڪر سامهون هنن جو ڪو هڪڙو سپاهي بہ مشڪل زندهہ بچي سگهي، ۽ شايد گريز کي بہ اهڙو يقين هو. پوءِ بہ انهن جي چهرن تي ڪنهن بہ ڊپ يا حراس جو ڪو نالو نشان ئي نہ هو. جنگ انهن لاءِ هڪڙي ٻاراڻي راند ۽ موت انهن لاءِ معمولي شي هو. مان ان وقت گريز جي بهادريءَ تي رشڪ ڪرڻ کان رهي نہ سگهيس.

"ڏسو! هي توهان جو بادشاهہ آهي" انفادوس اگنوسيءَ طرف اشارو ڪيو" اڄ هن لاءِ رت جي آخري ڦڙي تائين لڙي دنيا تي ثابت ڪري ڇڏيو تہ بهادر ڪهڙي طرح جنگ وڙهندا آهن. جيڪڏهن توهان مان ڪنهن جنگ کان منهن موڙيو تہ ياد رکجو ڪوڪوآنہ جو ٻچو ٻچو ان تي قيامت تائين لعنت ملامت ڪندو رهندو. اڳتي وڌو ۽ دشمن جا ڏند کٽا ڪري ڪيس ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيو. انڪوبو توهان سان هر قدم تي گڏ هوندو. تنهنڪري اهڙي جنگ وڙهي ڏيکاريو جو ڪوڪوآنہ جون مائرون پنهنجن ٻارن کي توهان جي بهادريءَ جا گيت ٻڌائينديون رهن. اڳتي وڌو ۽ ٽوالہ کي ٻڌائي ڇڏيو تہ فتح هميشہ حق جي ٿيندي آهي ۽ ناحق کي منهن واريءَ ڪاٽڻي پوندي آهي."

هڪدم سپاهين جي گروهہ مان اهڙي قسم جا آواز اچڻ لڳا جيئن ڏور ڪنهن سمنڊ جو آواز ايندو هجي، ڪيترائي نيزا بلند ٿيا، ڍالن جي ڪڙ ڪڙاهٽ ۽ شاهي سلام جي آواز سان آس پاس جون ٽڪريون لرزي اٿيون.

"انگوسي!" مون سوچيو" تون پنهنجي قسمت تي جيترو بہ ناز ڪرين سو گهٽ آهي، دنيا جي ڪنهن بہ بادشاهہ کي اهڙو لشڪر نہ مليو هوندو جيڪو پنهنجي بادشاهہ جي هڪڙي اشاري تي موت جي اٿاهہ تاريڪين ۾ ڪڏي ڪاهي پئي."

اگنوسيءَ پنهنجو نيزو بلند ڪيو ۽ گريز تي صفون ٺاهي اسان جي اڳيان وڌڻ لڳا. جڏهن انهن جي آخري صف اسان کان ڪي پنج سئو گز اڳتي وڌي ته اگنوسي مون کي ۽ پنهنجي دستي کي وٺي انهن جي پٺيان هليو. نااميدي ۽ خوف بريءَ طرح منهنجي دل ۾ پنهنجا چنبا کوڙي ڇڏيا هئا. خيالن جا گهوڙا منهنجي دماغ ۾ تيز ڊوڙندا ٿي رهيا ۽ منهنجي دل موت جي خوف کان اندر ئي اندر طوفان ۾ تيز ٿاريءَ جيان بري طرح لرزي رهي هئي.

جڏهن اسان ميدان جي ڪناري پهتاسين ته گريز جو دستو ڏاند جي زبان جهڙي چٽان تي اڌ تائين پهچي چڪو هو. ٽوالہ جي لشڪر ۾ هلچل متل هئي ۽ سپاهي بيتحاشا گريز جي مقابلي لاءِ اڳتي وڌندا ٿي رهيا.

گريز جو دستو مقرر جڳهه تي پهچي وڃي بيهي رهيو. جيڪا جڳهه تي سئو گز ويڪري ۽ چار يا پنج سئو قدم سوڙهي هئي. جتي پهچي گريز پنهنجي دستي کي وري ٻہ ٽن صفن ۾ ترتيب ڏنو ۽ پوءِ خاموشيءَ سان ٽوالہ جي لشڪر جو انتظار ڪرڻ لڳو. اسين گريز جي آخري صف کان ڪي ٻہ سئو گز پري پنهنجي مقرر جڳهہ تي وڃي بيٺاسين. جتان ڏٺم ته ٽوالہ جي فوج جنهن جو تعداد چاليهہ هزارن کان ڪنهن بہ ريت گهٽ نہ هوندو سو سمنڊ جي طوفاني لهرن جيان گريز ڏانهن وڌندو پئي آيو ۽ اهڙي جوش خروش سان وڌندو پئي آيو جو مون سمجهيو تہ اسان جي مٺ جيتري لشڪر کي ڪک پن وانگر لوڙهي الائي ڪٿي وڃي ڪيندو.

پر اهو ڏسي تہ چڙهائي انتهائي سوڙهي آهي ۽ سندن مقابلو ڪوڪوآنہ جي بهادر ترين قومي دستي گريز سان آهي تہ ٽوالہ جي لشڪر جو سيلاب رڪجي بيهي رهيو. هنن کي اڳتي وڌڻ جي همت ئي نہ پئي ٿي. ايتري ۾ ٽوالہ جي لشڪر مان هڪڙو لمبو شخص اٺ پکيءَ جي کنڀن جو تاج پاتل ٻاهر آيو. اهو ٽوالہ پاڻ هو. جنهن اشارو ڪيو تہ پهري صف نعرا هڻندي گريز طرف وڌڻ لڳي. ٽولاس بلند ٿيا ۽ هوءِ تيزيءَ سان گريز طرف وڌڻ لڳا. ليڪن انهن بهادرن کي بہ اطمينا نہ پئي ٿيو. تنهنڪري ٽوالہ جي پهرين صف اڳتي وڌي وڃي گريز تي ڪڙڪي. هٿيارن هلڻ جو آواز ائين گونجڻ لڳو جيئن گهنگهور گهٽائون گرجنديون هجن.

هزارين نيزا بلند ٿي انساني سمنڊ ۾ غوطا کائڻ لڳا. ڪنڌ ڪرڻ ۽ ڪونڌر ڪسڻ لڳا. رت ريلا ٿي وهڻ لڳو. " ڪرهہ هئي ڪانہ هو نظارو نينهن جو" جيان جنگ پوري زور شور سان جاري هئي. اوچتو گريز اگنوسي زنده باد اگنوسي زنده باد جا نعرا هڻندي ٽوالہ جي صفن تي ائين وڃي ڪڙڪيا جيئن عقاب پنهنجي شڪار تي ڪڙڪي ۽ ڏسندي ڏئي ڏسندي گريز ٽوالہ جي پهرين صف جو مڪمل صفايو ڪري ڇڏيو. گريز وري بہ اچي پنهنجي جاءِ تي خاموشي بيهي رهيا ۽ مون ڏٺو تہ هنري انهن وچ ۾ پيچ ڊڪ ۾ صفون ترتيب ڏئي رهيو هو. اگنوسي حڪم ڏنو تہ دشمن جي زخمي سپاهين سان ڪا بہ رعايت نہ ڪئي وڃي. ان جو اهو حڪم آفيسرن تائين پهچايو ويو. ٽوالہ جي ٻي صف پنهنجا نيزا ۽ ٽولاس لهرائيندي گريز طرف وڌي. گريز خاموش بيٺا انهن جي پيش قدميءَ کي ڏسندا رهيا.جڏهن اهي چاليهہ گزن جي فاصلي تي پهتا تہ گريز جي پهرين صف جنبش ۾ آئي. انهن نعرو هڻيو ۽ بکين شينهن وانگر دشمن تي

ڪڙڪي پيا. هڪ دفعو ٻيهر فضا هٿيارن جي جهنڪار ۽ بهادرن جي چيخ وَ پڪار سان گونجي اٿي. تواله جو هر سپاهي ديوانه وار لڙي رهيو هو. انهن هڪڙو ڀرپور حملو ڪيو پر گريز مضبوطيءَ سان ڄميا رهيا. دشمن جو هر سپاهي اڳتي وڌي پوري قوت سان گريز تي حملا ڪري رهيو هو. صفون درهم برهم ٿي ويون. ڪنهن کي پنهنجي پرائي جي ڪا خبر ئي نه رهي. هر سپاهي سامهون واري سپاهيءَ سان الجهيل هو. جنگ وڏي زور شور سان جاري هئي.

هڪ هڪ منٽ ۾ هزارين سپاهي ڪرندا ۽ مرندا رهيا. موت جو فرشتو وڏيءَ تيزيءَ سان پنهنجو ڪم سرانجام ڏئي رهيو هو. تواله جي فوج گڏجي هڪڙو ڀرپور حملو ڪيو. گريز قدم به قدم پوئتي هٽڻ لڳا. مون سمجهيو ته بس جنگ جو فيصلو اجهو ٿيڻ تي آهي.

گريز تمام تيزيءَ سان پوئتي هٽڻ شروع ڪيو. تواله جا سپاهي. بيرحميءَ سان انهن کي قتل ڪري رهيا هئا. جو اوچتو هنري جو گجندڙ آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ان نعرا هڻندي پنهنجو ڪهاڙو بلند ڪيو ۽ گريز جا اکڙيل قدم ڄمي ويا. هاڻ گريز وڌڻ ۽ دشمن هٽڻ شروع ڪيو. " ديوتائين جو قسم گريز وڏا بهادر آهن" اگنوسيءَ چيو" هن دفعي ميدان اسان جي هٿ رهندو."

۽ بلڪل هيءَ گريز پنهنجو پاڻ وساري، وجود جي ويڙهه وڙهي رهيا هئا. دشمن جا ڌڙ سسين کان ڌار ڪري رهيا هئا. انهن ڄڻ ته قسم کڻي ڇڏيو هو ته هُو اڄ نه وڙهيا ته ڪڏهن به نه وڙهندا.

گريز اهڙي ته بيجگريءَ سان وڙهيا جو انهن جو ڪافي تعداد وڙهندي وڙهندي مارجي مارجي ويو ۽ هوءَ باقي ڳڻڻ جيترا وڃي بچيا ۽ انهن ڳٽپ جيترن بهادرن هڪ دفعو ٻيهر پوري شدت سان حملو ڪيو ۽ ٿي لمحي تواله جو لشڪر پويان پير ڪري وٺي ڀڳو ۽ ڀڄندو ئي ويو. مون ڏٺو هنري صحيح سلامت هڪڙي ڇٽان تي بيٺو هو ۽ ان سان گڏ ان جو پوڙهو دوست انفادوس پڻ موجود هو.

هڪ دفعو جنگ وري رڪجي وئي.

مان ڀهرئين ئي اعتراف ڪري چڪو آهيان ته مان ٿورو بزدل آهيان ۽ جنگ وغيره کان ڀڄندڙ آهيان پر هينئر ڀهريون ڀيرو منهنجي دل ۾ جنگ لڙڻ جي شديد خواهش ڪر موڙي اٿي ۽ منهنجي دل جو نانگ انسانن جي قتل لاءِ پنهنجي ڦڻ ڪڍي جهولڻ لڳو. مون پنهنجي پنيان بيٺل سپاهين تي نظر وڌي، جيڪي وڏي بيچينيءَ ۽ ڪاوڙ مان ڏند ڪرٽي رهيا هئا. جن جو اکيون ان ڪتي وانگر چمڪي رهيون هيون. جنهن شڪار ته ڏسي ورتو هجي پر پاڻ زنجير ۾ ٻڌل هجي ۽ شڪار تائين پهچي نه سگهي.

" ڪاش مان به ايڏو دلير ۽ بهادر هجان ها" مان سوچڻ لڳس.

اگنوسي وڏي سڪون ۽ اطمينان سان بيٺو ميدان جنگ طرف ڏسي رهيو هو.

"اگنوسي!" آخر مون کان رهيو نه ٿيو " اڃان ڪيستائين هتي بيٺا پنهجن يائرن کي مرندي ڏسندا رهنداسين."

"هاڻ وقت اچي ويو آهي ميڪوميزن ته"......

اگنوسي اجان ڳالهہ پوري بہ نہ ڪئي جو اسان جي هڪ تازه دم دستي وڏي وڇي دشمن تي حملو ڪيو ۽ اسان بہ اڳتي وڌڻ لڳاسين. ان بعد جيڪي ڪجهہ ٿيو سو بس بيان ڪري ئي نٿو سگهان. بس ايترو سو ياد اٿم تہ ڀاري قدمن ڪان ڌرتي هڏڪيون ڪائي رهي هئي. ڪجهہ ئي دير ڪانپوءِ هٿيارن جي جهنڪار ۽ نيزن جي چريو ڪندڙ چمڪ منهنجي دماغ کي مائوف ڪري ڇڏيو.

جڏهن هوش حواس ۾ آيس تہ هنري وٽ ٻينو هوس، خبر ناهي تہ جنگ جي بلڪل وچ مان ڪئين بچي نڪتو هوس. بعد ۾ مون کي هنري ٻڌايو تہ جڏهن اسان دشمن تي حملو ڪيو تہ تون ان ريلي ۾ وهندو وهندو هيستائين اچي نڪتو هئين، ۽ جڏهن حملا ڪندا اسان جا سپاهي پوئتي هٽيا تہ تون بيوقوفن جيان اڪيلو ئي اتي ٻينو رهجي وئين. جتان هنري ڏسي مون کي واپس پنهنجي فوج طرف گهلي ويو.

جنگ ڪيڏي خوفناڪ هئي ۽ ڪيئن ٿي؟ اهو ٻڌائڻ ڪان مان قاصر آهيان، ڇو تہ ڦهرئين ئي مان هوش حواس وڃايو وينو هوس. بس ائين سمجهيو تہ اهڙي جنگ مون اڳ ۾ ڪڏهن بہ نہ ڏٺي هئي. هنريءَ جو ڪهاڙو هزارين جانين مان آرپار گذري قتل عام ڪري رهيو هو. دشمن جا سپاهي ان سامهون اهو چوندي هٽي ٿي ويا تہ " هيءَ جادوگر تہ مرڻ سگيو ئي ناهي"

ڪنهن کي هنريءَ سامهون اچڻ جي همت نہ پئي ٿي. دشمن تي سڪتو طاري هو. مگر ٻئي لمحي " ٽوالہ، او ٽوالہ" جو آواز بلند ٿيو ۽ ڪاٺو ٽوالہ لشڪر مان نڪري اچي اسان جي سامهون ٿيو.

"ڪٿي آهي اهو ذليل انڪوبو؟ جنهن منهنجي پٽ جي جان ورتي هئي" ٽوالہ ڇيو " مان بہ ڏسان تہ ڪيئن ٿو هو منهنجو مقابلو ڪري " ۽ ان پنهنجو ٽولاس گهمائي هنري طرف اڇلايو. هنري تڪڙ ۾ ڍال اڳيان ڪئي ۽ ٽولاس ٽڪرائجي زمين تي اچي ڪريو. ٽوالہ صفا ڇتو ٿي پيو ۽ اڳتي وڌي ڪهاڙي سان هنري تي وار ڪيو. هنري ڍال ڏني ليڪن ٽوالہ ايڏي تہ قوت سان وار ڪيو هو جو هنريءَ جهڙو قداور مڙس بہ گوڏن ڀر زمين تي وڃي ڪريو. ٽوالہ خوشيءَ مان هڪلون ڪندي ٻئي وار لاءِ هنري ڏانهن وڌيو. مون ڊپ مان پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون. اچانڪ ٽوالہ جي لشڪر جي ساڄي ۽ کاٻي حصي ۾ شور بلند ٿيڻ شروع ٿيو. اسان جي انهن دوستن جن سان گڏ گڏ هو ٻنهي طرفن ڪان ٽوالہ جي فوجين تي حملو ڪري ڏنو هو. ان اوچتي خطرناڪ حملي ٽوالہ جي سپاهين جا قدم اکوڙي ڇڏيا ۽ هوءَ شڪست ڪائي بي ترتيبيءَ سان "لو" طرف وٺي ڀڳا. ٽوالہ بہ هنري کي ڇڏي وٺي ڀڳو.

ميدان خالي هو اسان جي آس پاس خاڪ ۽ خون ۾ ليٿڙيل لاش ٽڙيا پکڙيا پيا هئا. گريز جا باقي نوي سپاهي وڃي بچيا هئا. باقي سڀ پنهنجي بادشاهہ تان قربان ٿي ويا هئا.

"دوستو! ڪاميابي جو سهرو توهان جي سرتي آهي". انفادوس پنهنجو پٽي ٻڌل زخمي هٿ مٿي ڪري بچيل سچيل گريز کي چيو. " قيامت تائين مائرون پنهنجن ٻچن کي توهان جي بهادريءَ جا قصا ٻڌائينديون رهنديون". پوءِ وڏي اعتماد سان هنري جي هٿ تي چمي ڏني. " انڪوبو! توجهڙو بهادر شخص مون کي روءِ زمين تي نٿو سجهي."

اگنوسي پنهنجي دستي سميت ٽوالہ جي تعاقب ۾ “ لو” طرف ويل هو. جتان ان پيغام موڪليو تہ هنري ۽ انفادوس فوراً ان وٽ پهچن جيئن ٽوالہ کي گرفتار ڪري ڪاميابيءَ جي تڪميل ڪئي وڃي. اوڏهان وڃڻ لاءِ اڃان اسان هڪڙو قدم ئي مس کڻيو هو جو ٻہ سپاهي گڏ ڪي.... نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ کڻيو اسان طرف ايندا نظر آيا. گڏ بانس جي ٺهيل هڪڙي اسٽريچر تي ليٽيل هو ۽ ان سان گڏ هڪ سپاهيءَ جو لاش بہ رکيو هو.

“لڳي ٿو تہ گڏ زخمي ٿي پيو آهي” هنري چيو.

اوچتو ڪجھ لُڏيو. گڏ سان گڏ ستل سپاهي جنهن کي اسان مرده سمجهيو ويٺا هئاسين ، سو اٿيو ۽ گڏ تي پنهنجي نيزي سان وار ڪرڻ لڳو مان ۽ هنري گجگوڙ ڪري ان ڏانهن وڌياسين. ان سپاهيءَ گڏ تي آخري وار ڪري چيو “ ڪٺو پنهنجي سفيد جادوگر کي” ۽ وٺي ڀڳو. اسان کي پڪ ٿي وئي تہ اسان جو عزيز دوست ويچارو هلي پيو. پر اتي پهچي ڏٺوسين تہ هو مسڪرائي رهيو هو ۽ هڪ چشمي عينڪ بدستور سندس اک سان جهٽيل هئي .

“ٽوالہ جي ڏنل زرهہ بچائي ورتو نہ تہ هُو نالائق مون کي ڪڏهوڪو ماري چڪو هو.”

ايترو چئي گڏ بيهوش ٿي ويو. گڏ جي هڪڙي پير تي گهرو زخم رسيو هو. پر ان وقت اسان ڪجھ بہ نہ ٿي ڪري سگهياسين. تنهنڪري ٻن سپاهين کي چيوسين تہ گڏ کي اسان سان گڏ کڻي هلو....

اسان گنوسيءَ سان وڃي ملياسين ۽ “ لو” طرف وڌڻ لڳاسين. “ لو” جي صدر دروازي تي اسان جي جانثار سپاهين جو پهرو بيٺل هو. انهن ٻڌايو تہ ٽوالہ جي ساري فوج “ لو” ۾ئي مقيم آهي.

اگنوسي فوراً پنهنجي بادشاهہ هجڻ جو اعلان ڪندي, پڙهو گهمايو تہ جيڪو بہ سپاهي هٿيار ڦٽا ڪندو ان جي جان بخشي ويندي. ان پڙهي جو خاطرخواهہ اثر ٿيو. فوراً خندق تي پل لڳائي وئي ۽ اسين “لو” ۾ داخل ٿياسين.

مغرور سپاهي رستن جي ٻنهي طرفن کان هٿ ٻڌيو بيٺا هئا. انهن جا هٿيار انهن جي قدمن ۾ ڍير لڳا پيا هئا. انهن جي وچان گذرندا اسان ان ميدان تي پهتاسين جتي اسان ڏاڪڻين جو خوني رقص ڏٺو هو. ميدان بلڪل خالي پيو هو. جنهن جي آخري ڇيڙي تي ٽوالہ گگول سان گڏ ويٺو هو ۽ سندس پيرن ۾ ان جي ڍال ۽ جنگي ڪهاڙو پيو هو.

هي منظر ڏاڍو عبرت ناڪ هو. اهو ٽوالہ جنهن جي نالي کان هتان جي ڪائنات ڪنبي ويندي هئي. جيڪو هزارين عورتن جو اڪيلو خاوند هو. جيڪو پاڻ کي ڪوڪوآنہ جو خدا سمجهندو هو سو بي يارو مددگار ويٺو هو. ان جون زالون بہ ان کي اڪيلو ڇڏي الائي تہ ڪيڏهان منهن ڪري ڀڄي ويون هيون. سارو لشڪر اگنوسيءَ سان ملي ويو هو. ان وقت اگر ڪو ان سان گڏ هو تہ صرف اها ڪراڙي ڏائڻ گگول ئي هئي.

انهيءَ ڪان پنجاهه گز پري اسان جو دستو اچي رڪيو. اسان چند جانثار سپاهين سان گڏجي ٽوالہ طرف وڌياسين. گگول چيريندڙ ڦاڙيندڙ نگاهن سان اسان ڏانهن ڏٺو. ٽوالہ پنهنجون غمگين نگاهون پنهنجي ڪامياب دشمن اگنوسيءَ تي ڄمائي ڇڏيون.

“سلام اي بادشاهہ! ٽوالہ چيو ” تون جيڪو منهنجي ٽڪرن تي پليئن. تون جيڪو ڪنهن زماني ۾ منهنجي رحم ڪرم تي هئين. اڄ هنن سفيد جادوگرن جي مدد سان ڪوڪوآنہ جو بادشاهہ بڻيو آهين. ٻڌاءِ تون مون ڪان ڪهڙي ڳالهہ جو بدلو وٺڻ ٿو چاهين.

ٻڌاءِ ڇا جو انتقام ٿو وٺين؟.”

پنهنجي شهيد والد جو جنهن کي تو دوکي سان قتل ڪيو هو. جنهن جي ملڪ تي تون اڄ ڏينهن تائين حڪومت ڪندو رهيو آهين”. اگنوسي جواب ڏنو.

“ڏاڍو سنو. مان توکي ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ بهادر ۽ جنگجو جرنيل ڪيئن پنهنجي جان ڏيندا آهن. جو جيڪڏهن سپاڻ توتي بہ ڪو اهڙو وقت اچي تہ تون بہ بهادريءَ سان جان ڏئي سگهين. ڏس سج لهي رهيو آهي”. هن لهندڙ سج ڏانهن اشارو ڪندي چيو ” مان چاهيان ٿو تہ منهنجي زندگيءَ جو سج بہ ان سان گڏ ئي لهي وڃي. مان مرڻ لاءِ تيار آهيان. ليڪن ڪوڪوآنہ جي شاهي روايت برقرار رکڻ لاءِ وڙهندي وڙهندي هڪ بهادر جرنيل جيان جان ڏيڻ ٿو چاهيان. ڪنهن ٻڪر جهڙو موت مرڻ نٿو چاهيان. جيڪو ڪسڻ مهل ڪا ٻيڪ بہ نہ ڪري سگهندو آهي. تنهنڪري تون منهنجي آخري خواهش کي نہ ٺڪرائجان نہ تہ اهي بزدل جيڪي اڄ ميدان جنگ مان شڪست کائي ڀڄا آهن سي بہ توتي لعنت ملامت ڪندا رهندا، ۽ تنهنجي انهيءَ بزدليءَ جون ڳالهيون ڪيئي سال پيا ڳائيندا.

“مون کي منظور آهي، پر تون ڪنهن سان لڙڻ ٿو چاهين؟. مون سان؟ پر مان توسان لڙي نٿو سگهان ڇو تہ بادشاهہ صرف ميدان جنگ ۾ ئي پنهنجي بهادريءَ جا جوهر ڏيکاري سگهندا آهن. جنهن ڳالهہ کان تون پاڻ بہ بخوبي واقف آهين”.

ٽوالہ پنهنجي اڪيلي اک اسان طرف گهمائي ۽ مان ڊڄڻ لڳس تہ ڪٿي مون کي نہ مقابلي لاءِ چيلينج ڪري.

“انڪوبو! جنهن جنگ جي شروعات مون ۽ توڪئي هئي. اڄ تہ ان جو فيصلو بہ ڪري وٺون. يا تون بہ بزدل ٿي وئين؟” ٽوالہ چيو.

“نہ تون انڪوبو سان نٿو لڙي سگهين” اگنوسيءَ چيو.

“ها، جيڪڏهن هو پاڻ ان ڳالهہ جو اقرار ڪري تہ هو بہ مون کان خوفزدهہ آهي تہ پوءِ مان پاڻ ڪنهن ٻئي بهادر ماڻهو کي مقابلي لاءِ چونڊي وٺندس.”

بدقسمي سان هنري ٽوالہ جي ڳالهہ سمجهي ورتي ۽ ان جي اکين ۾ جنسي رت لهي آيو.

“مان ئي توسان وڙهندس”. هنري گر جندي چيو ” ۽ توتي ثابت ڪندس تہ مان بزدل ناهيان”.

"خدا کي مڃ، پنهنجي جان جو دشمن نہ ٿيءَ هنري!" مون التجا ڪئي تہ اڄ جنهن بہ توکي جنگ ڪندي ڏٺو آهي سو ڪنهن بہ صورت ۾ توکي بزدليءَ جو طعنو نہ ڏيندو."

"نہ مان ئي تواله سان لڙندس". هنري چيو " هيءَ مون کي بزدليءَ جو طعنو نٿو ڏئي سگهي."

هنري اڳتي وڌي پنهنجو ڪهاڙو بلند ڪيو.

" منهنجا ياءَ، تون هن وقت ڏاڍو ٿڪل آهين، تنهنڪري پنهنجي ارادي کان باز اچ، اگر تون ماريو وئين تہ مون کي سچي زندگي قرار نہ ايندو". اگنوسي چيو.

"نہ هاڻ ڪجھ بہ نہ چئو اگنوسي"!

"چڱو ڀلا منهنجا بهادر دوست، خدا ڪندو تہ پنهنجي آخري دشمن کي دسي سوپارو ٿيندين، تواله اٿ، منهنجو ساٿي تيار آهي."

تواله خوفناڪ ٽهڪ ڏيندو اٿيو. ٻنهي پنهنجي دشمن جو نظرن ئي نظرن ۾ جائزو ورتو ۽ اوچتو هنري اڇل ڪائي پنهنجي ڪهاڙي سان تواله تي ڀرپور وار ڪيو. تواله اڇل ڪائي هڪ طرف ٿي ويو ۽ هنري جو وار خالي ويو ۽ ڪهاڙو زمين تي وڃي لڳو ۽ هنري پاڻ نہ سنڀاليندي اڳتي جهڪي پيو. تواله موقعي جو فائدو وٺندي ڪهاڙو بلند ڪيو ۽ زور سان رڙ ڪري پنهنجو ڪهاڙو ڪٽي پوريءَ طاقت سان هنريءَ جي گردن ڏانهن وڌيو. منهنجي دل اڇل ڪائي وئي ۽ اکيون پورجي ويون. هنري ڍال سامهون ڏني ۽ هڪڙو "تڙاخ" جو آواز آيو ۽ ڍال جو ڪنارو صاف اڌري ويو ۽ تواله جو ڪهاڙو ٽڪرائجندو وڃي هنري جي ڪنڌ تي پيو مگر ان جو زور ختم ٿي چڪو هو. ان ڪري هنري کي ڪو بہ زخم نہ رسيو. هنريءَ کي پاڻ سنڀالڻ جو موقعو نہ ڏيندي تواله لاڳيتو ٻيو وار ڪيو. ان وار کي بہ هنري ڍال سان رنڊائي ڇڏيو. هاڻ تہ تواله صفا چتو ٿي پيو ۽ وار مٿان وار ڪندو رهيو.

اسان جو دستو جيڪو پري بيهي جنگ جو تماشو ڏسي رهيو هو سو اڳتي وڌيو. هر سپاهي اوچي آواز سان دانهون ڪرڻ لڳو. گڊ منهنجي پرسان بيهوش پيو هو. ان کي هوش آيو تہ ان ڪنڌ ڪٽي ڏٺو تہ هي وري ڇا جو شور آهي ۽ جڏهن ان کي معاملو سمجھ ۾ آيو تہ هو اٿيو ۽ پنهنجي منڊي ٽنگ گهليندو، هيڏهان هوڏهان ڦرندو، هنري کي هدايتون ڏيڻ لڳو.

"ها، ائين نہ. ٿورو پوئتي هٽ، اڇل ڪائي وار ڪر. او، ائين نہ يار، بہ قدم اڳتي وڌ. ها ائين، اڙي اها ڪهڙي سستي پيو ڏيکارين.. "گڊ هدايتون ڏيندو پاڻ بہ داءَ پيچ ڪائيندو رهيو.

هنري ٻيڻو ٿي پوري قوت سان وار ڪيو. تواله ڍال سامهون ڏني، هنري جو ڪهاڙو ڍال کي چيريندو وڃي تواله جي ساڄي ڪلهي تي لڳو ۽ زره کي ڪٽيندو وڃي تواله جا هڏا ڀڳا. تڪليف کان تواله وڏي رنڀ ڪئي ۽ ڦري هنري تي ڪهاڙي جو وار ڪيو جيڪو هنري جي ڇهري کي بريءَ طرح زخمي ڪندو هيٺ وڏي وڃي هنري جي ڪهاڙي سان ٽڪرايو ۽ هنري جي ڪهاڙي جو ڳن ٽوڙيندو هليو ويو. آس پاس بيٺل سپاهين جي مجموعي مان دانهون نڪري ويون، ۽ مون پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون تہ جيئن هنري کي مرندو نہ ڏسي سگهان. "تڙاخ" جي آواز تي ڇرڪ ڀري اکيون کولي ڏٺم تہ هنري جي ڍال بہ ڪيترائي فوٽ پري پئي هئي ۽ هو ڪلنڌڙ تواله سامهون بيٺو هو. تواله خوشيءَ مان رڙ ڪري پنهنجو ڪهاڙو

اپو هنري طرف وڌيو ۽ هنري جهڪي تواله جي چيلهه ۾ وجهي ڪ وڌو. هاڻ ٻئي هٿو هٿ وڙهندا زمين تي وڃي پيا. ٻئي پنهنجي دشمن کي ختم ڪرڻ جي سرتوڙ ڪوشش ڪرڻ لڳا. تواله پنهنجي ڪهاڙي سان هنري جو گردن اڏائڻ ٿي چاهيو ۽ هنري پنهنجو تولاس تواله جي سيني ۾ لاهڻ ٿي چاهيو.

" هنري! ان کان ڪهاڙو کسي وٺ" گڊ رڙ ڪندي هدايت ڏني.

هنري تولاس اڇلي ڪهاڙو پڪڙي ورتو پر اهو چمڙي جي پٽي ۾ تواله جي ڪارائيءَ سان ٻڌل هو. ٻئي وري وحشي ٻلين وانگر هڪٻئي کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ چنبڙيو ويا. ٻئي ڪهاڙي کي پاڻ طرف ڇڪي رهيا هئا. ايتري ۾ چمڙي جي پٽي ٽٽي وئي ۽ ڪهاڙو هنري جي قبضي ۾ اچي ويو. هنري پنهنجو پاڻ کي تواله جي گرفت مان آزاد ڪرائيندي اٿي بيٺو. تواله پنهنجي چيلهه واري تولاس سان هنري تي وار ڪيو. ليڪن اهو زره سان لڳي ڪري پيو. تواله وحشي طريقي سان رڙ ڪندي هنريءَ تي وار ڪيو. تولاس هنري جي سيني واري زره تي اچي لڳو. جنهن جي ڌڪي کان ڇرڪ ڀري هنري ڪيترائي قدم پوئتي هٽي ويو. تواله وري ان طرف وڌيو ان عرصي ۾ هنري پاڻ سنڀالي چڪو هو. هنري هڪ طرف هٽي ڪهاڙو بلند ڪيو ۽ اک ڇنڀ ۾ تواله جي سسي پرٽاٽ ڪندي وڃي اگنوسي جي قدمن وٽ ڪري. ڌڙ ڪجهه پل بيٺو رهيو ۽ پوءِ ڪنهن ڪرنڌڙ وڻ وانگر ڦهڪو ڪري وڃي پٽ تي پيو. ڪٽيل ڌڙ مان رت ڦوهارا ڪندو وهڻ لڳو. هنري جي ڇهري جي زخم ڪري رت ڪجهه زياده وهي چڪو هو. تنهنڪري ان تي به غشي طاري تي وئي ۽ هو به تواله جي ڌڙ جي ويجهو وڃي بيهوش ٿي ڪريو.

سپاهي هنري جي چوڌاري جمع ٿي ڪيس منهن تي پاڻي جا ڇنڊا هڻڻ لڳا. ڪجهه ئي دير ۾ هنري اکيون کوليون، هو زنده هو. مون وڏي وجهي تواله جي پيشاني تان چمڪندڙ هيرو لاٿو.

"هيءَ وٺ اگنوسي! هن کي پنهنجي پيشانيءَ تي ٻڌي ڇڏ" مون هيرو اگنوسيءَ کي ڏيندي چيو"اڄ کان تون ڪوڪوآنه جو بادشاهه آهين."

اگنوسي هيرو وٺي پنهنجي پيشانيءَ تي ٻڌو ۽ پوءِ اڳتي وڌي پنهنجو هڪ پير تواله جي ويڪري ڇاتيءَ تي رکيو. ڪجهه دير ڪنڌ جهڪائي بيٺو رهيو ۽ پوءِ چوڻ شروع ڪيائين ته:

"ڪوڪوآنه جا ماڻهوئو ٻڌو! هاڻ منهنجو زمانو شروع ٿي چڪو آهي، هن ڌرتيءَ تان هاڻ ظالم ۽ جبر جا قدم اکڙجي چڪا آهن. فتح هميشه جيان حق جي ئي ٿي آهي ۽ باطل منهن واري کائي هميشه لاءِ فنا ٿي چڪو آهي.

صبح سويري بهادرن اٿي پنهنجو پاڻ کي جهنجهوڙيو. هٿيار کڻيا ۽ حق جي حمايت ۾ آماده ٿي نڪري پيا.

باطل به اٿيو ۽ ان جا پرستار هزارن جي تعداد ۾ ماڪوڙين جيان ٻرن مان نڪري زمين تي پکڙجي ويا، ۽ پنهنجا نيزا هلائيندا مغرورانه بڪواز ڪندا منهنجي مقابلي لاءِ پهتا. ليڪن اهي ظالم هئا. ظلم دير پا ۽ هميشه لاءِ رهڻ وارو ناهي هوندو. اهي ظالم منهنجي مقابلي لاءِ نڪتا ۽ منهنجي هڪڙي معمولي

ڦوڪ انهن جي دلين مان غرور جو ڏيئو هميشه لاءِ وسائي ڇڏيو. منهنجي نيزي جي وڄُ انهن جي سرن تي چمڪي ۽ ظالم خاڪ ۽ خون ۾ ليٽڙجڻ لڳا.

منهنجن بهادر دوستن پنهنجي هٿيارن جو پاڻي دشمن جي سينن تي آزمايو آهي ۽ ظلم منهن پر زمين تي اونڌو ڪريو پيو آهي، ۽ سمجهي ڇڏيو ته اڄ باطل کي هميشه هميشه لاءِ شڪست اچي وئي آهي.

ڪٿي آهن اهي مغرور انسان جيڪي خون جي هولي کيڏندا هئا ۽ انساني کوپڙين جا مينار جوڙائيندا هئا؟ ڪٿي آهن اهي حوس جا پوڄاري جن جون ڪيئي هزار زالون هونديون هيون؟ ڪٿي آهن اهي جن جا ڪنڌ آڪڙ ۽ غرور مان اپا ٿيل هوندا هئا؟ ڪٿي آهن اهي عيش پرست جيڪي هر صبح پنهنجي حوس جي تڪميل لاءِ نوان شڪار تلاشيندا هئا؟

اڄ انهن جا لاش بي گورو ڪفن پيا آهن. سمجهي ڇڏيو ته ظالمن ۽ مغرورن جو اهڙو ئي انجام ٿيندو آهي. ڪٿي آهي اهو ٽوالہ جيڪو پاڻ کي جبار ۽ قهار سڏائيندو هو؟ جيڪو پنهنجن بيشمار راڻين تي ناز ڪندو هو؟ جنهن جي هڪڙي اک هئي. جنهن جي دل به پنهنجي چمڙيءَ جهڙي ڪاري هئي. ڪٿي آهي اهو ٽوالہ جيڪو اڄان اڄ صبح تائين به ڪوڪوآنہ جو خدا وند هوندو هو؟

ڏسو! ان جو سر منهنجي قدمن ۾ پيو آهي.

۽ اڄ مان توهان جو بادشاهہ آهيان.“

اگنوسي خاموش ٿيو ته ڪيترائي آواز گڏوگڏ نعرا هڻڻ لڳا ته :

”اگنوسي بادشاهہ زنده باد“

”ڪوڪوآنہ جو بادشاهہ زنده باد“

”ڪوڪوآنہ جو اگنوسي بادشاهہ زنده باد“....

# گڊ جي بي چاڪائي

صاحب ڏي شفا، ميان مريضن کي

گڊ ۽ هنري کي ڪٽي وچي ٿوالہ جي جهوپڙيءَ ۾ ليٽايوسين. ٽڪاوت ۽ زخمن مان خون وهي وڃڻ ڪري ٻئي ڇٽا بيحال لڳا پيا هئا. منهنجي حالت ڪجهہ قدر بهتر هئي، جو مون کي ڪوئي زخم نہ آيو هو نہ وري مون جنگ وڙهي هئي، پر سڄو ڏينهن بينو رهڻ ڪري مننجو اهو پير سور ۾ ونجي ويو هو جنهن کي ڪڏهن شينهن بري طرح چباڙيو هو. جنهن جو ذڪر مان پهريائين ڪنهن باب ۾ ڪري چڪو آهيان.

توهان کي ياد هوندو تہ ميدان ۾ ڪنهن نالائق منهنجي سرَ تي ضرب هڻي هئي تنهن ڪري اجان تائين بہ منهنجو دماغ جاءِ نہ هو اسان ٽنهي مان هر ڪو ڪنهن نہ ڪنهن درد ۾ مبتلا هو مگر جڏهن اهو خيال ٿي آيو تہ هن خوفناڪ جنگ مان صحيح سلامت بچي نڪري آيا آهيون تہ هيءَ سيئي تڪليفون معمولي ٿي لڳيون.

فلاويٽا وڏي هوشياريءَ سان خاص طور تي گڊ جي تيمارداريءَ ۾ مصروف هئي. مون ۽ فلاويٽا گڏجي گڊ ۽ هنري جو زرهون لاٿيون، جسمن تي بظاهر تہ ڪنهن بہ زخم جو ڪو نشان نہ هون باقي گوشت بريءَ طرح ڦسي پيو هون. توهان تہ ڄاڻو ٿا تہ اهي اندروني چوٽون ڪيڏيون نہ تڪليف واريون هونديون آهن.

فلاويٽا پڄي وڃي ڪنهن وڻ مان ساوا پن پٽي آئي، جنهن جي بوءِ سان دماغ ونجو پئي ويو. انهن پنن کي پاٽيءَ ۾ اُٻاري فلاويٽا انهن جو پلاستر ٺاهي اسان جي جسمن تي هڻي ڇڏيو.

جنهن ڪري مان تہ روحاني آرام ۽ سڪون محسوس ڪرڻ کان رهي نہ سگهيس.

ليڪن گڊ ۽ هنري جا زخم گهرا هئا. گڊ جي ران تي غار جهڙو زخم رسيو هو جنهن مان ڪيترو ئي رت وهي چڪو هو ۽ هنري جي ڇهري تي ٿوالہ جي ڪهاڙي جو گهرو زخم رسيو هو.

مان اڳ ۾ ئي ٻڌائي چڪو آهيان تہ گڊ ڪجهہ ڊاڪٽري بہ ڄاڻندو هو. جنهن وڏي مهارت ۽ ڪاريگريءَ سان پنهنجي ۽ هنري جي زخم کي ڌوئي صاف ڪيو ۽ پوءِ پنهنجي چمڙي جي ٿيلهي مان ڪوئي پائوڊر ڪڍي زخمن تي ڇٽڪيو ۽ پوءِ مون ۽ فلاويٽا گڏجي زخمن تي پٽي ٻڌي ڇڏي. ڪوڪوآنہ ۾ ڪپڙي جو استعمال اجان شروع نہ ٿيو آهي، تنهنڪري اسان پٽيءَ لاءِ پنهنجا رومال ڪم آندا.

ٿوالہ جي ڪمري ۾ تمام نرم ۽ ملائم ڪلون وڇايل هيون ۽ اهو ٿوالہ جو خاص ڪمرو هو. اسان پنهنجي ٿڪل جسمن کي انهن ڪلن تي سمهاري ڇڏيو. اهي ڪلون ان وقت ايراني قالعينن کان بہ وڌيڪ آرام ده لڳي رهيون هيون. ”لو“ جي ساري فضا جنگ ۾ مارجي ويلن جي سوڳ ۾ ورتل هئي. پٽن، پائرن ۽ مڙسن جي قتل تي ماتم ڪندڙ عورتون وڏيون اوڇنگارون ڏئي روئي رهيون هيون. شايد ئي ڪو گهر اهڙو هجي جتان اهو آواز نہ ايندو هجي. آڌي رات ڌاري اهو روج راڙو ڪجهہ قدر گهٽيو پر مڪمل ختم نہ ٿيو هو اجان بہ هڪڙو سنهڙو ۽ بيزار ڪندڙ آواز اچي رهيو هو. جيڪو اهڙي آهہ زاري ڪري رهيو هو. اهو گگول جو آواز هو جيڪا پنهنجي لاڏلي ٿوالہ تي روئي رڙي ماتم ڪري رهي هئي.

اڌ رات ڪانپوءِ مان ڊيڄاريندڙ خواب مان ڇرڪ ڀري اٿيس. جنگ ۾ ماريل ماڻهن جا رت ۾ لت پت جسم منهنجي چوڌاري رقص ڪري، مون کي پنهنجن نيزن جي نوڪن سان ڇهندا ٿي رهيا ۽ پوءِ ڪٽان ٽوالہ جو سسيءَ لٽل لاش، کهاڙو اپو ڪيو دانهون ڪندو مون ڏانهن ڀڄندو ٿي آيو جو هڪدم منهنجي اک کلي وئي هئي. بس ائين ئي رات ڪٽجي وئي.

صبح جو اٿي ڏٺم تہ منهنجي ٻنهي ساٿين جي حالت تشويش ناڪ هئي. گڊ کي تيز بخار چڙهي ويو هو ۽ ڪنهن اندروني چوٽ جي ڪري ڪيس الٽي ۾ رت اچي رهيو هو. هنريءَ جي حالت گڊ کان ڪجهہ بهتر هئي. ڇهري جي زخم جي ڪري هو کلي يا ڳالهائي تہ نہ پئي سگهيو پر اميد هئي تہ هو جلد ٺيڪ ٿي ويندو ۽ سندس زخم ڇٽي ويندو.

تقريباً ائين وڳي انفادوس بہ آيو ان جي حالت بہ خستا هئي. مگر هي ڪراڙو جرنيل سيئي درد وڏي بهادريءَ سان برداشت ڪري رهيو هو. مان محسوس ڪندو هوس تہ انفادوس هنريءَ سان ڪجهہ اهڙي طرح سان مخاطب ٿيندو هو جيئن ان جو وجود انسانن کان وڌيڪ ڪو ما فوق الفطرت هجي. پوءِ مون کي خبر پئي تہ ڪوڪوآنہ جا سپئي ماڻهو هنريءَ کي ڪو اوتار سمجهي رهيا هئا. ان جي بهادريءَ جا داستان گهر گهر دهرائجي رهيا هئا. هنن جو خيال هو تہ ڪوبہ فاني انسان سڄو ڏينهن مسلسل جنگ وڙهڻ ڪانپوءِ ٽوالہ جهڙي زبردست پهلوان شخص کي ماري ئي نٿو سگهي سواءِ انڪوبو جي جنهن جي هڪ ئي وار ٽوالہ جي گردن اڏائي ڇڏي هئي. " انڪوبو جو اهو وار" ڪوڪوآنہ ۾ مثالي اهميت اختيار ڪري چڪو هو.

انفادوس اسان کي ٻڌايو تہ ٽوالہ جي سڄي لشڪر اگنوسيءَ کي پنهنجو بادشاهہ تسليم ڪري ورتو آهي.

ٽوالہ جا سردار ۽ امير گروهن ۾ اچي اگنوسيءَ جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڏڙاڏڙ اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جا حلف کڻي رهيا هئا. ٽوالہ جو صرف اڪيلو ئي پٽ سڪارگا هو جيڪو بہ مارجي چڪو آهي تنهنڪري هاڻ ڪنهن بہ بغاوت جو ڪو خدشو ناهي.

"اگنوسيءَ تخت تہ حاصل ڪري ورتو پر وڏي خون خرابي ڪانپوءِ" مون چيو.

"ڪوڪوآنہ جا بهادر رت جون نديون ڏسي ئي تہ زير ٿي سگهن ٿا منهنجا آقا!" انفادوس چيو

"جيترا سپاهي مارجي ويا آهن، ايترا ئي نوان پيدا ٿيندا، ۽ هاڻ ملڪ ۾ امن امان قائم ٿيندو.

اگنوسي اسان سان ملڻ آيو. ان جي پيشانيءَ تي بادشاهت جو نشان هيرو چمڪي رهيو هو. ساڻس چار محافظ سپاهي گڏ هئا. مون کي اهو وقت ياد اچڻ لڳو جڏهن اگنوسيءَ امبوپا جي فرضي نالي سان اسان جي ملازمت ۾ داخل ٿيو هو ۽ هڪ زرخريد غلام جيان اسان جو هر حڪم بجا آڻيندو هو.

"خوش آمديد شاهہ ڪوڪوآنہ، پلي ڪري آيا بادشاهہ سلامت!" مون سندس آڌر ڀاءُ ڪندي چيو.

"ها، ميڪوميزن! اهو توهان ٽنهي دوستن جي گڏيل ڪاوشن جو نتيجو آهي جو مان اڄ بادشاهہ بڻيو آهيان."

"اهو سڀ ڪجهہ تہ ٺيڪ، پر توهان گگول جي باري ۾ ڇا سوچيو آهي؟"

“اها شيطان جي ناني آهي، ان کي سندس شاگرديائڻين سميت قتل ڪرائي ڇڏيندس، پر ڪنهن کي به خبر ناهي ته گگول جي عمر ڪيتري آهي. هن ملڪ ۾ اهڙو ڪو به ماڻهو ناهي جنهن گگول کي جوان ڏٺو هجي. اهي پير مرد ۽ بزرگ جن جي عمر سئو سال کان به ٽپيل آهي سي چون ٿا ته انهن به انهيءَ ڪک گگول کي اهڙي ئي ڪراڙي ڏٺو آهي. ليڪن ان کي قتل ڪرائي ڇڏيندس. ان ئي ڏائڻ جي ڪري ڪوڪوآنه تي ڪيترين ئي مصيبتون نازل ٿينديون رهيون آهن”.

“توهان ٺيڪ ٿا چئو ليڪن گگول گهڻو ڪجهه ڄاڻي ٿي. ان جي علم ۾ جيترا به راز آهن سي ڪير ستن پيڙهين تائين به نٿو حاصل ڪري سگهي.”

“ اها ڳالهه به ٺيڪ آهي جو گگول ئي اهڙي عورت آهي جيڪا انهن ٽن پهاڙن( جن کي اسين ٽي ڏائڻيون ٿا سڏيون ) جي سيني رازن کان اڪيلي ئي واقف آهي. اتي هڪ غار ۾ اسان جا مردا رکيا ويندا آهن، ان جڳهه تي ٽي خاموش ديوتا ويٺل آهن”.

“۽ اتي خزانو به آهي” مون ٽڪڙ ۾ چئي ڇڏيو “ اگنوسي! پنهنجو واعدو نه وسارجان جيئن به ٿي سگهي، تون اسان کي ان خزاني تائين پهچائجانءَ، ان لاءِ توکي گگول جي حياتي ئي ڇو نه بخشڻي پوي.”

“ميڪوميزن! مون پنهنجو واعدو وساريو ناهي.”

اگنوسيءَ جي وڃڻ بعد مان گڊ جي مزاج پرسيءَ لاءِ ويس جنهن جي حالت خراب هئي. بخار صفا وڌي ويو هوس ۽ زخم جي چوڌاري سوڄ ٿي پئي هيس ۽ پاڻ بيهوش پيو هو. ان جي ساهه جي تند پنجن ڏينهن تائين موت ۽ حياتيءَ جي وچ ۾ لٽڪندي رهي. جيڪڏهن فلاويٽا ان جي ايڏي تيمارداري نه ڪري ها ته شايد بچي به نه سگهي ها.

عورت نيٺ به عورت آهي، پوءِ اها ڪٿان جي به هجي، ڪهڙي رنگ، نسل جي به هجي پر قدرت ان جي سيني ۾ اهڙِي ته دل پيدا ڪئي آهي، جو ڪنهن غير کي به تڪليف ۾ ڏسي ان کي رحم اچيو وڃي. فلاويٽا ڪنهن هوشِيار نرس جيان ان جي نگهداشت ڪري رهي هئي.

هڪ اڌ ڏينهن مون به فلاويٽا سان گڏجي گڊ جي خدمت ۾ هٿ ونڊائڻ جي ڪوشش ڪئي پر ان اهو چئي مون کي روڪي ڇڏيو ته تنهنجي کهُرن هٿن ۽ نا تجربيڪاري جي ڪري گڊ جي آرام ۾ خلل ٿو پوي. ڪنهن حد تائين ان جو اهو چوڻ صحيح به هو. گڊ جي بيچاڪائي ۽ فلاويٽا جي خدمت جو پورو نظارو ان وقت منهنجي اکين اڳيان گذرڻ لڳو. اڌ رات جو گڊ چنگهندي پاسا ورائي رهيو هو ۽ ان جي پرسان ويٺل فلاويٽا پنل اکين سان کيس ڏسي رهي هئي. ان جو وس پڄي ها ته هوند ان جي ساري تڪليف پنهنجي سر تي پاڻ برداشت ڪري ها. هوءَ هر هر وڏيءَ محبت سان گڊ جي وارن ۾ پنهنجوو آڱريون ڦيرائيندي رهي ۽ گڊ بيهوشيءَ دوران سندس هٿ کي هٽائيندو ۽ پاسا ورائيندو پئي رهيو. فلاويٽا هٿ ٻڌي پنهنجي ديوتائن کان گڊ جي زندگي لاءِ دعائون گهري رهي هئي.

ٻن ڏينهن تائين ته ايئن نظر اچي رهيو هو ته گڊ جو خدا ئي حافظ آهي. پر هڪڙي فلاويٽا ئي هئي جنهن کي گڊ جي بچي وڃڻ جو پورو يقين هو.

"گڊ ويچارو مشڪل ئي بچي" منهنجي انهيءَ ويچار تي فلاويتا سختيءَ سان داٻو ڏيندي مون کي چيو ته "خبردار جو ٻيهر اهڙي منحوس وائي به واتان ڪڍي اٿئي".

اگنوسيءَ جي حڪم تي اسان جي آس پاس جون جهوپڙيون خالي ڪرائي انهن جي رهواسين کي ڪٿي ٻئي هنڌ منتقل ڪيو ويو هو ته جيئن انهن جي گوڙ شور کان زخمين جي آرام ۾ رخنو نه پوي.

هڪ رات ۾ اها گڊ جي بيماريءَ جي پنجين رات هئي، مان عادت مطابق گڊ کي ڏسڻ ويس. جهوپڙي ۾ هڪڙو انڌو چراغ ٻري رهيو هو ۽ گڊ جيڪو هر رات بيچينيءَ مان پاسا پيو بدلائيندو هو سو ان وقت بي حس، حرڪت پيو هو.

"ته آخر ويچارو مري ويو" منهنجي حلق ۾ درد جو ٻاپرو ڪنڊو چُڀي ويو. اکين مان ڳوڙها وهي نڪتا ۽ بي اختيار مون کان سڏڪو نڪري ويو.

"شش" گڊ جي سيرانديءَ کان وينل پاڇي ششڪر ڪري خاموش رهڻ جو اشارو ڪيو.

مون ڊبيل قدمن سان وڌي، چراغ جي جهيڻي ۽ ضعيف روشني ۾ جهڪي وجي غور سان گڊ کي ڏٺو. گڊ زنده هو ۽ پنهنجي هٿ جون آڱريون فلاويتا جي آڱرين ۾ ڦاسايو ان ٻار جيان جيڪو گهڻو وقت روئي روئي ٿڪجي گهري ننڊ سمهي پيو هجي.

هو لاڳيتا ارڙهن ڪلاڪ ستو هو. ان عرصي ۾ فلاويتا سندس سيرانديءَ کان ويٺي پنهنجون آڱريون سندس هٿ ۾ ڏئي ڇڏيون هيون، ۽ ان خوف کان وينل هئي ته متان ڪنهن هلڪي لوڏي تي گڊ جاڳي نه پئي.

فلاويتا ڪجهه کاڌو پيتو به هو يا نه؟ اها ڪنهن کي به خبر نه هئي ۽ اهڙي طرح لاڳيتا ارڙهن ڪلاڪ هڪ ئي نشست ۾ ويهڻ جي ڪري ٿڪجي پئي هوندي، اهو ڪنهن به نٿي ڄاتو بس سيني کي رڳو اها خبر هئي ته جڏهن گڊ جي اک لڳي ته فلاويتا جا هٿ پير سرديءَ جي ڪري سڪڙجي چڪا هئا ۽ جنهن حالت ۾ وينل هئي، ان ئي حالت ۾ نري برف ٿي پئي هئي. تنهنڪري ٻن ڄڻن ان کي ڪٽي وجي ٻاهه جي مچ ويجهو ڇڏيو.

ان گهري ننڊ جي ڪري گڊ جي حالت سڌرڻ لڳي هئي ۽ روز بروز وڌيڪ بهتر ٿي رهي هئي ۽ هو آهستي آهستي نيڪ ٿي ويو ته هنري ان سان فلاويتا جي خدمت ۽ تيمارداريءَ جو ذڪر ڇيڙيو. جڏهن هنري گڊ کي اهو ٻڌايو ته هوءَ ويچاري لاڳيتو ارڙهن ڪلاڪن تائين تنهنجي آڱرين ۾ آڱريون ڏيو ويٺي هئي، جنهن ڪري سندس هٿ پير آڪڙجي ويا آهن. ته گڊ جي اکين ۾ پاڻي تري آيو. هو اٿيو ۽ مترجم جي خدمت سرانجام ڏيڻ لاءِ مون کي وٺي ان جهوپڙيءَ ڏانهن هليو جتي فلاويتا اسان لاءِ ٻن پهرين جو کاڌو تيار ڪري رهي هئي. گڊ کي ڏسي فلاويتا جو چهرو خوشيءَ مان ٻهڪي اٿيو.

"ڪوارٽرمين! ان کي ٻڌاءِ ته هيءَ زندگي ان جي ئي بخشيل آهي. تنهنڪري مان زندگيءَ ڀر سندس احسانمند رهندس."

مون جڏهن گڊ جي ڳالهه جو ترجمو ڪري فلاويتا کي ٻڌايو ته ان جو چهرو حياءَ کان ڳاڙهو ٿي ويو ۽ ان پنهنجون اکيون جهڪائي مسڪرائيندي چيو ته :

منهنجا آقا! توهان ڀلجو ٿا. منهنجي هيءَ زندگي توهان جي ئي ته عطا ڪيل آهي. مان ته فقط توهان جي ادنيٰ ڪنيز آهيان.”

هوءَ گڊ سان مخاطب هئي ۽ ان وقت فلاويتا اهو به وساري چڪي هئي ته ان جي حياتي بچائڻ ۾ منهنجو ۽ هنريءَ جو به ڪو ڪردار هو. مگر مون ڏٺو ته ان جي نيڻن ۾ گڊ لاءِ بي پناهه محبت ڇلڪي رهي هئي ۽ ان محبت جي ڪري هوءَ صرف گڊ کي ئي پنهنجو نجات ڏياريندڙ سمجهي رهي هئي.

ڪجهه ئي ڏينهن بعد اگنوسيءَ دربار لڳائي. جنهن ۾ ڪوڪوآنه جا سڀئي معزز سردار حاضر هئا. اگنوسيءَ وڏي فراغ دليءَ سان گريز جي باقي بچيل سچيل سپاهين کي وڏن انعامن اڪرامن سان نوازيو. ان اسان جي خوب خاطر تواضع ڪئي ۽ ڀري دربار ۾ ان ڳالهه جو اعلان ڪيائين ته آئينده ڪو به شخص بيگناهه قتل نه ڪيو ويندو. نه ئي ڪڏهن ڏائڻين جو خوني رقص ٿيندو.

جڏهن دربار برخواست ٿي ته سڀ ماڻهو هليا ويا ته موقعو ڏسي اگنوسي کي چيم ته هاڻ يار اسان به خزانو حاصل ڪرڻ لاءِ بيچين آهيون.

“دوستو! ” اگنوسي چيو “ مون کي خبر پئي آهي ته خزانو ان جڳهه تي آهي جتي ٽي ديوتا ويٺل آهن جن تي ٽوالهه فلاويتا کي پيٽ چاڙهڻ تي گهريو. اتي هڪڙو غار آهي جتي اسان جا مرده رکيا ويندا آهن. ٽوالهه جو لاش به توهان اتي ڏسندئو. ان غار کي موت جو ڪمرو چوندا آهن. سواءِ گگول ۽ ٽوالهه جي ( ٽوالهه ته خير مري چڪو آهي) صرف هڪ شخص ان ڪمري تائين پهتو هو. مگر ان جي ساٿي عورت اتي پهچي ان سان دغا ڪئي. بادشاهه ان کي گرفتار ڪرائي ٻيو دفعو ان کي ڪوهه سبا طرف موڪلي ڇڏيو هو. تڏهن کان اڄ تائين ڪو سفيد انسان ان طرف نه ويو آهي.”

“اگنوسي! اهو واقعو بلڪل سچو آهي” مون چيو “ ان سفيد انسان کي پاڻ هڪ پهاڙي غار ۾ ڏسي چڪا آهيون.”

“ته پوءِ هاڻ مان پنهنجو واعدو پورو ڪندي توهان کي ان خزاني تائين پهچائڻ جو بندوبست ڪريان ٿو. جيڪڏهن اتي هيرا جواهر موجود آهن ته “.

“اتي هيرا جواهر موجود آهن اگنوسي! ان جو ثبوت تنهنجي پيشانيءَ تي چمڪندڙ اهو هيرو آهي”. مون چيو.

“جيڪڏهن اتي هيرا موجود آهن ته توهان جيترا به چاهيو ڪٺي وڃي سگهو ٿا. مگر مون کي ان ڳالهه جو ڏپ آهي دوستو! ته خزانو حاصل ڪرڻ بعد توهان مون کي ڇڏي هليا ويندئو.”

“ اهو بعد ۾ ڏٺو ويندو. في الحال اسان کي ان خفيه ڪمري تائين پهچڻو آهي.”

“هڪڙي گگول ئي ان رستي کان واقف آهي.”

“پر ان به اسان جي رهبري ڪرڻ کان انڪار ڪري وڌو ته پوءِ ؟” مون پڇيو.

“پوءِ ان کي مان قتل ڪري ڇڏيندس. ان لاءِ تہ مون ان ٻچڙيءَ کي اجان تائين زنده رهڻ ڏنو آهي، ترسو هاڻي ئي ٿا فيصلو ڪري وٺون”. اگنوسيءَ سپاهين کي اشارو ڪيو ۽ اهي ڪنهن طرف هليا ويا ۽ چند منٽن ۾ گگول کي پڪڙي اچي حاضر ٿيا.

گگول جيڪا ان وقت هڪ ڳنڙي لڳي رهي هئي تنهن پنهنجون نانگ جهڙيون اکيون اسان تي ڄمائي ڇڏيون.

“ اگنوسي! تون مون کان ڇا ٿو چاهين؟” گگول پڇڻ لڳي “ مون کي قتل ڪرائڻ جو ارادو اٿئي؟. ڇڳو تہ اها بہ ڪوشش ڪري ڏس. مان توکي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏينديس. منهنجي عظيم علم کان تون واقف ئي ناهين. توکي ان کان بچڻ گهرجي. متان تڪڙ ڪئي اٿئي.”

“ تنهنجو جادو ٽوالہ جي جان نہ بچائي سگهيو سو مون کي ڇا ساڙيندو؟ گگول ! مان چاهيان ٿو تہ تون اسان کي خفيہ ڪمري تائين پهچاءَ.”

“هي ,,, هي,, هي” ان ٺهڪ ڏنو” مون کانسواءِ ڪير بہ ان رستي جو واقف ناهي ۽ مان توهان جي رهبري ڪڏهن بہ نہ ڪنديس. هي سفيد شيطان هٿين خالي هتان واپس ويندا. هي,,, هي,,, هي. ها,,,,هاهاها,, اهو راز منهنجي سيني ۾ ئي دفن رهندو.”

“مگر اهو راز مان توکان حاصل ڪري ئي رهندس.”

“ تون مون کي ماري ڇڏيندين؟ . هان. مونکي؟ تون ڇا ٿو سمجهين تہ مون کي مارڻ ايترو آسان آهي؟ توکي پهرئين منهنجي عمر جو اندازو آهي؟ مان تنهنجي پيءَ ، ڏاڏي بلڪ ان جي بہ پيءُ، ڏاڏي، پڙ ڏاڏي جو دور بہ سنڀران. جڏهن هي ملڪ آباد ٿيو هو تڏهن بہ مان موجود هيس ۽ جڏهن هي ملڪ اجڙي ختم ٿي ويندو تڏهن بہ مان موجود رهنديس. مون کي ڪير بہ ماري نٿو سگهي. سواءِ هڪ حادثي جي.”

“ مگر مان توکي قتل ڪري سگهان ٿو شيطان جي ناني! هونئن بہ هاڻ تنهنجي عمر وڏي ٿي چڪي آهي. نہ تنهنجي مٿي تي ڪو وار آهي ۽ نہ ئي وات ۾ ڪو ڏند اٿئي. نہ جسم ۾ ڪو رت جو ڦڙو اٿئي. تون شايد پنهنجي جادوءَ جي ڪري جيئري آهين. مگر مان تنهنجي انهيءَ جادوءَ جو ڀرم پوري پرزا پرزا ڪري ڇڏيندس. توکي مارڻ وڏو ثواب جو ڪم آهي”.

“بيوقوف بادشاهہ! خبر اٿئي ڇا بڪي رهيو آهين؟ تون ڇا ٿو سمجهين تہ زندگي صرف نوجوانن کي عزيز هوندي آهي؟ هي,, هي,,,هي,,, ها,,ها,,ها,,, پر پوڙهن کي نوجوانن کان وڌيڪ موت جو ڊپ لڳندو آهي، ۽ اهي نوجوانن کي مرندو ڏسي خوش ٿيندا آهن. مان بہ پنهنجو پاڻ کي بچائڻ لاءِ توکي ماري ڇڏينديس. ساڙي رک ڪري ڇڏينديس، تڏهن مون کي روحاني خوشي حاصل ٿيندي. هي,, هي,, هي,,ها,,ها,,ها,,”

“پنهنجي شيطاني بڪواز بند ڪر، مان پڇانءَ ٿو تہ تون خفيہ ڪمري تائين رهبري ڪندين يا نہ؟” اگنوسيءَ پنهنجو نيزو بلند ڪيو.

“نہ,نہ,نہ ڪنهن بہ قيمت تي نہ، ڪڏهن بہ نہ.”

“چڱو ڏسون ٿا” اگنوسي پنھنجو ھٿ آھستي آھستي گگول طرف وڌايو. ايستائين جو ان جي نيزي جي نوڪ گگول جي جسم کي ڇھڻ لڳي.

گگول ھڪ خوفناڪ دانھن ڪري، اڇلجي وڃي زمين تي ڪري ۽ ليٽندي اڳتي ھلي وئي. سندس اکيون خوف وچان ڦاٽي ويون ھيون.

“ترس، ترس مان توھان کي خزاني تائين وٺي ويندس. مان مرڻ نٿي چاھيان.”

“ھاڻ شاباس، تہ اچي وئين نہ راھ تي. سڀاڻ صبح جو انفادوس ۽ منھنجن ھنن سفيد دوستن کي خزاني تائين پھچائي ڇڏجانءَ ۽ ياد رک جيڪڏھن ڪابہ چال چلينءَ يا ڪابہ فنڪاري ڪيئي تہ انجام ڏاڍو بڇڙو ٿيندئي.”

“نہ اگنوسي، مان انھن ماڻھن کي دوکو نہ ڏيندس. ھا،،ھا،،ھي،،ھي،، اڳ ۾ بہ ھڪ دفعو ھڪ عورت ھڪ سفيد انسان کي ان خزاني تائين وٺي وئي ھئي.

توکي خبر آھي تہ پوءِ ڇا ٿيو ھو؟ ان تي ديوتائن جو قھر نازل ٿيو ھو ۽ خبر اٿئي اھا عورت ڪير ھئي؟ اھا گگول ھئي. مان ئي ھيس مان” ۽ گگول جي اکين ۾ شيطانيت چمڪڻ لڳي.

“ڇا پئي بڪين؟ ان واقعي کي ٿي سئو سال گذري چڪا آھن”. مون چيو.

تہ پوءِ ڇا ٿي پيو؟ جڏھن ڪنھن جي عمر وڏي ويندي آھي تہ ھو اڳيان واقعات وساري ويھندو آھي ڇا؟. يا مون کي منھنجي ڏاڏيءَ اچي اھو واقعو ياد ڏياريو آھي. يقينن ان عورت جو نالو گگول ئي ھو. جيڪا ان سفيد انسان کي خفيہ ڪمري تائين وٺي وئي ھئي، ۽ اھا مان پاڻ ئي ھيس. جڏھن توھان ان خفيہ ڪمري تائين پھچندئو تہ اتي توھان کي انھن چمڪندڙ پٿرن جي پريل ٿيلھي ملندي، جنھن ۾ ان سفيد انسان پنھنجي لاءِ پٿر پريا ھئا. مگر اھي ھو پاڻ سان گڏ نہ کڻي سگھيو ۽ ان تي ديوتائن جو قھر نازل ٿيو ھو. ھي سفر ڏاڍو مزيدار رھندو. مان ان جڳھہ تي ڪوڪوآنہ جي انھن بادشاھن سان ملي سگھنديس جيڪي ڪڏھوڪو مري چڪا آھن. جن جون ھن وقت تائين اکيون ختم ٿي چڪيون ھونديون ۽ انھن جون ھڏيون ڪوڪليون ٿي چڪيون ھونديون. ھي ،،،ھي،،ھي،،ھا،،ھا،،.”

# موت جو ڪمرو

گذريل باب ۾ اگنوسي ۽ گگول جي وچ ۾ جيڪا ڳالهه ٻولهه ٿي هئي. ان جي ٽن ڏينهن ڪانپوءِ اسين ان جڳهه تي هئاسين جتي ٽن پهاڙن وٽ شاهراهه سليمان ختم ٿئي ٿي. اسان ٽن سان گڏ فلاويتا، انفادوس ۽ ان جا ڪجهه محافظ سپاهي ساڻ هئا.

گگول رهبر جي طور خدمتون سرانجام ڏئي رهي هئي، جيڪا سارو ڏينهن ويندي رات ٿيڻ تائين پنهنجي منهن بڙڪندي ۽ ٿهڪ ڏيندي پئي رهي. ان پهاڙ کي ٽي چوٽيون هيون. هڪ ساڄي پاسي، ٻي کاٻي پاسي ۽ ٽي نڪ جي بلڪل سڌ ۾، شاهراهه سليمان وچ واري چوٽيءَ وٽ اچي ختم ٿئي ٿي.

بلند پهاڙين تي برف ڇانول هئي، جيڪا هيٺ اچي ختم ٿئي ٿي، جتي هيٺ برف ختم ٿئي ٿي، اتي وري ڪناري ڪناري سان جابلو خود بخود پيدا ٿيل ساوڪ ٻوٽن جو سلسلو هليو ٿي ويو.

آخرڪار اهو ڏينهن به اچي ويو، جيڪو اسان جي زندگيءَ جو پرمسرت ڏينهن هو ۽ اسان اهو خزانو حاصل ڪرڻ وارا هئاسين جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي ماڻهن ( ۽ شايد هنري جي پاءُ به) پنهنجو جانيون وڃايون هيون، ۽ گگول جي چوڻ موجب انهن تي ديوتائن جو قهر نازل ٿيو هو. "ته ڇا اسان تي به اهڙو قهر نازل ٿيندو؟" مان ڪنهن به صورت ۾ اهڙن خيالن کان جان ڇڏائي نه سگهيو هوس. شايد هنري ۽ گڊ جي ذهن ۾ به اهڙا خيال ايندا هجن! خير، اسان پنهنجي پنڌ کي اڳتي ڇڪيو ۽ ڏيڍ ڪلاڪ تائين هلندا رهياسين. خزاني حاصل ڪرڻ جي خوشيءَ اسان جي رفتار کي ڇڙ ته تيز ڪري ڇڏيو هو. جو اهي ماڻهو جيڪي گگول جي پالڪي کڻي اچي رهيا هئا سي ڪيترائي قدم پٺ تي رهجي ويا.

"آهستي هلو سفيد انسانو" پالڪيءَ ۾ ويٺل گگول جو آواز اچڻ لڳو" لڳي ٿو ته توهان موت جي منهن ۾ وڃڻ لاءِ ڏاڍا بيقرار ٿا ڏسجو." گگول شيطاني ٽهڪ ڏئي اسان جي رفتار ڪنهن قدر گهٽائي ڇڏي.

اسين اڳتي وڌندا رهياسين ۽ نامعلوم خوف آهستي آهستي منهنجي دل تي ڇانئجڻ لڳو رفتار صفا گهٽائي ڇڏيسين. خبر ناهي ڪيستائين هلندا رهيا سين ۽ مان پنهنجي خيالن مان جان ڇڏائي بس ڪئي ته ڏٺم ته اسين هڪ غار جي منهن وٽ بيٺا هئاسين. غار جو ڪنارو اپ ڪپرو هو. غار سئو فوٽ هيٺ گهرو ۽ اڌ ميل کن ڦهليل هو.

"خبر اٿو ته هي ڇا هي؟" مون غار طرف اشارو ڪندي هنري ۽ گڊ کان پڇيو.

"لڳي ٿو ته توهان ڪڏهن هيرن جون کاڻيون ناهن ڏٺيون. هتان کاڻ کوٽي هيرا ڪڍيا ويا آهن. هُن طرف ڏسو!" مون غار جي آس پاس ڇانول مٽيءَ جي ڍيرن طرف اشارو ڪيو." جهڙي نموني اسين ماڻهو کاڻيون کوٽيندا آهيون بلڪل ساڳي ئي طرح صديون پهريائين به کوٽيون ويندڙيون هيون."

غار کان رستو ٻن حصن ۾ ورهائجي غار جي چوڌاري گهمندو ٿي ويو ۽ رستي جون ٻئي شاخون مضبوط پٿرن سان ٺهيل هيون، ته جيئن پٿرن کي غار جي منهن ۾ پوڻ کان بچائي سگهجي.

هتان اسان غار ۾ داخل ٿيٽا هئاسين. جتي ٽي مجسما ويٺل حالت ۾ موجود هئا جن کي ڪوڪوآنه ۾ "خاموش ديوتا" سڏيو ٿي ويو. ٽئي مجسما هڪ وڏي چٽان تي هڪ ٻئي کان ويهه قدم پري نصب ڪيا ويا هئا. ۽ اهي ڪجهه اهڙيءَ طرح نصب ڪيا ويا هئا جو محسوس ٿيندو هو ته اهي ڪنڌ جهڪائي شاهراه سليمان کي ڏسي رهيا آهن. انهن ٽنهي مجسمن مان جن جي اوچائي ارڙهن فوٽن تائين هئي، هڪ مجسمو عورت جو هو.

عورت جو مجسمو الف اگهاڙو ناهيو ويو هو. جسم اهڙو ته سڊول ۽ خوبصورت نهيل هوس جو سنگتراش جي ذهانت کي داد ڏيڻو پئجي ويو. چهري جا نقش توڙي جو زماني متائي ڇڏيا هئس پوءِ به يقينن خوبصورت ناهيا ويا هوندا. مجسمي جي ٻنهي ڪلهن وٽ ٻه چنڊ نهيل هئا.

مردانه مجسمن جا چهرا انتهائي ڀيانڪ هئا. خاص ڪري ان مجسمي جو جيڪو اسان جي کاٻي پاسي هو. چهري مان لڳو ٿي ته شايد شيطان ناهيو هوندائون.

جيڪو وات پٽيو دنيا کي هڪڙي ڳيت سان ڳيهي وڃڻ لاءِ تيار بيٺو هو. ساڄي پاسي وارو مجسمو "قهر ديوتا" جو هئو. جنهن جي چهري مان سڪون ۽ اطمينان جا آثار ظاهر هئا جن کي ڏسڻ سان دل دهلجو ٿي وئي.

اسان انهن ديوتائين کي ڏسي رهيا هئاسين جو انفادوس آيو جنهن نيزو بلند ڪري ديوتائين کي سلام ڪري چيو ته " توهان موت جي ڪمري ۾ هاڻي ئي وڃڻ ٿا چاهيو يا ڪاڏو وغيره ڪائڻ کانپوءِ...؟

"نه انفادوس! هاڻ وڌيڪ انتظار جي ضرورت ناهي. اسين هاڻي ئي ويندا سين. ڪاڏو وغيره پاڻ سان کڻي وينداسين ۽ اندر وڃي ڪائينداسين". مون جواب ڏنو.

ايتري ۾ گگول پالڪي ۾ سوار ٿي پهچي وئي ۽ ڪلندي پالڪيءَ مان ٽپ ڏئي ٻاهر نڪري آئي. فلاويٽا گوشت ۽ سبزي کڻي هلڻ لاءِ ٽوڪريءَ ۾ وجهڻ لڳي ۽ ٿورو پاڻي به سان کڻيو.

اسين جنهن جڳهه بيٺا هئاسين، اتان کان چند قدم پري چٽان جي ديوار اسي فوٽ بلنديءَ تائين اڀي ٿي هلي ٿي وئي. اسي فوٽ بلنديءَ کانپوءِ هڪ پهاڙ جي چوٽي ان ديوار تي بيٺل هئي. جيڪا زمين کان ٽي هزار فوٽ بلند هوندي ۽ انهيءَ تي هزار فوٽ برف پوش پهاڙيءَ تان ڏنڊ جي چادر هئي ته گگول لڪڻ ٽيڪيندي ان چٽاني ديوار طرف وڌي. اسين ان جي پٺيان هلندا رهياسين . ايستائين جو چٽاني ديوار ۾ هڪ محرابي دروازي وٽ اچي پهتاسين.

دروازي وٽ پهچي گگول بيهي رهي.

"چڱو ته هاڻ اي سفيد انسانو اي بهار سپاهيو!" گگول پنهنجي شيطاني تاثراتن سان ڪنڌ کي ايو ڪندي چيو " تيار ٿي وڃو ته مان بادشاهه جي حڪم مطابق توهان کي خفيه ڪمري ۾ وٺي هلان . هي ,,, هي ,, هي,,"

"تڪي ٿي هل، وڌيڪ ڳالهيون نه ناهه" مون داٻو ڏنس.

“ڏاڍو سٺو. ڏاڍو سٺو. هاڻ توهان ڪجهه اهڙو نظارو ڏسڻ وارا آهيو جو پنهنجي دلين کي مضبوط ڪجو. ايئن نه ٿئي ته منظر ڏسندي ئي توهان جي دلين جي ڌڙڪن ئي رڪجي وڃي. انفادوس تون به اچ. تو پنهنجي جنهن ولي نعمت جي نمڪ حرامي ڪئي آهي. اچي ان جو ديدار ڪر.”

“نه مان هتي ئي ترسندس” انفادوس گهبرائيندي چيو “ مگر ياد رکجان جيڪڏهن تو منهنجي سفيد آقائن سان ڪا به شيطانگيري ڪئي ته پوءِ تنهنجو انجام ڏاڍو بڇڙو ٿيندو.”

“چڱو چڱو مون تنهنجي ڌمڪي ٻڌي ورتي. مون کي خبر آهي ته تون ڏاڍو ضدي آهين. جنهن ڪري تون ننڍپڻ ۾ پنهنجي شفيق ماءُ سان به وڙهي پوندو هئين. تون ڪنهن به قسم جو ڊپ نه ڪر. مان پنهنجي بادشاهه جي ادني غلام آهيان ۽ ان جي حڪم جي تعميل ڪري رهي آهيان. مان ته بادشاهن جي حڪم جي تعميل ڪندي آئي آهيان ۽ هاڻ مان انهن سينني بادشاهن جي ۽ ٿواله جي به زيارت ڪنديس. ها,,ها,,ها,, هي ,,هي,, هي,, اچو ته هلون. پر مشعل ڪٿي آهي؟” ۽ هن پنهنجي جسم سان لپٽيل چيٿڙن مان هڪڙي مشعل ڪڍي.

“فلاويتا تون به اسان سان گڏ اچي رهي آهين نه؟” گڊ پڇيو.

“منهنجا آقا مون کي ڏاڍو خوف ٿو لڳي” فلاويتا جي آواز ۾ ڏڪٽي هئي.

“چڱو پلا تون اتي ئي ترس. اها ڪاڏي جي ٽوڪري منهنجي حوالي ڪر.”

“نه آقا. جيڏهان تون ويندين. مان به اوڏهان ئي هلنديس. تو ڪان پل به پري نه ٿينديس” گگول مشعل ٻاري دروازي ۾ داخل ٿي ۽ اسين سندس پنيان هئاسين. اندر هڪڙي سرنگهه اهڙي ته سوڙهي نهيل هئي جو ٻه ٻه ماڻهو مس گذري سگهن. سرنگهه ۾ اوندهه ايتري قدر ته ڦهليل هئي جو اکيون ڦاڙي ڏسڻ سان به ڪجهه نٿي ڏسڻ ۾ آيو. تنهنڪري اسان گگول جي قدمن جي آهٽ پٺيان اندازي سان وڃي رهيا هئاسين. منهنجا هٿ پير ٺري ويا هئا ۽ جسم کي ڏڪٽي وني وئي هئي. اونداهيءَ ۾ چمڙن جي پرن جي ڦڙڦڙاهٽ جو آواز اچي رهيو هو.

“ڪير آهي؟” گڊ دانهن ڪئي. “ يارو منهنجي مٿي تي جڻ ته ڪنهن ڌوڙ جو ٻڪ اڇليو هجي.”

“ڪو چمڙو هوندو. گهبراءِ نه. هلندو اچ” مون چيو.

پنجاهه گز هلڻ بعد سرنگهه ۾ روشني ڦهلجڻ لڳي ۽ اسين جيئن جيئن اڳتي وڌندا رهياسين روشني وڌندي رهي. ايستائين جو اسين هڪ ڪمري جي اندر بيٺا هئاسين .

جنهن غار يا ڪمري ۾ اسين ان وقت بيٺا هئاسين سو ڪافي وڏو ۽ ويڪرو هو.

جنهن جي ڇت به چڱي خاصي مٿي هئي. ڪمري جي چوطرف سفيد ٿنڀن جهڙي ڪا قطار هلي ٿي وئي. پهرين نظر ۾ اهي ٿنڀ برف جا ٺهيل لڳي رهيا هئا .مگر غور سان ڏسڻ بعد حيرت ۾ پئجي وياسين جو جيئن پراڻين پاڻيءَ جي نادين جي آهستي آهستي ڪار جمي ويندي آهي بلڪل ائين ئي نظر اچي رهيا هئا. جڻ ڪي ڪار جا ٿنڀ ٺهيل هجن. اصل ۾ اهو قدرتي تبديليءَ جو انوکو نمونو هو.

ڪمري جي ڇت ۾ ڇپي ڇپي تي جيڪي سوراخ هئا تن تي برف ڄمي وئي هئي. جن مان ٽيپو ٽيپو تي پاڻي ڳڙندو ٿي رهيو جيڪو فرش تي ڪرڻ سان شايد غار جي آبهوا جي ڪري ڪار ۾ تبديل ٿي رهيو هوءِ انهن مٿان صدين کان ٽيپو ٽيپو ٿي ڳڙندڙ ڦڙا ڪار ۾ ٿيندا پنهنجي سطح وڌائيندا ٿنڀن جي شڪل ۾ نمودار ٿي چڪا هئا. ڪي ڪي ٿنڀ تہ تمام وڏا بہ هئا، اسي فوٽن جا جن جي گولائي بہ فوٽ هوندي. ڪي ڪي ٿنڀ ننڍا بہ هئا پر انهن تي پاڻيءَ ڪرڻ جو اهو عمل مسلسل جاري هو جيڪو اڳتي انهن جي وڌڻ جو سبب بڻجندو رهندو.

ڪيترن ئي جڳهين تي پاڻيءَ جا ڦڙا هڪ هنڌ نٿي ڪريا، هڪ ڦڙو هڪ جاءِ تي ٿي ڪريو تہ ٻيو ان کان ٿورو وٿيرڪو تہ ٽيو وري ڪجهہ وڌيڪ وٿيرڪو پئي ڪريو. تنهنڪري اتي ٿنڀن جي بدران ڪار جون پاري جهڙيون لڪيرون نهنديون ٿي ويون. هن ڪمري جي خوبصورتي ڪي پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪرڻ ممڪن ئي ناهي، ڪمري جي چئني پاسي ديوارن جون چٽانون ڪاٽي ننڍڙا گڏين جي گهرن جهڙا غار ناهيا ويا هئا. جيڪي ڪنهن عبادت گهر جا حجرا هوندا، خبر ناهي تہ اهي ڇا لاءِ ناهيا ويا هئا. بحرحال اهي حجرا ٽي هزار سال پراڻا معلوم ٿي رهيا هئا.

اسين ان خوبصورت ڪمري ۾ وڌيڪ وقت ترسي نہ سگهياسين ڇو تہ گگول ڪي پنهنجي فرض کان جلد کان جلد فارغ ٿيڻ جي تڪڙ هئي. مان اهو ڄاڻڻ لاءِ بي چين هوس تہ ڪمري ۾ روشني ڪٿان اچي رهي هئي؟ اهڙو انتظام قدرت جو ڪيل هو يا انسان جو؟ مگر مان اهو سوچي تہ ان راز جي ڄاڻ هوندئن ئي واپسي تي پئجي ويندي، پنهنجي خواهش ڪي دٻائي ڇڏيم، اسين ڪراڙيءَ رهبر جي پٺيان هلندا هڪڙي دروازي تي پهچي وياسين.

(جيڪو مصر جي پراڻن مندرن جي صدر دروازي جيان ٺهيل هو)

“سفيد انسانو! پنهنجي دلين ڪي مضبوط ڪجو هاڻ توهان موت جي ڪمري ۾ داخل ٿي رهيا آهيو” گگول دروازي وٽ پهچي چوڻ لڳي.

“ڇگو ٻڌو سين، چپ ڪري اڳتي وڌ” گڊ داہو ڏنس.

اسان جون دليون بريءَ طرح ڌڙڪي رهيون هيون. فلاويتا گڊ جي ٻانهن ڪي مضبوطي سان پڪڙي، هوا ۾ ٿڙڪندڙ ڪنهن پن وانگر ڏڪي رهي هئي.

“لڳي ٿو تہ هن غار ۾ ڪائي خوفناڪ ڳالهہ ضرور هوندي” هنري چيو” بحرحال اسان ڪي گهبرائڻ نہ گهرجي، ڪوارٽرمين! هلو تہ هلون.”

۽ مان اڳيان ٿيس. گگول پنهنجي لڪڻ جي ٽيڪ تي مون کان چند قدم اڳيان هلي رهي هئي ۽ بلند آواز ۾ ڪجهہ پراسرار لفظن جي بڙبڙ ڪري رهي هئي. جنهن ڪري منهنجي دل تي خوف طاري ٿيندو رهيو ۽ مان اڳتي وڌڻ کان لهرائڻ لڳس.

“اڙي هلندو هل يار” گڊ مون ڪي ڌڪيندي چيو” هلندو هل نہ تہ پاڻ انهيءَ چالاڪ ڪراڙي سونهيءَ کي وڃائي ويهنداسين.”

پوءِ مان دل ڪري اڳيان وڌيس ۽ ڏهه قدم هلڻ ڪانپوءِ هڪ چاليهه فوٽ ڊگهي ۽ ويڪري ڪمري ۾ بيٺو هوس. ڪمري جي وچ تي پٿر جي هڪڙي وڏي ميز رکي هئي جنهن جي سري کان هڪڙو اوچو پاڇو اڪيلو ويٺو هو. ميز جي چوطرف ٻيا به ڪيترائي ننڍا وڏا پاڇا بنا ڪنهن چرپر جي خاموش ويٺا هئا ۽ ميز جي وچ تي ڪا شڪل رکي هئي. هن ڪمري ۾ پهرين جي بنسبت وڌيڪ اونده هئي. تنهنڪري جڏهن منهنجون اکيون انڌيري ۾ ڏسڻ جون عادي ٿيون ته غور سان ميز تي پيل پوري شڪل ۽ ان جي آس پاس ويٺل سفيد مجسمن کي ڏٺو ته ڊپ مان منهنجي واتان دانهن نڪري وئي ۽ پوري قوت سان پوئتي ڊوڙ پاتيم.

توهان يقين ڪريو ته مان ڪو ايڏو ڪمزور دل به ناهيان. ڀيانڪ کان ڀيانڪ منظرن به ائين منهنجا حوصلا خطا نه ڪيا آهن پر ميز جي چوطرف ويٺل مجسمن مون کي ايتري قدر ته ڊيڄاري ڇڏيو جو هنري مون کي نه پڪڙي ها ته مان انفادوس وٽ پهچي چڪو هجان ها. ۽ پوءِ سليماني خزاني جي لالچ به ٻيهر مون کي ان ڪمري ۾ گهڙڻ تي مجبور نه ڪري سگهي ها.

هنري مون کي مضبوطي سان قابو ڪيو ۽ جڏهن ان جون اکيون به انڌيري ۾ ڏسڻ جون عادي ٿيون ته هو به پريشان ٿي ويو. گڊ تي به سڪتو طاري ٿي ويو ۽ ڏڪندڙ فلاويٽا دانهن ڪري گڊ سان چنبڙي پئي. هڪڙي گگول هئي جيڪا جهومي خوشيءَ وچان ٽهڪ ڏئي رهي هئي.

ان ڀيانڪ منظر کي مان زندگي ڀر وساري نه سگهندس. ميز جي سري کان پنهنجي هڪ هٿ ۾ نيزو ڪٽيو موت بذات خود ويٺو هو جيڪو چن جو ٺهيل هڪڙو سفيد مجسمو هو جيڪو مڪمل انساني ڍانچو تقريبا پندرهن فوٽ اوچو هو. جنهن جو هڪڙو هٿ بلند هو جنهن جي آڱرين ۾ نيزو اٽڪيل هو ان جو ٻيو هٿ ميز تي رکيل هو ۽ چيلهه ائين جهڪيل جو معلوم ٿي رهيو هو ته اٿڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. اکين جي خالي سوراخن کي جهڙوڪر اسان تي مرڪوز ڪري ڇڏيو هئائين. ۽ هيٺيون چپ ٽورو لڙڪيل هوس. چڻ کلي رهيو هجي.

”يا الله! رحم ڪجان“ مون دعا گهري

”پر هي آهن ڪهڙيون شيون؟“ گڊ ميز جي چوڌاري ويٺل مجسمن طرف اشارو ڪيو.

”الائي يار، خدا ئي ڄاڻي ته ڪهڙي مصيبت آهي؟“ هنري ميز جي وچ تي ويٺل مجسمي طرف اشارو ڪندي چيو

”هي...هي“ ڪمري جي ڀيانڪ فضا ۾ گگول جو مڪروهه ٽهڪ گونجيو“ جيڪي ماڻهو موت جي ڪمري ۾ داخل ٿيندا آهن سي ديوتائن جي قهر جي ڪري پنهنجا حواس وڃائي ويهندا آهن“. ۽ گگول هرو ڀرو کلڻ لڳي.

”انڪوبوا!“ گگول کل روڪي چيو “ اچو ۽ پنهنجي دشمن سان ملو جنهن کي تنهنجي ڪهاڙي خاڪ ۽ خون ۾ ليٽڙائي ڇڏيو هو“

گگول پنهنجي سڪل آڱرين ۾ هنري جو هٿ پڪڙيو ۽ ان کي ميز طرف وٺي وئي ۽ اسان به انهن جي پٺيان وياسين.

“ڏس انڪوبو! غور سان ڏس” گگول ميز تي وينل پوري مجسمي طرف اشارو ڪيو. هنري جهڪي ڏٺو، ۽ پوءِ ڏڪندڙ قدمن سان پوئتي هٽيو. ميز تي بلڪل اگهاڙي حالت ۾ ڪوڪوآنا جو آخري تاجدار ٽوالا وينو هو. ان جو ڪٽيل سر ان جي قدمن جي ويجهو رکيو هو. سندس ڏڙ پنهنجين سپني بدصورتين سان پلٽ ماريو وينو هو جنهن جي ڏڙ تي ڪنهن سفيد چيز جو خول چڙهيو پيو هو.

ٽپ، ٽپ، ٽپ ڇٽ مان ٽيپو ٽيپو پاڻي ٽوالا جي جسم تي ڪري رهيو هو. جنهن ڪري ٽوالا جي جسم تي ڪار جون هلڪيون هلڪيون لڪيرون بڻجي رهيون هيون. ٽوالا جي جسم کي ڪار جي مجسمي ۾ تبديل ڪيو پئي ويو، ته جيئن ڳرڻ سڙڻ کان محفوظ رهي سگهي.

ميز جي چوطرف وينل ٻيا مجسما به انساني جسم هئا يا ڪڏهن هوندا مگر ان وقت اهي به ڪار جا مجسما بڻيا رکيا هئا. ته اهو هو طريقو جنهن ذريعي ڪوڪوآنا جي بادشاهن جا جسم محفوظ رکيا ٿي ويا. مرده جسمن کي ڪيئي سالن تائين ٽيپو ٽيپو ٽي پوندڙ برف جي بوندن هيٺان رکيو ويندو هوندو، تڏهن وڃي انهن ڪار جي مجسمن جي صورت اختيار ڪئي هوندي.

انهن ممي ٿيل لاشن جو تعداد سورنهن هو ۽ آخري لاش امبوپا يا اگنوسيءَ جي پيءُ جو هو. ائين پئي لڳو ته اهي لاش مهمان ۽ اهو ڪمرو ميزبان هو.

ڪوڪوآنا جو هر بادشاهه ان جڳهه موجود هو. جن مان به ته چار سئو سال اڳ جا هئا، موت جو مجسمو سڀ کان قديم هو ۽ جيڪڏهن مان سمجهڻ ۾ غلطي نٿو ڪريان ته اهو موت جو مجسمو به ان ئي ماهر جو تراشيل هوندو، جنهن خاموش ديوتائين جا بت تراشيا هئا، گڊ ٻڌايو ته انهن مجسمن جي هڏين جو تعداد ايترو ئي هو. جيترو اسان زنده ماڻهن جي جسمن ۾ هوندو آهي. ننڍي کان ننڍي هڏي به انهن مجسمن ۾ موجود هئي. لڳو ائين پئي ته موت جي مجسمي کي ڏسي ئي ڪوڪوآنا جي ماڻهن کي پنهنجن بادشاهن جي جسمن کي محفوظ ڪرڻ جو خيال آيو هوندو.

ته اهو هو موت جو ڪمرو ۽ اهو هو سفيد موت.

# خزانو

اسان پنهنجي دلين مان خوف مٽائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئاسين. گگول پنهنجو ڪم ڪري رهي هئي، اها وڏي ڦڙتيءَ سان ٽپ ڏئي ميز تي چڙهي ويني ۽ ٽوال سان ڪنڌ جهڪائي پڻ پڻ ڪرڻ لڳي. ان بعد موت جي مجسمي سامهون وڃي ويني ۽ پنهنجا ٻئي هٿ اپا ڪري ڪنهن مشڪل زبان( جيڪا مان سمجهڻ کان قاصر هوس) ۾ دعائون گهري رهي هئي الاءِ ته اسان کي بدعائون ڏئي رهي هئي.

"گگول اٿ! جلدي ڪر اسان کي خفيه ڪمري تائين وٺي هل جتي چمڪندڙ پٿر پيل آهن" مون چيس.

هوءَ ميز تان ٽپ ڏئي لٿي ۽ چوڻ لڳي" سچ سچ ٻڌايو ڊڄي وئيو نه؟" ۽ پوءِ ٻي سُري کل کلڻ لڳي.

"بڪواز بند ڪر"

"اچو پلا" پوءِ اسان کي موت جي مجسمي جي ٻئي طرف وٺي هلي.

"هتي هڪڙو خفيه ڪمرو آهي، سفيد انسانو! مشعل ٻاريو" ۽ هوءَ مشعل فرش تي رکي هڪ طرف وڃي ويهي رهي. ۽ پوءِ مشعل ٻاري اسان دروازو تلاش ڪرڻ لڳي وياسين. سامهون پهاڙي ديوار هئي، پر دروازو ڪٿي به نظر نٿي آيو.

"اهو ئي آهي دروازو، هي،، هي،، هي،،"

"ڪٿي آهي دروازو؟ اسان کي بيوقوف ٿي بنائي ڏائڻ" مان ڪاوڙ نه روڪي سگهيس.

"اطمينان رکو منهنجا آقا! اهو ڏسو" گگول چٽان طرف اشارو ڪيو.

اوچتو گڙگڙاهٽ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ۽ ڏسندي ڏسندي چٽان مٿي کڄڻ لڳي. اسين حيرت مان ڏسڻ لڳاسين. چٽان آهستي آهستي مٿي کڄندي وئي تان جو ڪٿي گم ٿي وئي ۽ هڪڙو دروازو ظاهر ٿي پيو.

"سليماني خزاني جو دروازو" منهنجي واتان شڪراني جي دانهن نڪري وئي ۽ اکين ۾ خوشيءَ جا ڳوڙها تري آيا.

"ستارن واسي سفيد انسانو! هاڻ هيڏهان اچو" گگول چوڻ لڳي "پهرئين منهنجون چند ڳالهيون ٻڌو. هن ڪمري ۾ توهان جيڪي چمڪندڙ پٿر ڏسندئو سي انهيءَ جڳهه تان ڪوٽي ڪڍيا ويا هئا، جتي خاموش ديوتا ويٺا آهن، مون کي اها ته خبر ناهي ته هنن پٿرن کي ڪهڙن ماڻهن کوٽي هتي گڏ ڪيو هو پر ايترو سو ڄاڻان ٿي ته اهي ماڻهو ڪنهن سبب جي ڪري وڏي افراتفريءَ ۾ هن خزاني کي ڇڏي هليا ويا هئا. ڪنهن کي به هن ڪمري جي خبر نه هئي، ايستائين جو هڪڙو سفيد انسان جيڪو اتفاق سان ستارن جي دنيا کان هن جڳهه تي آيو هو ۽ ڪوڪوآنه جي بادشاهه ان جو شاندار استقبال ڪيو هو" گگول ميز جي چوطرف ويٺل ممين مان پنجين مميءَ طرف اشارو ڪندي چيو " تڏهن ٽيوائين جو هڪڙي عورت هن ڪمري جو ۽ خفيه دروازي جو راز ڪنهن طرح ڄاڻي ورتو ۽ هو سفيد ماڻهو ان عورت کي گڏ وٺي ان ڪمري ۾ داخل ٿيو. ان کي چمڪندڙ پٿر ملي ويا ۽ ان انهن پٿرن جو هڪڙو ٿيلهو ڀريو. جنهن ۾ اها

عورت ڪاڏو ڪٽي آئي هئي. جڏهن اهو ٿيلهو مڪمل پرجي ويو ته ان سفيد ماڻهوءَ هڪڙو وڏو چمڪندڙ پٿر هٿ ۾ به ڪٽي ورتو". گگول ساهي کڻڻ لاءِ رڪجي وئي.

"اڇا! ته پوءِ ڇا ٿيو؟ ان ڪان پوءِ ان غريب ويچاري سلواتا تي ڇا گذري؟" مون وڏي دلچسپيءَ وچان پڇي ورتس.

گگول ڇرڪي پئي ۽ "توکي ان جو نالو ڪيئن معلوم ٿيو؟ ان کي مئي ته ڪيترين ئي پيڙهيو گذري ويون آهن". ۽ پوءِ جواب جي انتظار ڪرڻ کانسواءِ ئي چوڻ لڳي ته " ڪنهن کي به خبر ناهي ته پوءِ ڇا ٿيو. هو سفيد ماڻهو خبر ناهي ڪهڙي شيءَ ڪان ڊڄي سيئي پٿر واپس اڇلي، جان بچائي ٻاهر نڪري آيو. جڏهن ٻاهر آيو ته ان جي هٿ ۾ اهو پٿر موجود هو جيڪو هن آخر ۾ ڪٽيو هو ان پٿر کي تنهن وقت جي بادشاهه هن کان ڦري ورتو هو ۽ اهو پٿر هن وقت اگنوسي جي پيشانيءَ تي چمڪي رهيو آهي".

"ته ڇا ان کانپوءِ ڪوبه شخص هن ڪمري ۾ داخل نه ٿيو آهي؟" مون انڌيري ڪمري ۾ جهاتي پائيندي چيو.

"نه . ڪوبه نه. بادشاهه دروازو کولڻ جي ترڪيب ڄاڻندو هو ليڪن اهو به خفيه ڪمري ۾ ڪڏهن داخل نه ٿي سگهيو. چون ٿا ته ان ڪمري ۾ جيڪو به داخل ٿئي ٿو سو پهرين رات ئي مريو وڃي. جيئن اهو سفيد انسان مري ويو هو. جنهن جو آڪڙيل لاش توهان پهاڙي غار ۾ ڏسي آيا آهيو. هي،،هي،،ها،،ها،،ها،، منهنجي هر ڳالهه سچي هوندي آهي".

"هن ڏائڻ کي ان ڳالهه جي ڪيئن خبر پئي" مان حيرانيءَ مان سوچڻ لڳس.

"اڳتي وڏو سفيد آقا! منهنجو سڀ ڳالهيون سچ ئي هونديون آهن. توهان هن ڪمري ۾ پٿرن سان پريل ٿيلهو به ڏسندئو ۽ منهنجي اها ڳالهه به سچ ثابت ٿيندي ته جيڪو به هن ڪمري ۾ داخل ٿيندو آهي. موت ان جي منڊي مروٽي ڇڏيندو آهي، هي،،هي،،هي،،" هوءَ مشعل کٽي ڪمري ۾ داخل ٿي ۽ مان هيءَ چوڻ ۾ ڪابه جهجهڪ محسوس نٿو ڪريان ته هڪ دفعو ٻيهر مان وري به اندر داخل ٿيڻ کان نٽائڻ لڳس.

"ٺيڪ آهي، مان هن ڏائڻ جي گڏڙپيڪين ۾ اچڻ وارو ناهيان" گڊ چيو ۽ فلاويتا کي وٺي اندر داخل ٿيو مان ۽ هنري به انهن جي پوٺواري ڪئي.

اسين صفا سوڙهي اونداهي سرنگهه مان گذري رهيا هئاسين. گگول اسان ڪان گهٽو اڳيان هئي ۽ هڪ جاءِ تي ترسي اسان جو انتظار ڪرڻ لڳي، اسان گگول وٽ پهچي وياسين. هٽ سرنگهه جي ٻنهي ڪنارن سان پٿر ڪجهه اهڙي نموني رکيا ويا هئا جو ڪير به هن ڪمري ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ته وڏي آسانيءَ سان پٿرن کي کسڪايو وڃي.

هتي پهچي فلاويتا چيو ته" هاڻ اڳتي وڌڻ جي مون ۾ همت ناهي" تنهنڪري اسان ان کي اتي ئي هڪڙي پٿر تي ويهاري ڪاڏي جي ٽوڪري ان وٽ رکي ڇڏي.

ڪي پندرهن گز پنڌ هلڻ بعد اسين ڪاٺ جي نهيل هڪ اهڙي دروازي وٽ پهتاسين جنهن تي رنگين چٽسالي ٿيل هئي. هي دروازو مڪمل طور کليل هو. جڻ ته ڪوئي هن کي کليل ڇڏي افراتفريءَ ۾

پڇي نڪتو هجي ۽ دروازو بند ڪرڻ وسري ويو هجيس. دروازي جي چائنٽ تي چمڙي جو هڪڙو ٿيلهو پريو رکيو هو ڏسڻ سان لڳو ته هن کي چڱي طرح دٻاڙي پريو ويو هجي.

“هي،،هي،،هي،،ها،،ها،،ها” گگول مشعل جي روشني ٿيلهي تي وجهندي پيانڪ ٽهڪ ڏئي چيو ته “ مون توهان کي ٻڌايو نه هو ته هت پهرئين اڇڻ وارو انسان ٿيلهو اڇلائي ڀڄو هو.”

“خدا قسم هيءَ ٿيلهو ضرور هيرن سان ڀريل هوندو” گڊ يقين سان چيو.

“يائو اڳتي وڏو” هنري چيو “ ڪراڙي ڏائڻ! هاڻ اها مشعل مون کي ڏي” هنري ڪراڙي کان مشعل وٺي اڳتي وڌيو ۽ هاڻ اسان خفيه ڪمري ۾ هئاسين.

مشعل جي انڌي روشنيءَ ۾ ڪمري جو جائزو ورتوسين. ٻين ڪمرن وانگر هي ڪمرو به ڇٽان ڪاٽي ٺاهيو ويو هو. جنهن جي ڊيگهه ويڪر ڏهه ڏهه فوٽ هئي.

منهنجي نظر ڇت طرف وئي، جتي قطارن ۾ هاٿين جي سونڊين وانگر هاٿي ڏند لٽڪي رهيا هئا. ايتري تعداد ۾ هئا جو انهن جي ڳڻپ جو اندازو لڳائڻ مشڪل هو. چار سئو کان ڪنهن به صورت ۾ گهٽ نه هئا. ايترا هاٿي ڏند هڪ شخص کي زندگي ڀر لاءِ امير ترين شخص بڻائڻ لاءِ ڪافي هئا.

دروازي جي بلڪل قريب سامهون واري ديوار سان لڳل ڪجهه وڏيون صندوقون ترتيب سان هڪٻئي جي مٿان رکيون هيون.

“هنري مشعل هيڏهان کڻي اچ. هي صندوقون هيرن سان ڀُرِ هونديون” مون خوشيءَ مان دانهن ڪئي.

هنري مشعل کڻي آيو. سڀ کان مٿين صندوق جو پڙ زماني جي هٿ چراند سان ڏوڙ ۾ خسته حال لڳو پيو هو. صندوق کي لوهه جو هڪڙو وزني ڪنڊو اٽڪيل هو. مون ان کي کولي پڙ مٿي ڪري، صندوق کولي ته ان ۾ هيرا ته نه هئا مگر سون جي سِڪن سان جيئن جو تئين ڀري پئي هئي. جن تي عبراني زبان ۾ ڪا عبارت لکيل هئي.

“بحرحال اسان هتان خالي هٿين نه موٽنداسين”. مون هڪڙو سڪو کڻي اٿلائي پٿلائي ڏسندي چيو. اهڙا سڪا هڪڙي ئي صندوق ۾ هزارن جي تعداد ۾ پيل هئا ۽ صندوقن جو تعداد ارڙهن هو.

“بس هي ئي خزانو آهي؟. لڳي ٿو ته هيرا سيئي سلواٽا کڻي پنهنجي ٿيلهي ۾ ڀريا هوندا.” گڊ چيو.

“منهنجا سفيد آقا! هوڏهان ڪنڊ ۾ ڏسو” گگول هڪ طرف اشارو ڪيو جتي تي پٿر جون صندوقون پيل هيون، شايد اتي ئي من جي مراد پوري ٿئي. ٻن صندوقن تي مهر لڳل هئي پر ٽيءَ صندوق کي ڪو تالو يا ڪنڊو ڏنل ڪونه هو.

مان گگول کان پڇڻ کان رهي نه سگهي ته “ جيڪڏهن اڄ ڏينهن تائين هن ڪمري ۾ ڪير داخل نه ٿي سگهيو آهي ته پوءِ ڪيس انهن سارن تفصيلن جي ڪيئن خبر پئي”

“ميڪوميزن! “ گگول مون سان مخاطب ٿي “ڪن ڪن اکين ۾ ايتري ته جوت هوندي آهي جو اهي پهاڙن ۽ پٿرن جي آر پار ڏسي سگهڻ جي سگهه به رکنديون آهن”

“هنري! ذرا ان ڪنڊ ۾ ته ڏسجان” مون گگول جي ٻڌايل جڳهه طرف اشارو ڪيو.

“اڙي يار! هيڏهان پيجي اچو” هنري سڏ ڪيو.

اسان ڀوڙي اتي پهتاسين، ماڻهوءَ قد پٿر رکي هڪڙي ڪنڊ کي الڳ ڪيو ويو هو. ان ننڍي ڪمري ۾ ٽي ٽي فوٽ پٿر جون ٽي صندوقون رکيون هيون، جن مان ٻه شيشي سان سيل مهر ٿيل هيون ۽ ٽيءَ صندوق جي مهر ٽٽي پئي هئي ۽ اها کليل هئي.

“هيڏهان ڏسو!” هنري کليل صندوق تي مشعل جهڪائي ۽ منهنجون اکيون کيريون ٿي ويون. صندوق سڄي اڻ تراشيل هيرن سان ٽپ تار ٿيل هئي. مون کي ڪنهن به صورت ۾ يقين نه پئي آيو ته اهي هيرا آهن، مون اهي مٺ ڀري کڻيا.

جي ها، اهي هيرا ئي ها، اصلي ۽ قيمتي هيرا.

“خدا جو قسم اسان دنيا جا امير ترين انسان آهيون” ۽ مان چرين وانگر وڏا ٽهڪ ڏيڻ لڳس.

“سڄي بازار ۾ اسان جي ڪري هيرن جو سيلاب اچي ويندو”. گڊ چيو.

“نيڪ آ، باقي ڳالهيون پوءِ پيون ٿينديون، اچو ته پهرئين هيرن کي ڪنهن شي ۾ ڀريون” ، هنري حڪم ڏنو.

مگر اسان هڪ ٻئي جو منهن تڪيندا رهياسين، لڳو ائين پئي ته ڄڻ اسين ڪو وڏو گناهه ڪري رهيا هئاسين، جو مقدس عبادت گهر مان چوري ڪري رهيا هئاسين.

هيرن طرف هٿ وڌائيندي به دل ڌڙڪڻ لڳي.

“هي،،هي،،هي،،ها،،ها،،ها” اسان جي پٺيان گگول ٽهڪ ڏيندي چوڻ لڳي ته “ ڪٽي وجو جيترا ڪپڙا ڪٽي وجو جي انهن کي کائي پي سگهو ٿا ته وڃي کائو پيئو وڃي نٽ ڪريو.”

هيرن کي کائڻ پيئڻ اهڙي محضڪ خيز ڳالهه هئي، جنهن مون کي کلائي کلائي کيرو ڪري وڌو. هنري ۽ گڊ به مون سان خوب ساٿ ڏنو ۽ اها کل ۽ خوشي هئي ان ڳالهه جي ته اسان ان خزاني کي حاصل ڪيو هو جنهن لاءِ خبر ناهي ڪيترا ماڻهو پنهنجي جانين تان هٿ کڻي چڪا هئا. انهن صندوقن تي نه مهر حضرت سليمان جي لڳل هئي ۽ نه حضرت دائود جي. انهن نبين سڳورن کان به گهڻو اڳي ڪنهن بادشاهه اهو خزانو اچي اتي لڪايو هو جنهن کي نه حضرت دائود نه ئي حضرت سليمان حاصل ڪري سگهيو هو ۽ هينئر اسان اچي ان کي حاصل ڪيو هو. ڪجهه دير ڪانپوءِ کل جو دورو ختم ٿيو،،،

“سفيد انسانو! ٻي صندوق کوليو. ان ۾ به چمڪندڙ پٿر ئي هوندا”. گگول چيو.

اسان ٻي صندوق جون مهرون ٽوڙيون. ٻي صندوق به هيرن سان ٽمٽار ڀريل هئي. ٽيءَ ۾ البت هيرا هنن صندوقن کان ڪجهه گهٽ هئا مگر سڀ وڏا ۽ سبزيءَ مائل هئا.

خزاني جي خوشيءَ ۾ اسين گگول کي وساري ويٺاسين، جيڪا آهستي آهستي خفيه ڪمري مان ٻاهر نڪري وئي ۽ اسان کي ڪا خبر ئي نه پئي.

اوچتو فلاويٺا جون لاڳيتيون ڪوڪرون ٻڌڻ ۾ آيون” واڳون واڳون پيجو جلدي ڪريو خفيه دروازو بند ٿي رهيو اٿو.”

“اڙي ڇڏ مون کي، مان ڇوان ٿي تہ ھتي پري ٿي مون کان ڇوري” گگول جي ڏمڪين جو آواز اچڻ لڳو.

“ڇوري ڇڏ مون کي، ھٿ ڪڍ، ڇڱو نٿي ھٿ ڪڍين تہ بيھ تہ ڏسانءِ ٿي...” ۽ فلاويٽا جي دانھن اسان جي دل دهلائي ڇڏي.

“واڳون...واڳون.. جلدي واپس موٽو! ٻچي اچو.. واڳون ھن ڏائڻ منھنجي سيني ۾ خنجر کوڙي ڇڏيو آھي، آھہ....”

اسين سڀ ڪجھہ ڇڏي بيتحاشا خفيہ دروازي ڏانھن ڀڳاسين. اتي پھچي ڏٺوسين تہ خفيہ دورازو آھستي آھستي بند ٿي رھيو ھو يا ائين چئجي تہ بند ٿيڻ جي قريب ھو ۽ ان جي پرسان فلاويٽا ۽ گگول ھڪٻئي سان نبري رھيون ھيون. فلاويٽا جي ڇاتيءَ مان خون وھي رھيو ھو مگر ھوءَ بھادر ڇوڪري گگول کي مضبوطيءَ سان قابو ڪريو ويٺي ھئي ۽ گگول جھنگي ٻليءَ جيان ھن کي منھن ۾ رانپوتا ھڻي ھن جو منھن ڇلي رھي ھئي، اسين اتي پھتاسين تہ فلاويٽا جي طاقت جواب ڏئي چڪي ھئي ۽ ھوءَ ڏڙام ڪري ڪِري پئي، ۽ گگول پنھنجو پاڻ کي ڇڏائي بند ٿيندڙ دروازي ھيٺان رڙھڻ لڳي مگر وقت گذري چڪو ھو ۽ اجان گگول جو اڌ جسم دروازي ھيٺيان ئي ھو جو وزني ڇپ ان کي ڇيپاٽڻ شروع ڪيو. تيھہ ٽن جي وزني ڇپ گگول جي سڪل ھڏين کي ڪچليندي ھيٺ سرڪڻ لڳي ۽ گگول جي واتان آخري دفعو ڇيخ نڪتي ۽ دروازو بند ٿي ويو. گگول ھيٺان دٻجي مري وئي.

اھو سڀ ڪجھہ چند سيڪنڊن ۾ ٿي ويو.

ھاڻ اسين فلاويٽا طرف متوجھہ ٿياسين. جنھن جي سيني ۾ مُنئي تائين خنجر لٿل ھو ۽ ھوءَ آخري پساھہ کڻي رھي ھئي.”

“آھہ واڳون.. مان مري رھي آھيان” فلاويٽا ڪنجھندي چوڻ لڳي.” گگول اوچتو خفيہ دروازي مان ٻاھر نڪتي. ان وقت منھنجي اک لڳي وئي ھئي، تنھنڪري مون کي خبر ئي نہ پئي، بند ٿيندڙ دروازي جي گڙگڙاھٽ جي آواز سان منھنجي اک کلي وئي ۽ ان وقت گگول واپس اندر خبر ناھي ڇا ڳولڻ لڳي، جو مون وچي سندس گلي ۾ ھٿ وجھي کيس گھتو ڏيڻ لڳيس، مگر ھن خنجر منھنجي سيني ۾ لاھي ڇڏيو”.

“آھہ... واڳون.. مان مري رھي آھيان... خدا حافظ....”

“فلاويٽا! منھنجي پياري فلاويٽا” گڊ جي نيڻن مان لڙڪ وھڻ لڳا ۽ ان جھڪي رت ۾ لت پت فلاويٽا کي پنھنجي سيني سان لڳائي سندس ڇھري کي چمڻ لڳو.

“واڳون!” فلاويٽا ڇيو” ميڪوميزن ڪٿي آھي؟.. منھنجي اکين اڳيان انڌيرو اچي رھيو آھي.”

“مان تو وٽ ئي آھيان فلاويٽا” مون جواب ڏنس.

“ميڪوميزن، تون منھنجي ڳالھين جو مطلب واڳون کي سمجاءِ. ھن کي منھنجي زبان سمجھہ ۾ نٿي اچي، ۽ مان مرڻ کان پھريائين ڪجھہ چوڻ چاھيان ٿي.”

“چئو فلاويٽا”!

”منهنجا آقا! واڳون کي ٻڌاءِ ته مان ساڻس محبت ڪندي هيس... بيپناهه محبت... مگر اج ڏينهن تائين پنهنجي محبت کي لڪائيندي رهيس، اج جڏهن مان مري رهي آهيان ته... چاهيان ٿي ته، هو منهنجي محبت کان آگاهه هجي... مون کي موت جو ڪوئي غم ناهي... ڇو ته مون چاتو ٿي ته، واڳون مون کي ڪڏهن به ، پنهنجي زال بڻائڻ پسند نه ڪري ها، ڇو ته... روشني ۽ انڌيري جو، اڇي ۽ ڪاري جو... ڪڏهن به ميلاپ نه ٿيو آهي...“

”آهه... فلاويتا! خدا جو قسم مان توسان ضرور شادي ڪريان ها، آهه! تو پهريان مون کي ڇو نه ٻڌايو؟“ گڊ پنهنجا وار پٽڻ لڳو.

”بس بس واڳون. هاڻ مان وڏي اطمينان سان مرنديس، منهنجو جسم چاهي فنا ٿي به وڃي، پر منهنجي روح، توسان گڏ ئي رهندو. منهنجي دل محبت سان لبريز آهي، جيڪا ڪڏهن به ... فنا ٿي نٿي سگهي، جيڪڏهن مون کي ٻيهر زندگي عطا ٿي ته مان... ستارن جي دنيا ۾ اچي به توکي پائيندس... ميڪوميزن! تون واڳون کي ٻڌاءِ ته ، مان ان جي محبت دل ۾ کڻي جيئندي رهيس، ۽ هاڻ ان جي اها ئي محبت کڻي ، هن دنيا مان وڃي رهي آهيان... آهه... آهه... “.

فلاويتا هڏڪي ڏني ۽ سندس ساهه جو پکيئڙو پرواز ڪري ويو. گڊ ٻارن جيان اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳو.

”گڊ ان ڇوڪريءَ جي مرڻ جو ايڏو افسوس نه ڪر“ هنري چيس.

”ڇا مطلب ؟“ گڊ غصي مان هنري طرف مڙيو.

”مطلب ته تون جلدي هلي ان سان ملندين، ڏسين نٿو منهنجا ياءُ! پاڻ زنده ئي دفن ڪيا ويا آهيون.“

فلاويتا جي اوچتي موت جي ڏک کي ته اسين وساري به ڇڏيون ها پر جڏهن هنري اهي لفظ چيا ته مان ۽ گڊ چرين وانگر هيڏهان هوڏهان بيمقصد ڀڄڻ لڳاسين. هاڻ خبر پئي ته گگول اها پلاننگ اڳ ۾ ئي ڪري ڇڏي هئي، نياڳي رن شروع کان ئي اسان تنهي کان شديد نفرت ڪندي هئي. هوءَ موقعي جي تلاش ۾ هئي ۽ اسان پنهنجي بيوقوفي جي ڪري هن کي موقعو ڏئي ڇڏيو ۽ سندس خواهش مطابق هاڻ اسين اڄ ۽ ڀڪ ۾ تڙپي تڙپي مري وينداسين. ڪمبخت پاڻ ته مري وئي پر پاڻ سان گڏ اسان کي به ماري وئي، ۽ هاڻ سندس لفظ منهنجي ڪنن ۾ گونجڻ لڳا ته ” سفيد انسانو! اهي چمڪندڙ پٿر کائي، پي سگهو ته وڃي کائو ۽ پيئو وڃي نٽ ڪريو.“

شايد سلواٽا سان به ڪجهه اهڙو ئي واقعو پيش آيو هوندو. جنهن ڪري هو ويچارو پنهنجي جان بچائي ڀڄو هوندو.

”ائين بيڪار ڀڄ ڀڄ سان ڪجهه نه ٿيندو“ هنري چيو“ جيستائين مشعل ٻري رهي آهي، پاڻ کي اها ڪَل تلاش ڪرڻ کپي، جنهن سان هي خفيه دروازو کلندو آهي.“

اسين ٻئي ڏنهون ڦهلائيندڙ مشعل جي روشنيءَ ۾ فرش ۽ چٽاني ديوار کي چڱي طرح جانچڻ لڳاسين. ڪافي وقت گذري ويو مگر اسان کي اهڙي ڪا به ڪَل ملي نه سگهي.

“هنري! مون کي يقين آهي ته دروازو صرف ٻاهران ئي کولي ۽ بند ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن ان جي ڪائي ڪَلَ هتي ڪٿي اندر هجي ها ته گگول ڪڏهن به دروازي جي هيٺان گسڪي ٻچڻ جي ڪوشش نه ڪري ها”. مون مايوسيءَ وچان چيو.

“بحرحال ...” هنري هلڪي کل کلندي چيو “ بدلو برابر جو رهيو. گگول جو موت به ايترو ئي تڪليف ڏيندڙ ٿيو جيترو شايد پنهنجو ٿئي. هنن هيڏين ڇپُن سان مٿو ٽڪرائڻ بيڪار آهي. تنهنڪري واپس اچو ته خزاني واري ڪمري ۾ هلون.”

فلاويٽا وٽ رکيل ڪاڏي جي ٽوڪري کڻي اسين خفيه ڪمري ۾ اچي وياسين. ڪجهه دير بعد گڏ اٿيو ۽ فلاويٽا جو لاش کڻيو جنهن کي هڪڙي صندوق وٽ اچي رکيائين ۽ اسين ٽئي لاش وٽ هيرن سان ڀريل صندوقن کي ٽيڪ ڏئي ويهي رهياسين.

“منهنجي صلاح آهي ته اسين پاڻ ۾ ڪاڏو ورهائي ڇڏيون ته جيئن ٿورو ٿورو ڪري کائيندا رهون ته جيترا ڏينهن ممڪن ٿي سگهي ڪائي سگهون”. هنري صلاح ڏني.

ڪاڏو ورهائجي ويو. هر هڪ جي حصي ۾ صرف چئن ويلن جو ڪاڏو آيو جيڪو جيڪڏهن ذرو ذرو ڪري کائجي ته به اسين ان ڪاڏي سان چار ڏينهن مس زنده رهي سگهياسين ٿي. ان ڪانسواءِ ٿورو پاڻي به هو.

“سياڻ نه ته پرينهن پاڻ کي مرڻو ضرور آهي. تنهنڪري اڄ زنده رهڻ لاءِ ٿورو ڪاڏو کائڻ کپي”. هنري چيو.

اسان هڪ به گرهه هڻي به ڍڪ پاڻي پيتو ته بدن ۾ ڪجهه طاقت محسوس ڪرڻ لڳاسين ته اٿي ڇپن جهڙي قبر جي ديوارن کي وڏي غور سان ڏسڻ لڳا سين ۽ ان اميد سان ته متان ڪو خفيه دروازو ملي پئي. وڏيون ڪوششون ڪيون سين مگر سڀ بيڪار ويون. مشعل جي روشني جهڪي ٿيڻ لڳي ۽ اسان جي همت به جواب ڏيڻ لڳي ۽ مايوسيءَ مان پنهنجو منهن مٿو پٽڻ لڳاسين.

“ڪوارٽرمين! هاڻ ڇا ڪجي؟” هنري مون کان پڇڻ لڳو.

مون ڪيسي مان گهڙي ڪڍي جنهن ۾ ڇهه ٿي رهيا هئا. اسين يارهين وڳي. غار ۾ داخل ٿيا هئاسين.

”انفادوس اسان جو منتظر هوندو” مون ڪک جو سهارو وٺندي چيو. “اسين جيستائين ان وٽ نه پهچاسين ته هو ضرور اسان کي تلاش ڪندو ۽...“

“... ۽ ان جي تلاش بي نتيجا رهندي. انفادوس ته ڇا پر ڪوڪوآنه جو ڪو فرد به خفيه دروازي جي رستي کان واقف ناهي. هڪڙي گگول ئي هئي. جنهن کي سڀ خبر هئي پر انهيءَ جون به هڏيون پاسريون دروازي هيٺان سرمون لڳيون پيون آهن.

فرض ڪيو ته انفادوس ڪنهن به طرح خفيه دروازي تائين پهچي به ويو ته ان کي دروازي کولڻ جي ترڪيب معلوم ئي ناهي. ۽ هيءَ پهاڙ ايتري قدر ته موٽو آهي جو ڪوڪوآنه جي سڄي فوج ملي ڪري به ان کي ٽوڙي نٿي سگهي. بهتر اهو ئي آهي ته خدا تي ڀروسو ڪجي دوستو! هن خزاني جي ڪري

ڪيتريون ئي جانيون ڇٽ ٿي ويون ۽ اسان انهن جي تعداد ۾ ٽن ڇئن جو اضافو ڪنداسين”. هنري ڪي ٻه هاٿي مايوسي وڪوڙي وئي هئي.

مشعل جي روشني گهٽجي وئي، نيٺ مشعل وسامي وئي، پر وسامڻ کان اڳي مشعل آخري ڀڙڪو ڪري ايتري تہ روشني ڪئي جو اسان جي نيٽن آخري بار فلاويتا جو لاش، خزاني جو ڪمرو، ڇت ۾ ٽنگيل هاٿي ڏند، هيرن سان ڀريل صندوقون ۽ تي زندهہ انسان ڏٺا، جنهن ڪانپوءِ مشعل هميشہ هميشہ جي لاءِ پنهنجي اک ٻوٽي ڇڏي.

ڪمري ۾ گگهہ انڌيرو ڇانئجي ويو. ۽ ان انڌيري ۾ مون ڪي موت جي پرن جي ڦڙڦڙاهٽ ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳي.

# نا اميدي

چوندا آهن تہ ننڊ ڦاسيءَ جي تختي تي بہ اچي ويندي آهي . ۽ مون کي هڪڙو شعر ياد اچڻ لڳو تہ " ڦاسيءَ جي جهوليءَ ۾ . هن کي ننڊ اچي وئي " . ۽ ان رات منهنجي بہ گهڙي پل لاءِ اک لڳي وئي. ۽ ان گهڙي پل جي ننڊ مون کي ڪن پل لاءِ خوف ۽ حراس کان آزاد ڪري ڇڏيو. مگر گهڻي دير تائين سمهڻ ڏکيو هو ۽ ڪجهہ ئي دير ۾ منهنجي اک کلي وئي، گڏ ۽ هنري بدستور جاڳي رهيا هئا. اها رات اسان ڪيئن گذاري، ان کي بيان ڪرڻ کان مان قاصر آهيان.

ان وقت اسين اهڙي حالت ۾ هئاسين، جنهن حالت ۾ وڏن وڏن سورمن جو بہ هوند پِتو پاڻي ٿي وڃي ها. جيئن جيئن وقت گذرندو رهيو موت جو بيرحم چنبو پاڻ ڏانهن وڌندو محسوس ڪري رهيا هئاسين. ان وقت ڇانيل هيبتناڪ خاموشي موت کان وڌيڪ دهشتناڪ هئي. ان خاموشيءَ جو اندازو جيڪا خفيہ ڪمري ۾ ڇانيل هئي، لڳائڻ انتهائي مشڪل آهي.

ٻاهر جي دنيا ۾ بہ رات جي خاموشي طاري ٿيندي آهي، مگر وقت بہ وقت ڪوئي آواز ان خاموشيءَ جي چادر کي چاڪ ڪري ڇڏيندو آهي، پوءِ اهو آواز ڪيترو ئي ڪمزور ۽ غير اهم ڇو نہ هجي، پوءِ بہ زندگيءَ جو احساس ڏياريندو آهي. مگر هتي قبر جهڙي خاموشيءَ ۾ ڪو آواز بہ ڪونہ هو. اسين دنيا جهان کان بلڪل الڳ ٿلڳ جڻ تہ ڪنهن قبر ۾ دفن هئاسين ۽ اسان جي مٿان هزارين فوٽن جي بلندين تي پهاڙ جي برف پوش چوٽين تي ٿڏڙي ٿڏڙي زندگي بخش هير گهلندي هوندي، مگر اسين ان نعمت کان محروم هئاسين. ايتري قدر جو هڪ پنج فوٽ ڊگهي چٽان اسان کي "موت جي ڪمري" کان بہ ڌار ڪري ڇڏيو هو. جيڪڏهن اسين ان ڪمري ۾ هجون بہ ها تہ بہ خاص فرق نٿي پيو. انهن انتهائي موٽين پهاڙي ديوارن کان ٻاهر جو ڪو بہ آواز اسان تائين پهچي نٿي سگهيو. جيڪڏهن خوانخواستہ زمين ۽ آسمان پاڻ ۾ ٽڪرائجي وڃن ۽ دنيا ۾ آوازن جو طوفان اچي وڃي تڏهن بہ اسان کي هوند خبر ئي نہ پئي. جيڪڏهن هن وقت واقعي بہ قيامت اچي وڃي ۽ اسرافيل صور ڦوڪي تہ ان صور جو آواز بہ ٻڌي نہ سگهون. ائين اسين دنياوي آوازن جي شور شرابي کان ٻوڙا ٿي وياسين يا ٻوڙا ڪيا وياسين ۽ هن مهل حقيقت ۾ اسان مُردن مثل هئاسين، ۽ وري حالتن جي طنز بہ اسان جي روحن کي زخمي ڪري رهي هئي. ان وقت اسان وٽ ايڏو تہ خزانو هو جو اسان پوري دنيا جي مظلوم، مجبور ۽ بکين انسانن جي بک ختم ڪري پئي سگهياسين. يا دنيا جو عظيم ترين جنگي ٻيڙو تيار ڪرائي پئي سگهياسين، مگر هن وقت هيءَ هيتري دولت اسان جي ڪنهن بہ ڪم جي ڪانہ هئي. آزاديءَ جي معمولي اميد تي بہ اسين هن ساري خزاني تان دستبردار ٿيڻ لاءِ تيار هئاسين. اسان کي يقين هو تہ ڪجهہ گهڙين بعد اهڙو وقت بہ ايندو جو اسين هڪڙو اڌ گرهہ ماني ۽ بہ ڍڪ پاڻيءَ جي لاءِ ، هن خزاني بدران موت جا خواهشمند هونداسين تہ موت اچي اسان جي سيني تڪليفن جو خاتمو ڪري ڇڏي.

انهن ئي خيالن ۾ رات گذري وئي.

“ڪوارٽرمين!” هنري جو آواز موت جهڙي خاموشيءَ ۾ ڪجهه عجيب لڳي رهيو هو.

“تو وٽ دٻيءَ ۾ ڏيئي ٻارڻ جون ڪيتريون تيليون بچيون آهن؟”

“صرف اٺ”

“اڇا، ڀلا هڪ ٻاري ڏس ته ڪيترو ٽائيم ٿيو آهي هينئر.”

مون تيلي ٻاري، ان جي ڪمزور روشنيءَ ۾ ڏٺو ته منهنجي گهڙيءَ ۾ پنج وڃي رهيا هئا. اسان کان تمام گهڻي اوچائيءَ تي پهاڙن جي برف پوش چوٽين تي انتهائي خوبصورت پرهه ڦٽي رهي هوندي ۽ اوندهه پنهنجي اوڇڻ کي ويڙهي رهي هوندي.

“قوت برقرار رکڻ لاءِ منهنجو خيال آهي ته ٿورڙو کاڌو کائي وٺون.” مون صلاح ڏني،

“ڪهڙو فائدو؟” گڊ چيو ” هاڻ ته جيترو جلد موت اچي ته اچي هن مصيبت کان ڇوٽڪارو ڏياري ته چڱو.”

“اميد جو دامن هٿان نه ڇڏيو. نااميدي ڪفر آهي. اميد زندگيءَ جي پيڙهه هوندي آهي”. هنري چوڻ لڳو.

ٻه گرهه ماني جا هڻي ۽ ٻه ڍڪ پاڻي نڙيءَ کان لاهي خاموشيءَ سان ويهي رهياسين.

“دروازي وٽ ڀاڻ کي سڏ ته ڪرڻ کپن” هنري راءِ ڏني. “ ٿي سگهي ٿو ته اسان جي سڏن جو آواز ٻاهر تائين پهچي وڃي.”

گڊ اٿيو ۽ دروازي وٽ وڃي هن انفادوس کي ٻه ٽي سڏ ڪيا، ان جو آواز ايترو ته زوردار هو جو مرده به هوند قبر مان ڇرڪ ڀري اٿن ها پر هت گڊجي انهن سڏن جو ذري برابر به اثر نه ٿيو.

ڪجهه ئي دير ڪانپوءِ هو اچ کان ساٽو ٿي واپس موٽي آيو ۽ سڏ ڪرڻ بند ڪري ڇڏياسين. ڇا ڪاڻ ته سڏ ڪرڻ سان پاڻيءَ جي تمام ٿورڙي ذخيري تي وڏو اثر پئي پيو.

اسين نااميد ٿيو هيرن جي صندوقن کي ٽيڪ ڏيو ويٺا هئاسين. هي هيڏي تعداد ۾ هيرا هاڻ اسان لاءِ بنهه بيڪار هئا. قسمت اسان جي اميدن تي ڪاري ضرب لڳائي هئي ۽ منهنجي اميدن جو پيرم پورا پورا ٿي ويو هو ۽ مان هنري جي ڪلهي تي ڪنڌ رکي زاروقطار روئڻ ۾ شروع ٿي ويس. گڊ جي سڏڪن جو آواز پڻ اچي رهيو هو.

مگر هو پر اميد شخص زبردست طبيعت جو مالڪ هو جنهن وقت اسين ٻئي حراس ورتل ٻارن جيان هنجون هاري رهيا هئاسين ته هوءُ ٻاجهاري ۽ شفيق ماءُ جيان اسان کي دلاسا ڏئي رهيو هو. توڙي جو هنري به انهن ساڳين ئي مصيبتن ۾ گهريل هو جن ۾ اسين هئاسين مگر هو پنهنجون ذاتي تڪليفون ۽ مصيبتون وساري اسان کي دم دلاسا ڏئي رهيو هو. هو اسان کي انهن ماڻهن جا قصا ۽ ڪهاڻيون ٻڌائي رهيو هو جن سخت مصيبتن ۾ گرفتار هوندي به همت جي دامن کي هٿان نه ڇڏيو هو. ۽ سندن ساريون مشڪلاتون ڪچي ڌاڳي وانگر ٽٽي ويون هيون. مگر انهن قصن ۽ ڪهاڻين جو اسان تي ذرو به اثر نه پئي ٿيو. ته هنري چيو ته ” گهبرايو نه. تمام جلد موت اچي توهان جي سيني تڪليفن جو خاتمو آڻي ڇڏيندو”.

پوءِ هن هڪ اهڙي ڳالهہ ڪئي جيڪا هو اڪثر موقعن تي ڪندو رهندو هو تہ پنهنجو پاڻ کي رب جي رضا تي ڇڏي ڏيو.

جيئن رات گذري هئي، تيئن ڏينهن بہ گذري ويو.

مون تيلي ٻاري ست وڄي چڪا هئا، هن جڳهہ ايتري تہ اوندهہ ڇانيل هئي جو رات ۽ ڏينهن جو فرق معلوم ڪرڻ ممڪن ئي نہ هو. هڪ دفعو وري پيٽ جي دوزخ کي مختصر چنڊبو هٽيوسين جو اوچتو مون کي خيال آيو تہ ”ڇا سبب آهي جو هن ڪمري جي هوا هميشہ تازي توانہ رهندي آهي.“!

”او خدا!“ گڊ جي من ـ صحرا ۾ اوچتو آس جا گلاب ٽڙي پيا. ” بلڪل نيڪ ٿو ڇئين ڪوارٽرمين! هنن ٻاري پٿرن ۽ پهاڙن کي چيري تہ هيءَ هوا نہ ايندي هوندي، جيڪڏهن هتي هوا داخل نہ ٿئي ها تہ ڪڏهوڪو پنهنجي دم گهٽجي وڃي ها ۽ پاڻ مري چڪا هجون ها. هاڻ اچو تہ ڳوليون تہ هوا ڪٿان ٿي اچي. ممڪن آهي تہ ڪا راهہ نڪري پوي.“

اسين جانورن جيان هٿن پيرن تي رڙهندي هوا جو رخ تلاش ڪرڻ لڳاسين.

هٿوراڙيون هڻندي منهنجو هٿ ڪنهن ٿڌيءَ شي تي وڃي پيو مان تڪڙو پوئتي مڙيس، هيءَ ويچاري فلاويٽا جو چهرو هو.

هڪ ڪلاڪ بعد مان ۽ هنري تہ ٿڪجي ويهي رهياسين، مگر گڊ هي ڇئي تہ بيڪار ڪان بيگار سهي. واندو ويهڻ کان ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻ ئي بهتر آهي ۽ هو وڏيءَ سرگرميءَ سان ڪم ۾ جٽيو رهيو.

”او دوستو! ٿورو هيڏهان تہ اچو“ گڊ پر اميد آواز ۾ اسان کي سڏيو.

اسان بجليءَ جهڙي تيزي سان وٽس پهتاسين.

”ڪوارٽرمين! پنهنجو هٿ اورتي ڪري هِت رک، ها. هاڻ توکي ڪجهہ محسوس ٿئي پيو؟“

”بلڪل. هوا مٿان کان اچي رهي آهي“. مون جواب ڏنس.

”چڱو تہ ٻڌ جو“ ۽ گڊ اٿو بيهي پنهنجو پير زور سان فرش تي هڻيو. اسان جي دلين ۾ اميد جو چراغ روشن ٿيڻ لڳو. مون هڪ ڪنڊ ۾ بيهي تيلي ٻاري ان جڳهہ جو معائنو ڪيو. پهاڙ جي مضبوط ۽ پٿريلي فرش تي هڪ جاءِ تي ڪو جوڙهو جتي پٿر جو هڪڙو ڪڙو ڏنل هو. اسان جون دليون آزاديءَ جي خوشيءَ مان جهومي اٿيون. گڊ پنهنجي کيسي مان هڪ اهڙي ڇُري ڪڍي، جنهن سان گهوڙن جي سنبن مان پٿريون ڪڍبيون آهن. ۽ پوءِ اوڪڙو ويهي ان ڇريءَ جي مدد سان جنهن جاءِ تي ڪُنڊبو لڳل هو ان جاءِ تي پٿر کي کوٽڻ لڳو. ڪجهہ ئي دير ۾ ڪڙو ڪلي ويو. هيءَ ڪڙو جيئن تہ پٿر جو ٺهيل هو تنهنڪري يقين سان نٿو چئي سگهجي تہ اهو لوهہ جي ڪڙي وانگر مضبوطي سان ڪُنڊي ۾ قابو ٿيل هو يا مڙئي اٽڪيو پيو هو. گڊ ڪڙو مٿي ڪري پنهنجو هٿ انهيءَ ۾ وجهي پوريءَ قوت سان پاڻ ڏانهن ڇڪيو. مگر ڪجهہ نہ ٿيو. هنري زور آزمائي ڪئي پر وريو ڪجهہ بہ ڪونہ.

گڊ ڇري ڪٽي وري پنهنجي ڪم ۾ شروع ٿي ويو ۽ ان جڳهہ کي چڱي طرح کوٽڻ لڳو جتان تازي هوا اچي رهي هئي.

“هاڻ يارو مڙسي ڪجو. ٻانهون ڪنجي ڪڙي کي ڇڪجو. پر ٿورو ترسو” ڳڊ هڪڙو رومال ڪڍيو جيڪو منهن جي پگهر اگهڻ لاءِ هميشه شرٽ جي ڪالر هيٺان رکندو هو. “ ڪوارٽرمين! تون هنري جي چيلهه کي پڪڙ. جڏهن مان چوان، ته ٽيئي گڏجي زور لائجو.

هنري پنهنجو پورو زور لڳايو. مان هنري کي ڇڪي رهيو هوس ۽ ڳڊ مون کي.

“هاڻ پاڻ ڪامياب ٿي رهيا آهيون. ڇڪيو، اجان زور سان،، آ،، اچي مٿي،، اجان زور سان،،” هنري چيو ۽ اسان پوريءَ طاقت سان زور لاتو.

اوچتو هڪڙو ڌماڪو ٿيو ۽ پٿر پنهنجي جڳهه تان اکڙي آيو جنهن ڪري ڪمري ۾ تازي هوا جو جهڻ ته ڪو سيلاب اچي ويو. ۽ اسان ٽئي پنهنجي زوردار ڇڪ جي ڪري فرش تي اچي ڪرياسين.

وري جلدي اٿي ڪجهه ساهه کڻيوسين.

“ڪوارٽرمين! هڪڙي تيلي ٻار. مگر احتياط سان” هنري مون سان مخاطب ٿيو.

مون تيلي ٻاري ڏٺو ته پٿر جي هڪڙي چاڙهي هيٺ هلي ٿئي وئي.

“هاڻ ڇا ڪجي؟” ڳڊ پڇيو.

“رب کي ياد ڪري هيٺ لهي ٿا پئون”. هنري صلاح ڏني، “ ڪوارٽرمين بچيل ڪاڏوءِ پاڻي کڻي اچ.”

مان ٽپ ڏئي اٿيس ۽ اتي پهتس جتي پٿر جي صندوقن وٽ ڪاڏوءِ پاڻي رکيو هو. مان اهو کڻي جيئن ئي واپس ٿي موٽيس ته مون کي هڪڙو خيال آيو ۽ مون سوچيو ته جيڪڏهن پنهنجي قميس ۽ ڪوٽ جي کيسن کي هيرن سان پري فل ڪجي ته ان ۾ ڀلا ڪهڙي خرابي آهي، شايد اسين هتان نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون. اهو سوچي صندوق ۾ هٿ وڌم ۽ شڪاري ڪوٽ جي کيسن کي هيرن سان فل ڀريم ۽ ٻه ٽي هيرا ٽئين صندوق مان به ڪڍيم ( اهي وڏا هيرا هئا(

“دوستو! مون سنگت کي رڙ ڪندي چيو” توهان کي هيرا نه کپن ڇا؟، مون ته پنهنجي ڪوٽ جا کيسا ڀريا آهن.”

“لعنت وجهه انهن هيرن تي”. هنري ڇڙٻ ڏيندي چيو” مون کي ته انهن کان سخت نفرت ٿي وئي آهي.”

ڳڊ ڪوبه جواب ڪونه ڏنو شايد هو فلاويٽا جي لاش کي الوداع ڪري رهيو هو جنهن سان هن کي بيپناهه محبت هئي. لڳو ائين پئي ته ان به هن منحوس دولت کي حاصل ڪرڻ نٿي چاهيو. مگر مان ته پنهنجي عادت کان مجبور هوس.

“اچ ڀلا ڪوارٽرمين!” هنري چاڙهيءَ جي پهرئين ڏاڪي تي بيٺو هو. وڏي احتياط سان اچجو. مان اڳ ۾ هلان ٿو.”

“هنري! هوشياري ڪجان، متان اڳيان ڪا گهري کاهي هجي”. مون چيس

“پر اهو به ممڪن آهي ته اجان به ڪو ڪمرو ئي هجي”. هنري چيو ۽ پوءِ هوشياريءَ سان هيٺ لهڻ لڳو مان ڇنبڙي ڦوڪي قدم کڻندو ان جي پنيان لهڻ لڳس، ڳڊ مون سان گڏ هو.

پندرهن ڏاڪا لهڻ کانپوءِ هنري بيهي رهيو "پائو! چاڙهي تہ اتي ئي پوري ٿي وئي. لڳي ٿو تہ اجان پنهنجي قسمت جو ستارو گردش مان نہ نڪتو آهي".

هيٺ پهچي باقي بچيل ٻنهي تيلين مان مون هڪڙي ٻاري ڇڏي تہ خبر پئي تہ اسين ڪنهن سوڙهيءَ سرنگهہ ۾ بيٺا هئاسين ۽ هتي پهچي سرنگهہ ٻن حصن ۾ ورهائجي ٿئي وئي، ۽ جنهن چاڙهيءَ تان اسان هيٺ لٿا هئاسين ان جي ساڄي ۽ کاٻي اها سوڙهي سرنگهہ هلي ٿئي وئي. ان کان اڳ جو اسين ڪجهہ ڏسي سگهون تيلي منهنجي آڱرين کي ڏنپ ڏيندي وسامي وئي. هاڻ هت اچي منجهي پياسين تہ ڪهڙو رستو اختيار ڪجي. اها بہ خبر نہ هئي تہ ساڄي ۽ کاٻي واريون سرنگهون ڪٿي وڃي ٿيون دنگ ڪن، ٿي سگهي ٿو تہ هڪ سرنگهہ ۾ داخل ٿي اسان ٻاهر پهچي وڃون ۽ ٻي سرنگهہ موت جي اٿاهہ تاريڪين ۾ وڃي پهچائي. تنهنڪري اتي ڪجهہ وقت ترسي سوچڻ ۽ هڪبئي سان صلاح ڪرڻ لڳاسين جو اوچتو گڊ کي خيال آيو تہ مون جيڪا تيلي ٻاري هئي ان جي ڇيپي ساڄي طرف مڙيو پئي وئي.

"اسان کي کاٻي طرف هلڻ کپي" گڊ چيو "ان طرف کان هوا اندر اچي رهي آهي".

تنهنڪري اسان کاٻي طرف واري سرنگهہ ۾ گهڙي پياسين. ايئن آهستي آهستي اسين ان منحوس خزاني جي ڪمري کان دور ٿيڻ لڳاسين. جيڪڏهن اسان کانپوءِ بہ ڪو شخص خزاني واري ڪمري ۾ داخل ٿيو.( جنهن جي اميد تہ ڪانهي) تہ اهو ان ڪمري ۾ اسان جون نشانيون ضرور ڏسندو. ڪليل صندوق، وسايل مشعل ۽ معصوم فلاويٽا جو سفيد هڏائون پڃرو وغيره.

پندرهن منٽن کن هلڻ بعد سرنگهہ هڪ طرف مڙي وئي ۽ هتي ان سرنگهہ جنهن ۾ اسان هلي رهيا هئاسين، هڪڙي ٻي سرنگهہ کاٻي طرف کان اچي ان کي ڪٽيندي ساڄي طرف هلي ٿئي وئي. اسين نڪ جي سڌائي تي هلندا رهياسين. مسلسل ٽي ڪلاڪ هلڻ باوجود بہ اسين ان سرنگهن جي ڄار مان نڪري نہ سگهياسين. هيستائين دل ۾ اميد جو جيڪو چراغ ٽمڪي رهيو هو سو بہ هاڻ وسامڻ لڳو.

آخر ٿڪاوٽ ۽ مايوسيءَ جي ڪري هڪ جاءِ تي ويهي رهياسين. هتي اچي اسان باقي بچيل ڪاڏو ڪائي ۽ پاڻيءَ جا آخري ڍڪ پيتاسين. لڳو ائين پئي تہ اسين جنهن موت جي هٿن مان دامن ڇڏائي خفيہ ڪمري مان ڀڳا هئاسين، اهو ئي موت اسان جو پيڇو ڪندو اچي رهيو هو ۽ هتي اچي اسان کي دسيندو.

جڏهن هلڻ لاءِ اٿياسين تہ مون کي ڪو مبهم آواز ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳو خبر ناهي اهو ڇا جو آواز هو مگر مان ان کي مسلسل ٻڌي رهيو هوس، ۽ مون پنهنجي ساٿين جو ڌيان ان ڏانهن ڇڪايو.

"قسم سان اهو وهندڙ پاڻيءَ جو آواز آهي، اچو" گڊ چوڻ لڳو.

اسين آواز طرف وڌڻ لڳاسين ۽ جيئن جيئن اڳتي وک وڌائيندا رهياسين تہ اهو آواز تيز ۽ چٽو ٿيندو پئي ويو. ۽ هتي اچي ان ڪنهن شور جي صورت اختيار ڪري ورتي .

اسان تيزيءَ سان اڳتي وڌندا رهياسين. اڳتي... اجان بہ اڳتي... يقينن هيءَ تيزيءَ سان وهندڙ پاڻيءَ جو ئي آواز هو پر اسان کي اجان بہ شڪ هو تہ زمين جي هيٺان پاڻي ڪيئن وهندو هوندو.!

گڊ تہ اکين تي هٿ رکي قسم کڻي رهيو هو تہ هن کي پاڻيءَ جي بوءَ اچي رهي آهي .

”گڊ! هوشياريءَ سان اڳتي وڌجان لڳي ٿو تہ پاڻ پاڻيءَ جي بلڪل نزديڪ پهچي چڪا آهيون“. هنري چوڻ لڳو ۽ اوچتو ”ڇپڙڪ“ جي آواز سان گڊ هيٺ ڦهڪو ڪيو.

مون بہ ٽي سڏ ڪيا. ”گڊ او گڊ. ڪٿي آهين؟“.

”سڀ ڪجهہ ٺيڪ آهي، هڪڙي چٽان هٿ چڙهي وئي آهي ۽ مان هيٺ ڪرڻ کان بچي ويو آهيان، جلدي تيلي ٻاري روشنيءَ جو بندوبست ڪيو تہ خبر پئي تہ توهان ڪٿي آهيو“. گڊ جو آواز اچڻ لڳو.

مون آخري تيلي بہ ٻاري ڇڏي، پاڻي اسان جي پيرن وٽ ئي وهي رهيو هو مان ۽ هنري ان جي ڪناري تي بيٺا هئاسين، ۽ گڊ هڪڙي بلند چٽان تي لٽڪي رهيو هو جو تيلي وسامي وئي.

”بس جتي آهيو اتي ئي بيٺا هجو. رڳو پنهنجا هٿ اڳتي وڌايو. مان توهان مان ڪنهنجو هٿ پڪڙي وٺندس، مگر هوشيار رهجو ائين نہ ٿئي جو توهان بہ مون سان گڏ اچي پاڻيءَ ۾ ڦهڪو ڪيو“. گڊ چوڻ لڳو ۽ ٿئي لمحي اسان ڪي هن جي پاڻيءَ ۾ ڪرڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ٻن ٽن منٽن بعد گڊ هنري جو هٿ پڪڙي ڪناري تي اچي ويو.

”خدا جي پناهہ“ گڊ سهڪندي چوڻ لڳو ”جيڪڏهن چٽان منهنجي هٿ نہ چڙهي ها تہ مان تہ ترڻ بہ نہ ڄاڻندو هان، ۽ ڪڏهوڪو غرق بہ ٿي وڃان ها،، پاڻي وڏيءَ تيزيءَ سان وهي رهيو آهي، پاڻ ڪي تہ ان جي سير جي سنڌي جي بہ خبر ناهي“.

”پاڻ ڪي انهيءَ نالي جي ڪنڌي سان نہ هلڻ کپي، متان ڪو ساٿي نہ وڃي ان ۾ ڦهڪو ڪري“. هنريءَ صلاح ڏني.

پوءِ اسان انهيءَ نالي مان هٿ منهن ڌوئي پاڻيءَ جي بوتل ڀري سين. نالي جو پاڻي انتهائي ٿڌو ۽ مٺو هو ڪجهہ دير سوچڻ بعد اسين وري سرنگهہ ۾ گهڙي پياسين ۽ هڪ ٻي سرنگهہ وٽ وڃي پهتاسين، جيڪا ڪابي طرف وڃي رهي هئي.

”لڳي ٿو تہ سڀ سرنگهون ساڳي جهڙيون آهن“. هنري چيو ”بحرحال ساڄي طرف وڃڻ کپي، جيڪڏهن رب پاڪ گهريو تہ پاڻ سرنگهن جي انهيءَ هيبتناڪ ڄار مان پار پچي ٻاهر نڪري ايندا سين“.

اسين ساڄي پاسي واري سرنگهہ ۾ داخل ٿياسين، هنري اسان جي رهنمائي ڪري رهيو هو سو يڪدم رڪجي ويو ۽ اسين وڃي ساڻس ٽڪرايا سين.

”او سامهون هُو ڏس ڪوارٽرمين!“ هنري چيو ”منهنجو دماغ چڪرائجي ويو آهي يا واقعي بہ سامهون روشنيءَ جو دُڪ نظر اچي رهيو آهي؟“.

مون غور سان ڏٺو تمام پري اسان جي بلڪل سامهون روشنيءَ جو هڪڙو ميرانجهڙو دڪ نظر اچي رهيو هو. اها روشني قدرتي طور ميرانجهڙيءَ هئي يا اسان جون اکيون اوندهہ جون عادي بڻجي ان کي ائين ڏسي رهيون هيون.

اسين ڏڪندڙ دلين ۽ لرزندڙ قدمن سان روشنيءَ طرف وڌڻ لڳاسين، سامهون واقعي بہ روشني ٿي هئي، چند قدم اڳتي وڌياسين تہ تازي هوا شروع ٿي چڪي هئي ۽ اسان جون دليون خوشيءَ مان جهومي اٿيون.

اسين اڳتي وڌندا رهياسين. سرنگهہ ايتري تہ سوڙهي هئي جو اسين جانورن وانگر ٽنگن ٻانهن تي ٻانبڙا ڏئي رڙهندا رهياسين، سرنگهہ اجان وڌيڪ سوڙهي ٿيڻ لڳي ۽ اسين گوڏن ڀر گسندا، نوڙنين ڀر ٿُرندا ۽ سيني ڀر سُرڻ لڳاسين.

ايئن اسين اڳتي وڌندا رهياسين. هتي اچي محسوس ٿيو تہ نرم نرم واريءَ تي رڙهي رهيا آهيون ۽ پٿريلو رستو پورو ٿي چڪو آهي.

آخري ڪوشش،،، ۽ هنري،، ان بعد گڏ ۽ آخر ۾ مان،،، سرنگهہ مان ٻاهر هوس،،، مٿي آسمان تي ستارا اکيون ٻيجي رهيا هئا ۽ ٿڌڙي هوا روحاني سڪون پهچائي رهي هئي. اسين ٿڪ ٿي خوشيءَ مان مسڪرائي رهيا هئاسين، جو ان هيبت ناڪ جڳهہ تان زندهہ با سلامت نڪري آيا هئاسين جيڪا اسان جي قبر بڻجڻ واري هئي، پهاڙن جي چوٽين تي پرهہ ڦٽي رهي هئي. جنهن کي ڏسڻ جي صرف چند منٽ اڳ اسان کي ڪا اميد ئي ڪانہ هئي.

آهستي آهستي پرهہ جي پيلي روشني ڦهلجڻ لڳي ۽ هاڻ ڏٺوسين تہ اسين هڪڙي غار جي سامهون واري هڪڙي وڏي ۽ گهري کڏ ۾ ويٺا هئاسين.

صبح جي روشنيءَ اجان تيز ٿي تہ اسان هڪٻئي جو جائزو ورتو. هر هڪ جي اکين جي چوڌاري ڪارا دائرا نهي چڪا هئا ۽ وار صفا بري طرح وکري ويا هئا ۽ چپ سڪي ٿوٽ ٿي ويا هئا. اسان جا ڪپڙا ۽ جسم ڪچري ۽ ڪيچڙ ۾ ٿڦيا پيا هئا، پوءِ بہ يقين ڪيو تہ گڊ کي اها هڪ چشمي عينڪ بدستور اک سان چهتي پئي هئي.

اسان اٿي مٿي چڙهڻ شروع ڪيو. ڪلاڪ کن جي جدوجهد کانپوءِ اسين انهيءَ کڏ جي ڪناري ويٺا هئاسين. سامهون شاهراهہ سليمان اڳتي هلي ٿئي وئي ۽ دور ڪٿي اهو غار نظر اچي رهيو هو جتي ٽن خاموش ديوتائين جا مجسما نصب ٿيل هئا، شاهراهہ سليمان جي هڪ طرف کان هتي غار کان ڪوئي سئو کن گز دور جهوپڙين جي سامهون ڪا مشعل ٻري رهي هئي، ۽ ان جي روشنيءَ ۾ انساني پاڇن جي چر پر نظر اچي رهي هئي. اسين اوڏهان وڌياسين، اسان کي ڏسندي ئي هڪ ڄڻو اٿيو ۽ خوشيءَ مان دانهن ڪري اسان جي قدمن ۾ وڃائجي ويو.

"انفادوس، انفادوس، اسين پهچي وياسين، تنهنجا دوست". مون کان خوشي روڪي نہ ٿي.

"منهنجا آقا،،، منهنجا آقا،، چاهي واقعي ئي منهنجا آقا ئي آهن يا مون کي پنهنجون نگاهون ۽ سماعتون دوکو ڏئي رهيون آهن". ۽ پوڙهو جرنيل هنريءَ جا پير پڪڙي خوشيءَ مان زار وقطار روئندو رهيو.

# آخري سلام

ڏهين ڏينهن اسين ”لو“ ۾ هئاسين....

ٻاهر آئينو ڏسڻ سان پتو پيو ته منهنجا ڪارا ۽ ملائم وار صفا اڇا ٿي ويا هئا ۽ گڏ جو هشاش بشاش چهرو به مرجهائي صفا سست ٿي ويو هو ۽ فلاويتا جي قتل جي ڪري هو اڪثر غمگين رهڻ لڳو هو.

اسين پوءِ به سليماني خزاني جي خفيه ڪمري جو سراغ نه لڳائي سگهياسين. ڪجهه ڏينهن ته ڪجهه ماڻهن سان گڏ جتان اسين ٻاهر نڪري آيا هئاسين، ان ڪڏ ۾ لهي سرنگهه کي ڏاڍو ڳوليو سين پر ڪاميابي نه ٿي.

”لُو“ واپس موٽڻ کان هڪ ڏينهن اڳ اسان موت جي ڪمري جي خفيه دروازي کي ڏاڍو تلاش ڪيو پر ٻيو ٿيو خير. لاڳيتو ٻارهن ڪلاڪن جي جدوجهد ڪانپوءِ به اسان کي اهو خفيه دروازو هٿ نه آيو ۽ شايد قيامت تائين به ڪنهن کي هٿ نه اچي.

سليماني خزاني جون صندوقون ۽ فلاويتا جون هڏيون رهندي دنيا تائين اتي محفوظ ٿي رهنديون.

ان جڳهه جو سر بستو راز گگول پنهنجي سيني ۾ سانڍي قيامت تائين انهيءَ پهاڙي چپ جهڙي دروازي هيٺان ڇپيائيل ٿي رهندي.

مايوسيءَ کان ٿڌڙيون آهون ڀريندا ٿي ڏينهن اسين ”لُو“ طرف روانه ٿياسين. حقيقت ۾ اهي ٿڌڙيون آهون اسان جي ڪيڏي نه ناشڪري ظاهر ڪري رهيون هيون. واقعي ٿي انسان ڪڏهن به سهي نموني پنهنجي پالڻهار جو شڪريو ادا نه ڪيو آهي، تنهنڪري ”بيشڪ انسان نقصان ۽ خساري ۾ آهي“.

قارئين کي ياد هوندو ته خفيه ڪمري مان نڪرڻ وقت مون پنهنجي ڪوٽ جي کيسن کي هيرن سان ڀريو هو مگر سوڙهي سرنگهه مان رڙهندي وقت ڪيترائي وڏا هيرا منهنجي کيسن مان نڪري ڪٿي ڪري پيا هئا. پر پوءِ به منهنجي ڪوٽ ۾ ايترا ته هيرا هئا جو منهنجا پوٽا ۽ پڙ پوٽا به آرام سان زندگي بسر ڪري سگهيا ٿئي.

ائين سليماني خزاني لاءِ ڪيل ڪشالا اجايا نه ويا هئا.

”لُو“ پهچڻ تي اگنوسي اسان جو شاندار استقبال ڪيو ۽ وڏي توجهه سان اسان جي دردن جو داستان ٻڌندو رهيو. جڏهن اسان گگول جي موت جو ذڪر ڪيو ته هو ڪنهن گهري سوچ ۾ پئجي ويو.

هن آڱر جي اشاري سان هڪڙي جهور ڪراڙي درباريءَ کي پاڻ ڏانهن سڏيو جنهن جي مٿي جا وار ۽ ڀرون صاف سفيد ٿي ويا هئا ۽ وقت هن جي چهري تي گهنجن جو ڄار اُٽي ڇڏيو هو ڪراڙي وڏي ادب سان اگنوسيءَ کي سلام ڪيو ۽ پوءِ با ادب بيهي رهيو.

”ڪيتري عمر ٿيندي توهان جي؟“ اگنوسي ڪراڙي سان مخاطب ٿيو.

”توهان جو ڏاڏا سائين ۽ مان ساڳئي ئي ڏينهن ۾ ساڳي ئي گهڙي ۾ ڄاوا هئاسين“. ڪراڙي جواب ڏنو.

”چڱو ڀلا، اهو ٻڌاءِ تہ جڏهن توهان معصوم ٻارڙا هئا تڏهن توهان گگول کي ڏسندا هئا؟“.

”جي سرڪار! مان ننڍڙي هوندي کان ئي گگول کي ڏسندو آيو آهيان“.

”تنهن وقت اها ڪيئن هئي؟. منهنجو مطلب آهي تہ نوجوان هئي، اڌڙوٽ هئي يا ڪراڙي؟“

”نہ منهنجا آقا، اها تنهن وقت بہ اهڙي ئي مڪروهہ ۽ بدشڪل هئي جهڙي اڄ آهي“.

”اها ڏائڻ هاڻ هن دنيا ۾ ناهي رهي، مري چڪي آهي“.

”ڇا؟ تہ صديون پراڻي انهيءَ شيطاني عورت جو خاتمو ٿي ويو؟“

”ها مري وئي، هاڻ تون وڃين سگهين ٿو“.

”ڪوم ڪوم“ ۽ ٻڍڙو وڃي پنهنجي جڳهہ تي ويٺو.

”ڏسو منهنجا عزيز دوستو!“ اگنوسي اسان سان مخاطب ٿيو. ”اها گگول نياڳي هڪڙي اهڙي پراسرار رن هئي جنهن جي موت جي خبر مون کي وڏو روحاني سڪون پهچايو آهي. جيڪڏهن اها ٻڍڙي زندهہ رهي ها تہ توهان کي خفيہ ڪمري ۾ دفن ڪري يقينن مون کي قتل ڪرائڻ جي ترڪيب سوچي ها ۽ پوءِ پنهنجي ڪنهن ڇهيتي کي تخت تي ويهاري، پنهنجي شيطاني قوتن سان ڪوڪوآنہ جي ڌرتيءَ ۽ ماڻهن کي ذليل ڪندي رهي ها، خير! تہ ميڪوميزن تون پنهنجو داستان مڪمل ڪر“.

مون سڀ ڪجهہ ٻڌائڻ بعد مناسب موقعو ڏسي چيو تہ ”اگنوسي! هاڻ اسان واپس پنهنجي وطن ورڻ ٿا چاهيون. تون هڪڙي ملازم جي حيثيت سان اسان گڏجي آئين ۽ هاڻ ماشاءَ الله توکي ڪوڪوآنہ جو بادشاهہ ڇڏيو ٿا وڃون، تو جيڪو واعدو ڪيو هو تنهن کي ياد رکجان، ڪڏهن بہ ڪنهن بيگناهہ کي قتل نہ ڪجانءَ، سڀاڻ صبح سان اسين روانہ ٿي وينداسين. اسان کي صرف هڪڙو راهہ جو سونهون ڏجانءَ جيڪو اسان کي ڪوهہ سبا جي پرئين پاسي تائين پهچائي اچي“.

”توهان جي اها ڳالهہ ٻڌي ۽ واپسيءَ جو ارادو ڏسي سچ تہ منهنجي دل تي ڄڻ تہ ڪو وزني پهاڙ ڪري پيو آهي“. اگنوسيءَ چوڻ لڳو ”انڪوبو واڳون ۽ ميڪوميزن! آخر مون کان ڪهڙي غلطي ٿي آهي، جنهن ڪري مون کي ڇڏي وڃي رهيا آهيو، توهان هيڏي خطرناڪ جنگ ۾ منهنجو ساٿ ڏنو ۽ هاڻ پرامن زماني ۾ مون کي ڇڏي وڃي رهيا آهيو مان توهان جي جدائي ڪيئن برداشت ڪري سگهندس؟“.

”عزيز دوستو! ڏسو هيءَ سمورو ملڪ توهان جو پنهنجو آهي، مان صرف نالي جو بادشاهہ هوندس، حڪومت توهان ڪندئو بس هتي ئي رهي پئو آخر توهان کي ڪهڙي شي جي ضرورت آهي. ڇا کير مکڻ جي؟ تہ هر روز صبح جو توهان لاءِ ڳئون جو تازو کير ۽ مکڻ موجود هوندو. توهان جي دل هاٿين جي شڪار لاءِ چئي تہ منهنجي ملڪ ۾ بہ ڪوڙ هاٿي موجود آهن، جيڪڏهن جنگ ڪرڻ چاهيو تہ هيءَ سجو لشڪر توهان جو آهي، جنهن ملڪ تي وٺيو حملو ڪيو منهنجا دوستو! منهنجا پيارا! مان روءَ زمين جي هرشي جنهن تي منهنجو اختيار آهي، توهان لاءِ حاضر ڪري سگهان ٿو. مگر ديوتائن جي واسطي مون کي ڇڏي نہ وڃو“.

”اگنوسي منهنجا پياءُ، منهنجا دوست! تنهنجي وڏي مهرباني، لک لائق پر اسين پنهنجي وطن واپس ورڻ ٿا چاهيون“. مون عذر ڏنو.

”اڇا، تہ توهان نہ مڙندو، واپس ويندئو“. ڪاوڙ مان اگنوسيءَ جي اکين ۾ جنسي رت لهي آيو. “توهان مون کان وڏيڪ هيرن کي ٿا چاهيو. ائين نہ؟ توهان انهن کي حاصل ڪري ورتو هاڻ توهان کي منهنجي ڪهڙي ضرورت؟ . وڃو، پلي وڃوءِ وڃي ناٽال جي بازارين ۾ هيرا وڪڻو ڪروڙپتي بڻجو، ديوتائين جو قسم اگر اڄ کانپوءِ ڪوبہ شخص انهن پٿرن جي تلاش ۾ هيڏهان آيو تہ ان جي ڪل لهرائي ٻڪ سان پرائي ڇڏيندس،،، سفيد انسانو،،! توهان وڃي سگهو ٿا،،،“

”اگنوسي!“ مون پنهنجو هٿ هن جي هٿ تي رکيو “اهڙي ڳالهہ ناهي منهنجا پاءُ! تون ئي پنهنجي دل تي هٿ رکي ٻڌاءِ تہ تون جڏهن اسان وٽ هئين تہ توکي پنهنجي وطن جي ياد نہ ستائيندي هئي؟ توکي پنهنجي اباڻو وطن ۽ وطن وارا ياد نہ ايندا هئا؟ يار پنهنجي دل تي هٿ رکي ٻڌاءِ؟. ان کي ئي وطن جي حب چئبو آهي جيڪا ايمان جي نشاني هوندي آهي. جيڪا توکي بہ اسان وٽ سڪون سان ويهڻ نہ ڏيندي هئي، بس اها ئي ڳالهہ آهي منهنجا عزيز پاءُ!“

”توهان ٺيڪ ٿا چئو ميڪوميزن،،،!“

”بس ايئن ئي پنهنجي وطن جي ياد ٿي ستائي نہ تہ تو جهڙي دلبر دوست کي ڇڏڻ لاءِ اسان جي دل پلا ڪيئن چوندي هوندي“.

”توهان جون ڏاهپ ڀريون ڳالهيون ۽ دلين جا دليل بلڪل ٺيڪ آهن ميڪوميزن! جيڪو پکيئڙو آڪاش جي وسعتن تي پرواز ڪندو آهي تنهن کي زمين تي ريڙهيون پائڻ بلڪل بہ پسند نہ هوندو، واقعي بہ توهان ڪاري چمڙيءَ وارن ماڻهن ۾ خوش نٿا رهي سگهو تنهنڪري مان توهان کي واپس ورڻ جي اجازت ڏيان ٿو. پوري زندگي منهنجي هيءَ دل توهان جي ياد جو ڏيئو بڻجي جلندي رهندي، توهان هرپل منهنجي من جي ڪائنات تي سورج، چنڊ، ستارا بڻجي جڳ مڳ جرڪندا ئي رهندئو.

منهنجي هن اپاڳي دل جي ويران رڻ تي يادين جا گلاب بڻجي ٽڙندا ئي رهندئو.

توهان منهنجي من جي گلشن کي غير آباد ڪري وڃو ٿا تہ پلي وڃو مان پنهنجي دل کي پلي پڪو ڪرڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪندس، ۽ هتان وڃڻ کانپوءِ توهان جڏهن تہ منهنجي لاءِ مري چڪئو چو تہ هاڻ پيهار ڪڏهن بہ تپندڙ صحرا کي عبور ڪري هتي نہ ايندئو“.

”مگر ميڪوميزن! منهنجو هيءَ پيغام پنهنجي مهذب دنيا تائين پهچائي ڇڏجانءِ تہ هاڻ ڪوبہ شخص ڪوڪوآنہ جو رخ نہ ڪري، مان نٿو چاهيان تہ شڪارين جي بندوقن جو خوف منهنجي ماڻهن جي دلين ۾ گهر ڪري وڃي. ڪوبہ مذهبي رهنماءَ يا تبليغي گروهہ هيڏهان اچڻ جي ڪوشش نہ ڪري، جو خدا جو خوف ڏئي منهنجي ملڪ جي سپاهين کي بزدل بڻائڻ جي بيهوده ڪوشش ڪري، جيڪڏهن ڪو اڙيو ٽڙيو شخص اوچتو آيو بہ سهي تہ مان ان کي ڪوهہ سبا جي برفاني چوٽين ڏانهن هڪالي ڪيندس، اگر ڪو لشڪر لڙيو تہ ان سان جنگ ڪري نست و نابود ڪري ڇڏيندس، يا ڪو شخص خزاني جي تلاش ۾ اچي نڪتو تہ ان جو انجام بہ ڏاڍو برو ٿيندو.

ها باقي توهان ٽن ڄڻن لاءِ ڪوڪوآنه جا درواز منهنجي دل جيان هميشه ڪليل رهندا، توهان جڏهن به چاهيو اچي سگهو ٿا، ڇو ته توهان ٽئي ڄڻا مون ڪي پنهنجي ساهه کان وڌيڪ پيارا آهيو“.

”انفادوس ۽ اهو ڪراڙو درباري جنهن کان هاٿي گگول جي باري ۾ پڇيو هوم، چند سپاهين سان گڏ صحرا جي ڪناري تائين توهان جي رهبري ڪندا، الوداع دوستو! مان هاڻي ئي توهان کي آخري سلام ٿو ڪريان، ڇو ته مان توهان کي رخصت ٿيندي ڏسي نه سگهندس، تنهنڪري موڪلائڻ به نه اچي سگهندس.

بس هيءَ ئي پنهنجي آخري ملاقات آهي. مان ڪوڪوآنه جي هر پهاڙ هر ڇٽان، هر رستي تي توهان جا نالا اُڪرائي ڇڏيندس ته جيئن رهندي دنيا تائين توهان جا نالا ڪوڪوآنه ۾ باقي رهن“.

”وڃو منهنجا دوستو! منهنجا پائرو! منهنجون هي اکيون توهان لاءِ سدائين سانوڻ جا ڪکر بڻيل رهنديون، جڏهن توهان ڪراڙا ٿي وڃو ۽ پنهنجي جوانيءَ کي ياد ڪريو، پنهنجي خوبصورت ماضيءَ کي ياد ڪريو ته مون کي به ياد ڪندا ڪجو. هميشه هميشه لاءِ الوداع منهنجا دوستو! آخري سلام قبول ڪجو منهنجا پائرو!“

اگنوسي اٿيو ڪجهه دير تائين اسان کي غور سان ڏسندو رهيو ۽ پوءِ پنهنجي منهن تي ٻئي هٿ ڏئي زاروقطار روئندو پنهنجي خالي جهوپڙي ڏانهن هليو ويو.

اسين به اکيون اگهندا واپس پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ پهتاسين.

ٻئي ڏينهن صبح سويري اسان ”لُو“ کي خير آباد ڪيو. اسان جي جدائي کان دل برداشته ٿي انفادوس ۽ گريز جو جٿو ڪنڌ جهڪائي اسان سان گڏوگڏ هلي رهيو هو.

”لو“ جي رستي تي عورتون ۽ مرد هٿ ٻڌي اسان کي الوداع ڪري رهيا هئا. جن جي وچان اسان گذري رهيا هئاسين ته مردن اسان کي شاهي سلام پئي ڪيو ته عورتون اسان تي جهنگلي گلن جي ورڪا ڪري رهيون هيون.

اسان جو قافلو جڏهن صدر دروازي وٽ پهتو ته هڪ خوبصورت ڇوڪري پيڙ کي چيريندي اچي اسان جي سامهون بيهي رهي ۽ جهنگلي گلن جو گلدستو وڌائي گڊ کي پيش ڪيائين، جيڪو هوءَ پاڻ سان کڻي آئي هئي. گڊ وڏي فراخ دليءَ سان ان کي قبول ڪيو. لڳو ائين پئي ته ڇوڪريءَ ڪجهه چوڻ پئي چاهيو.

”ڇئه ڇا چوڻو آهي توکي؟“ گڊ پڇيس.

منهنجا آقا توهان مون کي پنهنجن هاٿي ڏندن جهڙن خوبصورت ۽ سفيد پيرن جي زيارت ڪرائيندئو؟ مان توهان جي پيرن جي زيارت لاءِ ڇئن ڏينهن جو طويل سفر طئي ڪري آئي آهيان. توهان جي سفيد ۽ خوبصورت پيرن جي هاڪ پوري ڪوڪوآنه ۾ ڪنهن افساني جيان ڦهليل آهي، ديوتائن جي واسطي پنهنجي هن ٻانهيءَ کي انهيءَ زيارت کان محروم نه ڪجو.“

“ھان، يعني تہ،، واھہ واھہ،، ھاڻ پلي مون کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو وڃي تہ بہ ائين نٿو ٿي سگھي”. گڏ نپ جواب ڏئي ڇڏيس.

”گڏ! توکي انھيءَ خوبصورت ڇوڪريءَ کي مايوس نہ ڪرڻ گھرجي“، ھنري منٿ ڪيس.

”نہ سائين.... سوال ئي پيدا نٿو ٿئي”. گڏ ضد ڪري بيھي رھيو.

نيٺ گھڻين منٿن ڪانپوءِ گڏ پنھنجي پتلون کي گوڏن تائين مٿي ڇڪيو تہ ماڻھو خوشيءَ وچان سيٽيون ھڻي ڪوڪريا ڪرڻ لڳا، ۽ اھڙي طرح پتلون کي گوڏن تائين ڇڪي گڏ ھلندو رھيو جيستائين “لُو” کان ٻاھر نہ نڪتاسين.

رستي ۾ انفادوس ٻڌايو تہ اسين جنھن رستي کان آيا ھئاسين انھيءَ کان سواءِ ھڪڙو ٻيو رستو بہ آھي جيڪو انھيءَ پھاڙي ديوار وٽان شروع ٿو ٿئي جيڪا ٻنھي پھاڙن کي ملايو بيٺي آھي. ھن ٻڌايو تہ ٻہ سال کن ٿيندا جو ڪوڪوآنہ جي سپاھين جو ھڪڙو جٿو اٺ پڪين جي تلاش ۾ ان رستي کان ريگستان ۾ داخل ٿيو ھو. انھن کي اٺ پکي تہ ڪونہ مليا مگر اھي اھا ڄاڻ کڻي واپس موٽيا تہ ان رستي سان ڪيترائي نخلستان ( يعني کجور جا خودبخود پيدا ٿيل صحرائي باغ) موجود آھن. تنھنڪري اسان انھيءَ ئي رستي سان وڃڻ پسند ڪيو.

چئن ڏينھن ڪانپوءِ اسان ان پھاڙي ديوار وٽ بيٺا ھئاسين. جتان اسان کي ٻہ ھزار فوٽ ھيٺ لھڻو ھو ھتي اسان پنھنجي وفادار دوست انفادوس کان موڪلائي آخري سلام ڪيو تہ ان جي اکين ۾ پاڻي تري آيو.

”منھنجا آقا!“ ان چيو “مان توھان کي ڪڏھن بہ وساري نہ سگھندس، مرندي دم تائين توھان منھنجي دل جي ھڪ خاص ڪنڊ ۾ موجود رھندئو. منھنجي دل توھان جي ياد ۾ رت جا ڳوڙھا ڳاڙيندي، درد مان دانھون ڪندي رھندي.

توھان جي سار سڪرات جي گھڙين تائين دل سان گڏ ڌڙڪندي رھندي، ھاڻ قسمت سان جي ڪڏھن ڪڏھن ڪنھن خواب ۾ بہ توھان جو ديدار نصيب ٿيو تہ پلا پاڳ پائيندس”.

انفادوس جي موڪلاڻي اسان کي ڏاڍو متاثر ڪيو. اتي گڏ انفادوس کي پنھنجي طرفان نشانيءَ طور ھڪڙو خاص تحفو ڏنو. توھان ٻڌائي سگھندئو تہ اھو تحفو ڪھڙو ھو؟. اھا ھڪ چشمي عينڪ ھئي( بعد ۾ راز کليو تہ گڏ وٽ اھڙي ٻي عينڪ بہ پيل ھئي) انفادوس اھو تحفو حاصل ڪري خوشيءَ مان ٻھڪي اٿيو.

جڏھن اسان جا سونھان ساٿي اسان کي ڪاڏي ۽ پاڻيءَ جون ٻوتلون ڏئي موڪلائي رھيا ھئا تہ اسان وڏي گرم جوشيءَ سان انفادوس سان ھٿ ملايو جيڪو انھيءَ ئي مھل ھڪ چشمي عينڪ پنھنجي اک مٿان چيڪائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري رھيو ھو. گريز جي دستي شاھي سلام ڪيو ۽ اسان انھن ماڻھن جون محبتون سيني ۾ سانڍي ھيٺ لھڻ لڳاسين ۽ بغير ڪنھن حادثي جي خير سلامتيءَ سان ھيٺ لھي آياسين.

”خبر اٿئي ڪوارٽرمين!“ ھنري چوڻ لڳو “آفريڪا ۾ ڪوڪوآنہ کان بہ وڌيڪ وحشي قومون آباد اٿئي، ھي ڪوڪوآنہ تہ انھن جي مقابلي ۾ سڌريل ۽ تھذيب يافتہ آھن”.

”هنري! منهنجي ته يار دل چئي ٿي ته مان هتان ئي واپس ڪوڪوآنه هليو وڃان“ گڊ وڏي آهه ڀري چوڻ لڳو.

باقي رهيو منهنجو سوال ته،، بندو بس ايترو ئي چاٽي ٿو ته انهيءَ خطرناڪ سفر جو انجام بحرحال ڏاڍو ڀلو ٿيو ۽ بس. ها باقي گهمسان جي جنگ ۽ زنده دفن ٿيڻ واري عذاب واريون گهڙيون ڀلائڻ سان به نٿي ڀلجي سگهيس. هاڻ بس مون اهو ئي ٿئي چاهيو ته آتشدان جي ويجهو ويٺي اطمينان جي زندگيءَ جا ڏينهن گذاريندس, باقي اگنوسي ۽ انفادوس مون کي ڏاڍا ياد اچي رهيا هئا.

ٻئي ڏينهن هڪ دفعو ٻيهر ريگستان ۾ قدم رکيوسين, مگر هن دفعي اسان وٽ ڪاڏو ۽ پاڻي وافر مقدار ۾ موجود هو. تنهنڪري رستي ۾ ڪنهن به قسم جي تڪليف ڪانه ٿي, ٽئين ڏينهن سج لٿي مهل اسان هڪڙي نخلستان ۾ وينا هئاسين جتي نرم ملائم گاهه اسان جو بستر هو ۽ ٿڌڙي ٿڌڙي هير اسان کي سڪون پهچائي رهي هئي ۽ هڪڙو چشمو مستاني چال سان وهي رهيو هو.

# ميلاپ

هاڻ مان هڪ اهڙو واقعو بيان ڪرڻ وارو آهيان جنهن سان خبر پئي ٿي ته رب وڏو غفور، رحيم ۽ ڪريم آهي. رب جڏهن چاهي ته هر وڏي مشڪل آسان ٿي پوي ٿي. مان ۽ گڏ هنري ڪان ڪجهه قدم اڳيان چشمي جي ڪناري سان ڇهل قدمي ڪري رهيا هئاسين جيڪو نخلستان ڪان ٻاهر نڪري ڪٿي غائب ٿيو ٿئي ويو جو اوچتو منهنجا قدم جهڙو ڪر زمين ۾ ڄمي ويا ۽ حيرت مان منهنجون اکيون ڦاٽي ويون. مون کي پنهنجي اکين تان اعتبار ئي ڪجي ويو. مون کان ڪي ويهه گز ڪن پري کجور جي هڪڙي وڏي وڻ هيٺان هڪ جهوپڙي نهيل هئي.

”هيءَ جهوپڙي هتي ڪٿان آئي؟ اهو ڪير ٿو ٿي سگهي جنهن دنيا جي هل هنگامن کان منهن موڙي هتي اچي پناهه ورتي آهي؟ يا ڪو درويش آهي جيڪو اڪيلائيءَ ۾ پنهنجي پالڻهار جي عبادت ۾ مصروف آهي ۽ تن کي تسا ڏئي من ماري رهيو آهي“. مان سوچڻ لڳس.

اوچتو جهوپڙيءَ جو دروازو کليو ۽ هڪڙو انگريز مڏ ڪائيندو ٻاهر نڪتو جنهن پنهنجي بدن کي ڪافرن وانگر ڪنهن ڪَل سان لپيٽي ڇڏيو هو ۽ سندس ڏاڙهي تمام گهٽي وڏي آئي هئي ۽ هو ٻاڻمرادو اسان ڏانهن وڌيو.

”ڪٿي مان خواب ته نه پيو ڏسان“ مون سوچيو. ڪوشڪاري به شڪار جي تلاش ۾ ههڙي ٻرندڙ رڻ ۾ ايترو پري نٿو رهي سگهي.

هنري ۽ گڏ مون کان چند قدم اڳتي وڌي وڌي حيرت مان ان شخص کي ڏسڻ لڳا. هوءِ اڃان به ٿي قدم مس وڌيا جو ان انگريز زوردار نعرو هڻيو ۽ پنهنجي ٽنگ کي گهليندو، لنگڙائيندو وڏي تيزيءَ سان اسان طرف وڌيو. هنري جلدي وجي انهيءَ وٽ پهتو.

”اوه.... يا خدا.... تنهنجا لک شڪر.... هيءَ ته منهنجو ڀاءُ جارج آهي“. هنريءَ جي چهري تي خوشي رقص ڪرڻ لڳي.

هڪڙو ٻيو شخص جنهن جي چمڙي ڪاري هئي سو جهوپڙيءَ مان نڪري اسان طرف آيو ۽ ويجهو پهچي خوشيءَ مان نچڻ لڳو.

”ميڪوميزن!“ ان چيو ”مون کي سڃاتئي؟ مان جم آهيان... جم... موڪلائڻ مهل تو جيڪا چٺي مون کي لکي ڏني هئي سا خدا ڄاڻي الائي ته ڪٿي ڪِري گم ٿي وئي ۽ اسين ٻن سالن کان هن ئي ريگستان ۾ پيا آهيون“.

”تڏهن ته ان لاغرضيءَ جي سزا توهان جام ڀوڳي آهي“. مون کلندي چيس،

”جارج مان ڏاڍو مايوس ٿي ويو هوس، مون ته سمجهيو ته تون خوانخواسته مري به وئين. تنهنجي تلاش ۾ مان آخر ڪوهه سبا جي هُن پار کان به ٿي آيس“. ۽ هنري ۽ جارج هڪٻئي کي ڀاڪرن ۾ پڪوڙي زاروقطار روئڻ لڳا. جن جي ڳوڙهن هنن جي پراڻين عداوتن کي وهائي دلين کي ڌوئي صاف ڪري ڇڏيو.

”ٻہ سال اڳ مان سليماني خزاني جي تلاش ۾ نڪري آيو هوس ۽ هتي پهچي هڪڙي شاهي ڇپ منهنجي ٽنگ تي اچي ڪِري، جنهن ڪري مان نہ اڳتي وڌي پئي سگهيس ۽ نہ پنتي وري پئي سگهيس. بس اتي ئي پيو هوس“ جارج هنري کي پنهنجي وارتا ٻڌائي رهيو هو.

”نيول سڃاڻئي مونکي؟“ مون اڳتي وڌي پڇيو مانس.

”اڙي، مسٽر ڪوارٽرمين... تون؟... ۽ گڊ تون بہ....؟“ جارج خوشيءَ ۾ نہ پئي سمايو.

رات جو مشعل جي ڇوڏاري اسان جارج جي ڪهاڻي ٻڌڻ ويهي رهياسين. ٻہ سال اڳ هو اسٽانداز ڪرال کان سليماني خزاني جي ڳولا ۾ نڪتو هو. جارج کي اڄ ڏينهن تائين بہ ان ڳالهہ جو پتو نہ پيو تہ مون جم کي ڪا چٺي ڏني هئي، جم بہ ڪڏهن ساڻس اهڙو ذڪر نہ ڇيڙيو هو. هو ۽ جم بس اٽپوري ۽ ڏنڏلي ۽ ٻڌل معلومات جي سهاري اڳتي وڌي رهيا هئا. ۽ هڪ ڏينهن ڪجور جي هن صحرائي باغ ۾ پهتا هئا جو انهيءَ ئي شام جارج چشمي جي ڪناري تي ويٺو هو ۽ ان جي بلڪل مٿي کان جم هڪڙي ڀاري پٿر تي چڙهي ماڪي لاهي رهيو هو جو اها ڀاري ڇپ اچي جارج جي ٽنگ تي ڪري ۽ سندس هڏين کي ڇڪنا چور ڪري ڇڏيائين.

”ٻن سالن کان مان ۽ جم اتي ئي پيا آهيون، جم شڪار ڪري ايندو آهي جنهن مان مڙئي پيٽ قوت ڪري وٺندا آهيون“. جارج ٻڌايو. ”اڃان گذريل رات ئي مون جم کي چيو هو تہ مون کي اتي ئي ڇڏي تون اسٽانداز ڪرال هليو وڃ ۽ اتان ڪجهہ ماڻهو وٺي اچ جيڪي پاڻ کي هن صحرا مان ڪڍي هلن. جم بہ سياڻ روانو ٿيڻو هو. مون کي اميد تہ ڪانہ هئي تہ هُو ڪو واپس موٽي ايندو. بحرحال رب پاڪ جا لک شڪر ۽ ڪروڙين ڪرم جو توهان اچي ويا آهيو“.

۽ پوءِ هنري پنهنجو داستان شروع ڪيو ۽ ”الف“ کان ”ي“ تائين جارج کي ٻڌايو.

مون جڏهن ڪجهہ هيرا ڪڍي جارج کي ڏيکاريا تہ جارج چوڻ لڳو ”واقعي يار! توهان جا اهي ڪشٽ ڪشالا اجايا نہ ويا، باقي مان پنهنجي ٽنگ وڃائي بہ ڪجهہ حاصل نہ ڪري سگهيس“. ۽ هن جي اکين ۾ پاڻي تري آيو.

”اهي هيرا ڪوارٽرمين ۽ گڊ جي ملڪيت آهن“. هنري ٻڌايس.

مان سوچ ۾ پئجي ويس ۽ پوءِ گڊ سان صلاح ڪري هنري کي چيم تہ ”هنن هيرن مان ٽيون حصو تون پنهنجي لاءِ ڪڻ، جيڪڏهن توکي نہ کپن تہ ڀلي جارج کي ئي ڏئي ڇڏجانءِ“.

هنري ان ڳالهہ تي راضي ٿي ويو.

۽ هاڻ منهنجو خيال آهي تہ هن داستان کي هتي ئي ختم ڪجي، ڇو تہ جارج اسان سان گڏ هو ۽ سندس ٽنگ مڪمل طور ناڪاره ٿي چڪي هئي جنهن ڪري اسٽانداز ڪرال پهچڻ ۾ اسان کي ڪافي عرصو لڳي ويو. اسٽانداز ڪرال رواني ٿيڻ جي ڏهين ڏينهن اسين واپس اتي پهتاسين جتي پنهنجو سامان ۽ بندوقون پوڙهي ڪافر وٽ امانت طور رکي ويا هئاسين. جيڪي واپس کڻي روانہ ٿياسين ۽ نيٺ ڊربن پهچي وياسين. ڪجهہ ڏينهن منهنجي گهر مهمان رهڻ کان پوءِ هنري، جارج ۽ گڊ مون کان

موڪلائي انگلينڊ روانہ ٿي ويا. ۽ مان تہ اڳوات ئي پنهنجي قارئين کان موڪلايو ويٺو آهيان، منهنجي خيال ۾ اهو ٻڌائڻ جي ضرورت بہ ڪانهي تہ هنري ۽ گڏ اج بہ منهنجا گهاٽا دوست آهن ۽ اسان جو هڪٻئي سان خط وَ ڪتابت ذريعي رابطو رهندو آهي، ۽ هيرن اسان کي امير ترين شخص بڻائي ڇڏيو آهي. صرف هڪڙي ننڍڙي هيري جي قيمت مون کي هڪ لک ست هزار هڪ سئو ڊالر ملي آهي. باقي وڏن هيرن جي قيمت ڏيڻ کان آفريڪا توڙي انگلينڊ جا جوهري عاجز آهن.

اهي اٿو پنهنجا احوال، ٻيو مڙئي خير.

